سنڌ ڪهاڻي

ڪيول ملڪاڻي

ورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ تحقيقي بورڊ

سنڌ ڪهاڻي

ڪيول آر. ملڪاڻي

ورو

سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد سنڌ
2002

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌ ڪهاڻي

ليکڪ: ڪيول- آر- ملڪاڻي

مترجم: ورو

پهريون ڇاپو: اپريل 2002

ڪئليگرافي: سائره

ڪمپوزنگ: احسان علي لغاري

ناز ڪمپوزرس

دڪان نمبر ۴- سيد آرڪيڊ.

گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

قيمت -/150

هڪ سئو پنجاهه روپيه فقط

سنڌ تحقيقي بورڊ، ڪتاب نمبر 26

SINDH KAHANI (The Sindh Story)

BY: Kaywal-R- Malkani

Translated By: Waro

Published By: Naz Sanai

Shop no:4 Syed arced.Gari Khato Hyderabad.

Book no: 26. Apri 2002

Per Copy: Rs= 150

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ اکر

ڪيول ملڪاڻي جهڙي باهمت ۽ بردبار تاريخدان جو هيءُ ڪتاب "سنڌ ڪهاڻي" جڏهن سنڌ ۾ پهريون ڀيرو ڇپيو تہ ان جي اصل مترجم موقعي تي، سرڪاري ايوارڊ وڃڻ جي ڊپ کان، پنهنجي پورهئي تان ئي هٿ کڻي ورتو ۽ ڪتاب هڪ اهڙي قلمي چور جي نالي ڇپجي بازار ۾ آيو جيڪو اهڙيون سموريون چوريون پنهنجي کاتي ۾ وجهڻ ۽ رکڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو آهي- اسان ان کي ٻيهر خوبصورت نموني ڇپرائيندي انتهائي گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي تاريخ پڙهندڙن لاءِ هي انتهائي اهم ڪتاب آهي ۽ تاريخ جو قاري ان کي جڏهن پڙهندو تہ ڪيس محسوس ٿيندو تہ اسان جي تاريخ رڳو ڌاريائي نہ پيا لکي سگهن پر دل جي حضور ۽ سچائيءَ سان جيڪڏهن ڪيول ملڪاڻيءَ جهڙو مورخ قلم کڻي تہ اسان جي تاريخ جي ڪيترن ئي اهم پهلوئن تي پيل لَٽ لهي سگهي ٿي.

سنڌ تحقيقي بورڊ، ان ڪتاب کي هڪ ڀيرو ٻيهر منظر تي آڻي، پڙهندڙن جي ضرورت کي پورو ڪري رهيو آهي.

ناز سنائي

حيدرآباد سنڌ.

٢١ - مارچ 2002

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٹاءِ

● سنڌيڪار جي قلم مان		5
● مهاڳ		8
● پيش لفظ		10
● باب پهريون-	سنڌو آسماني دريا آهي	24
● باب ٻيو-	سنڌو ماتا	29
● باب ٽيون-	امر "موئن جو دڙو"	33
● باب چوٿون-	سڪندر جو واٽرلو- سنڌ	36
● باب پنجون-	ڏاهر جي حقيقت	42
● باب ڇهون-	جهولي لال	55
● باب ستون-	سونهري دور	64
● باب اٺون-	اڪبر جي "ولايت دل- پسند سنڌ"	72
● باب نائون-	ٻه خزانا	78
● باب ڏهون-	شيطان جو پاءُ	86
● باب يارهون-	ڪراچي: اوپر جي راڻي	95
● باب ٻارهون-	برهمو سماج کان راشٽريه سيوڪ سنگهه تائين	106
● باب تيرهون-	سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل	122
● باب چوڏهون-	"مان سنڌي آهيان" گانڌي	133
● باب پندرهون-	ٻگهڙن جي وچ ۾	151
● باب سورهون-	جيئي سنڌ	167
● باب سترهون-	خدا کي خبر	182
● باب ارڙهون-	سنڌي سماج ۽ ثقافت	193
● باب اوڻويهون-	شاهه، سچل ۽ سامي	206
● باب ويهون-	سنڌي جاڳرتا	215

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيڪار جي قلم مان

تاريخ ۽ افسانوي ادب جو فرق سمجهائيندي ڪنهن ساهتڪار چيو آهي: 'تاريخ وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي، جنهن جا ڪردر سچا پر واقعا ڪوڙا هوندا آهن. جنهن مان سموري سماج جي تصوير ڇٽي پيئي ڏسبي آهي؛ پر تاريخ ۽ افسانوي ادب جي ڳانڍاپي جي اپٽار ڪندي، ارنولڊ ٽائن بي(Arnold Toynbee) پنهنجي Study of History (تاريخ جو اڀياس) ۾ لکي ٿو ته: "ناٽڪ ۽ ناول وانگر، تاريخ ڏند ڪٿائن جي صورت ۾ سرجندي آهي، جيڪو پروڙڻ ۽ اظهارڻ جو اوائلي طريقو هو، جنهن ۾ جيئن ٻرين جي آڪاڻين ۾ هوندو آهي، جيڪي ٻار چاهه وچان ٻڌندا آهن؛ يا جيئن خوابن ۾ هوندو آهي، جيڪي نوجوان ڏسندا آهن. حقيقت ۽ تصور جي وچ ۾ ڪابه ليڪ ڪڍيل نه هوندي آهي. مثال طور 'اليڊ' (Iliad) جي باري ۾ چيل آهي ته جيڪو به اها تاريخ جي طور پڙهندو ته ڏسندو ته اها ڪوڙ سان ڀري پيئي آهي، پر ساڳي طرح جيڪو به اها افساني طور پڙهندو ته اها تاريخ سان ڀري پيئي آهي". هڪ تاريخدان حقيقت کي تصور کان ڌار ڪري تاريخ لکندو آهي، جيڪو سؤکو ڪم ناهي.

تاريخ ۽ خاص ڪري سنڌ جي تاريخ هميشه وڏن تضادن جو شڪار رهندي پئي آئي آهي. اسلامي فتوحات وارن دؤرن کي 'هندونظر' سان ڏسجي يا 'مسلمان نظر' سان ڏسجي؛ 'سنڌي نظر' سان ڏسجي يا مورڳو 'ڌارين جي نظر' ڏسجي. اهو هڪ اهم ۽ فيصلہ طلب سوال آهي. اسلامي مختلف دورن ۾ يعني عربن، غزنوي ۽غوري گهراڻن؛ انهن جي جانشين سومرن ۽ سمن؛ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن؛ ڪلهوڙن ۽ دائود پوٽن؛ ٽالپورن- ۽ پوءِ جي انگريز حڪمرانن جي دور جي تاريخي واقعن کي مختلف ڪتابن ۽ مضمونن ۾ مختلف نقط نگاهن کان قلمبند ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن لکندڙ هندو آهي ته مسلمانن جي حڪومت ۾ هندن سان ڏاڍ، ڌمڪاءُ ۽ جبر جو وڏائي ذڪر ڪيو اٿس، پر جيڪڏهن اهو لکندڙ مسلمان آهي ته هندن کي سنڌن عقيدي سميت لوٽڻ ۾ ڪا ڪسر نٿو ڇڏي. تاريخ جي لاهن چاڙهن، شڪستن، سوڀن ۽ حق باطل جي جنگين جي بيان ڪرڻ ۾، هڪ تاريخدان تي تاريخ جي واقعن کي ماضيءَ جي دز مان ڪڍي، انهن کي ڇنڊي، ڦوڪي ۽ اُجاري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيت انساني ۽ وطن سان سچائيءَ جي بنيادن تي پيش ڪرڻ جي ذميواري عائد ٿئي ٿي. هو جڏهن بي ريا ٿي معاملن کي حقائق جي روشنيءَ ۾ پرجهيندو ۽ پروڙيندو تڏهن ئي اسان جي موجوده پيڙهي توڙي ايندڙ پيڙهيون پنهنجي روين کي هموار ڪري پنهنجي لاءِ ڪا مناسب راهه طئه ڪنديون ۽ پنهنجي منزل ڏانهن اڳيريون ٿي سگهنديون.

اسان وٽ سرڪاري نقط نظر پيش ڪندڙ تاريخن ۽ درسي ڪتابن توڙي مضمونن ۽ مقالن ۾، تاريخي واقعن ۽ انهن جي پس منظر کي موڙي-توڙي ۽ مسخ ڪري، جنهن يڪ رخي نقط نگاهه کان پڙهايو وڃي ٿو، يا انهن کي سرڪاري تقريبن ۾ رسمي طور پڙهيو وڃي ٿو ۽ انهن کي ڇاپي وطن پرستيءَ جي حق ادا ڪرڻ جو ڍونگ رچايو وڃي ٿو، اهو شاگردن کي درسي امتحانن ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ بيشڪ اڪسير آهي، پر ذهني پختگي حاصل ڪيل عام پڙهندڙ، هن دور جي جديد ۽ ترقي يافته ڪميونيڪيشن جي ميڊيا وسيلي بين الاقوامي ادب، تاريخ، سياست، مذهب، سماجي علمن جو اڀياس ڪري جڏهن حقائق کي سائنس ۽ منطق جي بنياد تي پنهنجي اصلوڪي اگهاڙي روپ ۾ پسي ٿو ته ڪوڙ تي ٻڌل تاريخن مان سندس ويساهه ئي نڪريو وڃي. تنهنڪري جيستائين اسان جا عالم ۽ علمي ادارا اسان جي هٿن ۾ سنڌ جي مستند تاريخ نه ڏيندا، تيستائين نه رڳو سندن لياقت ۽ سچائيءَ جي مڃتا نه ٿيندي، پر اسان پڻ انهيءَ ڄاڻ کان وانجهيل رهنداسين ۽ تاريخي پولار ۾ مفاد پرست، نام نهاد ۽ ڄڙتو تاريخدانن جي قلمي زهر جو نشانو بڻبا رهنداسين. تاريخ لکڻ جو ڪم، جيڪو وڏي جاکوڙ جو ڪم ۽ همٿ جو آهي، اهو ئي ڪري سگهي ٿو جيڪو سقراط جيڏو قدآور هوندو.

ويهين صدي پنهنجي پوين پساهن ۾ آهي ۽ ايڪويهين صدي اچي در تي بيٺي آهي، پر سنڌ کي پنهنجي ماضيءَ جو عظيم ۽ شاندار ورثو حاصل هوندي، وٽس لکيت ۾ اهڙي تاريخ ناهي، جنهن کي مڪمل، مستند ۽ مفصل چئي سگهجي. ايتري قدر جو هڪ جِلد ۾ به ڪا تاريخ موجود ناهي، جيڪا غير تڪراري هجي. انهيءَ ڏس ۾ ادارن توڙي انفرادي ڪوشش جي باوجود اسان اڃان تائين مڪمل سنڌ جي تاريخ کان وانجهيل آهيون. ادارن کي ڏوهه ڏجي يا عالمن تي ميار- بهرحال اهو مسئلو پنهنجي جاءِ تي وڏي سوال جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشاني بنيو بيٺو آهي.

ڪجهہ وقت اڳ، مون کي 1984ع ۾ چيپل ڪيول ملڪاڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ لکيل The Sind Story هٿ لڳو. جنهن جو مون سنڌيءَ ۾ ترجمو "سنڌ ڪهاڻي" جي عنوان سان ڪيو آهي. هن صاحب انهيءَ ڪتاب ۾. سنڌ جي تاريخ جو سلسلو موهن جي دڙي کان بہ اڳ واري دؤر کان شروع ڪيو آهي ۽ انهيءَ کي سنڌ ۾ MRD تحريڪ واري جديد دور تائين ملائي پيش ڪيو آهي. هن سنڌ ۽ ان جي تاريخ جي باري ۾ پنهنجو نقط نظر پيش ڪيو آهي، جنهن سان ڪنهن جو بہ اصولي اختلاف ٿي سگهي ٿو. منجهس تاريخدانن جي نالن، ڪتابن جي حوالن ۽ تاريخوار ترتيب ۾ غلطين جي باوجود ، هن واقعن، انهن جي رد عملن ۽ نتيجن جي ڪڙين کي ملائي، هڪ تسلسل قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي پڪ سان تاريخ ۾ گم ٿيل يا گم ڪيل تاريخي ڪڙين ۽ وچوٽين کي هٿ ڪرڻ ۾ خام مال جو ڪم ڏيندڻون، توڙي جو اڻ وڻندڙ ۽ ڪوڙي گوريءَ جو ذائقو پڻ ڏينديون. پر هڪ مختلف نقطہ نظر جاڻڻ لاءِ پاڻ ۾ سهپ، فراخ دلي ۽ پاڻ سڌارڻ جو مادو پيدا ڪرڻو ئي پوندو.

حنيف صديقي، رچرڊ برٽن Richrd Burton جي ڪتاب of Indus Sindh and the Races that inhabit the Valley جي سنڌي ترجمي "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" مان سنڌ ۽ سنڌين جي باري ۾ نازيبا لفظ حذف ڪري ڇڏيا هئا. پر جديد دؤر جي عالم ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشدي تاريخ جي جديد تقاضائن جي روشنيءَ ۾ انهيءَ ڳالهہ کي ناپسند ڪندي چيو هو تہ سنڌ ۽ سنڌين جي باري ۾ ڌارين جي چيل ڳالهہ ڌاريا پلي پڙهن. پر خود سنڌي پنهنجي باري ۾ چيل ڳالهين کان غير واقف ۽ اڻ ڄاڻ رهن. اها وڏي زيادتي آهي. سندس راءِ هئي تہ ڪتاب کي لفظ بلفظ ترجمو ڪري ليکڪ جي خيالن کي پڌرو ڪيو وڃي ها. انهيءَ ڳالهہ جي پيش نظر مون The Sindh Story جو ترجمو سواءِ رد قد درج ڪرڻ جي ڪيو آهي- جيئن عام طرح فاتح قومن جي تاريخدانن جي سنڌ بابت لکيل ڪتابن جا سنڌي ترجما شايع ڪيا ويندا آهن. تہ جيئن اسان کي انهن جي مڪمل نقطہ نظر جي ڄاڻ پوي ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ خال پرڻ ۾ مدد ملي.

سنڌيڪار
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌ ۾ 1947ع جي ورهاڱي کان اڳ هندو وڏي تعداد ۾ پنهنجي وطن کي خيرآباد چئي رهيا هئا. هڪ ڏينهن اسان ڪجهه ڪارڪن حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهيءَ تان هيٺ لهي رهيا هئاسين ته اوچتو هڪ پڪي مسلمان عورت اسان جي سامهون بيهي رهي ۽ ڏکاري لهجي ۾ پڇڻ لڳي: "ادا، اوهين به هليا ويندؤ ڇا"؟

هڪ ڏينهن مان پنهنجي بالڪونيءَ ۾ ويٺو هوس. هڪ مسلمان خوشيءَ مان هڪ وڏي فريم ڪيل تصوير کڻيو پئي ويو. جلدئي هو پنهنجي خوشي جهلي نه سگهيو ۽ بيهي رهيو ۽ تصوير مٿي ڪئي مون کي ڏيکاريندي چيائين: "هيءَ تصوير اڄهو هاڻي خريد ڪئي اٿم. هن گروپ ۾ اسانجي ڳوٺ جو معزز سيٺ به شامل آهي". اها تصوير هن لاءِ يادگيريءَ جي نشاني هئي.

هڪ ڏينهن شهر جي بس ۾ سفر ڪيم. مهڙ واريون سيٽون عورتن لاءِ مخصوص هيون. اوچتو مهڙ واري سيٽ تي ويٺل هڪ مسلمان عورت ڏٺو ته سندس پاڙيسري هڪ هندو بيٺو هو. هوءَ اٿي بيٺي ۽ کيس پنهنجي سيٽ تي ويهڻ لاءِ زور ڪرڻ لڳي. پر پڊو ويهڻ کان انڪار ڪري رهيو هو ۽ چئي رهيو هو ته هو ائين ئي ٺيڪ هو ۽ هونئن به اهي سيٽون عورتن لاءِ مخصوص هيون سندس انڪار اجايو ويو جو انهيءَ عورت کيس درد ڀرئي لهجي ۾ چيو: "مون کي خبر آهي. تون پڻ هليو ويندين."مونکي پڪ ناهي ته 1947ع جي هندستان ۾ ڪيترن هنڌن تي اهڙا واقعا ٿيا هوندا.

'سنڌ - ڪهاڻي' راجائن ۽ لڙاين جي آکاڻي ناهي. هيءَ هڪ خطي. اُن جي رهاڪن ۽ سنڌن ڪلچر کي سمجهڻ جي ڪوشش آهي، جنهن ڪري اهو سڀ ممڪن ٿي سگهيو آهي.

منهنجي دل ۾ هن ڪتاب جو ويچار پيدا ڪرڻ لاءِ، مان ڀارتيه سنڌو سڀا جو ۽ اهڙي سوچ کي اوپارڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ گوپيءَ جو ٿورائتو آهيان، جن ڪتاب، تصويرون ۽ قيمتي معلومات مهيا ڪئي. ان سلسلي ۾، مان موهني منسکاڻي، رام ڪرشن آڏواڻي، پروفيسر ڪي. اين واسواڻي، شيوڪرام ڪرمچند، آتم چند ايسراڻي، وشنو شاهاڻي، پروفيسر ڊي. ايل ڪاڪا، گوپال گربخشاڻي، گوپال متل، رام ڪيسواڻي، پريم ڏسواڻي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر ايم. بي لڪاڻي، لڪشمي چند روپچنداڻي، نارايڻ واڌواڻي ۽ گوبندرام چيلاڻي جو ٿورائتو آهيان.

نانا واڳهه جي ناهيل سيٺ نائون مل ۽ سرباٽل فريئر جي اسڪيچن لاءِ ۽ ڪي، بي ڪمار جي ناهيل سنڌ جي نقشي لاءِ پڻ ٿورائتو آهيان.

مان ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي جو خاص ڪري ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي سنڌ جي ڪتابن جو خزانو مون تي فراخ دليءَ سان کولي ڇڏيو ۽ گهري اڀياس لاءَ منهنجي همٿ بڌائي. سندس مدد کان سواءِ، هيءُ ڪتاب موجوده صورت ۾ نہ اچي سگهي ها. نهرو ميموريل لئبرري جو ڊاڪٽر هري ديو شرما هيڊ آف ريسرچ اينڊ پبليڪيشنز ڊويزن، مختلف طريقن سان گهڻو مددگار ٿيو. ڊين ديال ريسرچ انسٽيٽيوٽ جو شري ديوندر سو روپ انگ اکر ميسر ڪري ڏيڻ ۾ هميشہ هر وقت تيار رهيو.

سيتارام گوئل، جهمٽ واڌواڻي، گنگو ڪرپالاڻي ۽ ارونڌ شڪلا سمورو مسودو نظر مان ڪڍيو ۽ گهڻا قيمتي مشورا ڏنا.

مون تي ٿورو DRI لئبرريءَ جي شري جناردنن جو سندس تحقيقي مدد لاءِ، ۽ وجئہ گپتا، راجيش بنسال ۽ امبيڪا ڌرم پالن جي ٽڪڙي ۽ سٺي ٽائپ ڪري ڏيڻ جو پڻ آهي.

ٻئي ڇاپي ۾ درستين لاءِ پڙهندڙن جي صلاحن ۽ راين لاءِ هيٺين پتي تي آجيان ڪئي ويندي.

51-B نيو راجندر نگر
نيو دهلي110060

ڪي . آر ملڪاڻي
رڪڙي ٻنڌن 1984ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

منهنجودوست ڪيول ملڪائي هڪ صحافي، عالم ۽ هندستان جي تاريخ جو ذهين شاگرد آهي. سنڌ ۾ پيدا ٿيڻ ڪري، اها عجيب ڳالهه ناهي تہ هن پنهنجي پورهئي جو ڳپل حصو ۽ تاريخي ڄاڻ پنهنجي جنم يوميءَ جي وسيع منظر جي پيش ڪرڻ لاءِ وقف ڪئي آهي. پر، جنهن ڳالهہ مون کي عجب ۾ وڌو آهي، اها سندس خواهش آهي تہ مان سندس هن دلچسپ ڪتاب جي باري ۾ پيش لفظ لکان. مان مڃان ٿو تہ سندس حڪم مون کي پڌايو بہ آهي ڊيڄاريو بہ آهي. منهنجي ٻي دعويٰ ڪيئن بہ هجي، ۽ جيڪي ٻين سياستدانن وانگر، منهنجون بلڪل ٿوريون آهن، پر تاريخ جي گهري اڀياس يا تاريخ جي پيشڪش ۾ مناسب سهوليت هجڻ جي دعويٰ بلڪل ناهي. مان سمجهان ٿو تہ اها خوش ڪندڙ غلط فهمي جي ڳالهہ آهي، پر پوءِ بہ ان مان لطف اچي ٿو. پر اها دعويٰ اهو خيال ايندئي ختم ٿي وڃي ٿي تہ اُنجي پورائي لاءِ ڪجهہ پورهئي جي ضرورت آهي. پيشورانہ ۽ سياسي مصروفيتن ۾ گهٽو رڌل رهڻ ڪري، اهو ڪم ڪجهہ ڏکيو لڳو. پر پوءِ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ حادثو ٿيو. ڊاڪٽرن منهنجي دل کي بيمار ڄاتو ۽ نيٺ مون کي مڪمل آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنائون. اليڪٽرو ڪارڊيو گرام مشين سان منهنجي دل جي تار ڳنڊيل رهي ۽ مان مسودي جي پهرئين باب 'سنڌو آسماني دريا آهي' کان وٺي آخري باب 'نئين سنڌ' تائين ويهہ باب پڙهي ويس. اهو چوڻ ۾ اصل وڌاءُ نٿو ڪريان تہ هرهڪ لفظ مان لطف ورتم ۽ يڪ سان انهيءَ اڀياس منهنجي جبري قيد کي سهڻ جوڳو بنايو. مڃان ٿو تہ سنڌ بابت منهنجي معلومات ۾ ڪافي گهٽتا خال هئا تہ سنڌ ڇا هئي، اها ڇا ٿي سگهي ٿي ۽ مستقبل ۾ اڃا ڇا ٿي سگهندي، پريا آهن. مان ڪيول جي فخر ۾ جنهن کي عام طرح 'سنڌيت' چيو وڃي ٿو، حصيدار آهيان. مان سندس پورهئي ۽ کوجنا جي نياري تخليق کي بيحد ساراهيان ٿو ۽ انهيءَ جي اڀياس لاءِ ٻين کي ٻڻ دلي سفارش ڪريان ٿو. مون کي اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب هر سرڪاري توڙي خانگي لئبرريءَ ۾ جاءِ ولاريندو. منجهانئس هرڪو مزو ماڻيندو. اهي ٻڻ جيڪي اسپتال ۾ بستري داخل ناهن.

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي دوران، پارت هڪ يادگار بحران مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذري رهيو آهي. حڪومت جون واڳون آدرش کان وانجهيل ماڻهن ۽ اصولن کان خالي سياستدانن جي هٿن ۾ هليون ويون آهن. قومي ڍانچو سنگين بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. سوين بدعنوان واپاري، دلال ۽ مالڪ ملڪ ۾ ائين ڦهلجي ويا آهن. جيئن بکي ماڪڙ فصل کي ڪاٽي چٽ ڪندي آهي، جنهن کي غريب عوام اجا تائين پيدا ڪري رهيو آهي. غريب ايڏا بڪايل آهن جو هڪل تي هانءُ هاريو ڇڏين ۽ امير سارو ڏينهن جاوا ڪرڻ ۾ رڌل آهن. دانشور ۽ سچ جا سودائي اخلاقي مشڪن ۽ نڙيءَ جي عجيب اڌ رنگ ۾ ونجي خطرناڪ حد تائين چپ آهن. ٻئي طرف هن وقت، هن ڪتاب جي پڙرائي ليکڪ جي اندروني توازن جي ايڏي ساک ڀري ٿي جو توازن جو شعور اندروني چاڻ ۾ واڌارو آڻي ٿو. ممڪن آهي ته ليکڪ گيتا جي اصلي روح مطابق، پريم سان پورهيو ڪري، فيصلو ڇاڻٺهار ايشور تي رکيو هجي. سياويڪ طور تي مان سيني کان وڌيڪ انهيءَ ڪري ڪيس ساراهيان ٿو.

ملڪاڻيءَ جو هيءُ ڪتاب هڪ تاريخ جو ڪتاب آهي. تاريخ لازمي طور تي هڪ ڪهاڻي هوندي آهي. پر جتي ڪهاڻي وندر ۽ تفريح لاءِ لکبي آهي، جنهن جو ڪجهه مواد گهڙيو ڪري سچ جي اُبتڙ هوندو آهي، اُتي تاريخ اهڙي تضاد کي نٿي قبولي سگهي. تاريخ جو هر ڪتاب پنهنجي دور جي ذهني آرائش جو حصو ٿئي ٿو. مٿس مستند هجڻ جي مهر لڳل هئڻ گهرجي. ان کان سواءِ، اهو واقعن جو مستند دستاويز ڇونه هجي، پر اهو بيڪار کان به بدتر ٿيندو، جيڪڏهن منجهس انهن واقعن جي رونما ڪندڙ ڪردارن جا ويچار، اُمنگ ۽ ارادا پيش ڪيل نه هوندا. هيءُ ملڪ واقعن کي دستاويزائڻ ۾ ڪڏهن به شاهوڪار نه رهيو آهي، هتي زباني ابلاغ جي هڪ روايت رهي آهي تنهنڪري ڪهاڻي لکڻ کي تاريخ ڇوڻ آسان ڪم نه آهي.

سنڌ ۽ هند جي زندگيءَ ۾ عربن جي سنڌ کي فتح ڪرڻ جو وڏو واقعو رونما ٿيو هو. اٺين عيسويءَ جي شروعات ۾ سنڌ جا فاتح ڪهڙي قسم جا ماڻهو هئا؟ محمد بن قاسم ۽ سندس سپاهي مستند عرب هئا ۽ بهتر مسلمان هئا. پڪ سان اهي صديون پوءِ پنهنجي پونيرن کان وڌيڪ انسان دوست ۽ مهذب هئا. اُهي پڪا توحيد پرست هئا ۽ سندن پيغمبر جي پيغام ۾ پڪو ويساهه هو. جيڪو ڪجهه وقت اڳ ۾ 7- جون 632ع تي وصال ڪري چڪو هو. عربستان جي ريگستان جي انهيءَ معجزي جو حوالو هتي

نسبت به رکي ٿو ته ظاهر به آهي. اسلام جو پيغمبر تاريخ جي هڪ غير معمولي شخصيت جو مالڪ هو. هو خود نهايتن ئي مذهبي هو ۽ سندس رهڻي ڪهڻي جي عادتن پنهنجي پوئلڳن تي ضرور گهرو اثر ڇڏيو هوندو. اعليٰ مرتبي ۽ سياسي سگهه حاصل ڪرڻ کان پوءِ پڻ سندس رهڻي ڪهڻي، پرهيزگاري سان معمور هئي. سندس گهر ڪچين سرن جو ٺهيل جهوپڙي نما هو ۽ فرنيچر ۾ فرش تي وڇايل تڏي ۽ انهيءَ تي رکيل ڪجهه وهاڻن کان وڌيڪ نه هو. هو پنهنجا ڪپڙا پاڻ سبندو هو، پنهنجي جتي گهڻو ڪري پاڻ ڳنڍيندو هو، ٻاهه پاڻ ٻاريندو هو ۽ فرش پاڻ ٻهاريندو هو. سندس گذارو کجيءَ ۽ جوَن جي ماني تي هوندو هو. هو رڳو ڪڏهن ڪڏهن کير ۽ مکڻ کائڻ جي عياشي ڪندو هو. هو نهنو ۽ سلجهيو، شانائتو ۽ صابر هو. هو غريبن جي سار سنڀال لهندو هو ۽ نهايت غريب ماڻهو جي موت تي سندن پونيئرن سان تعزيت ۾ پڻ شامل ٿيندو هو. هو پنهنجي ڪٽنب تي ورلي، پاڻ تي ٿورو ۽ ضرورتمندن تي خيرات ۾ گهڻو خرچ ڪندو هو. هن جڏهن نئين نظام جي شروعات ڪئي ته عربستان قبائلي ريگستان هو ۽ جڏهن وصال ڪيائين ته اها هڪ مضبوط قوم هئي.

هن جيڪو نظام نافذ ڪيو، اهو پنهنجي نسبت ۾ بي ريائي، بهادري ۽ سماجي افتخار تي ٻڌل هو. مقامي آب و هوا اتي حوس لاءِ بک ۽ گرمي پيدا ڪئي هئي. سندس قانون ۾ شاديءَ کان سواءِ حوس کي گهٽائڻ ۽ اندروني قوتن کي وڌائڻ تي زور ڏنل هو. ڪيس نڪاح ۾ آيل ڏهه زالون ۽ ٻه ڪنيزون هيون. اهو ان وقت جي لحاظ کان هڪ نمائنده سڏارو هو. پاڻ جيسيتائين هن دنيا ۾ موجود هو، تيسيتائين مسلمانن پنهنجي زالن کي پاڻ کان الڳ نه ڪيو هو. زالون ۽ مرد پاڻ ۾ اُن نئين نظام تحت آزاديءَ سان ملندا هئا. گهٽين ۾ آزاديءَ سان گهمندا هئا ۽ مسجدن ۾ گڏجي نماز پڙهندا هئا. هو پاڻ اڻ پڙهيل هو ۽ ڪڏهن به ڪجهه نه پڙهيو، پر عربي ادب ۾ سڀ کان مشهور ۽ اعليٰ ڪتاب پيش ڪيائين. هن پنهنجي پوئلڳن ۾ علم جي لاءِ تڙپ پيدا ڪئي. هن اعلان ڪيو: "اهو جيڪو علم جي ڳولا ۾ پنهنجو گهر ڇڏي ٿو، اهو خدائي رستي تي گامزن آهي.... ۽ عالم جي مس شهيد جي رت کان وڌيڪ مقدس آهي."

پيغمبر اسلام جي تبليغ ته ڪئي پر ذاتي طرح مخالف مذهبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونانين جي رتوڇاڻ ۾ مبتلا نه ٿيو. هن پاڻ ڪڏهن به جنگين ڪرڻ ۾ اڳرائي نه ڪئي. عربن جون شعوري توسيع پسندانه فوجي اڳرايون ۽ ملڪ گيريءَ جو حوس، پوءِ جون ڳالهيون آهن، جن جا عام طرح اقتصادي ڪارڻ هئا. ناقص آبپاشيءَ جي نظام ۽ ويران زمين، وڌندڙ آباديءَ کي زرخيز زمين لاءِ حوس کي جنم ڏنو. ان ڪانسواءِ سياسي ڪارڻ پڻ هئا. روم ۽ ايران جون حڪومتون جنگ ۽ گڏيل بربادي ۾ ٿڪجي چڪيون هيون. بيجا ڍلن ۽ بدعنوان انتظاميه ۽ حملن جي سٽيل پر وارين بادشاهين، عربن جي دلين ۾ سنڌ کي فتح ڪرڻ جي بي روڪ خواهش کي جاڳائي جڏيو.

705ع ۾ وليد اول تخت تي ويٺو. سندس حڪمرانيءَ جو دؤر ڏهن سالن تائين هليو. حجاج بن يوسف سندس گورنر ۽ عربستان جو حاڪم هو. ٻئي خليفي جي دؤر ۾ ئي عربن جي دل سنڌ تي هرکي ويئي هئي. ان ڪان سٺ ستر سال پوءِ جي عرصي دوران سندن ڏهه ڪاهون ناڪام ٿي چڪيون هيون. 'چچنامي' ۾ لکيل آهي ته هن آخري معرڪي جو مقصد اسلام جي تبليغ نه پر ملڪگيري ۽ مال جو حوس هو. ڪٺل خزاني ۾ گهڻو مال ٿيندو. شڪست کاڌل ماڻهو سوغاتون ۽ ڍلون ڏيندا. غلام ۽ عورتون حاصل ٿينديون. ملڪاڻي سنڌين ۽ عربن جي مقابلي جو ڏاڍو دلچسپ بيان ڪيو آهي. ان وقت سنڌ جو حڪمران راجا ڏهر، چچ جو پٽ هو. جيڪو هڪ چالاڪ برهمڻ هو ۽ ڪنهن طرح ان وقت جي حاڪم راءِ سهاسي جي موت ڪان پوءِ، سندس راڻيءَ سان پريت جا پيچ پائي راجائي هٿ ڪئي هئائين. هن چاليهه ورهيه راڄ ڪيو. سندس ڏينهن ۾ عربن پهريون حملو ديبل تي ڪيو، جيڪو ڪري ڪراچي جي اوير ۾ چاليهه ميل پري هڪ ننڍي ڳوٺ ٻنبور جي پرسان هو. عربن جو حملوناڪام ٿيو، تنهنڪري حجاج پنهنجي سترنهن سال نوجوان ناٺي محمد بن قاسم کي تفصيلي هدايتون ڏيئي، لشڪر جي سپهه سالار جي حيثيت سان سنڌ تي، راجا ڏاهر جي ڏينهن ۾ حملي ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. ملڪاڻي درست لکيو آهي ته سنڌ کي ڪڏهن به شڪست جو منهن ڏسڻو نه پوي ها، جيڪڏهن سنڌين جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي خلاف سازش ۽ غدارين جي ڏم مٿل نه هجي ها. راجا ڏاهر حملي کي ناڪام ڪري ڇڏي ها، پر ڪيس سندس بيوقوفين مارايو.

سيپٽمبر 1979ع ۾ 'يوم دفاع' جي موقعي تي انگريزي اخبار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’پاڪستان ٽائيمز‘ ۾ محمد بن قاسم تي هڪ مضمون ڇپيو هو. جنهن ۾ کيس ’فوجي ماهر‘ جي حيثيت سان پنهي لشڪرن ڏانهن سنڌس رويي کي بي ريا انصاف وارو ڪري ڏيکاريل هو. تاريخي حقيقت. بهرحال، ايامڪارين لاءِ پاراتو آهي، جيئن هڪ پاڪستان ۾ موجود آهي. نيشنل ڪميشن آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ جي چيئرمين مٿيئن مضمون جي مصنف جي مذمت ڪئي، جنهن مان سندس تکو لهجو ظاهر آهي:

”جڏهن ڪنهن هيرو جي شخصيت کي اوڀارڻو هجي ته ٺڙ محاوراتي ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ ضروري آهي. ’فاتح‘ ۽ ’بچاءُ ڪندڙ‘، ۽ ’هندستاني لشڪر‘ بهادريءَ سان وڙهيو پر چست نه هئڻ ڪري ’هٿيار ڦٽا ڪندڙ دشمن تي غالب پئجي نه سگهيو‘ جهڙا گهٽا بيان مضمون ۾ ڏسجن ٿا. اهو مضمون هيٺ ڏنل ڪجهه غير متوازي بيانن سان وڌيڪ خراب ٿيو: ’جيڪڏهن راجا ڏاهر سنڌوءَ جو بهادريءَ سان بچاءُ ڪري ها ۽ قاسم کي دريا پار نه ڪرڻ ڏي ها ته هن ننڍي کنڊ جي تاريخ بلڪل مختلف هجي ها.‘ خبر ناهي ليکڪ هيرو جي فتح کي ساراهي رهيو آهي يا مخالف جي شڪست تي افسوس ڪري رهيو آهي.

ان ۾ ڪو عجب ناهي ته پاڪستان ۾ تازو اسٽيل مل ۽ آس پاس جي مضافات جو نالو محمد بن قاسم جي نالي پٺيان رکيو ويو آهي. هو پنهنجي ايامڪاريءَ جو هيرو آهي.

مونکي پڪ ناهي ته سنڌين جي دلين ۾ راجا ڏاهر لاءِ ڪا عزت يا احترام آهي يا نه. پر گمان غالب آهي ته ملڪائي غلط آهي. بهرحال اهو چوڻ گهرجي ته عظيم سنڌي اڳواڻ جي-ايم- سيد پنهنجي ڪتاب ”سنڌوءَ جي ساڃهه“ ۾ ڏاڍي چنائيءَ سان محمد بن قاسم کي فاتح ۽ سنڌ جي محافظ جي حيثيت سان اوڀارڻ لاءِ حڪومت جي خلاف احتجاج ڪيو آهي. هو بندرگاهن، روڊن، لئبررين ۽ ڪاليجن تي سندس نالو رکڻ لاءِ سختيءَ سان منع ٿو ڪري. هو ڪيس ظالم ۽ غاصب عرب ٿو ڪوٺي، جنهن سنڌ کي بينڪ بنايو ۽ هزارين ماڻهن تي غلامي مڙهي. هو غصي مان سنڌي عورتن سان زنا ۽ معصومن جي قتلام ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو، جنهن تي پاڪستاني تاريخدانن ڏوهارين جهڙي چپ ساڌي رکي آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌ جي سرحد پار، باقي هندستانين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربن جي فتح جي خبر هئي. انهيءَ ڳالهه سنڌن سانتيڪي وجود جي ماٺي پاڻيءَ ۾ ڪو تحرڪ نه آندو. اُتي زندگي هميشه وانگر روان دوان هئي. ڪين نڪو ملڪ وڃائڻ جو احساس هو نه نئين خوف جي فطرت جي سڃاڻ هئي. سنڌ جي فتح ڪي هڪ وڏيڪ ڏاڙي وانگر درگذر ڪيو ويو. لڳ ڀڳ پنج سؤ سالن کان پوءِ، 1192ع ۾ محمود غوري ۽ سندس ڦورو ٽولا هندستان ۾ وارد ٿيا. سمورو اُتر هندستان غوري گهراڻي جي هڪ شاخ بنجي ويو. هندستان ۾ اسلامي طاقت پنهنجا پير کوڙڻ آئي هئي. پنج صديون لنگهي ويون، پر ملڪ پنهنجو پاڻ کي ڪجهه ڪرڻ يا مرڻ لاءِ تيار نه ڪيو. اها نهايت شرم جهڙي افسوسناڪ ڪهاڻي آهي.

ڏسجي ٿو ته هندستاني عدم تشدد جي سوچ ۽ ڪمزور هجڻ ڪري هميشه همدرديءَ جا ستايل رهيا آهن ۽ انهن حملا آورن سان مقابلو ڪرڻ جو ڪم پيشه ور سپاهين تي ڇڏي ڏنو هو. باقي رهيل ماڻهن مان ڪنهن به پنهنجي وطن جي بچاءُ لاءِ آڱر به نه کنئي. حملا آورن جي هندستان جي بيش بها دولت ۽ اتان جي نازڪ ۽ خوبصورت عورتن ۾ اک هئي. سنڌن ڪنهن به مقابلو نه ڪيو. جيڪڏهن ڪنهن ڀرپور مقابلو ڪيو آهي سؤ مان پسند راجپوت هئا. جيڪي قديم زماني جي فاتحن 'هڻن' جو اولاد آهن. پر اهو بهادري ڀريو مقابلو عارضي ثابت ٿيو ۽ پاڻ ۾ نفاق جي ڪري جتاءُ نه ڪري سگهيو. اهو نفاق قديم توڙي جديد هندستان جي دائمي بيماري آهي.

ڪجهه صدين کان پوءِ، جڏهن اُتر ۾ مسلمانن جو زور گهٽيو، هندن جي مخالفت جي ڪري نه، پر مسلمانن جي پاڻ ۾ اٿبٽت ڪري، ته ڏکڻ هندستان جي هڪ شهر وڄئه نگر جي سلطنت ۾ هندو جاڳرتا جي ڪجهه رمق وجود ۾ آئي. هندو ڪلچر ۽ آزاديءَ جو اهو آخري قلعو پڻ 1565ع ۾ تباهه ڪيو ويو. هميشه وانگر، مسلمانن وڄئه نگر جو خوبصورت شهر، جيڪو ان زماني ۾ هندن جو هڪ مثالي شهر سمجهيو ويندو هو، تباهه ڪري ڇڏيو.

هندستاني هندن جي شڪست جي ذلت ڀري تاريخ ۾، ملڪاڻي سنڌ جي حاڪمن سومرن ۽ سمن جي ڪارنامن ۾ اُنت ٿو ڳولي، توڙي جو ملڪاڻيءَ جي ڪوجنا اهو ڳولهي نه سگهي آهي ته اهي ڪڏهن ۽ ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمان ٿيا. پر ظاهر آهي تہ سنڌ جا مسلمان، باقي سموري هندستان جي مسلمانن کان مختلف آهن. اهي سچ پچ اڄ ڏينهن تائين پاڻ کي ائين رکيو اچن.

عربن ستين ۽ اٺين صديءَ ۾ اسلام پکيڙيو. انهن پنهنجي پيغمبر جي هدايتن جي پيروي ڪئي ۽ علم جي کوجنا جو لطف تي ماڻيو. هنن ڪاغذ جو استعمال چينين کان حاصل ڪيو ۽ بغداد ۾ پهريون ڪاغذ ٺاهڻ جو ڪارخانو کوليائيون.

اهي جتي بہ ويا اُتان رياضي، ڪيميا، طبعيات، فلڪيات ۽ اُتي موجود هر علم جي ڄاڻ حاصل ڪيائون. ڪيترين ئي مسجدن ۾ ڪتبخانہ هئا تہ ڪن شهرن ۾ وڏي تعداد ۾ عام ڪتبخانہ هئا. جڏهن منگولن بغداد کي تباهہ ڪيو، تڏهن رڳو وڏا ڪتبخانہ ڇتيهہ هئا ۽ ننڍا خانگي ڪتبخانہ لاتعداد هئا. هڪ مسلمان حڪيم، بخارا جي سلطان جي دربار ۾ رهڻ جي دعوت قبول ڪرڻ کان ان ڪري تي انڪار ڪيو جو ڪيس پنهنجي ڪتبخاني کي ڍوئڻ لاءِ چار سو اٺن جي ضرورت هئي. مسجدن مان ايترا عالم تعليم حاصل ڪري ٿي نڪتا جيترا انهن جا ٿنيا هئا. انهن پنهنجي خوشبيانيءَ سان ماڻهن جون دليون جيتي ورتيون. ملڪ ۾ لاتعداد علم ۽ ڏاهپ جا ڳولائو، جاگرافيدان، تاريخدان ۽ علم الحيات جا ڄاڻو ڦهليل هئا. شهزادن جي محفلن ۾ شعر، ادب ۽ فلسفي جو ذڪر هوندو هو. ڪوبہ صاحب ثروت ادب ۽ فن جي واڌاري جو انڪاري نہ هو. مفتوح ماڻهن جي پراڻن ڪلچرن ۽ رسم و رواج کي حاضر دماغ عرب شوق سان پاڻ ۾ ضم ڪرڻ جا خواهان هئا. اهو اسلام جو جلال هو.

پوءِ اسلام جي تاريخ جي ڪنهن دور ۾ جڏهن ڪنهن کي فيصلو ڪندي ڏسجي ٿو تہ قرآن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪتاب پڙهڻ لائق ناهي، خود مختيار سوچ تي پابندي پئجي ويئي ۽ اجتهاد جا در هميشہ لاءِ بند ٿي ويا. جديد مسلمان سڌارڪن جون اهي در کولڻ جون ڪوششون ناڪام ويون پر جديد جنگجو (Militant) اسلام جي دنيا ۾ ڪابہ خاطر خواهہ ڪاميابي ٿيندي نظر نٿي اچي. ايتري قدر جو اقبال پنهنجي للڪاريندڙ ڪتاب+ Reconstruction of Religion Thought in Islam ۾ رڳو مذهبي فڪر جي تشڪيل- نو کي سمجهايو آهي پر اسلام ۾ مذهب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪر جي تشڪيل نو کي چڱيءَ طرح نہ سمجهايو آهي. هن چيو تہ موجوده وقت ۾ اسلام کي نئين سر سمجهيو وڃي، پر انهيءَ سوچ جي نتيجي لاءِ هن ڪوبہ عملي ڪم نہ ڪيو. افسوس انهيءَ ڳالهہ جو آهي جو هو پهريون شخص هو، جنهن جدا مسلم رياست جو تصور پيش ڪيو، جيڪا پوءِ پاڪستان جي نالي سان وجود ۾ آئي. اُن کان پوءِ، اڪبر جي دور دوران، ٿوري عرصي کان سواءِ، اسلام کي ملڪ جي اهم مذهب سان ملائڻ جي سنجيده ڪوشش نہ ڪئي ويئي. اڪبر اهائي ڪوشش ڪئي، جيڪا گرونانڪ ڪجهہ وقت اڳ ۾ ڪئي هئي. سورهين صديءَ ۾ هندستاني اتحاد جا هي ٻئي بہ عظيم شخص هئا. سهيوڳي سياسي منظر جي اها ڏکوئيندڙ حقيقت آهي تہ سک پنٿ اندرا گانڌي ۽ سندس پيدا ڪيل خوفناڪ فرقي پرستن جي زير عتاب آهي ۽اڪبر اعظم اسلام جي رجعت پسند عالمن جي زير عتاب آهي رهيو آهي. ملڪاڻي ان حقيقت تي حق تي فخر ٿو ڪري تہ اڪبر سنڌ ۾ ڄائو هو ۽ اها ڳالهہ اهميت کان خالي ناهي تہ گهڻو ڪري هر سنڌي هندو گرونانڪ جو پوئلڳ آهي. پر ڏکوئيندڙ سچ اهو آهي تہ پيغمبر اسلام جو ڏسيل حقيقي دڳ ڪانئس پوءِ جلد ئي سندس پوئلڳن نہ ورتو. جنهن عقيدي کي هن وجود ڏنو ۽ ان جي تبليغ ڪيائين، اهو هندستان ۾ پنهنجي اصل ۽ نج شڪل ۾ پهتو ئي ڪونہ. هندستان توڙي ٻين ملڪن جا اڄوڪا مسلمان بنياد پرست جيڪڏهن عجيب نہ تہ جاهل ضرور آهن. اهي چون ٿا تہ اهي هڪ اهڙي اسلامي نظام ۾ موٽڻ چاهين ٿا، جيڪو هڪ اسلامي رياست هجي. پهرين صورت ۾ سياست اسلامي روح مطابق آهي ۽ ٻوئين صورت ۾ سياست ۽ مذهب اسلام جي ڪل جوڙ جو حصو آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي ويون وڏيڪ سخت ۽ وڏيڪ سچو اسلامي آهي. وٽن بنيادي اسلام جو تصور ناهي پر بنيادي مسئلي جي ڄاڻ نہ اٿن. سندن ذهن ۾ ڪهڙو اسلام آهي، جنهن ڏانهن هو موٽي وڃڻ چاهين ٿا؟ ڇا اهو اسلام پيغمبر جو اسلام آهي، يا پوءِ جي وقتن جو ڳاڏڙ اسلام آهي؟ انهن تعريف جوڳن چڱن مڙسن انهيءَ جي جواب جو سوچيو پڻ ناهي. منجهانئن گهڻن جي ذهن ۾ رڳو هڪ ڳالهہ آهي تہ ملڪ جو قانون قرآني حڪمن سان هم آهنگ هئڻ گهرجي، پر اهي کي بہ سادا نتيجا ڪڍڻ کان انڪاري آهن. جيڪي اڻ نر طور تي پوءِ نڪرندا. اصلوڪو اسلام موروثي بادشاهت جي اجازت نٿو ڏي.

عوام کي اهو حق حاصل هو تہ پنهنجو خليفو چونڊين يا کيس معزول ڪن. انهيءَ معيار موجب ڪابہ اسلامي رياست. حقيقي اسلامي رياست جي دعوي نٿي ڪري سگهي. هندستان ڪنهن بہ ڏينهن تي پاڪستان يا سعودي عرب کان وڌيڪ اسلامي آهي. پر عالمن پنهنجي محدود چاڻ کي وڪرو ڪرڻ جي قبوليت ڏيئي ڇڏي آهي. انهن هر مطلق العنان رياست جو بچاءُ ڪيو. سندس ظاهري دليل اهو آهي تہ اسلام الله جي حاڪميت کي قبول ڪري ٿو ۽ عوام جي حاڪميت کي نٿو مڃي. تنهنڪري جن ملڪن تي بادشاهن ۽ ڊڪٽيٽرن جون حڪومتون آهن. اهي حقيقي اسلامي آهن. اهي قانون ۾ پيون جيڪي تبديليون آڻڻ چاهين ٿا، اهي آهن. اسلامي سزائن جو نفاد. هندستاني پارليامينٽ کي اها صلاح ڏيئي سگهجي ٿي تہ مسلمان ڏوهارين کي مقرره عام انساني هندستاني قانون جي تجويز ڪيل عام سزائن جي بدران عضوا ڪپڻ، خصي ڪرڻ ۽ ڦٽڪا هڻڻ جي سزا چونڊ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي.

بنياد پرستن کي اجا هڪ ٻئي اهم سوال جو جواب ڏيڻو آهي. ڪين ڪهڙي قسم جي تعليم جي ضرورت آهي؟ ڇا تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ علم ۽ روشني ڪين جتي بہ ملي، حاصل ڪئي وڃي يا قرآن شريف کانسواءِ هر ذريعي کي لڪايو وڃي ۽ غير قانوني قرار ڏنو وڃي؟ مون اڳ ۾ چيو آهي تہ اسلام پنهنجي شاندار دور ۾ ڪيئن سموري دنيا جي علم جا دروازا پاڻ تي کولي ڇڏيا هئا. بنياد پرستي رڳو ذهني اونداهي پيدا ڪري ٿي. مسلمانن کي، حقيقت ۾. سيني ملڪن جي سيني شهرين کي، سندن نندپڻ کان اها تربيت ڏني وڃي تہ هر مذهب ۾ خالص شيءِ، هڪ ئي وقت اجلڻ جوڳي گند جي ڍير سان گڏ هوندي آهي. حقيقي سيڪيولرزم ڪڏهن بہ ڪنهن مذهب جي ضروري سکيائن سان ٻي جوڙ نہ هوندي آهي، جيتوڻيڪ اها اتفاقي عملن، جاهلانہ وهمن ۽ ڪن شڪي عقيدن سان ٽڪرائجي سگهي ٿي. ڪوبہ ملڪ پنهنجو پاڻ کي اسلامي جمهوري يا هندو راشتر چئي سگهي ٿو. ٻئي موقعي تي، اهو حقيقي طور تي سيڪيولر ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهو پنهنجي اقليتن کي مڪمل اقتصادي ۽ سياسي انصاف ميسر ڪري ۽ ڪين پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي خدا کان انڪار ڪرڻ يا ڪين حاصل ڪرڻ جو اختيار حاصل هجي. سيڪيولرزم مذهب کي رد ڪرڻ جي گهر نٿي ڪري، پر اُن جي مڪمل حمايت، مڃتا ۽ احترام جي تقاضا ڪري ٿي. هن جون گهرو

پاليسيون ۽ سياسي پارٽيون (جيڪي سمجهن ٿيون تہ سندن وجود اهي) جا منشور نُوس اقتصادي ۽ سياسي ضرورتن تي ٻيڙل هئڻ گهرجن، پر اهي هرگز هرگز، مذهبي اقليتن جا ووٽ حاصل ڪرڻ جي نيت تي ٻيڙل نہ هئڻ گهرجن. پرڏيهي پاليسي، بين القوامي قانون ۽ اخلاقيات توڙي عمل، پر قوم جي روشن دور رس مفادن تي ٻيڙل هئڻ گهرجن. مقامي ووٽ بئنڪون ڪڏهن بہ ٻين ملڪن سان تعلقات جو اطمينان بخش بنياد نہ هونديون آهن. اها افسوس جي ڳالهہ اهي تہ اسان جا اولهہ ايشيا جي حرم سنيپاليندڙ شيخن سان دوستاڻا ناتا آهن، پر پنهنجي وجود لاءِ وڙهندڙ فلسطين سان ڳڻ ناهن. هڪ- پارٽيءَ جي ڊڪٽيٽرشپن سان ناتا آهن، پر سيڪولر جمهوريتن جبي بيوقوفن سان ناهن. رڳو ڪوڙي سيڪيولرازم ئي انهيءَ وحشياڻي بيهودگيءَ کي سمجهائي سگهي ٿي. اهو آخري، سٺو، عارضي حل آهي، پر ڊگهي سفر ۾، هميشہ قومي يڪجهتي کي شڪست ڏيندو ۽ تباهہ ڪن آهي. مذهبي روشن خيالي جي مخالف نظريي ۽ نفاق هن ملڪ کي ورهائي ڇڏيو آهي. اسان ڏارين .کي انهن جي استحصال لاءِڏوهي ٺهرايو پر اسان کي شرم اچڻ گهرجي جو اهي پاڻ وڏيڪ تيز فهم ۽ زهري صورتن ۾ هوڏ ٻڌي بيٺا آهن. انهيءَ ڳالهہ قوم کي ڪمزور ۽ هيٺو بڻائي ڇڏيو. ڪاش، سنڌي شاعر، شاهہ عبداللطيف، جيڪو سموري دنيا جي شاعرن جو شهزادو آهي، سچل سرمست ۽ ساميءَ کي هندستان ۽ پاڪستان جي اثر وٺندڙ نوجوانن ۾، سندن خاص عمر جي دوران، متعارف ڪرايو وڃي ها، ۽ مذهبي ڳانداپي جي هڪ نئين دور کي آندو وڃي ها. ڪنهن بہ عظيم شاعريءَ جو باريڪ لطف ترجمي ۾ ختم ٿيو وڃي. پر سنڌ جو هي املهہ خزانو، ڪنهن بہ قيمت تي سموري ننڍي کنڊ جي علمي ورثي جو هڪ حصو ٿيڻ گهرجي. سنڌ جا اهي عظيم شاعر، ڀهريان بہ مسلمانن ۽ هڪ هندو آهن، پر سندن ڪارائتين تخليقن ۾ مذهبي نفرت، تنگ دلي ۽ ورهاڱي جو هڪ لفظ بہ اوهان کي نہ ملندو. منجهائڻ هرڪو پنهنجي آسپاس جي مذهبي ڏارائن ڪان متاثر ٿيو، هر ڪنهن انهن جو گهرائيءَ سان اثر قبول ڪيو ۽ شاندار ڪائنات ۽ روحاني هيڪڙائي جي حاصلات کي يڪجا ڪيو.

هن صديءَ دوران، جڏهن اسان سڀ غلام هئاسين ۽ قوم جو اتحاد تمام ضروري هو، تڏهن اقبال ڪجهہ متاثر ڪُن شاعري ڪئي. پر لبرل

مغربي تعليم جي باوجود. جيڪا اسان جي تنهي سنڌي شاعرن وٽ نہ هئي، هن پوءِ تنگدلانہ ۽ فرقيوارانہ روءِ ۾ شاعري ڪئي. هو پنهنجي ’شڪوه‘ ۾ چوي ٿو:.

”مشڪلين اُمت مرحوم کي آسان ڪردي
مور بہ مايہ کو همدوش سليمان ڪردي
جنس ناياب محبت کو پهر ارزان ڪردي
هند کي ديرنشينون کو مسلمان ڪردي
جوئي خون مي چکد از حسرت ديرينہ ما
مي تپد نالہ بہ نشتر ڪده سينہ ما“

(جن ماٺهن کي تو نوازيو، انهن جو بار هلڪو ڪر، غريب پست حال ماڻهن کي مٽي کڻ ۽ سليمان جي ڪلهن سان ملاءِ. محبت جي مهانگي جنس کي سستو ڪر، جيئن سڀيئي خريد ڪن ۽ وڪڻي سگهن. هندستان جي ماڻهن کي مسلمان بناءِ. جيڪي مندرن جا پوڄاري آهن. اسان ڏاڍو پوڙهيو آهي؛ ڏس ڪيڏو رت وهي هليو آهي! دل جي دانهن ٻڌ، جيڪا ڪاٽ سان ڪٺل آهي.)

هندن کي مسلمان ڪرڻ جو خيال ڪڏهن بہ شاهہ يا سچل جي دل ۾ نہ آيو.

اقبال پنهنجي ’جواب شڪوه‘ ۾ چوي ٿو:

’شور هي هؤگئي دنيا سي مسلمان نابود
هم يہ ڪهتي هين ڪہ تهي بهي ڪهين مسلمان موجود؟
وضع مين تم هو نصاري، تو تمدن مين هنود
يہ مسلمان هين! جنهين ديڪهہ ڪہ شرمائين يهود!
يون تو سيد بهي هو، مرزا بهي هو، افغان بهي هو
تم سبهي ڪچهہ هو، بتاؤ تو مسلمان بهي هو؟“

(چوپول مثل آهي تہ دنيا مان مسلمان ختم ٿي ويا آهن. اسان اهو پڇون ٿا تہ ڪٿي بہ ڪنهن سچي مسلمان جو وجود آهي؟ تنهنجي رهڻي ڪهڻي عيسائين جهڙي آهي ۽ تنهنجو ڪلچر هندن جهڙو آهي. جيڪڏهن ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يهودي تو جهڙي مسلمان کي ڏسندو ته شرمندو ٿيندو. تون سيد به آهين ته مرزا ۽ افغان پڻ. تون اهو سڀ ڪجهه آهين. پر اهو ٻڌاءِ ته تون مسلمان به آهين؟)

ڪنهن به اسلامي رياست ۾، مذهبي ڳانڍاپي جو سوال اسلام جي اقليتن سان رويي سان ڳنڍيل آهي. جيڪڏهن اسلامي رياست. وصف جي طور تي، هڪ نظرياتي رياست آهي ۽ انجو نظريو مڪمل طور تي اسلامي آهي. ظاهر آهي ته اقليت سان ڪڏهن به برابريءَ ۽ انصاف وارو رويو نٿو ٿي سگهي. پاڪستان ۾ احمدين سان، ايران ۾ بهائين سان، ڪنهن حد تائين مصر ۾ ڪاپٽن سان اهو رويو هڪ افسوسناڪ تجربو آهي. جيڪڏهن اسلامي رياستون پنهنجي اقليتن سان اهڙو سلوڪ ڪن ٿيون ته ڇا اهي وساري سگهن ٿيون ته دنيا جي غير مسلم ملڪن ۾ 750 ملين مسلمانن جو چوٿون حصو اقليت آهن. اهو رڳو ذاتي مفاد -quid pro quo- ٿيندو ته جيستائين مسلم ملڪن ۾ غير مسلمانن سان مڪمل برابريءَ جو رويو روا نه رکيو ويندو ۽ هر لحاظ کان يڪسان انصاف جو لفظ لاڳو نه ڪيو ويندو، تيستائين اهي غير مسلم ملڪن ۾ مسلم اقليت سان ساڳئي رويئي جي توقع نٿا رکي سگهن. انهيءَ مان اها مراد ناهي ته هندستان ۾ مسلم اقليت کي يرغمال طور رکيو وڃي ته جيئن سموري دنيا جي مسلمان حڪومتن کان سني سلوڪ جي پڪ ملي. پر ڪٿي به غير مسلم اقليتن سان جيڪي به ٿئي ٿو، ان جو اڻ وٽندڙ رد عمل سولائي سان ٿاري نٿو سگهجي، خاص ڪري جيستائين هندستان ۾ اقليتون انهيءَ ڪي سختيءَ سان رد ۽ انهيءَ جي مذمت نٿيون ڪن.

ٿي سگهي ٿو ته تازن واقعن جو سبق ڪٽر ماڻهن مان ڪن سنجيده ۽ ذميدارن ماڻهن کي مڃائي وڃي. اسلام جي دل جي حيثيت رکندڙ ملڪ کي، 1947ع ۾، اسرائيل کان شڪست کائڻي پيئي. اها شڪست ايڏي ذلت آميز هئي جو نه رڳو لڙائي ۾ حصو وٺندڙ ملڪن مصر، اردن ۽ شام اها ذاتي طور تي محسوس ڪئي. پر سڀني مسلم ملڪن عربن توڙي غير عربن محسوس ڪئي. ان کان پوءِ، 1972ع ۾ سڀ کان وڏي اسلامي رياست پاڪستان جا به ٽڪرا ٿي ويا. نفرت، تلخي، عوامي صدمو ۽ جنگ کي اسلام جو بندن به روڪي نه سگهيو. علائقائيت جي ڇڪتاڻ طاقتور ثابت ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقتصادي قوتون مذهب تي حاوي ٿيڻجي ويون. هاڻي بيوقوفانہ جنگ خميني ۽ جي ايران ۽ صدام جي عراق وچ ۾ هڪ اينگهجنڊز ۽ جاري آهي. هاڻي تہ وڙهندڙ ڌرين ڪان اها ڳالهہ بہ وسري ويئي آهي تہ اصل ۾ ويڙهہ ڇا تي آهي، پر ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جي رتوڇاڻ ۾ رڌل آهن. پنهي ملڪن جي نوجوانن کي مسلمانن ۽ بنياد پرست مسلمانن ڪي........ بہ شخص پنهنجي انا خاطر ختم ڪري رهيا آهن. اهو وڏو ۽ صاف سبق آهي. اسلام رڳو پر امن گڏجي هلڻ ۽ پنهنجي تڪن نيشن کي اندر ورائي رکڻ سان ٿي، بنان تاهہ يا اصلي روح کي وڃائڻ کان سواءِ وڏي ويجهي سگهي ٿو. شال سنڌي انهيءَ مسئلي تي ڪم ڪري ۽ سڌارو آڻي اهڙو مثال پيش ڪن.

آمريڪا جي جج هومس (Holmes) ڪان مقامي ريل گاڏيءَ جي سفر دوران ٽڪيٽ ڪليڪٽر ٽڪيٽ جو پڇيو. جج ٽڪيٽ لاءِ کيسي ۾ هٿ وڌو، پر ٽڪيٽ نہ مليس. ٽڪيٽ ڪليڪٽر، جنهن جج کي سڃاتو ٿي، کيس چيو تہ ڪا ڳالهہ ناهي. پر هومس ڏانهس ڏسندي چيو: ”نہ نوجوان، مون کي ٽڪيٽ ڳولڻ گهرجي، جو مون کي ياد ناهي تہ مون کي وڃڻو ڪٿي آهي.“ سو مان پڻ وساري وينو آهيان تہ هيءُ رڳو پيش لفظ آهي. اهو پڙهندڙن کان معذرت ۽ ليکڪ جي هن دلچسپ ڪم لاءِ ٿورائتو ٿيندي ختم ٿيڻ گهرجي.

رامجيٺملاڻي

پارليامينٽ جو ميمبر

سنڌ ڪهاڻي

(The Sindh story جو سنڌي ترجمو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

سنڌو آسماني دريا آهي

شروع شروع ۾ رگو 'لفظ' هو. پهريون لکيل لفظ 'ويد' چيو وڃي ٿو ۽ 'ويد' حق تي هندستاني سڀيتا جي هندوري، 'سنڌوءَ' تي موهت هو:

"سنڌو جڏهن پنهنجي سگهه سان وهي ٿو ته سڀني ندين کي پوئتي ڇڏي وڃي ٿو.... سندس گجگوڙ ڌرتيءَ تان ڪجي آسمان تائين وڃي پهچي ٿي؛ هو پنهنجي بي انت قوت، وڄ جي وراڪي سان گڏ لڳائي ٿو.... جيئن سوئا ڳانيون پيريل اوهه ڪٽي پنهنجي وڇڙن ڏانهن رنڀندي ڊوڙنديون وينديون آهن، تيئن ٻيون نديون گجگوڙ ڪندي وڃي سنڌوءَ سان ملنديون آهن. جيئن سورمو راجا ٻين سورمن جي اڳواڻي ڪندو آهي، تيئن سنڌو ٻين ندين جي اڳواڻي ڪندو آهي. سنڌو پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار، سون ۾ سرس، پوشاڪ ۾ شاندار ۽ مال خزانن ۾ به خوشحال آهي."

سنڌو ايترو ته زنده ۽ آسماني آهي جو ڪيس 'بي جان' ڪوني نٿو سگهجي. ۽ تنهنڪري سنڌو هڪ 'جاندار' شخصيت آهي!

جڏهن رشي آڪاس ۽ ڌرتيءَ جو نالو جپيندا آهن ته اُهي سنڌوءَ جو نالو پڻ جپيندا آهن. ويدن ۾ گنگا جو به ٻيرا ذڪر ٿيل آهي، پر سنڌوءَ جو ٽيهه ڀيرا ذڪر اچي ٿو.

اهو مهان سنڌو ئي آهي، جنهن 'سنڌ' ۽ 'هند' کي پنهنجو نالو ڏنو! هندستان جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ ۾ اهو سڀ کان قديم نالو آهي. جڏهن شِو پنهنجي زال ستيءَ جو ڪپيل جسم ڌرتيءَ جي مٿان کٽي لنگهيو ٿي ته سندس هِنگلَ (سندوُر) ڏنل سينڌ واري سسي، جنهن هنڌ تي ڪري پيئي هئي، اهو اڄ به 'هنگلاج' سڏجي ٿو. جيڪو ڪراچيءَ جي پرسان سنڌ - بلوچستان جي سرحد تي آهي، انهيءَ سنڌ تي جتي رام، سيتا ۽ لڪشمڻ پڻ پنهنجا پير گهمايا هئا- سنڌ جو صوفي سنت ڪوي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جوڳين سان گڏجي ويو هو. جڏهن اوپر ۽ اولهه پاڪستان گڏيل ملڪ هو ته بنگلاديشي هندن لاءِ اولهه پاڪستان ڏسڻ جو هڪ وڏو سبب هنگلاج هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جئدرٿ جي حڪومت جو حصو هوندي هئي. جڏهن ڪيڪئي شوڪ گهر ۾ ويهي رهي ته دسرٿ کيس چيو هو: "منهنجي راڄ تان سج نٿو لهي. سنڌ، سؤوير، سؤ راشٽر، انگ، ونگ، مگڌ، ڪاشي، ڪوشل- سڀ منهنجا آهن. منجهن اڪيچار اَمُلهه شيون پيدا ٿين ٿيون. جيڪي وڻيئي، مون کان گهري وٺ."

پر ڪيڪئي ڪي پنهنجي پُٽ ڀرت لاءِ راڄ- گديءَ کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين گهربو هو باقي ڳالهه تاريخي وير- گاٿا آهي. جڏهن سيتا کي راوڻ اغوا ڪيو ته رام باندرن کي سندس ڳولا ڪرڻ لاءِ ٻين هنڌن کان سواءِ سنڌ ۾، اتان جي 'بهترين تارو گهوڙن' سان روانو ڪيو. پوءِ جڏهن رام پنهنجو بنواس خير خوبيءَ سان پورو ڪيو ته سنڌو سؤ وير (سنڌ ۽ ملتان) ڀرت جي حوالي ڪيائين. جنهن پوءِ پنهنجو راڄ اتر کان گنڌارا (جيڪو مهاڀارت ۾، ڌرت راشٽر جي زال گانڌاريءَ جي شهر جي طور تي مشهور آهي) تائين وڌايو. جنهن کي هاڻي قنڌار ڪوٺيو وڃي ٿو. پشاور (پُشڪلاوتي) ۽ ٽئڪسيلا (تڪشه سلا) جا شهر سندس پٽن ٻڌايا هئا.

سنڌ 'مهاڀارت' جي ڏنڌيل روشنيءَ مان ابري ٿي. کيس 'پاپ پورڻ پرديش' (گناهگار پرڳڻو) ڪوٺيو وڃي ٿو. انهيءَ جي پويان هڪ ڪهاڻي آهي. سنڌ جي راجا جئدرٿ، ڪؤرون جي راجڪمار دريوڌن جي ڀيڻ دُهشلا سان شادي ڪئي هئي. هو تنهنڪري ڪورون جو طرفدار ۽ پانڊون جو دشمن هو. پر جئدرٿ لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته هن ڌرتراشٽر ۽ ڀيشم وانگر پانڊون ۽ ڪؤرون جي وچ ۾ تباهي آڻيندڙ جوڀڙ راند جي مخالفت ڪئي هئي.

جئدرٿ جي پانڊون سان اٽڪٽ جون ڀاڙون ڀراٽيون هيون. دروپديءَ جي سويمور (راجڪمارن جي ميڙ مان پنهنجي خواهش موجب مڙس چونڊڻ جي رسم) ۾ هو هڪ ناڪام اميدوار هو. پوءِ جڏهن پانڊو پنهنجو وقت جلاوطنيءَ (بنواس) ۾ گذاري رهيا هئا تڏهن جئدرٿ، دروپديءَ کي اڪيلو ڏسي، ساڻس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. دروپدي ڪانئس معصوميت ۽ سادگيءَ سان سنڌو سؤوير جي رهواسين جي حال بابت پڇيو هو. جڏهن دروپديءَ ڏٺو ته جئدرٿ جي نيت ۾ کوٽ آهي ته کيس اُتان هليو وڃڻ لاءِ چيائين. تنهن تي جئدرٿ کيس زوريءَ سنهبو. جڏهن ارجن ۽ ڀيم کيس دروپديءَ کي کڻي ويندي هليو ۽ دروپديءَ کي ڪانئس ڇڏايو ته ڀيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سزا طور پنجن هندن تان سندس وار ڪپي ڇڏيا. هو ڪيس مارڻ وارو هو، پر پنهنجي وڏي ڀاءُ يڌشتر جي چوڻ تي ته ائين ڪرڻ سان سندس سؤٽ ڀيڻ دُهشلا بيوهه ٿي ويندي، ڪيس ڇڏي ڏنائين.

مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ جڏهن دروپديءَ جو پٽ اڀيمنيو مارجي ويو ته جئدرٿ سندس لاش کي پير سان ٺڏو هنيو. تنهن تي ارجن ڪاوڙ ۾ اچي قسم ڪاڌو ته هو جئدرٿ کي سڀاڻي ڏينهن تي سج لهڻ کان اڳ ماريندو. جئدرٿ لڙائيءَ جي ميدان مان ڀڄڻ چاهيو، پر ڏاڍي دير ٿي چڪي هئي ۽ هو ذلت ڀري موت مئو.

هندستان ۾، شيواجي، پرتاب ۽ گرو سنگهه جي وقت تائين، راجائي جهنڊي ۾ ڪجهه قدر ڀڳوا يا ڪيسري رنگ جي لهر هوندي هئي. اها ساڳي ڳالهه 'مهاڀارت' جي وقت ۾ پڻ رواج ۾ هئي. فرق رڳو جهنڊي تي نشانيءَ جو هو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته جئدرٿ جي جهنڊي تي نشاني طور اڇو سوئر هو، جنهن جو شڪار ڪرڻ اڄ به راجپوت (۽ سنڌي) پسند ڪندا آهن.

جئدرٿ جي ٻي پسنديده شيءِ کير ۽ ڪڙهيل کير هو، جنهن کي سنڌيءَ ۾ 'کيرٽي' چئبو آهي. جئدرٿ کي مارڻ جي وچن ڪرڻ جي اعلان وقت ارجن چيو هو: "جئدرٿ بيشڪ مائٽ آهي پر هو ڪميٽو آهي. هو کير ۽ کيرٽيءَ تي پليو آهي، پر مان ڪيس پنهنجي تيرن سان پورڻ ڪري ڇڏيندس."

انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته 'مهاڀارت' ۾، سنڌ کي 'گناهگار' سندس رهواسين جي ڪري نه، پر سندس راجا جي ڪرتوتن ڪري ڪوٺيو ويو آهي. (ساڳئي سبب جي ڪري، راجا ڪرڻ پڻ شاليه جي مدرا راڄ جو ساڳين لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي.) 'مهاڀارت' جي 'ڀيشم پروا' حصي ۾ سنڌوءَ کي 'عظيم محافظ' ڪوٺيو ويو آهي، جنهن کي ڏينهن رات ياد ڪرڻ گهرجي. ظاهر آهي ته سگهارو سنڌو، ديس جي بچاءُ جي سرحد هئي. 'مهاڀارت' جو 'انوشاسن پروا' حصو موت کان پوءِ سرڳ وڃڻ لاءِ سنڌو- سنان تجويز ڪري ٿو.

اها ڏاڍي دلچسپ ڳالهه آهي ته 'ڀڳودگيتا' سنڌ سان وابسته هڪ پراڻي نصيحت تي ٻڌل آهي! هڪ ڀيري سنڌ جي راجا، سؤ وير جي نوجوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجڪمار سنجيہ کي شڪست ڏني. سنجيہ دلشڪستو ٿي پيو ۽ راڄ ڀاڳ سڀ ترڪ ڪري ويهي رهيو. پر سندس سورهيہ ماءُ وِدوُلاسندس همت ٻڌائي کيس وڙهڻ لاءِ روانو ڪيو. هن کيس چيو تہ "پنهنجي خاندان ذانهن ڏس؛ عوام ڏانهن پنهنجي ذميداريءَ کي ياد ڪر؛ ڌرم کي اوچو رک ۽ شان سان زنده رهہ يا شان سان قربان ٿي." جڏهن پانڊو دلشڪست ٿي ڀيا هئا ۽ وڙهڻ کان نابري واري ويٺا هئا تہ سندن ماءُ ڪُنتي، ڪرشن کي وِدوُلا جي ڳالهہ ياد ڏياري هئي ۽ اها پنهنجي پٽن کي ٻڌائڻ لاءِ چيو هئائين تہ جيئن اهي دل ٻڌي وڙهن لاءِ تيار ٿين. نتيجي ۾ گيتا جهڙو امر اُپديش وجود ۾ آيو.

دُهشلا پڻ موت ۾ سنڌ سان چڱا پير ڀريا. جيئن تہ هندستاني سڀيتا جو مرڪز سنڌوءَ کان گنگا ڏانهن منتقل ٿي ويو هو، تنهنڪري ظاهر آهي تہ سنڌ کي سرحدي پٽي جي حيثيت سان، هر هر ڌارين حملن جو مقابلو ڪرڻو ٿي پيو. دُهشُلا کي سنڌ جي جَٽ ۽ ميد قبيلن جي وچ ۾ نہ ختم ٿيندڙ مقابلن حو ذڪ هو. تنهنڪري هن پنهنجي زندگيءَ ۾ هم آهنگي آڻڻ لاءِ ڪجهہ برهمڻ مُوڪلڻ لاءِ چيو. دريوڌن سنڌ ۾ ٽيهہ هزار برهمڻ موڪليا. اهي برهمڻ ٿي هئا. جن پوءِ سڪندر جو مقابلو ڪُرڻ لاءِ ريڙهہ جي هڏيءَ جي حيثيت حاصل ڪئي. پر اهو گهڻو پوءِ ٿيو.

ڪاليداس 'رگهو وَنش' ۾ چوي ٿو تہ رام پنهنجي مامي يُڌاجت جي چوڻ تي سنڌ جو راڄ ڀرت جي حوالي ڪيو هو. رام جي تڙ ڏاڏي راگهوَ جي هٽڪندڙ گهوڙن سنڌوءَ جي ڪنارن تي وسرام ڪيو هو.

سنسڪرت جي هڪ ٻئي ڪوي ڀاس جو 'ناٽڪ اويمارڪ' راجڪمار اويمارڪ ۽ سنڌو- سؤوير جي راجڪماري ڪُرنگيءَ جي محبت جي داستان تي ٻڌل آهي.

'پويشيہ پراڻ' ۾ چيل آهي تہ اُجين جي مهاراجا وڪرمادتيہ جي پوٽي شاليو هَان 'سنڌ استان' ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪيو ۽ سنڌوءَ تي پنهنجي سرحد مقرر ڪيائين.

يارهون جين تيرٿ انڪار، انش نات سنڌي هو، جيڪو بنگال ۾ مري ويو.

جين 'دڪشٽيہ چهن' (اٺين صدي) ۾ سنڌين جي باري ۾ چيل آهي تہ "اهي شاندار آهن. سندن چال وڻندڙ، نرم ۽ ڌيمي آهي. اهي راڳ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگيت ۽ ناچ جا ڪوڏيا آهن ۽پنهنجي وطن سان محبت ڪندڙ آهن."

چون ٿا تہ مهاتما ٻڌ سنڌ ۾ پنهنجا پير گهمايا هئا. هن سنڌ جي سخت آبهوا ۽ خشڪ ۽ مٽيهاٽي سر زمين ڏسي 'ڀڪشوئن' کي پيرن ۾ جتي پائڻ جي اجازت ڏني هئي.

هن نرم ڪپڙا استعمال ڪرڻ جي بہ اجازت ڏني هئي، جيڪي ٻين هنڌن تي پائڻ جي اجازت نہ هئي. روورڪِ يا رورُڪا (موجوده روهڙيءَ جي ڀرسان اروڙ يا الور) جو راجڪمار سٿورتِس هن سر زمين تي ئي سندس پوئلڳ بنيو هو.

جڏهن مهاتما ٻڌ پنهنجي وطن ڪپل وستو جي چوڏاري رٿ ۾ چڪر ڏنو هو تہ چيو وڃي ٿو تہ "ڪنول جي رنگ جهڙا چار شاندار گهوڙا سنڌوديش مان گهرايا ويا هئا." هيل تائين، تاريخي ٻُڌ- اسٽوپا سنڌ ۾ ئي مليا آهن. ان ڳالهہ ۾ بہ وڌاءُ ناهي تہ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو صدر ٿيو هو تہ پنهنجي آفيس ۾ ٻُڌ جي مورتي سجائي رکي هئائين.

'دويہ ودَن' (تبتي زبان) ۾ لکيل آهي: "ٻڌ راج گرهہ ۾ آهي. ان وقت جمبو دويپ (اتر هندستان) ۾ بہ وڏا شهر آباد هئا: پتاليپترا ۽ رورُڪا. جڏهن رورڪا اوج تي رسي ٿو تہ روزڪا جو زوال ٿئي ٿو." اهو رورڪا سنڌ جو شهر آهي. جو مگڌ جي شهنشاهيت جي گاديءَ جي هنڌ پتاليپترا جو مقابلو ڪري ٿو. جڏهن بمبي سر مگڌ جو راجا هو تہ هن سنڌو- سؤوير جي راجا دَرَيان ڏانهن ٻُڌ جي اها تصوير موڪلي هئي جيڪا ناياب هئي. ان وقت سنڌ جا بہ طاقتور وزير هيرو ۽ ڀيرو هئا، جن جا نالا اڄا تائين سنڌ ۾ عام آهن.

چندر گپت موريا ڀهريائين سنڌ ۽ پنجاب کي فتح ڪيو. انهيءَ هنڌ تان هن نند کي ڀڄائي ڪڍيو. پتاليپترا تي قبضو ڪيو ۽ موريا شهنشاهيت جو پايو وڌائين.

ڪشمير جي قديم شاهي تاريخ 'راج ترنگڻي' ۾ سنڌ ۽ سنڌين بابت گهڻيئي حوالا ڏنل آهن. ڪُويَہ جو پٽ سنڌو، ڪشمير جي هاٿين جي فوج جي اڳواٽي جي عهدي تائين رسيو. هو راڻي ديدا جو صلاحڪار هو. ڪشمير ۾ 'سنڌو-گج' (سنڌ جي هاٿي) جي وڏي هاڪ هئي.

اِن مان ظاهر آهي تہ سنڌ سيني ڳالهين جو سچ پچ مرڪز هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيو

سنڌو ماتا

ويدن ۽ پُراڻن ۾ سنڌ کي ديوتائن ۽ راجائن جي نالن سان منسوب ڪيل آهي. پر، قديم سنڌ جي ڌرتي، اتان جي ماڻهن ۽ ڪلچر بابت ڇا چيو آهي؟

مهان يوناني تاريخدان هيرودوٽس (Herodototus) لکيو آهي:

"هندستاني سڀ قبيلا، جن جي مون نشاندهي ڪئي آهي، جانورن وانگر ڳُلئي- عام سنجوڳ ڪن ٿا؛ سندن چمڙيءَ جو رنگ ساڳيو، گهڻو ڪري ايٿوپيا وارن جهڙو آهي، سندن ويرج (Semen) ٻين ماڻهن جي جهڙو اڇو نه، پر سندن چمڙيءَ جهڙو ڪارو آهي. اها ساڳي خصوصيت ايٿوپيا جي رهاڪن ۾ پڻ آهي. سندن ملڪ ايران کان گهڻو پري، ڏکڻ ۾ آهي ۽ اتان جا رهاڪو ڪڏهن به دارا جي تابع نه رهيا آهن."

يونان جي هڪ ٻئي تاريخدان اسٽرابو (Strabo) لکيو آهي:

"هندستانين کي ڪڏهن به ڪنهن ڌارئين حملي آور شڪست ڏيئي فتح نه ڪيو هو."

وڏن قديم تاريخدانن جي اها تصديق ٻڌي اهو چڱو لڳو ته هندستانين کي ان وقت تائين ڪنهن ڌارئين حملي آور فتح نه ڪيو هو. جيتري قدر ڳُلئي- عام سنجوڳ جو تعلق آهي ته ظاهر آهي ته هيرودوٽس تاريخ کان اڳ واري ان دور جو حوالو ڏي ٿو، جڏهن ماڻهو اڃا گهر اڏي منجهن رهن نه سگهيا هئا. اسان کي شيڪسپيئر جو ٿو ٻڌائي ته ايلزبيٿي دور ۾ انگريز آباديءَ جي اڪثريت 'ڪٽڪ جي ٻنين' ۾ محبتن جا پيچ پسند ڪندي هئي.

پر 'ڪاري ويرج' تان ياد آيو ته جڏهن گذريل صديءَ ۾ چينين ٻڌو ته انگريز چون ٿا ته دل، ڇاتيءَ جي ڪاٻي پاسي آهي ته کين پڪ هئي ته سندن پنهنجون دليون ساڄي پاسي هونديون- جو اهي برطانوين کان بلڪل نرالا هئا.

يوناني وڏي پايي جا فنڪار ضرور هئا. پر سائنٽيفڪ مزاج سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ- پاوَ ڪان اوپرو هو. هڪ پيري يوناني فيلسوف عورتن جي ڏندن جي ڳاڻيٽي تي بحث ڪرڻ لاءِ ڪڏ ٿيا. جيئن تہ مردن ڪي ٻٽيهہ ڏند هئا- ۽ عمرت، جيڪا مرد ڪان گهٽ درجي جي هئي. تنهنڪري فيصلو ڪيائون تہ مردن جي ڀيٽ ۾ ڪين ڏند بہ گهٽ هئا. يعني اناويهہ منجهانئن ڪنهن بہ اها رٽ پيش نہ ڪئي تہ ڪنهن عورت جو وات کولائي، منجهس ڏند ڳڻيا وڃن.

بهرحال، بزرگ هيروڊوٽس کي اها سڌ نہ هئي تہ سندس پنهنجي عظيم يوناني تهذيب، سنڌ جي لاڙ واري حصي جي ماڻهن ۽ اوپر يونوچ جي سامونڊين جي پاڻ ۾ شاديءَ جو نتيجو هئي. عظيم يوناني شاعر هومر (Homer)، ليمناس (Lemnos) ٻيٽ تي 'سنتين' (Sintians) جي نشاندهي ڪئي آهي، جيڪي "عجيب ٻولي ڳالهائيندا هئا." (Illi- 1:594 (ad

پوڪوڪ (Pococke) جنهن کي 'يونان تي هندستان جو اثر' جي موضوع تي سند سمجهيو ويندو آهي، لکي ٿو تہ: "سنڌوءَ جي چوڙ وٽ ڦڙت، چتر ۽ جانباز خلاصي، جيڪي انهيءَ وڏي لڏپلاڻ کان ونئي، لاڳيتو زمانن کان، پنجاب جي جنگجو رهاڪن سان گڏ رهندا پئي آيا، دريا جي چوڙ کان وني، ڪوري (Coree) تائين ڦهليل سامونڊي ڪناري تي آباد واپاري طبقو پڻ انهيءَ لڏپلاڻ ۾ لڳل آهي. انهيءَ لڏپلاڻ جا اثر تهذيب تي پيا آهن ۽ جنهن جي فن جي وڏين تحريڪن ذهن ۾ تعريف ۽ خوف گاڏڙ جذبا پيدا ڪيا آهن. مڪران جي سامونڊي ڪنارن تي رهندڙ انهن ماڻهن، ايراني نار جي چوڙ مان لنگهي عمان، هئڊرامنٽ ۽ يمن جي بندر گاهن تي لنگر انداز ٿي، ڳاڙهي سمنڊ مان جهاز هاڪاري، ۽ پوءِ ارڏي نهر مان اڳيرو ٿي- جيڪا عجوبن جي سرزمين کي آباد ڪري ٿي- مصر، نوبيا ۽ حبش جي بادشاهتن جو بنياد وڌو. اهي ماڻهو انهيءَ ساڳئي نسل مان آهن، جن انهيءَ بينڪيت کان لاڳيتو صديون پوءِ، هيلا ۽ ان جي ٻيٽن کي تهذيب سان نوازيو. تنهنڪري اهو تعلق، جيڪو يوناني تاريخدان ايتري قدر لاڳيتو پيش ڪن ٿا تہ مصر ۽ اٿينس توڙي بينوٽيا ۽ يونان جي ٻين حصن ۾ قائم آهي، مڪمل طور تي توقع رکڻ گهرجي، جن پنهنجي آبائي وطن جي 'مقدس باهہ' ۽ برهمڻ جي آجيان ڪري سندس ايڏي وڏي عزت ۽ احترام ڪيو.

"اهڙي طرح 'سنڌو' ۽ 'هيلا' جي جابلو چوٽين جو رهاڪو، جڏهن

هيلا ۾ قيام پذير ٿيو. ’اٿينس‘ ۾ انهن جو سنڌريل يونئير ٿيو. جيڪو جيتوٽيڪ يوناني سڏجڻ ۾ آيو. پر پنهنجي ذوق، مذهب ۽ ادب ۾ پنهنجي ابن ڏاڏن وانگر مڪمل طرح ’سنڌي‘ هو.

”جيئن ٿي پڙهندڙ مون سان گڏجي ’ڪورن ٿس‘ (Corinthus) جي تاجر پيشه ۽ خوشحال قوم جي ڳولي لڏل آفريڪا جي بيٺڪيتن جي جاگرافيائي ترقيءَ مان هلندو ته ڪيس انهيءَ ت- پاسائين تعلق لاءِ، جيڪو مصر، يونان ۽ سنڌوءَ جي سرزمين کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو. شڪ جي ڪا گنجائش نه رهندي. اهو پراڻو تڪرار آهي ته سنڌوءَ جو ڪلاسيڪي نالو ’اباسين‘ (Abusin). يونان ۾ ’ڪوئي اندس‘-Corintbus) Coi In dus) سڏجڻ ۾ آيو. جنهن جي معنيٰ آهي ’ڪوري اندس (Cori Indus) جا رهاڪو‘.

تاريخ ۾ اهي ماڻهو فوئنيشنس (Phoenicians) طور سڃاتا وڃن ٿا. اوائلي تاريخدان هميشه عجب ڪائيندا هئا ته مغربي تهذيب جا اهي ابا ڏاڏا ڪٿان آيا؟ پر هاڻي اهو طئه ٿي ويو آهي ته Vedic panis، (جيڪي هندستان ۾ واڻڪ، واڻيا ۽ بنيا ڪونجن ٿا).، اولهه ۾ Panikas يعني Pu-nic نسل يا فوئنيشنس چوائڻ ۾ آيا. جيتوڻيڪ ڳاڙهي سمنڊ کي يونوچ سمنڊ سان ڳنڍيندڙ موجوده سئيز ڪئنال جو تڏهن وجود نه هو پر، اُن زماني ۾ هڪ واهه هوندو هو. جيڪو نيل نديءَ جي انتهائي اوپر طرف هڪ مٺي پاڻيءَ جي ڇٽل کي ڳاڙهي سمنڊ سان ملائيندو هو. اهي قديم رهاڪو انهيءَ ڇٽل وسيلي، ڳاڙهي سمنڊ کان نيل نديءَ مان ٿيندا، يونوچ سمنڊ تائين ويندا هئا. اسان جا اهي فوئنيشنس ايترو اڳتي نڪري ويا جو فوئنيشيا نالي ملڪ قائم ڪيائون. جتي اڄ ڪلهه شام ۽ لبنان جا بندرگاهه آهن.

جيو وڃي ٿو ته ’Panis‘ لوڪن‘ راجا کي ماري وڌو هو. تنهنڪري ڪين پرڏيهه ۾ آباد ٿيڻ لاءِ سنڌ ڇڏڻي پيئي هئي، پر اهي مقدس باهه ۽ برهمن پاڻ سان گڏ ڪئي ويا هئا. اينسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا پٽاندر، ”فوئنيشنس جو چوڻ آهي ته سندس پراڻا شهر خود ديوتائن قائم ڪيا هئا ۽ سندس نسل ٽيهه هزار ورهيه پراڻو هو.“ هتي قديم هندستان جي هڪ ڏور کان پئي ڏور جي تهذيب جا پڙاڏا ڇٽا آهن، ۽ سنڌ جون قديم واپاري روايتون پڻ ملن ٿيون.

هيءَ مهان نَنڍڙي سنڌ ڪنهن جهڙي هئي؟

سڀني قديم تهذيبن جو جنم دريائن جي وادين ۾ ٿيو هو. ان وقت قديم ماڻهوءَ لاءِ جبل ۽ سمنڊ وڏي ڏکيائي جو سبب هئا. ظاهر آهي تہ سنڌو تهذيب گهڻو ڪري ايتري پراڻي آهي جيتري خود سنڌو. جيڪا خود پوڻ- وديا سان تعلق رکي ٿي، نہ ڪي تاريخ سان.

ابتدائي ماڻهوءَ کي پنهنجي جياپي لاءِ نہ رڳو دريا جو پاڻي گهربل هو، پر ڪيس ٻين عنصرن کان بچاءَ جي پڻ ضرورت هئي. تنهنڪري اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ سنڌ جي ايراضيءَ ۾ پهرئين انساني رهائش کيرٿر جبلن جي اولهہ ۾، دريا جي پرسان شروع ٿي. تنهنڪري اهو ڪو اتفاق ناهي تہ سنڌ جي تهذيب جو تاج، موهن جو دڙو، سنڌو دريا ۽ کيرٿر جبلن جي وچ ۾ آهي. قديم لڪي تيرٿ پڻ ساڳئي جابلو ايراضيءَ ۾ واقع آهي.

جاگرافيائي، تاريخي ۽ ثقافتي طور تي سنڌ هميشہ هندستان جو حصو رهي آهي. وسيع جابلو بلوچستان جو بيابان، سنڌ کي مؤثر طور تي ايران کان جدا ڪري ٿو. پر ڪڇ ۽ راجستان جا ننڍا بيابان پڻ تاريخي طور تي سنڌ جي ڪجهہ حصي کي اوپر کان جدا ڪن ٿا. انهيءَ بيهڪ سنڌ کي پنهنجي هڪ جدا سڃاڻپ ۽ شخصيت ڏني آهي. اهڙي ريت قديم سنڌ جهڙوڪر الڳ ٿلڳ ملڪ هو، جنهن ۾ نہ رڳو بلوچستان ۽ ڪڇ شامل هئا، پر ملتان پڻ شامل هو. 1947ع ۾ ملڪ جي ورهاڱي تائين، جڏهن سنڌي، بمبئيءَ ۾ پهتا تہ مرهٽن، سنڌين کي 'ملتانين' جي طور تي ڄاتو ٿي!

پوءِ سنڌو اوڀرائون وهڪرو اختيار ڪيو ۽ ايرنڌي وهڪري ڪڇ ۾ وڃي ٿي چوڙ ڪيو، جيڪو اڳيئي سمنڊ هيٺ هو. اها بلڪل عجيب ڳالهہ ناهي تہ هڙاپا، (جنهن کي ويدن ۾ 'هري يوپيا' چيو ويو آهي)، جيڪو سنڌ جي اتر (پنجاب) ۾ آهي ۽ لوٿل، جيڪو سنڌ جي ڏکڻ (گجرات) ۾ آهي، موهن جي دڙي واري ساڳي تهذيب جا مالڪ هئا. ٻين سڀني رڪارڊن جي ڀيٽ ۾ موهن جي دڙي جا کنڊر قديم سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي وڏي ڪسوٽي آهن.

اڄ جڏهن پاڪستان ۾ سنڌي قوم پرست پنهنجي پرڳڻي کي 'سنڌو ماتا' سڏين ٿا تہ اهي محض قديم حقيقت کي ورجائين ٿا. سنڌ نہ رڳو سنڌين جي ماءُ آهي، پر قديم يونان ۽ قديم مصر جي پڻ ماءُ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

امر ”موئن جو دڙو“

1918ع کان 1922ع تائين هندستان جي آثار قديمه جي راکل داس بئنرجي سنڌ ۽ پنجاب جي ٻهراڙين ۾ سڪندر جي گذرگاهہ جي کنهن آثار ملڻ جي اميد ۾ پئي ڊوڙ ڊڪ ڪئي. پر اهڙو ڪو آثار ڪونہ مليس. جيتوڻيڪ يوناني فاتح عام ماڻهن کان وڏا پنهنجا هٿيار هندستان جي سر زمين ۾ دفن ڪيا هئا تہ جيئن ايندڙ نسلن کي خبر پوي تہ يوناني سپاهي ڪيڏا قداور سورما هئا. پر راکل کي ننڍا وڏا گهٽيئي پراڻا دڙا مليا. جيڪي ٻُڌ دؤر سان وابستہ هئا. منجهائن سڀني کان وڏو ٻڌ دؤر جي اسٽوپا وارو دڙو هو. جيڪو هاڻي لاڙڪاڻي جي پرسان 'موهن جي دڙي' جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو.

هن دڙي جو 'موهن' يعني 'سري ڪرشن ڀڳوان' سان ڪو واسطو ناهي. سنڌي زبان ۾ هيءُ دڙو 'موئن جو دڙو' سڏجي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي مري ويلن يا مئلن جو دڙو. روايت آهي تہ هن دڙي ۾ ڪيترائي ماڻهو دفن ٿيل هئا. جڏهن تہ جزوي کوٽائيءَ مان پتو پيو تہ اُتي ڪوبہ لاش نہ هو. پر اتلندو هڪ مڪمل عظيم شهر پڌرو ٿي پيو. حقيقت ۾ اهو هڪ شهر نہ، پر گهٽ ۾ گهٽ ست شهر آهن، جيڪي هڪ ٻئي مٿان تعمير ٿيل آهن! اسٽوپا تي بيهي اوپر ڏانهن ڏسبو تہ پري کان سنڌو هڪ چاندي جهڙي ربين وانگر نظر ايندو. سنڌو هر سال پاڻ سان لٽ جا انبار ڪٽي ويندو آهي ۽ هر صدي دوران آسپاس جي زمين جي اوچائيءَ ۾ سٺن انچن جو واڌارو ايندو آهي. موئن جي دڙي جا ست شهر، پنهنجي ستر فوٽن جي اوچائيءَ سان، لڳ ڀڳ ٻارنهن هزار ورهين جي تاريخ پيش ڪن ٿا.

سمورو شهر پڪين سرن جو جوڙيل آهي. اهو ڏيکاري ٿو تہ اتان جي تهذيب نہ رڳو اعليٰ ترقي يافتہ هئي، پر ثابت ڪري ٿي تہ ان زماني ۾ وڏا ڀٽا موجود هئا. جن مان وڏي انداز ۾ ٻارڻ حاصل ٿيندو هو. حقيقت ۾ آڳاٽين مهرن تي اُڪريل چيتن، گينڊن ۽ هاٿين جي شڪلين مان جهنگلي زندگيءَ جي زرخيزيءَ جو ڏس ملي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاھرين ملڪن جا آثار- قديم جي آڳاٽن ھنڌن ۾ گھڻو زور ديوتائن ۽ بادشاھن تي ھوندو آھي. اتي وڏا مندر ۽ شاندار محلات ھوندا آھن. پر ھيءُ شھر ظاھر ظھور ھڪ لوڪ- راڄ ۽ بيشڪ برابري وارو لوڪ-راڄ ھو. جيئن تہ منجھس ڪوبہ محلات ناھي. تنھنڪري سمورا گھر ھڪ (چڱي طرح اڏيل) ۽ سمورين سھوليتن سان آراستہ آھن. گھڻيون ويڪريون ۽ سڌيون آھن ۽ گھر ڪليل ۽ ھوادار آھن. ھر گھر کي پنھنجي کوھي- ۽ حوض آھي، جيڪو فالتو پاڻيءَ کي مرڪزي ڪسين جي سرشتي ۾ تئي ٿو. سڀ کان عجيب ڳالھہ اھا آھي جو سڀ ڪسيون ڍڪيل آھن. جيئن تہ انھيءَ خطي ۾ سيمنٽ وانگر چن جو استعمال نہ ٿيندو ھو، تنھنڪري سرون اھڙي طرح جوڙيل ۽ ھڪ ٻئي سان ٺھڪائي بيھاريل آھن. جو انھن کي ڳنڍڻ لاءِ سيمنٽ جي ضرورت ئي نہ ھئي.

انھيءَ ڳالھہ اڄ جي شھري رٿا جوڙيندڙن کي حيرت ۾ وجھي ڇڏيو آھي. برطانوي رھائشي گھرن جي ھڪ ماھر بي. ايس. ٽائون رو (B.S. Townroe) ٻي مھاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي تي چيو ھو تہ "سنڌو- ماٿر ۾ دفن ٿيل شھر گھٽ ۾ گھٽ پنج ھزار ورھيہ پراڻا آھن. انھن جي باقائدي رٿابندي ٿيل ھئي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست ٿيل ھو. ھر ڪنھن وڏي گھر ۾ وھنجڻ جي جاءِ ھئي. آڳاٽا ويدن جا پستڪ، عمارت سازيءَ جي ترقيءَ جي عام جاڻ ۽ شھري انتظام ھلائڻ جي ڏاھپ ۾، ھندستان جي اوائلي ماڻھن جي علم ۽ دانش جو ٺوس ثبوت پيش ڪن ٿا. جڏھن اسان سنڌو ماٿر جي پنج ھزار سالہ آڳاٽي شھري تھذيب تي ويچار ڪريون ٿا تہ اڄ جي مسئلن کي منھن ڏيڻ ۾ اسان ۾ نھٺائي اچيو وڃي. يورپ ۽ اتر آفريڪا ۽ پوءِ وارن سالن دوران ڏور- اوير ۾ بمباريءَ ۾ تباھہ ٿيل اسان جي شھرن جي نئين سر ترقيءَ جي مسئلن کي منھن ڏيڻ لاءِ، اسان ھندستان کان صبر ۽ ڏاھپ ٻئي سکي سگھون ٿا.

مشھور مفڪر آلڊس ھڪسلي (Aldous Huxley) موئن جي دڙي جي امن پري خصوصيت کان ايڏو متاثر ٿيو جو لکيو اٿس: "سنڌو ماٿر جي تھذيب ايڏي شاھوڪار ۽ ترقي يافتہ ھئي، جيڏي 'سمير' ۽ 'مصر' جي. پر سنڌو ماٿر جي تھذيب لڙائي کان غير واقف ھئي. انھن دفن ٿيل شھرن مان نہ ڪو ھٿيار مليو آھي ۽ نہ چوڌاري ديوار ھجڻ جو ڏس ملي ٿو. اھا

حقيقت سڀ کان وڏي اهم آهي. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته اُتان جا رهواسي ڳتيل شهري تهذيب جون سهوليتون ماڻيندا هئا. جن لاءِ ڪين وقفي بوقفي قتل عام جي صورت ۾ قيمت ادا ڪرڻي نه پوندي هئي."

اهو شهر بي هٿيار انهيءَ ڪري نه هو جو وٽس حفاظت لاءِ ڪي ڪين هو. پر اهو انهيءَ ڪري هو، جو اهو هڪ بين الاقوامي، تجارتي ۽ شاهوڪار شهر هو. حقيقت ۾، سر جان مارشل (Sir John Marshall)، جيڪو ان وقت ۾ آثار- قديمه کاتي جو ڊئريڪٽر جنرل هو، نشان ڏهي ڪئي آهي ته "پراڻا زيور ايڏا ته سٺا گهڙيل ۽ پالش ٿيل آهن جو لڳي ٿو ته پنج هزار ورهيه آڳاٽي گهر بدران بانڊ اسٽريٽ (لنڊن) جي صراف وٽان آيا آهن."

هن شهر کي هٿيارن جي انهيءَ ڪري به ضرورت نه هئي جو اهو قانون، انتظام ۽ انصاف وسيلي محفوظ هو. هيءُ اهو شهر هو، جنهن کي هٿيارن جي ضرورت نه هئي، پر پنهنجي پيارن ٻارن لاءِ گهٽئي رانديڪا ٺاهيا هئائون، جيڪي ڪوٺائي وقت سيٽيون وڄائي ۽ ڇٽڪي رهيا هئا.

شروع ۾ اولهه وارن اهو ثابت ڪرن جي ڪوشش ڪئي هئي ته هيءُ سنڌي شهر آرين تباهه ڪيو هو. پر اها شاهدي اهو ڏيکارڻ لاءِ جلدي تبديل ڪئي ويئي ته هندستن جي ٻين آثار- قديمه وانگر هيءُ شهر خود آرين جو شهر هو. هتي شِو پشوُ پتي ناٿ ۽ ڪالي آهن. لنگ ۽ پپر جي پوڄا آهي ۽ مندر جي چوٽيءَ واري اسٽوپا جي سامهون، ياترين جي وهنجڻ جي رسم پوري ڪرڻ لاءِ وڏو تلاءُ ٺهيل آهي.

فتح ۽ تباهيءَ جي نظريئي کي پوءِ انساني تاريخ جي ماهرن (Anthropolohists) رد ڪيو. جڏهن انهن اهو ڏٺو ته اڄ جي سنڌين وانگر موئن جي دڙي جي رهواسين جون ساڳيون ڏکهي مٽي واريون ڪوپريون آهن. ظاهر آهي ته سنڌ جي مقامي خصوصيت کي تبديل ڪرڻ لاءِ فاتحن جو ڳاٽيتو تمام ٿورو هو.

رِگو پرئمڊن ۽ چين جي عظيم ديوار کان پوءِ، دنيا جو سڀ کان وڏو عجوبو موئن جو دڙو ئي آهي. حقيقت ۾ اهو ايترو جيترو جاڳندو آهي، جو ڪيس "موئن جو دڙو" سڏڻ نه جڳائي. جيستائين اسان اتان جي لپي پڙهون ۽ انهيءَ شهر جو اصل نالو ڳولي لهون. تيستائين انهيءَ جو صحيح نالو "امر سنڌ دڙو" هئڻ گهرجي. اهو سنڌ ۾ سڀ کان مقدس هنڌ آهي. اها ئي سموري انسان ذات جي تيرٿ ياترا يا زيارت جي جاءِ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

سڪندر جو واٽرلو- سنڌ

ويدن ۾ وير- رس ڪاوين (جنگنامن) کان پوءِ وڏيڪ، سنڌ جي شڪل سڪندر (Alexander) جي تاريخي هنڌن ۾ تمام چٽي نظر اچي ٿي.

برطانوي تاريخدان سڪندر کي 'دنيا جو فاتح' ٿا ڪوٺين، جيڪو "جنهن هنڌ به پهتو، ڏنائين ۾ فتح ڪيائين". هندستان جي درسي ڪتابن ۾ ڪيس اڄ تائين اهو مشهور ڪيو ويو آهي ته هو هندستان جي راجا پورس (پورؤ) کي لڙائيءَ ۾ هارائي سوپارو ٿيو هو. پر سڪندر جي پنهنجن يوناني تاريخدانن جا دستاويز ٻي ڳالهه ٿا ٻڌائين. ٻي مهاڀاري لڙائي جي مشهور روسي فوجي ڪمانڊر مارشل زهوڪوف (Marshall Zhukov)، انڊين ملٽري اڪيڊمي ديرادون ۾ ڪجهه ورهيه اڳ چيو هو ته هندستان سڪندر کي شڪست ڏني هئي.

پنجاب ۾ پورس سڪندرسان ڪافي خراب هلت ڪئي. حقيقت ۾ پورس ڪيس تڏهن ئي مات ڏني هئي، جڏهن چيو هئائين ته "اسان هڪ ٻئي سان ڪهڙي ڪارڻ جنگ جوٽيون، جڏهن تنهنجي هتي اچڻ جو مقصد اسان جي پاڻي يا اسان جي کاڌي کسڻ جو ناهي؟ ڇا هي اهي شيون آهن، جن تي ڏاها ماڻهو ضروري طور تي وڙهندا آهن؟ جيتريقدر ٻين دولتن ۽ ملڪيتن جو تعلق آهي، جيڪي دنيا جي نظرن ۾ اهميت واريون آهن، جيڪڏهن مان انهن سان توکان وڌيڪ نوازيل آهيان ته مان انهن ۾ توسان حصي داري ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر جيڪڏهن قدرت مون کان وڌيڪ توتي مهربان آهي، ته مون کي تنهنجي اطاعت ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ ناهي."

پورس جي انهيءَ سوال جو جواب سڪندر وٽ نه هو. اٽلندو ڏمڪائيندي ايمان وچان چيائين، "مان وڙهندس ۽ توسان جنگ ڪندس، پوءِ ڀلي ڪٿي تون ڪيترو به مروت وارو ڇو نه هجين. مون مان تون چڱائيءَ جي اميد نه رک". پر پورس کي سڪندر مان چڱائي حاصل ٿي. جنگ نتيجه خيز ثابت ٿي. يوناني هندستانين جي سورهيائيءَ کان ايڏو ڏڄي ويا جو سڪندر جي خواهش ۽ ارمان ڀريل دانهن جي باوجود، انهن اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو. عظيم يوناني تاريخدان "پلوتارچ" (Plutarch) لکي ٿو: "پورس سان انهيءَ آخري مقابلي ۾ مقدونين جي همٿ جو پلڙو ڪانئڻ ڇڏائجي ويو ۽ هندستان ۾ ڪين اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو.... سڪندر نه رڳو پورس کي پنهنجي فتح ڪيل بادشاهي جي، پنهنجي پاران حڪومت سنڀالڻ جي آڇ ڪئي، پر مختلف خودمختيار قبيلن جي واڌو زمين به حوالي ڪئي، جن کي هن آڻ مڃائي هئي. لڙائيءَ کان پوءِ، پورس سڪندر کان مليل زمين سان اڳي کان ٻيڻو طاقتور ٿي اُڀريو ۽ سندس سون جي خزاني ۾ اضافو ٿيو. اها هئي پورس تي سڪندر جي "سوڀ"! پر سنڌ ۾ مٿس جيڪا مصيبت نازل ٿيڻي هئي، اُها ان کان وڌيڪ خراب هئي.

سڪندر ايران، افغانستان ۽ اُتر اولهه هندستان سان لڙاين ۾ ايترا نه دشمن پيدا ڪيا هئا، جو پنهنجي وطن ڏانهن ساڳئي رستي تان ورڻ جو ساهس ئي نه ڪيائين. هن تنهن ڪري سنڌ جي رستي سفر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر ملتان ۾ مالا لوڪن هن لاءِ مصيبت پيدا ڪري ڇڏي.

جڏهن سڪندر جي لشڪر نئين جنگي نعري "الا لا لا لائي!" سان سنڌ فتح ڪئي ته سنڌي ظاهري طرح ڏجي ويا. ميوزيڪنس (Musicanus)، سنديمن (Sindemana) ۽ پٽالا (Patala)، جن کي گزيٽيئر آف سنڌ (Gazetteer of Sind 1968) جي مصنف ڊاڪٽر ايچ- ٽي- سورلي، آءِ- سي- ايس الور، سيوهڻ ۽ حيدرآباد ڪوٺي ٿو. جا حاڪم ڀڄي ويا. ("پٽالا" يوناني ٻوليءَ جي "پتن" (Patan) لفظ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي دريا جو ڪپ يا سمنڊ جو ڪنارو.) پر ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ، انهن پنهنجي حواسن تي قابو پاتو ۽ سڪندر کي ڏاڍي سبڪ ڏني. سنڌ جو اڳوڻو ڪمشنر ۽ Sindh Before Muslim Couquest جو مصنف ايچ- ٽي- لئمبرڪ (H. T. Lambrik) نشاندهي ڪري ٿو ته "سنڌ ۾ هڪ ڳجهي قوت هئي، جنهن ڌارين سان مقابلو ڪرڻ جو حوصلو پيدا ڪيو. اهو اصل ۾ برهمڻ جو اثر هو." سنڌ ۾ ڏهلا جا آباد ڪيل ٽيهه هزار برهمڻ بيڪار نه ٿيا!

سڪندر وطن ڏانهن موٽندي، پنهنجي دوستن سان اها ڳالهه تسليم ڪئي ته "هنن هر هنڌ مون تي حملو ڪيو. هنن منهنجو ڪلهو زخمي ڪيو. ٽنگ ڏکي وڌي، ڇاتيءَ ۾ تير هنيو ۽ ڪنڌ تي زوردار ڌڪ هنيو." هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن يوناني لشڪر ڳاهه ۾ اها ڳالهه پکڙجي ويئي تہ سڪندر مري ويو. ڪيس ٽيڪ ڏيئي ائين وهاريو هئائون، ڄڻ جيئرو هجي.

برهمڻ سنڌي راجا سباس کي اُٺڻ ۽ جنگ جوٽڻ لاءِ همٿ ڀڙرائي تيار ڪيو هو. سڪندر انهيءَ لاءِ ڪين ڪڏهن نہ بخشيو. مقامي ماڻهن ۾ ڌهڪاءُ وجهڻ لاءِ، هن سنڌن سموري جٿي کي قتل ڪري ڇڏيو. پر برهمڻن جي علم، لياقت ۽ جذبي کان ايترو تہ متاثر هو، جو هو ڏهن برهمڻ کي حراست ۾ وٺي، پاڻ سان گڏ وٺي ويو. سڪندر جي سوالن ۽ سنڌن جوابن جا جيڪي تفصيل پلوتارچ (Plutarch) لکيا آهن، اهي پڙهڻ وٽان آهن. هن لکيو آهي:

"پهرئين برهمڻ کان پڇيائين تہ "سيني ماڻهن ۾ گهڻا ماڻهو مئل آهن يا زنده؟." تہ هن وراڻيو، "زنده، ڇاڪاڻ تہ جيڪي مري ويا آهن، سي آهن ئي ڪونہ." ٻئي کان پڇيائين تہ "سڀ کان وڏا جانور ڌرتيءَ تي آهن يا سمنڊ ۾." تہ هن ورندي ڏني، "ڌرتيءَ تي، ڇو جو سمنڊ تہ ڌرتيءَ جو حصو آهي." هن ٽئين برهمڻ کان پڇيو، "سيني کان چالاڪ جانور ڪهڙو آهي؟" تنهن تي هن وراڻيو، "اهو اجا انسان ڳولي لڌو ناهي." هن چوٿين برهمڻ کان پڇيو تہ "ٻڌاءِ، تو سباس کي ڪهڙو دليل ڏنو هو، جو هو وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو؟" هن ٻڌايو، "انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ، تہ هو يا تہ شان سان مري يا شان سان جيئي." پنجين برهمڻ کان هن پڇيو تہ "ڇمار ڪنهن جي وڏي آهي- رات جي يا ڏينهن جي؟" عالم وراڻيو. "ڏينهن ڇمار ۾ وڏو ٿيندو آهي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن جو ئي سهي." انهيءَ جواب مان سڪندر کي پوري طرح مطمئن ٿيندو نہ ڏسي، هن اڳتي چيو، "توکي پنهنجي عجيب سوالن جا عجيب جواب ملن ٿا تہ ان ۾ توکي عجب ڪائڻ نہ گهرجي." هن ٻئي کان پڇيو، "پاڻ وٽائڻ لاءِ ماڻهوءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟" "پنهنجي پاڻ کي گهڻي دٻ ۾ مبتلا ڪرڻ کان سواءِ، ڪيس بيحد طاقتور هئڻ گهرجي." ستين برهمڻ کان اهو پڇڻ تي تہ "ماڻهو ديوتا ڪيئن ٿو بڻجي"؟ هن جواب ڏنو هو، "ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکارڻ سان." اٺين برهمڻ کيس چيو تہ "زندگي، موت کان وڌيڪ طاقتور آهي، ڇو جو اهو گهڻين مصيبتن کي سهارو ڏئي ٿي." ۽ آخري عالم کان جڏهن پڇيائين تہ "تنهنجي خيال پٽاندر هڪ ماڻهو کي ڪيترو وقت جيئڻ مناسب آهي؟ تہ

جواب مليس: ”جڏهن موت زندگيءَ لاءِ وڏيڪ ضروري هجي.“

موت ۾ انهن عالمن سڪندر کان پنهنجا سوال پڇيا. دندامس (ڏندامڻي؟) سڪندر کان پڇيو ته ”تو ايڏو ڏورانهن هنڌن تي اچڻ لاءِ ايڏو ڏکيو سفر ڇو ڪيو؟“ ڪلانوس (ڪلياڻ) سڪندر سان ڳالهائڻ کان ايسيتائين انڪار ڪري ڇڏيو، جيسيتائين هن پنهنجو پاڻ کي اگهاڙو نه ڪيو ۽ پوءِ ڪيس نهنائيءَ ۾ ڏيان سان ٻڌائين. ڪلياڻ پوءِ سڪندر کي چيو ته ”تنهنجو ائين ڏورانهن هنڌن تي ڀٽڪڻ نه تنهنجي لاءِ مناسب آهي ۽ نه ئي تنهنجي ملڪ لاءِ.“ پلوتارچ لي ٿو: ”ڪلانوس فرش تي جانور جي گهنجيل سڪل کل اهو ڏيکارڻ لاءِ وڇائي ته اها ائين سڌي نه ٿيندي. هو پوءِ اهو ڏيکارڻ لاءِ ته اها ڪيئن جلدي سڌي ٿيندي، پاڻ انهيءَ جي وچ تي ٿي بيٺو. انهيءَ مثيل جي معنيٰ اها هئي ته ڪيس پنهنجي شهنشاهيت جي وچ يعني گادي واري هنڌ تي گهڻو وقت گهارڻ گهرجي ۽ نه ڪي ان جي سرحدن تي.“

پر سڪندر لاءِ سنڌ ۾ زندگي عالمن سان انهن مناظرن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ هئي، جو ڏکيا ڏينهن ته اڃا اچڻا هئا. جڏهن هن سگهاري سنڌوءَ کي ڏٺو ته سمجهائين ته نيل نديءَ جو منڍ ڳولي ڪڍيو اٿس! سنڌوءَ ۾ رڳو مانگر مڇن جي موجودگي، انهيءَ ڳالهه جي پڪ ڏياري هئي، جو اهي نيل ۾ پڻ موجود هئا. سندس لشڪر بيحد خوشيءَ وچان توتارا وڄائيندو سنڌوءَ ۾ ڪاهي پيو. جو ڪين پڪو آسرو هو ته هاڻي هو مصر پهچي ويندو. پر ستت ئي هنن پاڻ کي سمنڊ ۾ پاتو. اتي چوماسي ۽ سامونڊي ويرين، ٻنهي سندن متيون منجهائي ڇڏيون. اهي ويريون سندن وطن لاءِ اوپريون هيون، جيڪو چوڌاري سمنڊ سان گهيريل ۽ پونچ سمنڊ جي پرسان آهي. هن پنهنجو لشڪر ٻن حصن ۾ ورهايو. اڌ سڪندر جي مهنداريءَ ۾ سنڌ جي هيٺين حصي ۽ بلوچستان جي سامونڊي ڪناري تان ٿيندو، ايران ڏانهن اُسهيو ۽ ٻيو اڌ، جنهن جو اڳواڻ نيئرڪس (Nearchus) هو، سمنڊ رستي راهي ٿيو. جلد ئي ٻنهيءَ جو هڪ ٻئي سان رابطو ٽٽي ويو ۽ هر ڪنهن ائين سمجهيو ته ٻيو رستو وڃائي ختم ٿي ويو! خشڪيءَ جي رستي، پاڻي جي اٿاٿ گهٽڻ کي چريو ڪري ڇڏيو. جيئن ئي ڪين پاڻيءَ جو تلاءُ ٿي مليو ته منجهس ٽپي ٿي پيا ۽ ايترو ته پاڻي ٿي پيتائون جو آفرجي مرندا ويا! چاليهه هزار يونانين مان، جيڪي سنڌ مان خشڪيءَ رستي روانا ٿيا هئا، ايران پهچڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين رڳو پندرهن هزار وڃي بچيا. سڪندر جو جديد سوانح نگار روبن لين پولُ (Robin Lane Poole) لکي ٿو تہ "انهن سيني اهو تسليم ڪيو تہ سموري لشڪر جون ايشيا ۾ پيش آيل مصيبتون جيڪڏهن گڏ ڪجن، تہ بہ مڪران ۾ پيش آيل مصيبتن سان پيٽي نٿيون سگهجن. اعليٰ عملدار زنده هئا. ۽ سڪندر پڻ زنده هو- پر ڪين بيعزتو ٿيٽو پيو، جنهن ڪان سواءِ پيو چارو نہ هو. سڪندر اها پنهنجي ڀرين شڪست ڄاتي هئي."

ظاهر آهي تہ سڪندر جو هندستان جو چڪر اهڙوئي "ڪامياب" ٿيو هو، جهڙي نيپولين جي روس جي فتح. هن بهرحال انهيءَ خيال سان پنهنجو پاڻ کي ڏڍ ڏنو تہ اسيريا (Assyria) جي راڻي سيميرامس (Semiramis)، جنهن سنڌ فتح ڪئي هئي، رڳو ويهن ساٿين سان واپس بچي ڀڳي هئي. ۽ ايران جو سائرس (Cyrus) رڳو ستن ساٿين سان بچي موٽيو هو.

پر سڪندرجي هندستان جي مهم مڪمل طور تي اسقل نہ ٿي هئي. هن هندستان جي هاٿيءَ کي اولهہ ۾ متعارف ڪرايو هو. هو وڏي تري وارين ٻيڙين کان ڏاڍو متاثر هو، جيڪي سنڌوءَ ۾ اوپارو توڙي لهوارو اناج ڪٽي وينديون هيون. هن، تن کي يونان ۾ متعارف ڪرايو. تڏهن يونانين وري گرم مصالحي کي اولهہ ۾ پنجوٽو وڌيڪ متعارف ڪرايو. ايران جي بادشاهي محلات سُوسا (Susa) جي ٿنڀن جي تعمير ۾ پنجاب جو شيشم (Sisoo) استعمال ٿيندو هو. انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ هو "خدائي حاڪم" (God King) لاءِ انب بہ ڪٺي وڃي ها، پر اهي گهٽا ڪاٺ سان سندس دست بينا ٿي نہ هئا. تنهن ڪري هن پنهنجي منزل انداز ٿيڻ دوران انب ڪاٺ تي بندش وجهي ڇڏي هئي.

انبن جو اهو ڪٿو- منو تجربو رڳو سڪندر تائين محدود نہ هو. جڏهن جي- ڊي- برلا (G. D. Birla) الفنسو انبن جو ٽوڪرو- روس جي اڳوٽي وزيراعظم خروشچوف لاءِ سوکڙي طور ڪٺي ويو تہ هن شڪريئي سان اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ روسي ماڻهن جي پيٽ کي اها عجيب شيءَ پاڻءِ نٿي پوي.

يونانين وٽ سنڌ جي باري ۾ ٻڌائڻ لاءِ دلچسپ ڳالهيون هيون. ائڊمرل نيئرڪس، جنهن يونانين جي سمنڊ رستي واپسي مهل اڳواڻي ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. نشاندهي ڪندي لکيو آهي تہ سنڌي ماڻهو ڊگها ۽ سنها آهن ۽ ٿلهي تري واري چمڙي جي جتي پائيندا آهن. سندن پاهريون ڏيکاءُ نڪي اڄ ڪلهہ جو آهي ۽ نہ وري اڌارو ورتل آهي.

سڪندر خود سنڌين کي سگهارو، سنجمي ۽ برادريءَ جي مانيءَ ۾ هر شريڪ پاتو هو. ظاهر آهي تہ "لنگر" جو سلسلو سکن جو شروع ڪيل ناهي. هن اها بہ نشاندهي ڪئي آهي تہ "سنڌي جنگ کي ڌڪارين ٿا ۽ دوا درمل جا چاهيندڙ" آهن- يعني سائنس، تندرستي ۽ ڊگهي ڄمار.

يونانين ۽ سنڌين، ٻنهي ۾ جيڪا ٻي ڳالهہ مشترڪ آهي. اُها هي سنڌي "پونڊو" يا "ٻجو". اهو عمل هٿ جي تري، آڱرين سميت کولي، ڪنهن جي منهن سامهون ڏيکاري، علامتي طرح لعنت يا ڦٽڪار وجهڻ جو مخصوص سنڌي اشارو آهي. جڏهن قبرص جي يوناني رهاڪن، برطانوين کي قبرص مان لوڏي ڪڍڻ چاهيو ٿي تہ انهن برطانوي جهنڊي "يونين جئڪ" سامهون ساڳي طرح هٿ جي مخصوص اشاري سان لعنت ملامت ڪري ساڙيو هو. ساڳيءَ طرح جڏهن پاڪستاني عوام جمهوريت لاءِ زوردار گهر ڪري رهيو هو، ۽ سيپٽمبر 1983ع ۾ ضياالحق سنڌ جو دورو ڪري رهيو هو تہ سندس آڏر پاءُ ساڳئي ملامتي اشاري سان ڪيو ويو هو.

پروفيسر ڊيميٽرائس لوڪاٽوس (Prof. Demetrios Louka-tos) جو چوڻ آهي تہ يونان جو اهو اشارو آڳاٽي وقت کان وٺي استعمال ۾ ايندو آهي ۽ اهو رومي (Romans) ۽ بالڪني (Balkanians) ۽ البانوي (Albanians) لوڪ ۾ بہ پکڙجي ويو. يونان ۾ "موجا" (Moudja) لفظ کي "بوجا" اچاريو ويندو آهي، جو يوناني زبان ۾ "م" جو اچار "ب" ۾ بدلجي ويندو آهي ۽ "بوجا" لفظ "ٻجا" يا "پونڊي" جي ويجهو آهي.

اهو موضوع ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز لاءِ بهتر آهي، جنهن ۾ اها ڳولها ڪجي تہ ڇا اهو سنڌ جي پاران سڪندر لاءِ سوکڙي هئي، يا ٻيو ڪجهہ هو؟ يا، ڇا اهو اسان جا "پاڻي" لوڪ، (جن کي Phoenicians ڪونجي ٿو)، هزارين ورهيہ اڳ يونان ڪٺي پهتا هئا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

ڏاهر جي حقيقت

اسلام جو پيغمبر سنڌ ۽ هند کان واقف هو. سندس زالن مان هڪ جو نالو هِند هو، جنهن لاءِ هو چوندو هو: "شال الله مٿس ۽ سندس ملڪ مٿان مهربان هجي، جنهن جي نالي پويان هوءَ سڏجي ٿي!" جڏهن کيس سُڌ پيئي تہ يمن تي ڌارين جو قبضو ٿي ويو آهي، تہ سندس اُمالڪ سوال اهو هو تہ سنڌين قبضو ڪيو آهي يا حبشين.

عربستان ۾ گهڻيئي هندستاني جت رهندا هئا. منجهانئن ڪنهن هڪڙي، پيغمبر جي زال بيبي عائشہ کي بيماريءَ مان ڇڏايو هو. جيڪا ڪيس سندس نوڪرياڻي جي جِن ڪيڙ جي ٽوڻن ڦيڻن وسيلي لڳل هئي.

جَت پنهنجي سينڌ مٿي جي وچ مان ڪيندا هئا، جنهن جو نمونو پيغمبر کي ايڏو وڻندو هو، جو پاڻ بہ ساڳيو نمونو اختيار ڪيو هئائين. عربستان ۾ سنڌي جَتن جي ٿلهي تري واري "جُتي" ڏاڍي مشهور ٿي. اسان مان گهڻا اها "جوتي" جي نالي سان سڃاڻن ٿا. سنڌيءَ ۾ اها اڃا تائين "جتي" سڏجي ٿي.

عرب تاجرن گهڻو اڳي ٻڌايو هو تہ هندستان ۾ "دريا موتي آهن، جبل ياقوت آهن، ۽ وڻ خوشبوءَ آهن."

حقيقت ۾ عرب ۽ سنڌي- ۽ ٻيا الهندي گهاٽ وارا هندستاني- هڪ ٻئي کي چڱي طرح سڃاڻيندا هئا. عربن جي عقيدي مطابق، آدم ۽ حوا هندستان "جنت نشان" هوندو هو. اُهي هندستان جي مورن ۽ هاٿين، ڪافور ۽ صندل تي عجب کائيندا هئا. اسلام کان اڳ، عربن جو مذهب گهڻو ٺٺو هندو ڌرم جهڙو هو. يعني فطرت سان هم آهنگ مذهب (Pantheistic) هو. سنہ 53 هجريءَ ۾، جڏهن عربن سسليءَ فتح ڪيو تہ اُتان جي مقامي سون جي مورتين کي قبضي ۾ ڪيائون، جيڪي پوءِ سنڌ جي راجا کي وڪرو ڪيائون.

جڏهن دنيا ۾ اسلام جو ظهور ٿيو، ۽ سيني ڏسن ۾ ڦهليو تہ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هندستان ۾ ڦهلجڻ اڻ ٿر هو. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته ان زماني ۾ هندستان بهتر صورت ۾ نه هو. هرشا ڪان پوءِ، اتر هندستان جي حالت آبتر هئي، ۽ سنڌ تي اُن زماني ۾ هڪ متضاد گهراڻي جي حڪومت هئي.

سنڌ جو راجا راءِ سهاسي، چتور جي راجا جو ڀاءُ هو. ڪيس ڪوبه اولاد ڪونه هو. سندس راڻي "سهندي" برهمڻ وزير چچ جي عشق ۾ گرفتار ٿي پيئي. جڏهن سهاسي مري ويو ته سهندي حڪومت جي سيني دعويدارن کي مارائي ڇڏيو ۽ پوءِ چچ سان شادي ڪري ڇڏيائين. انهيءَ ڳالهه رعيت کي ڏاڍو ڏکو رسايو.

پر چچ پاڻ کي هڪ ڪامياب حاڪم ثابت ڪيو. هن ملتان کي سنڌ سان ملايو ۽ سنڌ جي سرحد ڪشمير تائين مقرر ڪيائين. سنڌ جو ديال ۽ ڪشمير جو بهڻ اهڙيءَ طرح پوکايائين، جيئن پنهيءَ جون ٽاريون هڪ ٻئي سان وچڙي وڃن. ساڳيءَ طرح ايران جي سرحد جتي ڪرڻ لاءِ، هن ڪجيءَ جا وڻ پوکايا. اهي اڄ جي جديد سيمينٽ جي ٿنڀن کان پڪ سان وڌيڪ خوبصورت هئا.

چچ کي سهنديءَ مان ٻه پٽ ٿيا- ڏاهر ۽ ڏاهر سيهه. چچ کي ٻي زال مان هڪ ڌي "ٻائي" نالي پڻ هئي. ڏاهر، الور ۾ اتر سنڌ تي راڄ ٿي ڪيو ۽ ڏاهر سيهه نوابشاهه جي برهمن آباد ۾ سنڌ جي هيٺين علائقي تي حڪومت ٿي ڪئي. جڏهن ٻائي لائق ٿي ته جوتشي اڳڪٿي ڪئي ته هوءَ الور جي قلعي کان ڪڏهن به ٻاهر نه ويندي ۽ سندس مڙس سنڌ ۽ هند جو حڪمران ٿيندو. انهيءَ تي وزير، ٻڌيمان (ڏاهو)- پر هند حالت ۾ بلڪل ٻڌي هيڻ (بيوقوف) ثابت ٿيو- ڏاهر کي پنهنجي ويڳي ڀيڻ سان شادي ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ۽ حڪومت کي بچائڻ لاءِ نبزاري ڪيائين. انهيءَ صلاح وٺڻ ڪري هو ڪنهن به عام ماڻهو وانگر گلارو ٿيو. ڀيهر سوچڻ کان پوءِ، هن علامتي طور تي ٻائيءَ سان شادي ڪرڻ قبول ڪئي. هن ڪيس شاديءَ جي مُنڊي پيش ڪئي، تلوار سندس هنج ۾ رکيائين ۽ پنهنجي پوتي سندس مٿي تي ڍڪيائين. ڏاهر جي ائين ڪرڻ سان، يعني پنهنجي ويڳي ڀيڻ سان شاديءَ جي ڪري، توڙي جو اها علامتي هئي، "ڏاهري" لفظ جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ "چسو يا بيوقوف" مقرر ٿي.

پر ڏاهر جي حق ۾ چيو ويندو آهي ته ويوڳن ٻائرن ۽ ويڳين ڀينرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سؤنين وچ ۾ شاديون. اڳاڻين راجائي تاريخن ۾ اچاتل نہ هيون. مصر جا فرعون ۽ ايران جا اڳوڻا شهنشاهہ عام طرح پنهنجي ويڳين ڀينرن يا سؤتين سان انهيءَ بنياد تي شاديون ڪندا هئا تہ شاهي گهراڻي جي شهزادي جي ڪنهن بہ ٻي عورت سان شادي، هڪ سچي شهزادي لاءِ مناسب نہ هئي. ۽ ٻين شاهي خاندانن مان شاديءَ ڪرڻ ڪري سندن سالن جي وچ ۾ دشمنيون ٿي پونديون هيون. ۽ ٻائي تہ رڳو ڏاهر جي ويڳي ڀيڻ هئي.

پر ڏاهر جي ٻائي سان شاديءَ ماڻهن ۾ چوڙبول پيدا ڪيو ۽ سندن دلين ۾ ڌڪار پيدا ڪئي. عربن جي حملي وقت سنڌ جي صورتحال اها هئي. پر ساراهہ جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ جيئن ئي معلوم ٿيو تہ سنڌ وارن مردانہ وار مقابلو ڪيو.

ڪنهن عرب سردار جڏهن ڪنهن سنڌيءَ کان سنڌ جي باري ۾ پڇيو تہ هن وراڻيو: "پاڻي تمام ٿورو آهي. ميوو بيڪار آهي. چور ڪي چوريءَ جي سزا نٿي ملي. ٿورو لشڪر بلڪل مارجي ويندو. وڏو لشڪر بکون ڪاٽي مري ويندو." عرب سردار انهيءَ جواب ۾، عربي حملي ڪي ٻي همت ڪرڻ لاءِ هڪ سنڌيءَ جي حب الوطني جي ڪوشش چاتي. پر عربن رت جو ذائقو چکي ڏٺو هو ۽ اهي ايران کان موراڪو تائين ڦهلجي چڪا هئا. ڪين پنهنجي فيصلي تان هٽائڻ سولو نہ هو. جديد تحقيق جي بنياد تي، مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي تصنيف "انسانيت موت جي دروازي تي" (Humanity at Deaths Door) ۽ مولانا ندوي پنهنجي تصنيف "عرب و هند کي تعلقات" (Indo- Arab Relation) ۾ لکن ٿا 638ع کان 710ع تائين عربن سنڌ تي خشڪي توڙي بحري رستي پندرهن حملا ڪيا هئا. پر رڳو آخري ڀيري 711ع ۾ محمد بن قاسم پنهنجي حملي ۾ ڪامياب ٿيو.

"چچ نامہ". جيڪو سڀ کان مصدق ۽ گهڻو ڪري سنڌ جي احوال جو عربي فتوحات جي باري ۾ سهيوڳي تفصيل آهي، ۾ بيان ٿيل آهي تہ 638ع ۾ خليفي حضرت عمر، سنڌ تي بحري حملي لاءِ مغيره کي موڪليو. اهو هندستان جي رخ ۾ پسپا ٿي ويو. "چچ نامہ" ۾، ٻين اسي سالن دوران، ڇهن ٻين وڏن زميني ۽ بحري حملن جو ذڪر ملي ٿو. جن جا مهندار حڪم، عبدالله، راشد، منذر، سنان ۽ بذيل هئا مارجي ويا.

خليفو حضرت عثمان پنهنجي دور ۾ سنڌ ۾ عربن جي شڪست جي ڪري اينترو فڪر مند هو، جو هن سنڌ تي انهيءَ ڪري وڏيڪ حملو نه ڪيو ته ”اتان جو پاڻي ميرو آهي اتان جي زمين پٿريلي آهي ۽ اتان جا ميوا گهٽر/ کٽا آهن.“

اها ڏاڍي دلچسپ ڳالهه آهي ته ”مشڪ ۽ موتين“ جي سرزمين تڏهن ”ميري ۽ پٿريلي“ ٿي ويئي، جڏهن ڪيس سيڪت ڏيڻ جي ڪا واهه نه نڪتي. سنڌي انگور کٽا ٿي پيا!.

پر جنگ لاءِ خواهش ۽ مال غنيمت جي لالچ عربي روح کي چڪ پاتو ۽ خليفي حضرت عليءَ سنڌ تي پنهنجو لشڪر چاڙهي موڪليو. پر پوءِ حضرت عليءَ جي موت جو ٻڌي اهو دل شڪستو ٿي واپس موٽي آيو. ان کان پوءِ جي خليفي معاويه هڪ وڏو زميني لشڪر روانو ڪيو، جنهن وٽ ڪاڌو خوراڪ جو سامان اينترو ته پيل هو، جو ڪيس منزل تي باهه پارڻ جي به ضرورت نه پيئي. پر سنڌي لشڪر کين اهڙا ٽوٽا ڇاپيا جو سنڌن سپهه سالار عبدالله پنهنجي موت کان اڳ رحم جوڳي رڙ ڪري چيو، ”پيغمبر جي اصحابن جا اولادؤ، پنهنجا منهن سچي مذهب کان اصل نه ڦيرجو، ته جيئن اوهان جو ايمان ڪنهن شڪ کان آزاد رهي ۽ ايمان آزاديءَ جي عزت حاصل ڪري سگهو.“ پر عربن مڪران ۾، رڳو جنت جي آسري تي وڙهڻ ۽ مرڻ جي بدران پڄڻ ۽ زنده رهڻ کي ترجيع ڏني.

ٻئي وڏي حملي جو مهندار ”سنان ولد سلمه“ هو، جنهن جي ولادت جي موقعي تي پيغمبر پاڻ هلي ويو هو. هن موقعي تي سنان، پيغمبر کي پنهنجي فتح لاءِ خواب ۾ دعا ڪندي ڏٺو. پر ولادت توڙي ٻي دنيا مان ڪيل دعائن ڪو اثر نه ڏيکاريو، جڏهن ته ٻُڌيا جي مقام تي سنڌين ڪيس ماري ڇڏيو.

پوءِ 680ع ۾، گورنر زياد، منذر بن جارود بن بظاهر کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. پر هو جيئن ئي دربار ۾ پنهنجي هنڌ تان اُٿيو ٿي ته ڪاٺ جي ٽڪر ۾ سندس جبو ڦاسي ڦاٽي پيو. عراق جي گورنر عبدالله انهيءَ ڳالهه کي بد سؤڻ سمجهي رڙ ڪري چيو، ”منذر پنهنجي سفر تان موٽندو ۽ مري ويندو.“ ۽ ائين ئي ٿيو.

انهيءَ موقعي تي حجاج کي عراق جو گورنر مقرر ڪيو ويو، جيڪو

بدنام، ظالم ۽ بي رحم مشهور هو. هاڻي سنڌ فتح ڪرڻ سنڌي طرح سندن فرض هو. سندس ظلم کان تنگ ٿي، علافيءَ نالي هڪ عرب سردار پنهنجي پنج سؤ ماڻهن کي گڏ ڪري وٺي سنڌ ڀڄي ويو ۽ ڏاهر کيس پناهه ڏني. انهيءَ کان سواءِ حجاج جي اها پڻ دعوي هئي ته سنڌي قزاقن عرب ٻيڙن کي لٽيو آهي، جيڪي لنڪا کان اچي رهيا هئا. هن انهن ٻنهي واقعن کي سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ بهانو بنايو. خليفي وليد بن دليءَ سان منظوري ڏني. حجاج وڏي لشڪر سان بذيل کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو، پر ڏاهر جي پٽ جئسيه کيس شڪست ڏيئي قتل ڪري ڇڏيو. هاڻي حجاج ڌمڪي ڏني، "چين جي حدن تائين ڪنهن به ڪافر کي جيئرو نه ڇڏيو." هن پنهنجي نجومين جي اڳڪٿين جي بنياد تي پنهنجي ڀائيٽي ۽ ناٺي، محمد بن قاسم کي سپهه سالاريءَ هيٺ سنڌ تي چاڙهي موڪليو. اهڙي طرح نه رڳو جوتشين کي ڏاهر به مڃيو ٿي، پر حجاج جو پڻ منجهن اعتقاد هو.

خليفي وليد کي سنڌ جي رتوڇاڻ ۾ ايتري دلچسپي نه هئي. هن حجاج کي لکيو: "ماڻهو (انهيءَ ملڪ جا) چالاڪ آهن ۽ خود ملڪ به ڏورانهون آهي. اسان کي لشڪر ۽ جنگ لاءِ هٿيارن ۽ اوزارن لاءِ ناڻي جي صورت ۾ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. اهو معاملو اسان لاءِ وڏي مصيبت جو باعث آهي، ۽ تنهن ڪري اسان کي انهيءَ ڳالهه تان هٿ ڪڍڻ گهرجي جو هر ڀيري لشڪر (جنگ لاءِ) وڃي ٿو ۽ مسلمانن جو وڏو تعداد مارجي وڃي ٿو. تنهن ڪري انهيءَ مهم تي نه سوچ." پر حجاج "اسلام جي فتح" لاءِ دعا گهري ۽ سموري عراق جي دولت خرچ ڪرڻ" جو قسم کاڌائين.

711ع ۾ نجومين جي مقرر ڪيل هڪ ڀلاري ڏينهن تي محمد بن قاسم، عراقي، شامي ۽ ٻين عربي سپاهين جي سپهه سالار جي حيثيت سان سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. سندن گهوڙن ۽ اٺن کي اهڙيون جهلون ڀارايون ويون هيون، جيئن اهي شينهن ۽ هاٿين وانگر ڏسڻ ۾ اچن.

جڏهن عربي لشڪر ديبل ("ديول" يا "ديوليه" ديوتا جو مسڪن، مندر) جو گهيرو ڪيو ته لڙائي ڏهن ڏينهن تائين جاري رهي، جيتوڻيڪ اهو الور، سيوهڻ، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) يا برهمڻ آباد وانگر وڏو شهر نه هو. پناهه گاهه ڏنل مندر تڏهن فتح ٿي سگهيو. جڏهن هڪ هراسيل برهمڻ ٻاهر نڪري اچي عربن کي ٻڌايو ته جيسيتائين هو مندر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوٽيءَ تي لهرائيندڙ ڳاڙهي جهنڊي کي هيٺ نہ ڪيرائيندا. تيسيتائين قلعي جا رهواسي مقابلو ڪندڙ پيش نہ پوندا. جڏهن ائين ڪيو ويو تہ ديبل جو رکوالو جاهن پوڙي اچي پيش پيو. ان کان پوءِ قتلام ٿيو ۽ اهڙي طرح مقابلو ختم ٿيو.

جڏهن عربن وٽ کاڌو توڙي چارو کٽڻ لڳو تہ نيروڻ ڪوٽ جي رکوالي پنڊرڪن سميٺہ شهر سندس حوالي ڪيو. سميٺہ يا شمني، جيڪو ٻڌ ڌرم جو مڃيندڙ هو ۽ برهمڻ جي برابر هو. پوڙي هٺ جي حيثيت سان چيائين تہ هو امن پسند آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ سندس ڪا دلچسپي نہ آهي تہ ملڪ تي ڪير ٿو حڪومت ڪري. انهن سيوهن جي گورنر ٻجيراءِ کي هڪ هفتي کان وڌيڪ شهر جي بچاءَ کي جاري رکڻ نہ ڏنو. جڏهن عربن کي اها ڄاڻ نہ ملي تہ سنڌو دريا ڪيئن پار ڪجي تہ قلعي جي رکوالي موکہ ولد ٻيسايهہ (موکو پٽ وسايو) تخت ۽ ملڪ جي لالچ ۾ ٻيڙيون ۽ کاڌو خوراڪ کين مهيا ڪيو. هاٿي جوتشين اڳڪٿي ڪرڻ شروع ڪئي تہ "عربن جي فتح اٽل آهي." پر ڏاهر کي اجا بہ پنهنجي سوڀ جي پڪ هئي. عرب علائقيءَ جي صلاح جي ابتڙ، هن عربن کي لڙائي ڪرڻ لاءِ دريا پار ڪرڻ جو وجهہ ڏنو تہ "متان اهي ائين سمجهن تہ اسان جون متيون منجهي ويون آهن ۽ اسين ڪمزور ۽ بي همٿ ٿي ويا آهيون."

جيئن ئي سنڌين ۽ عربن جي وچ ۾ جنگ ڇڙي تہ علائقيءَ جو هڪ ساٿي عبيد عربن وٽ هليو ويو ۽ کين ڏاهر جي منصوبي جي مخبري ڪيائين. انهيءَ جي باوجود، سنڌي لشڪر ايڏي جوانمردنديءَ سان وڙهيو، جو "چچ نامہ" ۾ لکيل آهي تہ آخري يارهين ڏينهن تي "اسلامي لشڪر بتال ٿي ويو ۽ انهيءَ حالت ۾ سندن صفون ڇڙوڇڙ ٿي ويون."

ان وقت محمد بن قاسم "ايڏو مُنجهي پيو جو پاڻيءَ جي گهُر ڪيائين." انهيءَ موقعي تي، ديش دروهي موکہ پنهنجي ماڻهنِ سان اُتي پهچي ويو ۽ عربن جي لشڪر سان ملي ويو. ساڳئي وقت اها دانهن پئجي ويئي تہ سنڌي لشڪر ۾ راجڪمارين جو گهيرو ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڳالهہ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو. عربن ڏاهر کي "نسي من، نسي من" (معنيٰ "مانَ هتي آهيان، مان هتي آهيان") رڙ ڪندي ٻڌو، جيئن هو پنهنجي ماڻهن کي ٻڌائي ۽ اهي دل نہ هارين. پر پوءِ هڪ تير ڏاهر جي (هاٿيءَ جي) هودي

۾ وچي لڳو، جنهن ان کي باهه ۾ وڪوڙي ڇڏيو. جلد ئي ٻيو تير سندس دل ۾ کُپي ويو، ۽ پوءِ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. اها 16 جون 712ع جي خميس جي شام هئي. چوهتر سالن (636ع-712ع) جي دوران، نون خليفن جي دورن ۾ ، انهيءَ پندرهين ڪاهه کان پوءِ عربن سنڌ فتح ڪئي هئي. اهو هندستان جي تاريخ ۾ سڀ کان دکدائڪ ڏينهن هو.

ڏاهر جي زال راڻي لاڏيءَ کي قبضي ۾ ڪيو ويو. لاڏي، عربن جي لشڪر ۾ فاتحن ۽مقامي ماڻهن جي وچ ۾ ائين ڏيکاري ڏنو ڄڻ ته هوءَ صدمو برداشت ڪري ويئي آهي..ڏاهر جي زال "بائي" ، عربن جي هٿ اچڻ کان بچڻ خاطر ستي ٿي ويئي، مقابلو پوءِ به جاري رهيو.

پر ديبل ۾ پهرئين شخص جي اسلام قبول ڪرڻ سان ئي هندستان ۾ مسلم مسئلو پيدا ڪيو ويو هو. انهيءَ شخص جو نالو "مولانا اسلامي" رکيو ويو ۽ ڪيس شامي سردار سان گڏ ڏاهر کي نياپو پهچائڻ لاءِ موڪليو ويو. "چچ نامه" ۾ چاٿايل آهي ته جڏهن اهي ٻئي ڏاهر جي درٻار ۾ پهتا ته شامي سردار جهڪي سلام ڪيو، پر نؤ مسلم جهڪڻ يا سلام ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڏاهر ڪيس سڄاتو ۽ ڪانئس درباري آداب بجا نه آڻڻ جو ڪارڻ پڇيائين. جنهن تي انهيءَ نؤ مسلم وراڻيو ته مذهب مٽائڻ سان هاڻي هن جي وفاداري "اسلام جي بادشاهه" سان آهي. مذهب مٽائڻ سان ڄڻ قوميت بدلجي ويئي ۽ پاڪستاني مزاج وجود ورتو هو.

جڏهن ڏاهر جو ڪپيل ڪنڌ حجاج کي پيش ڪيو ويو ته هڪڙي درباري شاعر چيو: "اسان گهڻين مصيبتن کان پوءِ سنڌ تي سوڀ پاتي..محمد بن قاسم جي ماهرانه حڪمت عملي ڏاهر کي نيٺ ڦاسائي وڌو. خوشيون ملهايو جو گناهگارن جي درگت ٿي آهي. سندن دولت آندي ويئي... هو هاڻي آنن وانگر قِسي پيا آهن ۽ سندن خوبصورت ۽ مُشڪ جهڙيون عورتون اسان جي حَرمن ۾ ستيون پيون آهن."

اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو؟

بنيادي نقطو اهو آهي ته انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪوبه ملڪ هميشه دنيا جي بلنديءَ تي قائم نٿو رهي. ماڻهن جون قسمتون ڦرنديون رهن ٿيون ۽ ان زماني ۾ سنڌ پنهنجي صحيح حيثيت ۾ نه هئي. چين جي عظيم سياح هيون تسيانگ پورا ستر ورهيه اڳ سنه 146ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو

۽ چگيون ڳالهيون نہ ڏنيون هئائين، هن لکيو آهي:

"سوين سنگهہ - (آرام گهر) آهن، جن ۾ ڏهہ هزار پوڄاري رهيل آهن... ٽيهارو کن ديو- مندر آهن، جن ۾ مختلف عقيدو رکندڙ ماڻهو گڏ ٿيندا آهن. انهن جو راجا سودر (شو- تو- لو) ذات مان آهي. هو فطرتاً ايماندار ۽ سچو آهي. هو ٻڌ جي قانون جو احترام رکندڙ آهي. سنڌو دريا جي ڪناري سان ميداني گهميل هيٺاهين زمين تي هزارين گهر آباد آهن. اهي بي حس ۽ هوڏي طبعيت وارا ماڻهو آهن. اهي رڳو مال چارڻ جو ڪم ڪن... عورتون ۽ مرد، ٻئي پنهنجا وار ننڍا رکائين."

جيتوڻيڪ ان وقت جو حڪمران چچ نالي برهمڻ هو، پر هيون تسيانگ کيس سودر (شو- ٿو- لو) انهيءَ ڪري ڪوٺي ٿو، جو هن باقائدگيءَ سان تخت هٿ نہ ڪيو هو، يا هن هندستاني مَک- ڏار کان الڳ، مشڪل سرحدي سرزمين تي حڪومت ڪئي ٿي. ڪي محقق "شو- ٿو- لو" کي "سودر" بلڪل نٿا سمجهن، پر چون ٿا تہ انهيءَ جو مطلب "شروتريہ" برهمڻ آهي. راجا برهمڻ ذات جو هو، پر ٻوڌي اڃا گهڻا هئا، جو اُهي سماجي ميل کي خراب ڪندا هئا. سماجي ڇڪتاڻ جي ڪري ماڻهن جو مزاج هوڏي ۽ رتوڇاڻ ڏانهن مائل هو. گهڻا ٻوڌي تاجر هئا ۽ مقابلو ڪرڻ جي بدران امن سان رهڻ پسند ڪندا هئا.

انهيءَ عام پستيءَ کان الڳ، ڪي خاص سبب ٻڻ هئا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ راجائي گهراڻي جي باري ۾ ڪيتريون ئي متضاد ڳالهيون هيون. ٻي ڳالهہ اها هئي تہ ڏاهر پنهنجي مقاني لشڪر ۾ بزدلي ۽ غداري کي روڪي ۽ سيکت ڏيئي نہ سگهيو هو. انهيءَ کان سواءِ ٻوڌين جي شڪي حالت هئي، جن سهوليت سان بزدليءَ کي امن پسنديءَ جي لبادي سان ڍڪي ڇڏيو هو، پر سڀ کان وڏو سبب اسلام جي زوردار ۽ سگهاري فطرت هئي، جنهن هڪ الله ۽ هڪ پيغمبر کي رڳو لٽ مار ۽ قتل غارت ڪرڻ جي ارپنا سان ڳنڍي ڇڏيو هو. انهيءَ ۾ ڪا عجب جي ڳالهہ ناهي تہ عربن، جن ايران کي 641ع ۾ سنڌين جي مدد جي باوجود فتح ڪري ورتو هو. ۽ ڏورانهين ملڪ اسپين ۾ 711ع ۾ داخل ٿي ويا هئا، 712ع ۾ سنڌ جي تڏا ويڙهہ ڪرائي ڇڏي.

اتر هندستان جي قنوج جي حڪومت، سنڌ جي مدد ڪري سگهي ٿي. چيني فرينڪن اسپين جي مدد ڪئي هئي. پر 647ع ۾ هرشا جي موت

ڪان پوءِ. ڪيس ٻين جي مدد نہ نهيو پر پنهنجي مدد ڪرڻ جي پڻ همت نہ هئي. سنڌ مقابلو ڪيو ۽ اڪيلي شڪست کاڌي.

پاڪستان ۾ ڏهن جلدن ۾ شايع ٿيل، سنڌ جي سرڪاري تاريخ پڙهڻ، دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندي. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ مطابق عربن جا پيش ڪيل حملي جا سبب ڪوڙا آهن. سنڌي قزاقن جي عربن جي جهازن کي لٽڻ جي ڳالهہ کي هو "جڙتو" تو سمجهي. هو وڌيڪ چوي ٿو: "عربن جي فتح کان پوءِ، عرب قيدين کي ديبل مان هٿ ڪيو ويو- اها ڳالهہ پڻ ڪوڙي آهي، جنهن جي تاريخي شاهدي نٿي ملي، ۽ سهيوڳي ذريعن ۾ حاڻايل حقيقن جي ابتڙ آهي." هو انهيءَ جا بہ حقيقي سبب لٽ مار ۽ ويڙهاڪ عربن کي ٻئي ڪنهن هنڌ مصروف رکڻ جي ضرورت سمجهي ٿو. مالي ڪوٽ جي پورائي ۽ پنهنجو خزانو ڀرڻ لاءِ حجاج نون منصوبن تي پنهنجو عمل ڪيو. انهن حملن جو خاص مقصد سياسي سببن جي ترغيب ٿي سگهي ٿو. عرب پاڻ ۾ وڙهندا رهن، ان جي بدران سندس نيت عربن جي قوتن کي نين مشغولين ڏانهن موڙڻ جي هئي. ڊاڪٽر پٺاڻ کي انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهو چٽو پٽو زيادتي ۽ ارهہ زوراوريءَ جومعاملو هو. "سنڌ جي فتح، حجاج جي اڳوات سوچيل سمجهيل رٿا ۾ شامل هئي، جنهن لاءِ ڪي معمولي بهانا گهربل هئا." حقيقت ۾ حجاج پنهنجي ماڻهن کي چين جي سرحدن تائين وڌڻ جو حڪم ڏنو هو.

ڊاڪٽر پٺاڻ ٻوڌي شمنين کي ڏوهي ٿو ٺهرائي، جن ڏاهر سان ويساهہ گهاتي هئي. هو چوي ٿو تہ جڏهن ڏاهر جي راڄ ۾ ڪن طبقن سان غير برابري وارو سلوڪ ڪيو ويندو هو تہ عربن جي حڪومت ۾ سندن ڀاڳ وڌيڪ ڦِٽو. هاڻي عربن کين حڪم ڏنو تہ اهي پنهنجو مٿو نہ ڍڪين ۽ عربن جي موجودگيءَ ۾ پيرين اگهاڙو هلن. ٻوڌين کي پڻ حڪم ڏنو ويو تہ اهي ڪنهن بہ عرب سپاهي، تاجر يا جانباز جي خاطرتوازہ گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن لاءِ ڪن. "گهڻين حالتن ۾ تہ عرب مهمان پنهنجي ميزبانن جي زالن ۽ ڌيئرن کي ڀڄائي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. عربن سنڌ ۾ ٻارڻ ٻاري ڇڏيو هو. ايتري قدر جو پنهنجي ڪل بچائڻ خاطر جن اسلام قبوليو. تن کي "موالي" ڪوٺيو ويو ۽ هندن وانگر ڪائڻ جزيو وصول ڪيو ويو. ۽ اهڙي ريت ڪيترائي ماڻهو پنهنجي اصلوڪي مذهب ۾ موٽي آيا. زوري ٿيل

مسلمانن کي شڌي ڪرڻ (واپس موٽائڻ) جو موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ. ڪجهه پاڪ ڪرڻ جون رسمون ادا ڪري "ديول سمرتي" اُچاريو ويو. ايتري قدر جو اڄ سنڌي مسلمان لاءِ ان ڳالهه ۾ ڪو عجب نه رهيو آهي ته ڏاهر هيرو آهي ۽ محمد بن قاسم ڌاڙيل.

عربن جي فتح جي پَنَ سالن اندر، عربن جو اثر ديبل ۽ آسپاس جي ساموندي پٽي تائين محدود رهجي ويو. ڏاهر جو پٽ جيسيه پاڻ بچائڻ خاطر مسلمان ٿيو. رڳو عزت سان جيئڻ خاطر ٻيهر هندو ٿيو. انهيءَ تي عربن هڪ وڏو لشڪر پنجويهه ورهين کان پوءِ سالم جي سپهه سالاري هيٺ چاڙهي موڪليو. جئسينه، جنهن جي مدد سندس ماءُ لاڏي، ۽ چتور جو سگهارو ٻاپا راول (739-753) ڪري رهيا هئا ۽ جنهن کي هِرتَ سوامي جي آشيرواد حاصل هئي، عربن کي شڪست ڏني. هن امن جو عهدنامو تڏهن صحيح ڪيو، جڏهن سالم هٿيار ڦٽا ڪيا. پنهنجي ڌي ٻاپا راول کي شادي ڪرائي ڏنائين ۽ عربن کان اهو وچن ورتائين ته اهي هندستان تي وري ڪڏهن به نه ڪاهيندا. اهو ظاهر آهي ته پوءِ وارين صدين دوران عربن ڪڏهن به هندستان تي نه ڪاهيو.

پر سورمن کان وڌيڪ، عربن جي سنڌ جي فتح واري عرصي ۾ سورمين جو وڏو حصو آهي. اهي سورميون ڏاهر جون ڌيئريون سوريه ديوي ۽ پرمل ديوي هيون. محمد بن قاسم کين خليفي وليد جي حرم لاءِ موڪليو. "چچ نامه" ۾ چاتايل آهي ته خليفو سندن سونهن ۽ دل فريب ادائن تي موهت ٿي پيو. پر ٻنهي راجڪمارين خليفي کي چيو ته قاسم سندن اڳيئي عصمت دري ڪري چڪو آهي. اهو ٻڌي خليفو تپي باهه ٿي ويو ۽ حڪم ڏنائين ته محمد بن قاسم کي قتل ڪيو وڃي ۽ سندس لاش ڍڳي جي کل ۾ سبرائي آندو وڃي. جڏهن حڪم جي بجاوري ٿي ته راجڪمارين سچي ڪئي ته هنن اها ڪهاڻي رڳو سنڌ ۽ هند جي راجا جي تباهي ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي راڄائي جي خاتمي جو بدلو وٺڻ لاءِ گهڙي هئي. غصي ۾ آيل خليفي کين ايذاءُ ڏيئي مارڻ ۽ سندن لاشن کي تگرس دريا ۾ اڇلائڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي شڪست جو ڪجهه قدر بدلو ورتو ويو.

عربن سنڌ ۾ سڀ کان اول ديبل مندر کي قيدخاني ۾ تبديل ڪيو. جلد ئي سموري سنڌ عربن جو قيد خانو ٿي پيو. سنڌ جي لٽ مار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربن جي ايراضين ۾ اضافو آندو. ويهه هزار سنڌي غلام طور وڪرو ڪيا ويا. جيڪي گهڻو ڪري بورچي ۽ خزانچي هئا. اتي هنن خاص ڪري سنڌي چانورن جي پت پکت (سنسڪرت). پات (هندي) کي مقبول عام ڪيو. ٻين وري يڪتاري ۽ ڪنجهين جي مدد سان پنهنجي سُريلي ڳائڻ سان عربن جون دليون موهي ڇڏيون. ٻيا گهڻا سنڌي عربن جي ڪاروبار ۾ اعتبار جوڳا ليکاري ٿيا. سنڌي ليکاري ڪاروبار جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هو. گهڻا سنڌي وئد (مقامي "ويج" يا حڪيم) اولهه ايشيا ۾ ڏاڍو مشهور ٿيا. منجهانئن هڪ ماڻڪ نالي وئد، خليفي هارون الرشيد کي نؤبنو ڪيو. جڏهن ته مقامي توڙي يوناني حڪيم آسرو لاهي ويٺا هئا. ٻئي موقعي تي ماڻڪ، خليفي جي پياري سوٽ ابراهيم کي سرجيت ڪيو. جنهن کي حڪيمن مئل پڌرو ڪيو هو. گهڻا مقامي فن ۽ سائنسون سنڌ مان عربي سر زمين تي پهچڻ لڳيون. هتان جو تارن جو علم. حڪمت ۽ حساب عربن جي هتان يورپ پهتو. هن وقت تائين 3،2،1 عربيءَ ۾ "هندسن" جي طور تي ڄاتا وڃن ٿا. "پنجتنتر" جون ڏاهپ ڀريون آکاڻيون عربيءَ جي "ڪليله و دمنه" جي عنوان سان ترجمو ڪيون ويون.

ايتري قدر جو عربي رسم الخط عربن جي سنڌ جي فتح کان ڪئين صديون اڳ هندستان کان آئي هئي. ماهرن مطابق ٻاويهن حرفن مان سورنهن حرف اشوڪ جي دور جي برهمي لپيءَ مان سڌيءَ طرح ورتل آهن. اهي بلڪل مختلف انهيءَ ڪري نظر ٿا اچن، جو اهي "خروشتي، (گڏهه جي چپن وانگر) نموني ۾ ساڄي کاٻي لکجڻ ۾ آيا. ڊاڪٽر پناڻ لکي ٿو: "ايتري قدر جو عربي رسم الخط جيڪا نباتائين کان اڌاري ورتل سمجهي وڃي ٿي، گهڻي ڀاڱي هندو ناگري لپيءَ کان اثر ورتل آهي."

هندو اثر هيٺ، عظيم شامي شاعر عبدالعل معري هندو ڌرم جي زير اثر گوشت جي بدران نبادات (ڀاڄيون) واپرائيندو هو. حلاج سنڌ ۾ آيو ته دانهن ڪيائين "اناالحق، ("اهم بر هم اسمي": مان سچ آهيان) ۽ ڦاسي تي ٽنگيو ويو. ايتري قدر جو هڪ عرب- سنڌي عشق جو داستان وجود ۾ آيو. لوئائي، محمد جي پونيرن مان هو. ڪيس ۽ سندس زال هند کي عاصم نالي پٽ هو. اهو ڪٽنب سنڌ جي ساماره. مقام ۾ آباد ٿيو. جتي هند، هندن جي مندر جي مرمت ۾ حصو ورتو. اتي عاصم سيتا جي محبت ۾ گرفتار ٿيو،

جيڪا مندر جي پوڄاريءَ جي ڌيءَ هئي. پر لوئائي، عاصم کي هندو ٽيڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ نہ ئي پوڄاري، سيتا کي مسلمان ٿيڻ جي موڪل ڏني. آخرڪار هند پنهيءَ کي سنبيا (مشهور سنڌي اڳواڻ جي- ايم- سيد جو آبائي ڳوٺ سن) وٺي آئي. پنهي پنهنجي پنهنجي مذهب ۾ رهندي، شادي ڪئي. جڏهن سيتا مري ويئي تہ عاصم پنهنجو پاڻ سندس چکيا ۾ اڇلائي قربان ڪيو!

پر پي طرح سنڌين ۽ عربن جا ناتا گهڻو سٺا نہ هئا. سنڌ ۾، عرب جدا بستين ۾ رهندا هئا. خاص ڪري برهمڻ آباد جي جاڙي شهر منصوره ۾. جڏهن تہ عام ماڻهو پنهنجي نموني مقامي وڏيرن جي راڄ ۾ رهندا هئا. سنڌي، بغداد ۾ رونما ٿيل واقعن کي ڊپ وچان ڏسندا هئا. هن وقت بہ سنڌي پوليءَ ۾ "بغداد" جي معنيٰ آهي "ظلم جي انتها!" محمود غزنويءَ جي سنڌ فتح، سنڌ ۾ عرب گورنرن جي لانيڊ جو خاتمو آندو ۽ اهڙيءَ طرح مقامي راجپوت نسل جي سومرن کي اڳيان وڌڻ جو موقعو مليو. اڄ هندستان ۾ عرب جو ٽي سؤ سالہ ڊگهي عرصي جي حڪمرانيءَ جو ڪو نشان بہ ناهي. برهمڻ آباد ۽ منصوره جا جاڙا شهر جيڪي هاڻي رڳو "برهمڻ آباد" جي نالي سان ڄاتا وڃن ٿا، اينتري قدر مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويا جو آثار قديمہ جي ماهر رچرڊ سن مطابق، "هرهڪ گهر جي هيٺيان ويهہ بئرل بارود رکجي تہ بہ ڪيس مڪمل طور تباهہ نہ ڪري".

سنڌي ڪردار تي عربي اثر جي باري ۾ ڊاڪٽر پناڻ بلڪل چٽر ڪري ٿو. هو سال 1978ع ۾ لکي ٿو: "سنڌي ماڻهو، عرب مزاج جو پتلو آهي. فارغ وقت جو ضدي، هو اوتروئي ڊڄڻو آهي طاقت جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. عرب وانگر هو گهڻين عورتن سان شاديون ڪرڻ جو شوقين آهي ۽ جسماني لاڳاپا ڪيترن ئي عورتن سان رکندو ۽ رکي سگهندو آهي، جن کي "سُريتيون" چيو ويندو آهي. غزوه ۾ عربن جي معمول وانگر عورتون پڄايون ويندڀون آهن. انهيءَ ڪري عورتون ڏوهہ ۽ رتوڇاڻ جو بنيادي ڪارڻ اهن." هو وڌيڪ چوي ٿو تہ: "نفسياتي خوبين ۾، هڪ سنڌي، عرب جو پاءُ آهي، جيڪو هر وقت انتقامي ۽ دوکيبازي هوندو آهي. سچي عرب وانگر، هو چالاڪ منافق ۽ بيمثال سازشي آهي."

پروفيسر همايون ڪبير چيو هو تہ هندستان جي حڪومت اسرائيل

جي برخلاف، عربن جي حمايت ڪري ٿي، جڏھن تہ ھندستان جو عوام عربن جي خلاف، اسرائيل جي حمايت ڪري ٿو. ھن انھيءَ جو ڪارڻ بارنھن سؤ ورھين اڳ عربن جي سنڌ تي سوپ چاڙھيو آھي. ھو بلڪل درست آھي. نسلي يادگيريءَ کي نڪي وساريو ويو آھي ۽ نہ ئي عرب فتح کي مھان ڪيو ويو آھي. اڄ سنڌي سنڌو ديش جي "ڏاھرسين" جي عزت ڪن ٿا ۽ محمد بن قاسم کان ھڪ فاتح جي حيثيت سان نفرت ڪن ٿا.

سنڌ جو عظيم پوڙھو شخص جي- ايم- سيد ۽ "آزاد سنڌ" ھلچل جي پويان تحريڪ ۾ آٽيندڙ جذبو، حقيقت ۾ ڏاھر جي تدبر ۽ بھادريءَ جي باري ۾ بيخودي آھي. سيد مطابق ڏاھر تہ پيغمبر جي ڏوھٽي حضرت امام حسين کي پناھہ ڏيڻ جي آڇ ڪئي ھئي. ھن جي شادي ھڪ سنڌي ڇوڪريءَ سان ٿيل ھئي. ڪيس پنھنجي گھر ۾ آزاريو ويو ھو. ھو سنڌ ڏانھن وڃي رھيو ھو ۽ رستي تي عراق ۾ ڪربلا جي مقام وٽ روڪيو ويو ۽ ڪيس نھايت بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. سنڌي امام حسين لاءِ روئندا آھن- ۽ راجا ڏاھرسين لاءِ بہ ھنجون ھاريندا آھن.

باب ڇهون

جهولي لال

1017ع جي شروع ۾، جڏهن محمود غزنوي سومنات جي لٽ مار ڪري موٽيو ٿي تہ هن سنڌ جو رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر سنڌ ۾ جتن ڪيس اهڙا ٿوٽا چٻايا جو پوءِ ساڳئي سال، سنڌين کي سيڪت ڏيڻ لاءِ، ڪيس خاص طور تي ڪاهہ ڪرڻي پئي. انهيءَ ڪاهہ جو "مذهبي" ڪارڻ اهو هو، جو محمود سُني هو، ۽ بغداد جي خليفي جي اثر هيٺ هو ۽ سنڌ جا مسلمان مصر جي شعيا حڪمرانن، قرمطين (Karmatians) کان متاثر هئا، جيڪي ڪعبتہ الله مان حجر اسود (مقدس ڪارو پٿر) بہ پٽي ڪٽي ويا هئا. هندستان ۾ قرمطي اڌ هندو هئا، انهن پيغمبر جي نائيءَ ۽ چوٿين خليفي حضرت علي رضہ کي وشنو جو ڏهون اوتار ڄاتو ٿي.

ظاهري طرح، محمود جي اها ڪاهہ ڪا خاص ڪامياب نہ ويئي. پر سهيوڳي مصنف اهو ٿا ٻڌائين. پر پوءِ جا خوشامدي تاريخدان اها دعوي ڪن ٿا تہ محمود سنڌين کي دريائي ويڙهہ ۾ وڏي شڪست ڏني هئي، جنهن ۾ مبينہ طور تي سندس 1400 ٻيڙين، سنڌين جي 4000 ٻيڙين کي ٻوڙيو هو. اهي تاريخدان، اها پڻ دعوي ڪن ٿا تہ محمود جو زائچو پيغمبر جهڙو هو....

پر فتح جي دعويٰ تي تاريخدانن جو اختلاف آهي. اهي نشاندهي ڪندي چون ٿا تہ محمود جو لشڪر زميني هو ۽ ڪڏهن بہ جل- ٿل واسي نہ رهيو هو. هو اهو پڻ ٻڌائين ٿا تہ محمود هن کان اڳ ڪڏهن بہ ٻيڙيون استعمال نہ ڪيون هيون. ۽ اهو بہ تہ ايتريون ٻيڙيون، سنڌ پنجاب جي دريائن ۾ گڏ ڪجن، تہ بہ نہ ملنديون.

محمود جي پرستارن جي دعويٰ آهي تہ محمود جي ٻيڙين جي تري ۾ لڳل لوهي ڪات جهڙن "ڪنڊن، سنڌي ٻيڙين کي تباهہ ڪري اونڌو ڪري ڇڏيو هو. تاريخدان پڇن ٿا: محمود جي لوهي ڪنڊيدار ٻيڙين، انهيءَ عمل ۾ پاڻ اونڌي ٿيڻ کان سواءِ، سنڌي ٻيڙين کي ڪيئن اونڌو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو!

پر ڏسجي ٿو ته محمود ڪيترن ئي سنڌين کي غلام بنائي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. اڄ يورپ جي سٺ لک خانه بدوشن ۾ ڪين "سنتيس" (Sintis) جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو.

پر تاريخ جي شاگردن کي ٽي نقطا ڌيان ۾ رکڻ گهرجن: محمود جنهن 1000ع ۽ 1026ع دوران سترهن ڀيرا ڪاهيو، سنڌ جي ڪاهه کان پوءِ وري ڪڏهن نه ڪاهيائين، جيتوڻيڪ هن به پنج ورهيه حڪومت ڪئي. ٻيو قرمطي اڄ به اسماعيلي خوجن جي صورت ۾ موجود آهن. جن سان 1937ع تائين "هندو شهري قانون" (Hindu Civil Law) لاڳو رهيو. جن مان موجوده سنڌ جا مشهور اڳواڻ جهڙوڪ محمد علي جناح ۽ آغا خان ٿي گذريا آهن. ٽيون، محمود جي حملي ، سنڌ ۾ عربن جي وجود کي ختم ڪري ڇڏيو. جنهن کان پوءِ، راجپوت نسل جا سومرا سنڌ جا خودمختيار حڪمران ٿي اڀريا.

سومرن جو پهريون وڏو نالو، ٻارهين صديءَ جي شروع ۾، راجا دلوراءِ جو هو. لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ راجا دلوراءِ کي هڪ بدڪردار شخص طور ياد ڪيو ويو آهي. هر نئين ڪنوار کي "سهاڳ رات" ساڻس گذارڻي پوندي هئي. عقيدو اهو آهي ته الله پنهنجو قهر مٿس نازل ڪيو ۽ "دلوراءِ جي نگري ناس ڪيائين. ڪنهن کي به خبر ناهي ته دلوراءِ جي گاديءَ جو اهو هنڌ ڪهڙو هو. پر مقامي ماڻهو، سنڌ ۾ هر وڏي ٻڙڙي کي "دلوراءِ جي نگري" ٿا ٻڌائين.

ممڪن آهي وچئين عهد جي معاشرن ۾ انساني تاريخ جي پراڻي رائج رسم "راجا سان سهاڳ رات" وانگر، دلوراءِ "پهرين رات" ملهائيندو هجي. (ڪجهه وقت اڳ، ڪن ذاتين جا گهوٽ، ڪنوار جو "ڪنوارپ جو پردو" ڦاٽڻ سان، رت وهڻ کي "تشدد" تصور ڪري، اها "رتوڇاڻ" پيشه ورن کان ڪرائيندا هئا) عين ممڪن آهي ته عوامي قبوليت انهيءَ کان متاهين درجي جي اخلاقيات چاتو هجي. جو جو اوائلي دؤر جو ڪو جوڙو- سومرن جو مخالف ۽ سندن دشمن ساٿيءَ (وچولي) جي سهڻن جو گهٽگهرو. دلوراءِ کي انهيءَ عمل ڪري نندينندو هجي، ۽ ٻيا ذريعا ڪيس اوچ ۽ انصاف پسند راجا جي طور تي ساراهيندا هجن.

اها دلچسپ ڳالهه آهي تہ الور ۽ برهمڻ آباد جا قتل آثار، جيڪي هڪ ٻئي کان سوين ميل پري آهن، ٻئي، "دلوراءِ جي نگري" سمجهيا ويندا آهن. پر هاڻي خبر پئي آهي تہ برهمڻ آباد. دلوراءِ کان پنجاهہ ورهيہ اڳ، 962ع ۾ ڌرتيءَ ڌٻڻ سبب برباد ٿي ويو هو، ۽ الور تي سؤ ورهيہ پوءِ درياءَ جي پيٽ مٽائڻ سبب تباهہ ٿي ويو هو!

تاريخ، واقعن جي داستان کان پيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي. اها ماڻهن جي آرزوئن، ۽ خوفن ۽ خدشن جو اظهار پڻ آهي. "دلوراءِ جي نگري" جي ڪهاڻي، ماڻهن جي دلين ۾ ڪريل اخلاقيات کي رد ڪرڻ ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي حفاظت جو هڪ انساني طريقو آهي.

سومرن سنڌ تي گهڻو ڪري 1315ع تائين لڳ ڀڳ ٽي سؤ ورهيہ حڪومت ڪئي. پر اهي ڪير هئا؟ ڪي مسلمان مصنف اهو سمجهن ٿا تہ منجهن گهٽ ۾ گهٽ ڪو عربي خون ضرور هو. پر محققن کي ڪو شڪ ناهي تہ ڄاڙيجا پڻ راجپوتن وانگر پرمار هئا. "تاريخ طاهري" مطابق سومرا هندو هئا. ايچ. ٽي. سورلي (H. T. Sorley) مطابق، سومرا پوءِ مسلمان ٿيا، پر ڪڏهن، اها ڪنهن کي بہ خبر ناهي. هو چوي ٿو تہ اهي ڄاڙيجن (راجپوت) وانگر آهن، "جن لاءِ هڪ پيري راءِ خود پڪ سان چيو هو تہ پن هزارن ڄاڙيجن مان ٽي بہ اهڙا نہ هئا، جن کي اها خبر هجي تہ سندن مذهب ڪهڙو هو". ظاهر آهي تہ سومرا هندو هئا، جن تي ڪجهہ اسلامي اثر هو، جيڪي پوءِ نالي ماتر مسلمان ٿيا ۽ پنهنجو هندو ڪلچر قائم رکيائون.

ايڏي وقت جي فاصلي تي، سومرا حاڪمن راجپال، پونگر ۽ دودي کان وٺي همير، ننگر ۽ چنيسر تائين- جي اوسر ۽ زوال جي معاملي ۾ وڃڻ جي ضرورت ناهي. اينٽريڪڊر جو هڪ نهرو دودو پڻ هو. جنهن علاوالدين جي فاتح لشڪر جي سپهہ سالارن کي، سنڌين جي خليجن سان بي رخيءَ طور، ڪلي هٽ ڪيڪاريو هو. پر بادشاهن جي تاريخن کان وڌيڪ چٽا ماڻهن جا اهي رزميہ داستان آهن، جيڪي سندن معاشري جي زندگيءَ ۽ ڪلچر تي گهڻي روشني وجهن ٿا.

ارنولڊ ٽائن بي (Arnold Toynbee) پنهنجي تصنيف "تاريخ جو مطالعو" (Study of History) ۾ لکي ٿو تہ: "تاريخ، ناٽڪ ۽ ناول وانگر، ڏند ڪٿا جي صورت ۾ سرجي ٿي. جيڪا پروڙڻ ۽ اظهارڻ جو اوائلي

طريقو اهي- جنهن ۾ جيئن پرين جي آڪاڻين ۾ هوندو آهي. جيڪي ٻار چاهه وچان ٻڌندا آهن. يا جيئن خوابن ۾ هوندو آهي. جيڪي نوجوان ڏسندا آهن. حقيقت ۾ تصور ۾ ڪابہ ليڪ ڪڍيل نہ هوندي آهي. مثال طور "اليئڊ (Iliad) جي باري ۾ چيل آهي تہ "جيڪو بہ اها تاريخ طور پڙهندو تہ ڏسندو تہ اها ڪوڙ سان ڀري پيئي آهي، پر ساڳي طرح جيڪو بہ اها افساني طور پڙهندو تہ ڏسندو تہ اها تاريخ سان ڀري پيئي آهي." سنڌي لوڪ ڪهاڻين سان ساڳي ڳالهہ لاڳو ٿئي ٿي. جيڪي تاريخ ۽ ڪهاڻيءَ کي پاڻ ۾ جوڙي ادب پيدا ڪن ٿيون. جيڪو زندگيءَ کي گهراڻي سان ٻڌرو ڪري ٿو ۽ مڪمل طور تي ٻڌرو ڪري ٿو.

سنڌ جي سڀ کان آڳاٽي ڪهاڻي (راءِ ڏياچ) جي آهي، جنهن جو هنڌ لاڙ کان سؤراشٽر تائين ڦهليل آهي. عربن جي فتح کان پوءِ، سنڌ جا سما راجپوت سؤ راشٽر (سنڌيءَ ۾: سورٺ) ڏانهن لڏي ويا هئا. ٻارهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾، راءِ ديواس (ڏياچ)، جيڪو سمن جي جُدا نک مان هو، جهونا ڳڙهہ جي گرنار ۾ راڄ ڪندو هو. سندس پيءُ کي جڏهن پٽ ڄائو تہ جوتشين چيو تہ هيءُ وڏو ٿي پنهنجي مامي جو ڪنڌ ڪپيندو. پر هوءَ پنهنجي ٻار جي سونهن ۽ معصوميت کان ايڏو متاثر ٿي جو ڪيس ٽوڪريءَ ۾ وجهي دريا ۾ وهائي ڇڏيائين. ٽوڪري، راجا انيراءِ جي راڄ ۾ هڪ چارڻ کي هٿ آئي، جنهن ٻار جو نالو ٻيجل رکيو. ٻيجل وڏو ٿي وڏو راڳي ٿيو. ان وقت، گرنار ۾، رتني ڪنيار جي ڌيءَ سورٺ جو مڱڻو انيراءِ سان ٿيو. جڏهن ڄڃ رستي تان لنگهي تہ راءِ ڏياچ رستو روڪي، سورٺ کي ڪٺي ويو، ۽ وچي ساڻس شادي ڪيائين.

انيراءِ پنهنجي انهيءَ بيعزتيءَ تي ڏاڍو ڪاوڙيو. هن قيمتي هيرن ۽ جواهرن جي ڀريل ٿالهہ جي انعام ڏيڻ جو ڍنڍورو گهمايو تہ اهو انهيءَ کي ڏنو ويندو. جيڪو سندس بيعزتيءَ جو بدلو وٺندو ۽ راءِ ڏياچ جو سر وڍي آڻي ڏيندو. ٻيجل جي زال، جنهن کي پڪ هئي تہ سندس مڙس پنهنجي موهيندڙ آواز وسيلي ڪابہ شيءَ آڻي سگهي ٿو، تنهن اهو جواهرن جو ٿالهہ اهو واعدو ڪري ورتو تہ ائين ئي ٿيندو. ٻيجل جي گهر اچڻ تي سندس زال ڪيس چيو تہ وڃي راءِ ڏياچ جي در تي سڻن هڻ ۽ جڏهن راجا ڪيس ڪجهہ ڪهرڻ لاءِ چوي تہ ڪانئس سندس سر گهري وٺج. ٻيجل ائين ئي ڪيو. راجا

سورهيائيءَ ۽ سخا سان پنهنجو سر ڏيڻ قبوليو ۽ چيائينس: "جيڪڏهن مون وٽ سوين سر هجن ها تہ تنهنجي هڪ هڪ سُر تان قربان ڪريان ها."
سنڌ جي مهاڪوي شاهہ عبداللطيف انهيءَ ڪهاڻيءَ کي پنهنجي "سُر سورٺ" ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪهاڻي جا چار نقطا آهن. نياءُ ضرور ڪيو وڃي، قسمت جو لکيو اڻ ٽر آهي. ڳهہ ڳنا عورت جي موتمار ڪمزوري آهن. ۽ ماڻهوءَ تي سنگيت جي سگهہ سيڻيءَ کان پربل آهي.

انهيءَ ساڳئي دور جي هڪ ٻي ڪهاڻي آهي "ليلا چنيسر". چنيسر، ٺٽي جي پرِسان، ديول ڪوٽ جو سومرو حاڪم هو. سندس زال جو نالو ليلا هو، جنهن سان سندس ڏاڍي دل هئي. لکپت جي سولنڪي راجا، راءِ ڪنگهار جي ڌيءَ ڪؤنرو جي دل چنيسر سان اڙجي ويئي، پر ڪيس هرڪائي نہ سگهي. انهيءَ ڪري سٽ ستيائين ۽ نوڪرياڻي جو ويس ڪري، ليلا کي هڪ قيمتي هار انهيءَ شرط سان ڏيڻو ڪيائين تہ هوءَ ڪيس چنيسر سان هڪ رات گهارڻ جي اجازت ڏيندي. هار جي لالچ ۾ ۽ انهيءَ اميد تي تہ چنيسر شراب جي نشي ۾ ڪؤنرو ۽ ليلا ۾ فرق نہ سمجهندو. ليلا اها آڇ قبول ڪئي. پر چنيسر حقيقت سمجهي ويو. هن ليلا کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ ڪؤنروءَ سان شادي ڪيائين. هيءَ ڪهاڻي عورت جي ڳهن توڙي معمولي شين تي هرکڻ جي ڪمزوريءَ تان پردو کڻي ٿي. هيءَ ڪهاڻي انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏي ٿي تہ مالڪ، پوءِ اهو ڪٿي سنساري هجي يا روحاني، آسانيءَ سان بيوقوف بڻائي نٿو سگهجي.

شاهہ پنهنجي "سر ليلا چنيسر" ۾ ليلا کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

"تو جو پانيو هارُ، سو سوَزن جو سڳڙو"

ليلا پڇتاءُ ظاهر ڪندي چوي ٿي:

الا، ڏاهي م ٿيان! ڏاهيون ڏک ڏسنِ"

شاهہ پڇاڙيءَ ۾ ليلا کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

"ليلا! لڄ م ايترو، اٿي اگهڻ سور
ابو ڏاڏو گهورِ، پاڻ سوڏو پرين تان"

پر انهيءَ دؤر جي ناياب سنڌي رزميہ ڪهاڻي "عمر مارئي" آهي مارئي ڳوناڻي وينگس آهي، جيڪا پنهنجي سنگيڻي ڪيت سين سان منگيل آهي. جڏهن عمر ڪوٽ يا امر ڪوٽ جي سومري حاڪم عمر کي سنڌس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن جي سُڌ پوي ٿي ته هو ڪيس شادي ڪرڻ لاءِ هرڪائي ٿو. مارئي انڪار ڪري ٿي. هوءَ اميراڻا ڪاڏا ڪائڻ ۽ ڪوبه ڳهڻو پائڻ قبول نٿي ڪري. ايتريقدر جو پنهنجي وارن ۾ تيل به نٿي وجهي. ڪيس ڊپ آهي ته سندس اباڻن ڪيس وساري ڇڏيو آهي، جو اهي متان اهو سمجهندا هجن ته ٿر جي پٽن جي پيٽ ۾ هاڻي محلات ڇڏڻ نٿي چاهي. پر هوءَ پنهنجي اباڻن ڏانهن نياپا ٿي موڪلي. پوءِ هڪ ڏينهن. هوءَ عمر کي چوي ٿي ته هوءَ ٻاهر گهمڻ لاءِ وڃڻ ٿي چاهي. انهيءَ ڳالهه تي عمر سوچي ٿو ته هاڻي مارئي خوش آهي ۽ مٺس راضي ٿي آهي. پوءِ هوءَ ٻاهر وڃي ٿي ۽ جتان ڪيس ڇوٽڪارو ملي ٿو. هوءَ پنهنجي وطن پهچي ٿي، جتي سندس اچڻ تي خوشيون ڪيون وڃن ٿيون.

مارئي، اسان کي سيتا جي ياد ڏياري ٿي، جيڪا لنڪا ۾ قيد هئي. اها ڳالهه ڪافي دلچسپ آهي، جو راوڻ توڙي عمر. ٻئي معتبر شخص هئا. جن پنهنجا ارادا بيوس عورتن تي نه مڙهيا.

مارئي پنهنجي ڳالهه تي اٽل آهي ته هوءَ غريب آهي، پنهنجي مڙس سان محبت اٿس، اڳيئي منگيل آهي ۽ محبت يا دولت يا ٻنهي سببن ڪري، ڪنهن به ڌارئين سان شادي نه ڪندي. سندس پنهنجي غريب وطن ۽ غريب ماڻهن سان محبت، اسان کي ٻلاري ٿر وڃڻ ۽ اتي رهڻ جي خواهش ٿي جاڳائي. سندس پنهنجي وطن ٿر لاءِ بيقراري، سنڌي ادب کي حب الوطنيءَ جي شاعري عطا ڪئي آهي.

شاهه جي مارئي چوي ٿي:

"هيڪ جئن نه جاياس، پيو جاپندي جي مران!..."
"پٽولا پنوهار کي، عُمر! آچ مَ تون......"
اي نه مارن ريت، جئن سيڻ متائن سون تي....."
"مُيائي جيان، جي وڃي مڙهه مليرڏي...."

ڪاش مان جمان ئي نه ها،
يا جيڪڏهن جمان ها،
ته هن بدناميءَ جي بدران اوڏي مهل ئي مري وڃان ها
اي عمر. هن غريب ڇوڪريءَ کي پنهنجا ريشمي ڪپڙا پارائي،
ڪلٿهاب نه ڪر.

اسان غريب ضرور آهيون،
پر پنهنجا ور سون تي نہ مٽائيندا آهيون.
اي عمر، جڏهن مران تہ منهنجو لاش منهنجي وطن اماڻج، جتي مان پيهر جيئري ٿي پونديس.

"عمر مارئي" حب الوطنيءَ جو (خوشيءَ جو) هڪ ڏکو راڳ آهي. ان کان وڏيڪ اهو "سوَ ڌرم" اسان جي زندگي جي قدرن ۽ زندگيءَ جي اسلوب لاءِ هڪ دليل آهي. "عمر مارئي" اڄ جي سنڌي قوم پرستن لاءِ اتساهہ جو جيئرو جاڳندو وسيلو آهي.

پر ڏکهو ۽ يادگار "سومرن جي دؤر" دودي ۽ چنيسر جي تاريخي تنازعي ۾ سانڍيل آهي. تيرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن پونگر راءُ مري ويو تہ مُک امير سندس لوهارڻ زال مان جنميل وڏي پٽ چنيسر جي بدران، ڏاڏي پوٽي زال مان پيدا ٿيل ننڍي ۽ هوشيار پٽ دودي کي تخت تي وهارڻ جو فيصلو ڪيو. ويچي پاءُ دودي کي پڳ جي لالچ نہ هئي، ۽ هن اينري قدر چيو تہ هو نالي ۾ حڪمراني ڪندو، پر حقيقي حاڪم چنيسر هوندو. پر انهيءَ جي باوجود، ننڍي ڀاءُ جي رسمي پڳ ٻڌڻ، چنيسر جي ماءُ ۽ زال ائين ناراض ڪري وڌو، جيئن ڪيڪئي ۽ منٿرا، رام جي راج گديءَ تي ويهڻ ڪري ناراض ٿيون هيون. انهن چنيسر کي اشتعال ڏياري، دهليءَ مان علاوالدين کي مدد لاءِ وٺي اچڻ لاءِ روانو ڪيو. 1296-13000ع ۾ سنڌ ۽ خلجين وچ ۾ وڏو مقابلو ٿيو. هڪ وڏو لشڪر گجرات جي رستي، سنڌ پهتو. لشڪر ايڏو وڏو هو، جو سنڌي چارڻ چيو آهي: "اٿرو اينرو پاڻي پيتائون جو سابرمتي سڪي ويئي".

خلجين نہ رڳو دودي کي تخت تان لاهي، چنيسر کي ان تي وهارڻ ٿي چاهيو. پر هن پونگر راءُ جي ٽين ڏاڏي پوٽي زال مان پيدا ٿيل ڌيءَ ٻاڳيءَ (ٻاگهي) جو سڱ علاوالدين لاءِ گهريو. پر سڱ جي انهيءَ گهُر کي رد ڪندي سومرن چيو: "تون ترڪ اسين سومرا، اهڙي جوڙ نہ جڳائي" پوءِ جنگ لڳي ۽ ٻنهي ڌرين جو گهڻو نقصان ٿيو. دودي جو پٽ پونگر پيو ۽ چنيسر جو پٽ "نهرو" پڻ دودي جي طرفان بهادريءَ سان وڙهيا ۽ مارجي ويا. سبڙ ابڙي، جيڪو سيد غازي سالار کي ماري چڏيو. جڏهن دودي کي نيزي ۾ ٽنگي مٿي اڀو ڪيو ويو تہ پرسان بيٺل چنيسر کي چيائين: "آئون اڃا بہ توکان مٿي آهيان!"

انهيءَ وچ ۾ جڏهن سندس وطن ۽ ماڻهن تي خلجين حملو ڪيو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنيسر بيهر سوچڻ تي مجبور ٿي پيو. سنڌ جي خلاف ڏاڏاين جي ڪري هاڻي ڪيس علاوالدين جي خلاف نفرت ٿي پيئي. سمجهيو ٿو وڃي ته هو علاوالدين سان وڙهندي مارجي ويو هو.

هن داستان جو سڀ کان اهم پهلو اهو آهي ته سنڌ ۾ خلجين جي خلاف اها عام ماڻهن جي جنگ هئي. اينري قدر جو هاري ۽ ناري، ڏنار ۽ ڳنوار، چارڻ ۽ فقير، مهاڻا ۽ ميربحر، ڪنير ۽ ڪوري، سڀ انهيءَ جنگ ۾ ڪڏي ڪاهي پيا، انهن سڀني جو نعرو هو: "تلوار اسان جو هر آهي."

سومريون محل ماڙيون ڇڏي، ڳجهي طرح سمن جي سام ۾ رهڻ لاءِ نڪري ويون. علاوالدين جڏهن اتي پهتو ته ڪاريءَ وارا ڪک ڏٺائين. هو پريشان ۽ نااميد ٿي واپس موٽي ويو.

اڄ ڏينهن تائين سومرن جي سورهيائي ۽ سومرين جي سونهن ۽ پوترتا جي ساراهه جا گيت ڳاتا ويندا آهن. دودي جي شهادت کي اڄا تائين. هر سال چيٽ مهيني ۾ ميلي جي صورت ۾ ملهايو ويندو آهي. ٿي سؤ ورهيه اڳاتا اهي گيت اڄ به سنڌي ماڻهن جي چپن تي آهن.

"سنڌ سومرن جو ساهه آهي
وِڳهــــــــ ڪوٽ خدا جو پنهنجو ڪوٽ آهي!
شال سندس شــان ذرو بـه جهـــڪــو نـه ٿــئي.
او دودا!
جس هجي تنهنجي ماءُ کي،
جنهن توکي جنم ڏنو.
سنڌ جا سورما اڄ به دشمن سان سينو سپر آهن.
اي خدا. ڪين سويارو ڪج
شال هن پلاري پونءَ تي امن ۽ خوشحالي هجي"

سومرن اسان کي ويهين صديءَ ۾ سنڌ جو وزيراعليٰ الله بخش سومرو ڏنو، جنهن مرڻ ڏينهن تائين ورهاڱي جي مخالفت ڪئي، ۽ سومرن جي دؤر جون سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ وسندڙ به پياريون شخصيتون آهن جهولي لال ۽ قلندر لال شهباز.

لال شهباز 1413ع ۾ هاٿوڪي افغانستان جي مروند شهر ۾ ڄائو هو. سندس اصل نالو پير عثمان شاهه هو. هو سنڌ ۾ اچي سيوهڻ ۾ رهيو، جيڪو اڳاٽي شوَ مندر جي ڪري مشهور هو. هو پهريون نالي وارو مسلمان هو، جنهن سنڌ ۾ محبت ۽ سهپ جو پرچار ڪيو. ڪيس "شهباز" انهيءَ

ڪري چوندا هئا. جو هو پنهنجو پاڻ کي شهباز جي صورت ۾ تبديل ڪري پنهنجي دوست شيخ فريد گنج شڪر کي ڪنر مَلن جي ڦاهيءَ تان لاهي، پاڻ سان ڪٺي آيو هو. ڪيس لال لباس پائڻ ڪري، "لال" ڪوٺيو ويندو هو، جيڪو هو سموري زندگي پائيندو رهيو. لال شهباز سنڌ جو پهريون اهم صوفي سنت آهي. هندو ڪيس مهاراجا وڪرماڏتيه جي ڀاءُ ڀرت هريءَ جو اوتار مڃيندا آهن، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن شِو جي پوڄا ان هنڌ تي ڪئي هئي، جتي اڄ ڪلهه لال شهباز جي مزار آهي.

ٻي مقدس شخصيت جهولي لال آهي، جيڪو اَڏيرولال، امرلال ۽ لال سائينءَ جي نالن سان سڃاتو وڃي ٿو. ڏهين صديءَ ۾ جڏهن عربن جو زوال شروع ٿيو ۽ سومرا اُسري رهيا هئا ته ٺٽي جي تعصبي حاڪم مرخ شاهه هندن کي مسلمان ٿيڻ جو حڪم ڏنو هو. پريشان ماڻهو، سنڌوءَ جي ڪناري تي گڏ ٿيا ۽ بچاءَ لاءِ "ورڻ ديوتا" تي اجتمائي پراٿنا ڪيائون. ڏند ڪٿا موجب، هڪ سهڻو جوان، جنگي گهوڙي تي چڙهي دريا مان نروار ٿيو، جنهن ڪيترائي معجزا ڏيکاريا ۽ ماڻهن کي ثقافتي نسل ڪشيءَ کان بچايائين. سندس درشن نصرپور ۾ ڪرايو ويندو آهي. جتي سندس لاءِ مڃيو وڃي ٿو ته ٻالڪ جي روپ ۾ رتن راءُ لوهاڻي ۽ سندس زال ديوڪيءَ کي سوني جهولي يا پينگهي ۾ ڀڳوان ڪرشن وانگر. پر پاڻيءَ جي پيداوار، مڇيءَ تي ويٺل ڏيکاريو ويندو آهي. پر ظاهري طرح هو هڪ نوجوان اڳواڻ هو، جنهن هزار ورهيه ڪن اڳ، سنڌ جي هندن کي مصيبت کان بچايو هو. اڄ تائين سندس مان ۾ مندر جوڙايا ويندا آهن ۽ سندس شان ۾ "پنجڙا" ڳاتا ويندا آهن. ويجهرائيءَ ۾ رونا ليليٰ جي سُريلي آواز ۾ ڳاتل گيت "جهولي لال ۽ مست قلندر" هندستان ۽ پاڪستان ۾ هڪجيترا مقبول آهن:

او لال! ميري پت رکيو سدا جهولي لالڻ!

(او سنڌ جا سائين، جهولي لال، سيوهڻ جا سائين، لال لباس وارا قلندر، تون وڏي شان وارو آهين! مون تي شال تنهنجي مهر هجي!

تنهنجي مزار هميشه جڻ مشعالن سان روشن آهي، ۽ هاڻي مان تنهنجي مان ۾ چوٿين مشعال روشن ڪرڻ آئي آهيان.

شال تنهنجو اوچو نالو هند ۽ سنڌ ۾ وڄندو رهي، شال تنهنجي شان ۾ گهنڊ زور سان وڄندو رهي.

او سائين، شال تون هميشه هر هنڌ قائم رهين.منهنجي وينتي آهي ته عليءَ جي صدقي منهنجي ٻيڙيءَ کي زندگيءَ جي دريا مان پار لنگهائج.

باب ستون

سونهري دؤر

سومرن ۽ سندن سما اُمرائن گڏجي خلجين جي حملي جو مقابلو ڪيو. پر انهيءَ مقابلي سنڌ ۾ سياسي قوّتن جو توازن مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏيو. سومرن جو گهٽو رت وهيو. ساڳئي وقت سمن جي همٿ ۽ ڪردار، بهادر ۽ چٽو ٿي بيٺو. تنهنڪري اختيار لاءِ ٻنهيءَ جي وچ ۾ ڇڪتاڻ اٿر هئي. جيئن ته سومرن وٽ اڳيئي اختيار هو، تنهنڪري دهلي سرڪار جو ساٿ ساڻن هو. دهلي سرڪار ته ملتان ۽ گجرات جي حڪمرانن ڪي حمايت ڪن. پر سمن جي فائدي ۾ وڏيڪ اهم عنصر ڪم ڪري رهيا هئا.

سومرن جي حڪمرانيءَ جي سرزمين ڏکڻ- اوڀر سنڌ هو ۽ سما صوبي جي گهٽي حصي ۾ پکڙيل هئا. ۽ سما ڳاڻيٽي ۾ سومرن کان وڌيڪ هئا. (مثال طور، 1901ع جي آدمشماري موجب سما 897، 32، 7 هئا، جڏهن ته سومرا 763، 02، 1 هئا. جيڪو ڳاڻيٽي جي لحاظ کان وڏو فرق آهي.)

سنڌو پنهنجو وهڪرو گهٽ ۾ گهٽ 1250ع کان تبديل ڪندو رهيو آهي. اهو اولهه ڏانهن الور، برهمڻ آباد، امرڪوٽ، وڳهه ڪوٽ ۽ سومرن جي روپا کان ٻري ۽ سمن جي سيوهڻ ۽ ٺٽي جي شهرن ڏانهن منتقل ٿيندو رهيو. صدين کان، روهڙيءَ جي ٽڪريءَ مان پٿر ڪوٽي، دريا رستي سومرن جي شهر امر ڪوٽ ڏانهن اڏاوت جي ڪم لاءِ نيا ويندا هئا. هاڻي اهو سلسلو ختم ٿي ويو هو. تمام جلدي اوڀر ۾ وهندي اصلوڪو واهه، جيڪو مقامي طور تي ”هاڪڙو“ (گهگهر؟) ۽ ”مهراڻ“ جي مختلف نالن سان ڄاتو ويندو هو، نندي کاڻ نندو ٿيندو ويو. ايسيتائين جو اڄ اهو گهٽجي ”ايرندي ناري“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. نارا ڪنارا جا اڪيلا يادگار ساموندي ٻانگر مڇ آهن. جڏهن اهو واهه ٿر ۽ ڪڇ مان وهي، عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو، تڏهن ”رتناڪر“ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. ظاهر آهي ته جڏهن ڏريا سمنڊ ڏانهن وهندي وچ ۾ سڪي ويو ته اهي مانگر مڇ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت اتي ڦاسي رهجي ويا.

واقعاتي طور تي، آڳاٽي الور ڪان، جيڪو روهڙيءَ جي اوڀر ۾ ڇهه ميل پري آهي، روهڙي ۽ سکر جي وچ واري لڪ ڏانهن، دريا جي وهڪري جي تبديليءَ ڪي تاريخي نتيجن حو جاگرافيائي تسلسل آهي. روهڙي ۽ سکر جي وچ واري ٽڪري هاڻي سنڌ ۾ بکر جو ٽاڪرو بيٺ ٽي پيو آهي. الور جو قلعو هاڻي ڊهي ويو آهي ۽ انهيءَ جاءِ تي، سنڌ جي بچاءَ لاءِ، هڪ مضبوط قلعي جي اڏاوت لاءِ اتان جون سرون ۽ پٿر نيا ويا. ان وقت کان وٺي، صدين تائين، ٺٽو ڏکڻ ۾ ۽ بکر اتر ۾ سنڌ جا ٻه ٿنڀا ٿي پيا.

سنڌوءَ جي وهڪري جي تبديلي، سومرن جي قسمت تي تباهه ڪُن اثر ڇڏيو. ان جي اُبتڙ، سمن جي قسمت تي برقياتي اثر پيو. انهيءَ ۾ ڪو عجب ناهي تہ سومرا انهيءَ ڏينهن لاءِ دعا گهرندا هئا تہ ڪڏهن هاڪڙو الور وٽان وهندو (سمن ڪي مٿيرو ڇڏي، سڪائي الڳ ڪندو)، ڪڏهن اهي سمن ڏانهن پاڻيءَ جي پيداوار جهڙوڪ مڇي، بيهہ ۽ لوڙهہ سوکڙي طور موڪليندا.

"هيڪ وهندو هاڪڙو، پڄندي پنڌ اروڙ،
بيهہ مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوکڙي"

پر دريا پنهنجو الهنديون وهڪرو قائم رکيو. ٽڪل سومرا ٻَنن ۽ چارڻن وٽ ٻي مانا ٿي پيا، جن هاڻي نوَن اميرن، سمن جي سخاوت جي ساراهہ جا گيت ڳائڻ شروع ڪيا هئا. آخري سومرن جي هڪ عجيب مايوس پٽ چيو آهي : "جيڪڏهن باقي دنيا اسان جي ڦتڪار جي اڌ حقدار آهي تہ سومرا سڄي جا حقدار آهن" . جيتري قدر سمن جو واسطو آهي تہ شاهہ لطيف پڻ چيو آهي: "جڏهن اهي ناراض آهن، پوءِ بہ ڏين ٿا. جڏهن اهي خوش آهن تہ پاڻ اڳي کان وڌيڪ ڏين ٿا، هو پنهي حالتن ۾ ڏاڍا سنا آهن" .

اهو پڻ ممڪن آهي تہ مارواڙ جي سرحد سان لڳ، ڏکڻ اوڀر جي وارياسي علائقي ۾ رهڻ ڪري، سومرا طبعاً ڪنجوس هئا. تنهنڪري ان وقت جي "سنڌ سماءُ جي ماڻهن" (ٻَنن ۽ چارڻن) پڻ سمن جي اپرندي سج ڪي سلام ڪرڻ ڪي ترجيح ڏني. 1315ع ۾، وقفي بوقفي لڳل لڙاين کان پوءِ، 1351ع ۾ آخرڪار سمن ڪي سوڀ حاصل ٿي. جڏهن دهلي سرڪار ڦڏو وڌو تہ سمن سيوهڻ ۾، مرڪز جي گورنر، ملڪ رتن ڪي ماري وڌو. ساڳئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال، سمن اول پنهنجي شهر ساموئي ۾ تخت گاهه قائم ڪيو. پر جلد ئي اهو ننڍي ڏانهن منتقل ڪيائون. جيڪو پوءِ گاديءَ جي هنڌ جي حيثيت سان هوڪارجڻ لڳو.

اها سموري ترقي، دهليءَ جي سلطان محمد تغلق جي برداشت کان ٻاهر هئي. هو جلد ئي وڏو لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. ايليٽ (Elliot) ۽ ڊاسن (Dawson) سنڌن جوڻ بيان ڪندي چون ٿا: "شال خدا مون کي بيماريءَ مان نؤبنو ڪري ته جيئن مان ٺٽي جي ماڻهن کي نيچو نوايان. جيڪڏهن خدا مون کي پنهنجو ڪيو ته پوءِ به اها خواهش هميشه منهنجي دل ۾ رهندي."

سنڌ جي مهم دوران، محمد سنڌ جو لذيذ پلو گهڻي تعداد ۾ کائيندو هو. (سنسڪرت ۾ مڇيءَ کي پَلوَ چون. بينگالءَ ۾ 'هلشا' ۽ امريڪيءَ ۾ شاد چون). اهو ايترو ته لذيذ آهي جو سنڌيءَ ۾ کل پوڳ ۾ چئبو آهي:

"پلو سيري کان به پلو،
سيري ۾ نه سائ،
پلو گوڏا کوڙي کاءُ"

اها ئي اميد رکي سگهجي ٿي ته محمد تغلق پلي کائڻ ڪري نه مئو هو. پر هن جو موت سنڌ ۾ ٿيو هو ۽ ڪيس ٺٽي جي پرسان دفنايو ويو.

ڪانئس پوءِ فيروز تغلق تخت تي ويٺو. هو محمد تغلق جي بيعزتي برداشت ڪري نه سگهيو. درباري تاريخ نويس لکن ٿا: "جڏهن هو انهيءَ هنڌ (ٺٽي) جي باري ۾ ڳالهه ڪندو هو ته هو پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائيندو هو ۽ عجب کائيندو هو ته صد افسوس جو ڪانئس اڳيون سلطان محمد شاهه تغلق اهو فتح ڪرڻ ۾ ناڪام ويو."

تنهنڪري، گهڻو وقت گذرڻ کان اڳ، فيروز وڏي لشڪر سان سنڌ تي ڪاهي آيو. پر هن لاءِ به شهر تي قبضو ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. ڪجهه وقت لاءِ گجرات ۾ ساهي پٽڻ کان پوءِ هن جڏهن شهر جو گهيرو ڪيو ته سنڌي لشڪر اڏ فارسي اڏ سنڌيءَ فتح جو نعرو هنيو:

"بابرڪت پيرپٽو،
هڪ مئو بيو ٽٽو"

سنڌي مسلمان، راجا گيپچند کي پير پنو چوندا اهن. جيڪو پوءِ سنڌ جي ڏيڏن جو پير ٿيو.

1365ع ۾، فيروز شاهه وري سنڌ تي ڪاهي آيو. هن ڀيري هن سمن جي سردار ٻانڀڻي (برهمڻ لاءِ سنڌي لفظ) ۽ سندس چاچي جام جوڻي کي ٻاڻ سان دهلي هلڻ تي آماده ڪيو. جڏهن ته ٻانڀڻي جي ڀاءُ جام تماچي ۽ جوڻي جي پٽ جام توڳاچي گڏجي سنڌ تي راڄ ڪيو. دهليءَ ۾، فيروز شاهه، جوڻي کي پنيلائي، سندس ڀائٽي کي پوپان ڇڏي، 1375ع ۾ ٿٽي جو گورنر ڪري واپس موڪليائين. ٿٽي ۾، جوڻي، جام تماچيءَ کي گرفتار ڪيو ۽ کيس دهليءَ ڏانهن پري موڪلي، دهلي- سرڪار جي نمائندي جي حيثيت سان سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳو. اهو سنڌين لاءِ گهٽو ڪجهه هو. معزز شيخ حماد اهو چوندي ٻڌو ويو: "جوڻو بيوقوف آهي. او جام تماچي، مهرباني ڪري موٽي اچ. ٿٽو تنهنجو آهي، الله پڻ توتي مهرباني آهي." ٻيو عالم، نوح اهو چوندي ٻڌو ويو: "وڃ ۽ وڃي جام جوڻي کي قتل ڪر ۽ جام تماچيءَ کي حاڪم بناءِ." گهٽي وقت گذرڻ کان اڳ، جام تماچي حاڪم ٿيو ۽ سنڌ جي سونهري دؤر جي شروعات ٿي.

انهيءَ دور ۾، سنڌ ۽ گجرات دوستيءَ جي ناتن ۾ ڳنڍيل رهيا ۽ پنهنجي آزادي قائم رکڻ جي ساڳي ڪوشش ۾ ساٿي رهيا. ڪيترن ئي شهزادن جون شاديون هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ ٿيون.

سنڌ ۾، سمن جي دور جي خوشحاليءَ جو بيان "تاريخ طاهري" ترنگ ۾ اچي ڪري ٿي: "جيڪي زمينون غير آباد هيون، هاٿي چڱيءَ طرح پوکجڻ لڳيون. زمين جو اهڙو ڪوبه ٽڪرو نه رهيو، جنهن تي هر نه هليو هجي. ٿٽو اوير جي مَندي بنجي ويئي. سنڌ علم ۽ دولت ۾ "ٻيو عراق" بنجي ويئي. هڪ آڳاٽي اکر ۾ چيل آهي: "هر هنڌ ڪوهه ۽ وڻ هئا ماڻهو ايڏو خوش هئا جو ٻُڌا دائمي طرح جوان ٿي ويا". "رعيت راضي ايهه جهي، جو ٻڌا نت جوان."

سما ڪير هئا؟ چوٽيءَ جي تاريخدان سماجياتي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي مطابق، سما ياڌو نسل مان هئا. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ، منجهانئن گهڻا لڏي وڃي گجرات ۾ آباد ٿيا. (سورٺ جو راءِ ڏياچ سمو هو) پر، چوڏهين صديءَ جي اوائل ۾، منجهانئن گهڻا ڪجهه قدر سومرن جي مدد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾. خلجين سان مقابلو ڪرڻ لاءِ واپس موٽي آيا. ايچ- ٽي- سورلي مطابق، ”انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته سما جادو ڪُل جا راجپوت هئا ۽ گهٽو ڪري اهو ئي قبيلو هو، جنهن کي سڪندر سامبوس (Sambos) ڪري ڄاتو هو. اهي 1391ع کا اڳ مسلمان نه ٿيا هئا. ۽ سندن پونير ڪڇ جا سميجا ۽ جاڙيجا، ڪري ڄاتا وڃن ٿا.

انهيءَ جي معنيٰ ته سما سنڌ جا حاڪم ٿيڻ کان پوءِ، گهٽ ۾ گهٽ چئن ڏهاڪن تائين هندو رهيا. اُهي ڪڏهن، ڇو ۽ ڪيئن مسلمان ٿيا، اها خبر ناهي، پر ڏسجي ٿو ته اسلامي دنيا جي ڇڪ اولهه ايشيا ۽ ان جي پر وارن توڙي اتر هندستان ۾ اهم ڪم ڪيو آهي. پر اسلام انهن تي پنهنجو ڌيان مرڪوز ڪيو. رسمي مسلمان- نالن کان علحيده، انهن کين پنهنجا روايتي نالا ڏيڻ تي زور ڏنو. (اڄ به ٿائيليند ۾، ڪنهن به شهريءَ جو ڪهڙو به مذهب هجي، هو پنهنجي ٻارن جا نالا سنسڪرت جي فهرست مان ڳولي رکندو آهي، جيڪا مندر ۾ رکيل هوندي آهي).

پر سپني ڇگين ڳالهين جو ڪيئن به خاتمو ٿيڻ گهرجي. جڏهن بابر پنهنجو وطن سمرقند ۽ بخارا وڃايا ته هو هندستان تي چڙهائي ڪري آيو. رستي تي 1516ع ۾، هن پهرين ايران ۽ هندستان پنهي جو دروازو قندار (ڪورون جي ماءُ گانداريءَ جو پراڻو گانڌار ديش) فتح ڪيو. ارغون جيڪي قنڌار مان تڙجي نڪتا هئا، بدلي ۾ 1521ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيا. لڙائيءَ ۾ ڄام نندي (نظام الدين) جو پٽ دريا خان سمو وڙهندي مارجي ويو. هڪ ٻي جنگ ۾ ويهه هزار سنڌي ارغونن سان وڙهندي مارجي ويا. اهي ارغونن، چنگيزخان ۽ سندس قبيلي مان هئا. سنڌي پنهنجي گهوڙن تان لهي، پٽڪن ۽ ڪمربندن جا سندرا ٻڌي، سر تان آهو ڪٽي جنگ وڙهيا. پر منجهانئن ڪو به جيئرو نه بچيو.

سنڌين جي شڪست جو نمايان عنصر، مذهبي ڪٽرپڻو هو، جيڪو سمن جو آخري ڏينهن ثابت ٿيو. مخدوم بلاول. جيڪو وڏ- گهراڻو هو، جنهن آزاد خيال مڪتب فڪر پيش ڪيو سندس سرپرست دريا خان هو، جيڪو خود هڪ مدبر سپاهي هو. پر جڏهن نندي جي گاديءَ تي ڄام فيروز وينو ته رجعت پسند گروهه مٿي اڀري آيو. انهن بلاول کي تيل جي گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيو! انهيءَ ڳالهه سنڌين جون دليون توڙي ڇڏيون“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمن جي شڪست ڪان پوءِ. بکر جي گورنر قاضي قاضن. جيڪو سپاهي، مدبر، عالم ۽ صوفي سنت هو. مداخلت ڪئي ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهيو، ارغونن کي امن ۽ آرام سان حڪمراني حوالي ڪرايائين. شاهه بيگ ارغون، مغلن جي مدد سان سنڌ تي قبضو ڪيو. انهيءَ دٻاءُ هيٺ هندو حڪمران اتر ڪان ڏکڄي لاڙ ڏانهن آيا. جيڪي اتي سمورو وقت پنهنجي آزادي قائم ڪريو وينا هئا. سنڌ کي وري پراڻي چوٽي ياد ڏياري ويئي: "جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، توکي قنڌاران جوکو".

سمن جو دور ڄام تماچيءَ جي رومانوي داستان سان ياد ڪيو ويندو هو. هڪ ڏينهن جيئن ئي هو (ٺٽي جي پرسان) ڪينجهر ڍنڍ تي شڪار ڪري رهيو هو ته سندس نظر هڪ غريب مهاڻي ڇوڪري "گندري" (گندي، ميري) تي پيئي. هن سندس نالو "نوري" رکيو ۽ کيس پنهنجي محل ۾ وٺي وڃي مهاراڻي بنايائينس. سيني مهاڻن تان سموريون ڍلون ۽ محصول معاف ڪيائينس ۽ پوءِ آرام سان رهڻ لڳو. اهو واقعو ڪورون جي ڏاڏي شانتنو جي ياد ڏياري ٿو، جيڪو ستيه وتيءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿيو هو، جيڪا هڪ مهاڻي هئي.

پر سمن جي دور جو سڀ کان وڏو رومانوي داستان "سسئي پنهون" جو آهي. سسئي برهمڻ گهراڻي ۾ جنم ورتو هو. جڏهن پڻس کي سندس جنم پتريءَ مان پتو پيو ته ڏيٿس جو ليک کنهن ڌارئين سان لکيل آهي ته هن کيس توڪريءَ ۾ وجهي دريا ۾ لوڙهي ڇڏيو. اها توڪري ڀنڀور ۾ ڪنهن ڌوٻيءَ کي هٿ لڳي. هو اڪيئي بي اولاد هو. تنهنڪري ڪٽي پنهنجي ڌيءَ طور پالڻ شروع ڪيائين. شڪل جي سهڻي هئڻ ڪري سندس نالو سسئي (ششي معنيٰ چنڊ) رکيو ويو. جڏهن وڏي ٿي ته سندس سونهن جي هاڪ پري پري تائين ڦهلجي ويئي. بلوچستان جي ڪيچ مڪران جو تاجر شهزادو پنهون ڀنڀور مان اچي نڪتو. پهرين نظر سان ٻئي هڪ ٻئي تي موهت ٿي پيا. پنهون تجارت ڇڏي واپس ورڻ ڪان نابري واري ڇڏي ۽ سسئيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ پاڻ ڌوٻي بڻجي اتي ئي رهي پيو. پنهون جو پيءُ ڏاڍو ناراض ٿيو. هن پنهنجي ٻين پٽن کي پنهون کي واپس وٺي اچڻ لاءِ اماڻيو. جڏهن سسئي ننڊ ۾ سمهيل هئي ته پنهون جي ڀائرن، پنهون کي اٺ تي ٻڌي، پنهنجي وطن ڏانهن روانا ٿيا. پويان جڏهن سسئي کي ننڊ مان

جاڳ ٿي ته ڪيس حقيقت جي خبر پيئي. انهيءَ ساعت سسئي به پيرن اگهاڙي سندس پويان رواني ٿي.

ڏکهي ويران رستي ۾ هڪ پڪرار ڪيس ميريءَ اک سان ڏٺو. سسئي ڏرتي ماءُ کي حفاظت ڪرڻ لاءِ پاڏايو. جنهن تي ڌرتي ڦاٽي پيئي ۽ سسئي منجهس هلي ويئي. پوءِ جڏهن پنهون هوش ۾ آيو ته اتان پنهنجي پائرن ڪان پاڻ جڏائي پنيور ڏانهن روانو ٿيو. رستي تي ڪيس سسئيءَ جي پجاڻيءَ جي خبر پيئي. چيو وڃي ٿو ته ڪيس سسئيءَ سان ملائڻ لاءِ ساڳي جاءِ تي ڌرتي وري ڦاٽي پيئي ۽ پنهون پنهنجي سسئيءَ سان هميشه لاءِ مليو. پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ رڳو ٻصر جي چلڪي جيتري وڇوٽي رهجي ويئي.

شاهه جي شاعريءَ ۾ سسئي جا ورلاپ ڪنهن به سنڌي کي لڙڪ لاڙڻ لاءِ ڪافي آهن. اهي لتڪ ورنداون جي جهنگ ۾ ڪرشن لاءِ گوپين جي تلاش کي پوئتي ڇڏي ڏين ٿا. سسئي پار ڪيندي چوي ٿي: ”آئون نه سمي آهيان نه سومري. آئون ته برهمڻ آهيان، جنهن شاستر پڙهيا آهن. آئون پنهنجي پنهون کي ڳولهي لهندس ۽ سندس ڏوڀڻ ٿي گذاريندس. ماڻهو چون ٿا ته تون چرخو چور. آئون چرخو چوريان ٿي، پر هڪ به تند نٿي نڪري. جيڪي نڪري ٿو، اهي رت جا لڙڪ آهن، جيڪي چرخي کي پسايو ٿا ڇڏين.

او لڙڪو، اوهين ڏکها نه ٿيو. ۽ او جبل، ايڏو اوچو نه ٿيءُ. منهنجون اکيون سڪڻ ڏيو ته جيئن آئون پنهنجي پيرن جا نشان ڏسي سگهان.

اڄ آئون پنهنجا ڪپڙا گيروئان رنگيندس. آئون جوڳڻ ٿيڻ ٿي چاهيان. آئون پنهنجي پنهونءَ لاءِ ڪن ۾ جوڳين وارا ڪنڊل پائيندس.

هي ٻنڌ، ٻين پنڌن وانگر ناهي. آئون چاهيان ٿي ته دانهون ڪري روئان. پر پوءِ ماڻهو چوندا ته آئون چري آهيان. ماڻهو منهنجي محبت جي ڪارڻ مون تي الزام مڙهيندا. پر پوءِ ڇا ٿيو؟ سچا محبتي نڪرين تي ٿٺي پوڻ سان فڪرمند نه ٿيندا آهن

اڙي او سج. تون منهنجي محبوب سان ملڻ کان اڳ ئي لهين ٿو. نيڪ اهي. پر وڃي ڪيس ٻڌائج ته آئون رستي تي ئي مري ويئي آهيان. اڙي او جبل، تون محبتين کي آئت ڏج ۽ سندن پيرن کي نه ڏکوئج!.......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ سسئي ۽ جبل ٻئي پنهون لاءِ گڏجي رنا ايتري قدر جو ڪڳدام سندن دل جون دانهون ٻڌي ڏهي پيا.......

جيڪي پنهنجي پرين لاءِ موت جو ذائقو چکين ٿا. پرين انهن جي هنج ۾ آهي....... سسئيءَ جا سور رڳو تيسيتائين جاري رهيا. جيسيتائين سسئي ياڻ کي پنهون کان ڌار سمجهيو. جنهن ساعت. سسئي اهو ڄاتو تہ سسئي ۽ پنهون هڪ ٿي هئا. تہ سندس سڀئي سور ختم ٿي ويا.

سمن جي دؤر ۾. سنڌ اهڙيون ادبي ۽ ثقافتي اوچايون ماڻيون! ہہ صديون پوءِ. شاهہ لطيف "سُر بلاول" ۾ انهن جي ساراهہ جا ڏڪ پري ڳائيندو رهيو:

"او ڄام لاکا. آئون اگلي اوڏ آهيان. مون پنهنجي جهوپڙي تنهنجي ٻاجهاري اجهي هيٺ اڏي آهي. تون اسان ٻي اجهن جو بچاءُ ڪج. ائين ٿو لڳي تہ خدا خود ڄام جکري کي پنهنجي هٿن سان جوڙيو آهي. لڳي ٿو. هڪڙي جکري کي جوڙڻ ۾ تمام گهڻي مٽي کتب آئي هوندي.....".

باب انون

اڪبر جي ”ولايت دل - پسند سنڌ“

عربن جي اٺ سؤ ورهيہ وارئلي دؤر ڪانپوءِ، جڏهن بابر ارغونن کي سنڌ ۾ هيٺ ڏکيو تہ سنڌ پهريون گهمرو ڌارين جي حڪمرانيءَ هيٺ آئي. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ، ترخان پڻ گهڙي آيا ۽ ٻنهي ڌارين گروهن سنڌ کي ورهائي پاڻ ۾ ڪنيو. پوءِ وارن 180 سالن دوران، سنڌ مغلن سان سيني لاهڻ چاڙهڻ کي منهن ڏنو. جڏهن شير شاهہ همايون کي شڪست ڏني تہ همايون ڀڄي اچي سنڌ مان نڪتو. پر ارغونن جو رويو ڏانهس تڏو هو. همايون هڪ ڪنڊ ڪان ٻي ڪنڊ تائين پناهہ لاءِ ڀٽڪندو رهيو. هڪ موقعي تي هن مڪي وڃي فقير ٿي گذارڻ جو پڻ سوچيو. پر سندس ساٿين کيس چيو، تہ ڪين وچ ۾ ڇڏي نہ وڃي. ”اسان جو ڇا ٿيندو؟“. هن ڪانئس پڇي. اهي مڪي وڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. انهيءَ موقعي تي ٽيٽيهن ورهين جو جوان همايون، چوڏهين ورهين جي هڪ ارغون سنڌي ڇوڪري حميده بانوءَ جي محبت جو ديوانو ٿي پيو ۽ سنڌ جي پاٽ ڳوٺ ۾ 1541ع ۾ ساڻس شادي ڪيائين. امر ڪوٽ جي راڻي برسل، همايون جي ساٿين کي پنهنجي قلعي ۾ پناهہ ڏني، جتي 15 آڪٽوبر 1542ع تي کيس اڪبر ڄائو. اهو سنڌ توڙي هند لاءِ هڪ يادگار ڏينهن هو.

پر جڏهن، اڪبر سنڌ جي لاڙ واري حصي کي پنهنجي حڪومت سان ملائڻ چاهيو تہ جاني بيگ مرزا جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ جي ماڻهن سندس لشڪر جو مقابلو ڪيو. جاني بيگ مرزا پنهنجي سنڌي ماءُ جي ڪري مڪمل طرح سنڌي ٿي ويو هو ۽ ”سنڌي ٻچو“ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. هو پنهنجي ڇوڪري بازيءَ جي بدنام عادت جي باوجود عوام ۾ بيحد مقبول هو.

اڪبر جي موڪليل پهرئين شخص محمد صادق خان شڪست کاڌي. ان ڪان پوءِ جڏهن اڪبر پنهنجي وزيراعظم خان خانان مرزا عبدالرحيم جي هٿ هيٺ هڪ وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو، تڏهن سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ولايت دل- پسند" جي نالي سان سڏجڻ ۾ آئي. اڪبر انهيءَ ڪاهه کي ايڏي گهڻي اهميت ڏني هئي جو هو خان خانان کي روانو ڪرڻ لاءِ پنهنجي سمورن درٻارين سميت راويءَ جي ڪناري تي هلي آيو هو. هن پيري وري مغل لشڪر جي رسد جا رستا بند ڪري مٿن گهيرو ايڏو سوڙهو ڪيو ويو جو اُهي ماني ٻيي لاءِ محتاج ٿي پيا. انهيءَ صورتحال هيٺ، پريشان مغل سپهه سالار ان وقت جي با اثر مذهبي اڳواڻ قاضي عثمان درٻيلائي وٽ ويو ۽ سندس پيرن تي ڪري پيو. هو تيسيتائين اتان نه اٿيو جيسيتائين قاضي ڦونڊ وچان اهو چيو: "فتح عبدالرحيم جي ۽ ملڪ جاني بيگ جو." يعني ارغون حڪمراني ڪندا، پر مغلن جي بادشاهيءَ هيٺ. انهيءَ ڳالهه لڙائيءَ جو رخ بدلائي ڇڏيو. اهڙي طرح، ارغون "سنڌي ٻچو" اهڙو سنڌي قوم پرست نڪتو جو جڏهن ڪئين ورهيه پوءِ هن ڏورانهين هنڌ خانديش ۾ وفات ڪئي ته ڪيس سندس وصيت موجب ٺٽي ۾ دفنايو ويو.

جڏهن شاهجهان پنهنجي پيءُ جهانگير سان مهاڏو اٽڪايو، ته ڪجهه وقت پنهنجي بچاءُ ۾ ٺٽي ۾ گذاريو هئائين پوءِ جڏهن هو بادشاهه ٿيو، ته هن ٺٽي ۾ هڪ شاهي مسجد جوڙائي، جنهن کي "آسمان جو محل" ڪوٺيو ويو. اورنگ زيب پڻ ڪجهه وقت لاءِ سنڌ جي لاڙ واري حصي جو گورنر ٿي رهيو هو.

جڏهن اورنگ زيب پنهنجي پاءُ دارا شڪوهه کي شڪست ڏني ته دارا شڪوهه پڻ ڀڄي سنڌ ۾ آيو هو. پر سخت دل ارغونن انهيءَ هر دلعزيز شهزادي کي پڪڙي انڌو بڻايو ۽ ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙي دهلي موڪليائون. جئه سنگهه ڏانهن لکيل خط ۾ شيواجي لکيو هو، ته جيڪڏهن دارا دهليءَ جي تخت تي ويهي ها ته هندستان ۾ سڀ ڪجهه نيڪ ٿئي ها. اها بدقسمتي هئي جو دارا کي سنڌ ۾ ارغونن بي مانو ڪيو.

ڊي لي (De Laet) جي لفظن ۾ "ٺٽو ڏگهي عرصي کان هندستان جو وڏي ۾ وڏو واپاري مرڪز ٿي رهيو هو." ۽ مورلينڊ (More land) چيو ته اهو دنيا جو آدمشماري ۽ واپار جي وڏن مرڪزن مان هڪ هو. جڏهن راڻي پرتاب، چتور وڃايو ته ڪجهه عرصي لاءِ امر ڪوٽ ۾ پناهه ورتي هئائين. اتي هن ٺٽي جي باري ۾ ايترو گهڻو ٻڌو جو هن ٺٽي تي قبضو ڪري سنڌ تي حڪمراني قائم ڪرڻ چاهي. پر امر ڪوٽ جي راڻي ڪيس پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبائي وطن شاندار ميواڙ تي ڏيان ڏيڻ لاءِ چيو ۽ پٽي ڪنهن خيال ۾ ونڃڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ چيائين.

1655ع جي چتين لڙاين ۾. عيسيٰ خان ارغون پورچوگيزن کي مدد لاءِ سڏيو. حقيقت ۾ اهو تباهيءَ ڏانهن قدم هو. منجهائن 700 پورچو گيز 28 جهازن ۾ اچي پهتا. پر عيسيٰ کين ڪجهه به رقم ادا ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جو سندس لڙائي توقع کان اڳ ختم ٿي ويئي هئي. پورچوگيزن پنهنجي مدد پاڻ ڪئي ۽ ٺٽي مان "ويهه لک رپين جي ماليت جو سون لٽيو. جيڪو ايشيا ۾ وڏن مال غنميت مان هڪ هو." ان کان سواءِ، هنن جمعي جي ڏينهن، مقامي جامع مسجد ۾ باهه لڳائي ۽ اٺ هزار نمازين کي جيئري ساڙي ماري ڇڏيو!

پر پورچوگيزن جي پهچايل تباهي، ٺٽي جي خوشحال شهر کي گهڻو نقصان پهچائي نه سگهي. اهو پوءِ به صنعت تجارت ۽ ثقافت جي وڏي مرڪز جي حيثيت سان جاري رهيو.

ارغونن ۽ ترخانن جي سموري وقت دوران سنڌ ۾ صفا اوندهه انڌوڪار نه هو. عظيم سنڌي رومانوي داستان "سهڻي ميهار" پنجاب جو ساڳيو "سوهڻي مهيوال" انهيءَ دور سان وابسته آهي. سهڻي جيئڻ نالي مان ظاهر آهي. شهدادپور جي تلا نالي هڪ ڪنير جي ڌيءَ هئي. بخارا جو هڪ تاجر شهزادو عزت بيگ سندس عشق ۾ گرفتار ٿي پيو ۽ پنهنجي تجارت ۽ وطن وساري، دريا جي پٽي پر تي رهي پيو.

اتي ماڻهو کيس "ساهڙ" ڪوٺيندا هئا. پر مينهون چارڻ ڪري "ميهار" (مهيوال) جي نالي سان سڃاڻندا هئس. هر روز رات جو سهڻي گهڙي تي دريا تري پار ڪري ميهار سان ملڻ جو وچن پورو ڪندي هئي. هڪ ڏينهن سندس نراڻ کي انهيءَ ڳالهه جي سُڌ پئجي ويئي، جنهن پڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪچو گهڙو رکي ڇڏيو. سهڻي جيئن ئي دريا ۾ گهڙي ته ڪچو گهڙو ڀُري پيو ۽ هوءَ ڀرپور وهندڙ دريا ۾ هٿ پير هڻڻ لڳي. سندس دانهن تي ميهار به زوردار دريا ۾ ڪاهي پيو ۽ پٽي دريا جي لهرن جو ٻک بنجي ويا. پر ان وقت سهڻي جيڪي چيو، سوچيو ۽ محسوس ڪيو، انهيءَ کي شاهه عبداللطيف "سر سهڻي" ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي.

"منهنجون ميهڻا ڏيندڙ سکيون جيڪڏهن منهنجو عشق ڏسن ته

اهي پنهنجي ڪاٻڏن جي ٻر ۾ جيڪر سمهن ئي نه."

"جنهن کي پيا ڪڏائي سمجهن ٿا. سا منهنجي لاءِ وڏي شان جي ڳالهه آهي......"

"جيڪي عشق جي نشي ۾ چور آهن، انهن لاءِ گهڙو هڪ بوجهه آهي........."

هتي مون کي ميهڻن کي منهن ڏيڻو پويو ٿو ۽ اتي مون کي ملڻ جو وچن پورو ڪرڻو آهي. هت ٿي وعـــدي جي وير، هُت ســـتـــون ڏيئنم سرتيون.......

محبوب ڪيترين ئي چاهيندڙ ٻڏندي ڏٺيون آهن. پر مون خود سمنڊ کي ٻوڙي ڇڏيو- پنهنجي لڙڪن سان (سـهـسين ساهڙ ٻوڙيون، منڊ ٻوڙيو مهراڻ.....

اڙي دريا! مان قيامت جي ڏينهن توتي دانهينديس.......

توکي پنهنجي مـحـبوب اڳيـان تمام هيـنـاهين تائين جهـڪـڻـو پوندو........

۽ ڪناري جي ڪمزور گهاٽ تي بيهي توکي پنهنجي محبوب کي سڏڻو پوندو........

سنڌ انهيءَ دور ۾ "پنج رتن" پيدا ڪيا. ابوالفضل ۽ ابوالفيضي اصل ۾ سيوهڻ جا رهاڪو هئا ۽ اڪبر جي دربار جي نون رتن مان هئا. حقيقت ۾ ابوالفيضي شهنشاهه جو ساجو هٿ هو. ابوالفضل ۽ اڪبر جي خواهش هئي ته اڪبر کان پوءِ، جهانگير جي بدران، سندس پٽ خسرو تخت تي ويهي. انهيءَ ڳالهه کي روڪڻ لاءِ، جهانگير ابوالفضل کي مارائي ڇڏيو. انهيءَ واقعي اڪبر جي دل ٽوڙي وڌي ۽ هو جلد ئي مري ويو.

انهيءَ دؤر ۾ ٻيو شخص، جنهن تاريخ ۾ جاءِ ورتي، اهو سرمد فقير هو. سرمد هڪ يهوديءَ جي حيثيت سان آرمينيا ۾ ڄائو هو. هن سموري اولهه ايشيا جو سفر ڪيو. اسلام اختيار ڪيائين ۽ هڪ ترقي ڪندڙ تاجر جي حيثيت سان ٺٽي ۾ رهي پيو. اتي هڪ ڏينهن هن هڪ مشاعري ۾ هڪ هندو ڇوڪري اڀي چند کي ڏٺو. جنهن جي محبت سندس زندگيءَ کي مڪمل تبديل ڪري ڇڏيو. اڀي چند جي سونهن ۽ آواز جي ڪشش سرمد جي دل کي موهي وڌو ۽ هو ٻئي گڏ رهڻ لڳا. جلد ئي سرمد ڳائڻ لڳو: "مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافر آهيان ۽ مسلمان ناهيان" " هتي مجازي محبت جو ڪلاسيڪي واقعو روحاني ميلاپ جي درجي تائين وڃي پهتو.

پوءِ سرمد جين ڏگمبر ساڌو وانگر پنهنجا سڀ ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا. ماڻهن جا ميڙ سندس الهامي ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ چوڌاري گڏ ٿيندا هئا. جڏهن هو دهلي ويو ته سندس مريدن ۾ دارا شڪوهه پڻ هو. ڪيس شاهجهان سان متعارف ڪرايو ويو. جنهن گهٽ ۾ گهٽ ٻين خاطر ڪپڙا پائڻ جي گذارش ڪئي. جيئن تي صديون پوءِ، چرچل جي ڪونيل. "اگهاڙي فقير" انگلينڊ جي بادشاهه کي مجڻ کان انڪار ڪيو هو. تيئن سرمد پڻ ڪيس نه مڃيو.

جڏهن دارا پنهنجي وراثت جي جنگ، اورنگ زيب کان هارائي ته اورنگزيب سرمد تي ڪڙي نظر رکي. هن اول چيو ته سرمد کي نه رڳو اوگهڙ نه ڏکڻ جي ڏوهه ۾ سزا ڏجي، پر انهيءَ خيال ته سرمد دارا کي دعا ڪئي آهي، سندس دل ۾ بيائي پيدا ٿي. سرمد دهليءَ ۾ اخلاقيات جي اختيار جو وڏو مرڪز بنجي ويو. انهيءَ حقيقت اورنگ زيب کي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيو هو. تنهن ڪري هن فيصلو ڪيو ته سرمد جي اوگهڙ نه ڍڪڻ، سندس معجزن ۽ سندس سمورو ڪلمو پڙهڻ کان انڪار ڪرڻ، مجموعي طور تي ڪيس مرتد بنائي ڇڏيو هو ۽ تنهن ڪري هو واجب القتل هو.

ايشور جي کوج ۾ جيئن هندو "نيتي نيتي" (نه هيءُ، نه هو) چوندا آهن، تيئن سرمد "الاالله" (ڪوبه الله ناهي. ڇئي روڪجي ويندو هو ۽ اڳتي "محمد رسول الله" (ڪوبه الله ناهي، سواءِ الله جي ۽ جنهنجو پيغمبر محمد آهي) نه چوندو هو.

شاهي فرمان تي سرمد جي سسي، دهليءَ جي جامع مسجد ۾ ڪپي وئي. جتي اڄ به سندس قبر موجود آهي. پر سندس الاهي مجذوبيت ايندڙ صدين تائين ياد ڪئي ويندي. سرمد چيو: "سرمد کي دين جي شڪست تي ڪوبه ڏک ناهي: مون پنهنجو دين الاهي اکين جي اشاري تي قربان ڪيو آهي."

سندس ڪلاسيڪي جملا آهن:

"سرمد تو وڏو نالو ۽ شهرت تڏهن حاصل ڪئي جڏهن تون ڪفر (يهوديت) مان اسلام ۾ داخل ٿين. پر الله ۽ رسول ۾ ڪهڙي چڪ تي هئي جو هاڻي تون رام ۽ لڪشمڻ جو چيلو ٿي پيو آهين؟".

اهو اردوءَ ۾ اجهو هيئن آهي:

سرمد تيرا دنيا ۾ بڙا نام هوا
جب ڪفر سي تو مائل اسلام هوا
الله و نبي مين برائي ڪيا تهي
ڪيون پهرڪي مريد لڪشمن و رام هوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جو ٻيو درويش ٺٽي جي پرسان جهوڪ جو عنايت صوفي هو، جنهن کي دهلي نشانو بنايو. هو گيڙوئان ڪپڙا پائيندو هو. سندس درويشي جي ڪري ڪيترائي ماڻهو ونس چڪجي ايندا هئا. جنهن ڪري پراڻي خيال وارن ملائن ۾ ساڙ پيدا ٿيو. جيئن تہ هو پنهنجي خيراتي زمين تي هارين سان سٺو سلوڪ ڪندو هوندو هو، تنهن ڪري ان پسگردائي جا زميندار ڪانئس ان ڪري شڪي ٿيڻ لڳا، جو هو ماڻهن ۾ عدل ۽ برابري جا خيال پري رهيو هو. ہ رجعت پسند قوتون گڏجي هن درويش صوفي جي برخلاف دهلي حڪومت جا ڪن ڀرڻ لڳيون ۽ جڏهن ڪيس "ٺٽي ۾ دعوت ڏيئي" گهرايو ويو تہ اتي ڪيس قتل ڪيو ويو. ان ڪان اڳ، شاهہ عنايت مغلن ۽ سنڌ ۾ سندن ارغون گورنرن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ، يار محمد ڪلهوڙي کي دعا ڪئي هئي. ان ڪان پوءِ، عنايت ٻن مريدن دهليءَ جي مغل بادشاهہ فرخ سير کي انڌو ڪري، سندس موت جو بدلو ورتو.

ٻيو اٽلي رتن مهامتي پراڻ ناٿ هو. گجراتي پيءُ ۽ سنڌي ماءُ جي هن پٽ، پنهنجو وقت ٻنهي صوبن ۾ گهاريو ۽ ٻنهي زبانن ۾ شاعري ڪيائين. جڏهن 1679ع ۾ اورنگزيب هندن تي جزيہ (في ماڻهوءَ تي ٽئڪس) مڙهي، تڏهن مهامتي دهلي ويو. جتي سندس ٻارنهن چيلا- ڏهہ هندو ۽ ٻہ مسلمان- مهامتيءَ جي محبت ۽ امن جي شاعري جامع مسجد جي پسگردائي ۾ ڳائڻ لڳا. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن جڏهن اورنگزيب گهوڙي تي چڙهي جامع مسجد ڏانهن نماز پڙهڻ لاءِ وڃي رهيو هو، تہ انهن ڪيس رستي تي روڪيو. جڏهن بادشاهہ سندن ڳالهہ ٻڌي تہ مهامتي پنهنجي چيلن سان گڏجي ٻهراڙيءَ ۾ پيرين پيدل نڪري پيو ۽ سرڪاري ارهہ زوراوري جي خلاف احتجاج ڪيائين. سندس سنڌي وائي (شاعري) سندس پڇاڙيءَ جي دؤر جي بهترين شاعري آهي. پوءِ مهامتي بنديلا هيرو ڇتر سال جو سياسي گرو ٿيو.

ڏسڻ ۾ ايندو تہ گانڌي پنهنجو اتساهہ، رسڪن يا ٽالسٽاءِ جي ڀيٽ ۾ مهامتي کان وڌيڪ پاتو هو. گانڌيءَ جي ماءُ پتلي ٻائي پران ناٿي هئي. هوءَ نوجوان گانڌي ۽ ڪستوربا کي سندس شادي کان پوءِ پرڻ ناٿ جي مندر وٺي ويئي هئي. جتي مورتيون رکيل نہ هيون (نج آنند سمپردايہ). گانڌيءَ جو "ستيا گرهہ" مهامتي ناٿ جي "سداگرهہ" وانگر هو. "ڊانڊي مارچ" مهامتيءَ جي دهليءَ کان سنڌ ۽ گجرات جي "پد ياترا" وانگر هئي. ايتري قدر جو گانڌيءَ جون پرارٿنا جون گڏجاڻيون، مهامتي ناٿ جي هندو مسلم جي گڏيل پرارٿنائن جي گڏجاڻين جو نعم البدل هيون.

تاريخ پنهنجو پاڻ کي ورجائي سگهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب نائون

پـ خزانا

جيئن جيئن مغل شهنشاهيت اورنگزيب جي آخري سالن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ لڳي، تيئن تيئن مغلن جا مقرر ڪيل عملدار پڻ ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا. سندن جاءِ ڪلهوڙن جي مقامي گهراڻي ورتي.

ڪلهوڙا عزتدار سيد هئا، جن جي دعويٰ هئي ته اهي عباسي خلافت جي دؤر ۾ عربستان کان آيا هئا. پر هزار ورهين کان پوءِ ڪوبہ لڏي آيل ناهي ۽ اها حقيقت آهي تہ سندس جدامجد ڪو اوڏاڻي نالي هو. اهو ئي سندن مقامي اصل نسل جي تصديق ڪندي نظر اچي ٿو.

صدين کان، ڪلهوڙن پنهنجي مذهبي حيثيت سان زميندار زور جوڙيو هو. ايتري قدر جو هنن گنداباهہ جي زمينداري حاصل ڪئي. هو انهيءَ حيثيت سان سنڌ بلوچستان خطي ۾ بولان ۽ ٻين لڪن جي سنڀال ڪندا هئا. ڪلائيو (Lord Clive) لکي ٿو تہ اورنگزيب جي موت سان ” شهنشاهيت ڍهي اچي پٽ پيئي، جو ڪائنس پوءِ ان کي سهارو ڏيڻ وارو ڪوبہ نہ بچيو هو.“ سنڌ ۾ اها حاڪميت ميان يارمحمد هٿ ڪئي، جيڪو ڪلهوڙا خاندان مان هو. سندس هٿيار بند فقيرن تاجي ۽ جادي مغل سپهہ سالار امير شيخ جهان کي ماري وڌو ۽ بکر جي گورنر لهير خن کي لوڏي ڪڍيو. ورنگيب جي پٽ معزالدين، جيڪو لاهور جو گورنر هو، اول تہ ڪلهوڙن کي سيکت ڏيڻ جو سوچيو، پر جلد ئي محسوس ڪيائين تہ اختياري فيصلو، سورهيائيءَ جو بهتر حصو ٿيندو. تنهنڪري ڪلهوڙي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيائين.

ڪلهوڙن سنڌ کي يڪجا ڪيو، جيڪا اڳ ۾ ارغون ۽ ترخان اميرن ۾ ورهايل هئي. هنن صوبي کي مقامي گهراڻي جو حڪمران پڻ ڏنو، جنهن جون زمين ۾ پاڙون هيون. پر هو اجا پوري طرح واڳ سنڀالي ئي نہ سگهيا هئا جو نادرشاهہ پنهنجي طوفاني حملي سان صوبي تي اچي ڪڙڪيو. هُن ايراني حملي آور 1739ع ۾ دهلي کي لٽيو ۽ مغلن کي اٽڪ کان اڳتي ۽ سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هندستاني سرزمين جي حڪمراني سندس حوالي ڪرڻ پئي. نادرشاهه هڪدم ڪلهوڙي حاڪم کي ڪابل ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو. پر هو نه اُتي حاضر ٿيو ۽ نه ئي ڪو جواب موڪليائين. هن نادرشاهه جي قهر ۽ دهشت کان پري رهڻ ۾ ئي بهتري ڄاتي. هن اهو به سوچيو ته نادرشاهه کي دهليءَ جي لٽ مار مان ڪافي گهڻو مال حاصل ٿيو آهي، تنهنڪري هو مسڪين ننڍڙي سنڌ کي لٽڻ لاءِ خاص ڪاهي اچڻ جي تڪليف نه وٺندو. پر نادرشاهه اُن جي اُبتڙ سوچيو. ڪيس خبر هئي ته جيڪڏهن هڪ گورنر ائين بچي ويو ته ٻيا به ساڳيو رستو اختيار ڪندا. ڊنل ڪلهوڙو حاڪم، هڪدم امرڪوٽ جي قلعي ۾ پاڻ بند ڪرائي ويهي رهيو. پر ڪلهوڙي حاڪم کي پنهنجي هڪ ڪروڙ رپين جي خزاني کي لڪائڻ جو وقت ئي نه مليو جو 1740ع جي شروع ۾ نادرشاهه اُتي وڃي ڪڙڪيو. نادرشاهه دهشتناڪ جو ٻيو نالو هو. جڏهن سندس پٽ ناصر شادي ڪري رهيو هو ته نادرشاهه کي رسم موجب پنهنجي ستن پيڙهين جا نالا ٻڌائڻا هئا. ماڻهن سمجهيو ته نادرشاهه پنهنجي ابن ڏاڏن جا نالا وٺڻ ۾ پريشان ٿي ويندو، جو سندن ڪا به حيثيت نه هئي. پر نادر ترتيب وار ٻڌائيندو ويو: "ناصر ابن نادر، ابن شمشير، ابن شمشير، ابن شمشير، ابن شمشير، ابن شمشير." اهڙي طرح ماڻهوءَ جي اها سوچ ته "طاقت، بندوق جي ناليءَ مان نڪري ٿي" ڪا نئين ناهي. اها گهٽ ۾ گهٽ نادر جيتري پراڻي آهي.

انهيءَ نادر ابن شمشير ڪلهوڙي حاڪم کان صاف صاف پڇيو ته تون ڇو ڀڄي وئين ته هن سچائيءَ سان وراڻيو، "اسان هميشه هندستان شهنشاهه جا وفادار رهيا آهيون. اسان سولائيءَ سان پنهنجون وفاداريون نه مٽائي سگهندا آهيون". نادر کي جواب وڻيو ۽ ڪيس سنڌ جي گورنر جي حيثيت سان بحال ڪيائين. پر نادر ڪيس چيو ته مون کي ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ڪلهوڙن وٽ به قيمتي هيرا آهن. ڪلهوڙي حاڪم انهي ڳالهه جي تصديق ڪئي ۽ ڪٽڪ جي اتي جي ڳوڻ ۽ گيهه جو ڊبو پيش ڪندي چيائين، "اهي اسان جا هيرا آهن. جيڪڏهن ڪنهن وٽ اهي شيون آهن ته ڪيس ٻي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ئي نه رهندي. پر جيڪڏهن ڪنهن وٽ اهي شيون ناهن ته پوءِ ڪيس ٻي ڪا شيءِ حاصل نه ٿيندي."

نادر ڏاڍو خوش ٿيو. هن پوءِ نئي شهر کي ڏسڻ جي خواهش ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي. اُتي سندس ۽ سندس فوج جي عيش و آرام جو سورنهن ڏينهن لاءِ انتظام ڪيو ويو. رواني ٿيڻ وقت، هو پاڻ سان هڪ ڪروڙ رپين جو خزانو ڪٺي ويو ۽ هر سال ويهه لک رپين جي ساليانه خراج جي ڄماڻت سنڌ جي منهن تي هٽي ويو. هو ڪلهوڙن جي ڪتب خانن جا اڻلڀ ڪتاب ۽ مخطوطا پڻ پاڻ سان کڻائي ويو. سنڌي سڻي چال چلگت جي پڪ جي طور تي هن پاڻ سان ٽي ڪلهوڙا شهزادا ۽ 12000 ماڻهن تي مشتمل سنڌي لشڪر پڻ ڪنيو. ڪلهوڙن جي شهزادن پوءِ فتني سان پريل ايران ۾ ترسڻ جو پنهنجو مصيبت پريو داستان بيان ڪيو آهي.

شروع ۾ جڏهن نادر شاهه دهليءَ جي لٽ مار تان موٽيو هو ته پاڻ سان ڪيترائي متُرا جا برهمڻ باندي بنائي ايران ۾ غلامن جي طور تي وڪڻڻ لاءِ ڪنيا هئائين. اها خبر شڪارپور جي هڪ مائي تخت بائي کي پيئي. هن پنهنجي مڙس سيٺ ڪيولرام پوچواڻيءَ کي انهن سينيءَ جو پڱگ ڀري ڏيڻ لاءِ چيو. نادرشاهه جي رستي ۾ ايندڙ، سيٺ جي سيني ڪاروباري شاخن کي هدايتون موڪليون ويون ته 100 کان 250 رپيا في برهمڻ جي حساب سان ڏيئي بدنصيب برهمڻ کي آزاد ڪرايو وڃي. پڱگ تي جڏايل سيني برهمڻ کي پوءِ ڪجهه روڪ رقم ڏيئي گهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو.

پر هڪ جي پنيان ٻيو آزار پيدا ٿيندو ويو. نادر شاهه جي وفات کان پوءِ، افغان نسل جو احمدشاهه ابدالي منظر- عام تي آيو. 1752ع ۾ دهليءَ ۾ صفدر جنگ، مغلن ۽ مرهٽن جي وچ ۾ ٺاهه ڪيو. جنهن تي سيني هندو ديوتائن جي تصديق ڪرائي ويئي، ته جيئن گڏجي ابداليءَ جو مقابلو ڪري سگهن. انهيءَ ٺاهه، مرهٽن کي پنجاب، گجرات ۽ سنڌ ۾ چوٿ جو حق ڏنو. پر انهيءَ ٺاهه جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ، ٺيڪ ٻئي سال، 1753ع ۾، ابدالي سنڌ کي فتح ڪيو ۽ صوبي ۾ افغان حڪومت قائم ڪيائين. ڪلهوڙو حاڪم نورمحمد، هڪدم ڀويان، ابدالي سان جيئن بهتر سمجهي تيئن منهن ڏيڻ لاءِ، ديوان گدومل کي ڇڏي، جيسلمير ڀڄي ويو، جتي وفات ڪيائين.

گدومل، ابداليءَ کي ٺڏو ڪيو. هن ڪيس ٻه ٻوريون مٽيءَ جون پيش ڪيون، جنهن لاءِ چيائين ته اهي ڪنهن به سون يا جواهر کان وڌيڪ قيمتي آهن، جو منجهن سنڌ جي اوليائن جي درسگاهن جي خاڪ آهي. هن پوءِ تيرهين لک رپين جي گهٽايل خراج ڏيڻ جي شرط تي، ڪلهوڙي کي گورنر

جي عهدي تي بحال ڪرڻ لاءِ ابداليءَ کي راضي ڪيو.

سنڌ هڪ ٻيرو وري سک جو ساهه کنيو هو ته مددخان نالي هڪ پٺاڻ افغان اچي ڪڙڪيو. اُن وقت جا ليکڪ لکن ٿا: "اهي افغان وچوئن ۽ نانگن جهڙا آهن. اهي جيترو آزاريندڙ آهن، اوترو ئي نيچ آهن. غريبن ۽ بي مددگارن تي بجلي وانگر ڪڙڪن ٿا. سگهارن کان بجلي وانگر ونءُ وڃن ٿا. اهي قاتل ڳوٺيون به پاڻ سان کڻي ويندا آهن." هڪ عرصي کان سنڌي ڪنهن به مصيبت کي "مدد خان جي اچڻ" سان منسوب ڪندا آهن.

اُتر کان ڪلهوڙن جي اچڻ تي پراڻن هندو اُمرائن ڏکڻ جو رخ رکيو. "دودي چنيسر" جي پراڻي چوڻي "سما، سوڍا ۽ سومرا سنڌ جي ڏکڻ ۾ راڄ ڪن ٿا". هاڻي سچي نه رهي هئي. سورلي لکي ٿو: "امر ڪوٽ ۽ ڪڪرولا ۽ ٻين ننڍين هنڌن تي هندو حاڪم ٿورو ڪي گهڻو خودمختيار قوت جا مالڪ هئا. اُتر سنڌ جي رهاڪو ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن کي لاڙ ۾ عام طرح "سرائي" ڪوٺيو ويندو آهي. سندن اوسر هندن جي خودمختياري کي تبديل ڪري ڇڏيو. سرائي جڏهن شڪارپور ۽ سکر کان اڳتي روانا ٿيا ته اُهي ڏکڻ ۽ اوير ڏانهن وڌيا ۽ هندن جي آزاديءَ کي ختم ڪري ڇڏيائون". انهيءَ ڳالهه جي ڪري سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ لڙايون لڳيون، جن ۾ سنڌ پنهنجي وڏي حيثيت ڪري، اڳري رهي. آخر ۾، غلام شاهه ڪلهوڙي سنڌوءَ جي هڪ شاخ جي پاڻيءَ کي ڪڇ ۾ وهي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ "الله بند" نالي بند ٻڌايو. انهيءَ بند رڳو هڪ آڳاٽي زلزلي جي نتيجي کي زور ونايو، جنهن انهيءَ ايراضيءَ ۾ پاڻي جي وهڪري کي هڪ ننڍي ڇنڊڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڳالهه سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ بي رخي پيدا ڪئي، جنهن ڪري ڪڇ وارن هاڻي پنهنجو پاڻ کي گجراتي سمجهڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ اُهي هر لحاظ کان سنڌ کي ويجهو آهن. سنڌ جي فاتح چارلس نيپيئر کي اهو نڪتو پيو ته سنڌ ۽ ڪڇ "زندگي، شهري، مذهبي، تجارتي ۽ فوجي لحاظ کان پاڻ ۾ گڏ اُهن."

سندن ناتا خاص ڪري ٻوليءَ جي لحاظ کان ويجهو آهن. ڪڇي، گجراتين جي ڀيٽ ۾ سنڌين کي ويجهو آهن. اهڙو دلچسپ مثال ٻي لوڪ سڀا (1957-62) ۾ ڏسڻ ۾ آيو. پريم جي ڀائي اسر. جيڪو ڪڇي هو ۽ مهاراشٽر ۾ رهندو هو. ڀارتي جن سنگهه (BJS) پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي

چوندجي ايو. سندس زال ڪي انگريزي، هندي توڙي مراٺي تي آيون. پريم جي ٻائيءَ جي زال پنهنجي مڙس جي غير موجودگيءَ ۾ وٽن ايندڙ ماڻهن ڪي ڪڇيءَ ۾ جواب ڏيندي هئي. آڏوائي، سنڌي هئڻ سبب، سندس ڳالهه سمجهندو هو؛ ۽ جنهن ڪي هو پوءِ هنديءَ ۾ ترجمو ڪري پين ڪي ٻڌائيندو هو! پر سنڌ جي حڪمرانن جي ڪڇ دشمن نيتيءَ جي ڪري اهي سڀ سنڌي ڪڇي ناتا ٽٽي ويا.

نادر، ابدالي ۽ ڪڇ جي لڙائيءَ کان پوءِ، ڪلهوڙن بهتر طور تي حڪومت جو انتظام سنڀاليو. نوان واهه کوٽايا ويا، جنهن ڪري زرعي پيداوار ۾ واڌارو آيو. مڇي ايڏي وڏي تعداد ۾ مرندي هئي جو اُها سڪائڻ کان پوءِ گهوڙن کي کارائي ويندي هئي. آدم شماري وڏي وجي تيهن لکن تائين پهتي، جڏهن ته ڪائنڻ اڳوڻن حڪمرانن ارغونن جي ڏينهن ۾ اها ويهه لک هئي ۽ ڪائنڻ پوءِ جي حڪمرانن ٽالپرن جي ڏينهن ۾ رڳو پندرهن لک وڃي بچي. زمين جي ڍل مغلن جي ڏينهن ۾ پيداوار جي 1/3 حصي مان گهٽجي 1/3 ۽ 1/5 جي وچ ۾ وڃي پهتي، جنهن جو مدار زمين ۽ فصل تي هو.

ڪجهه وقت اڳ، ايسٽ انڊيا ڪمپني ٺٽي کي "لنڊن جيڏو وڏو شهر" ڪوٺيو هو. هاڻي منجهس پنجاهه هزار گهر هئا، جنهن مان گهڻا پٿر ۽ گچ مان اڏيل هئا، جن کي وڏا ورانڊا ۽ بعض تي چار ماڙ هئا. سنڌ جو سوٽي ڪپڙو "اوڀر جي سموري پيداوار جو گل" هو. ٺٽي جي بين الاقوامي تجارت "سنڌ کي قومن ۾ هڪ مقام ڏنو هو". شهر ۾ 400 اسڪول ۽ 4000 بيڙيون هيون. ڳڙ، انگورن، ڪتل، مُشڪ، مصري، گلاب ۽ ڪيسر مان شراب ناهيو ويندو هو، جن جا پيالا سنڌي ماڻهو پي موج ۾ ايندا هئا ۽ مست ٿيندا هئا. سورلي چوي ٿو: "تانپوري ۽ ڍولڪ جو سنگيت ٺٽي جي هر گهر مان ٻڌڻ ۾ ايندو هو".

ڪلهوڙن جيڪا سنڌ کي وڏي سوکڙي ڏني، اُها هئي حيدرآباد جو شهر. اها پراڻي شهر نيرونڻ ڪوٽ (نارايڻ ڪوٽ) جي سرزمين هئي. عربن جي فتح کان پوءِ، اهو شهر ختم ٿي چڪو هو. جيڪو پوءِ "نيرونڻ ڪافر" نالي سان هڪ وڏو قبرستان ٿي ويو. مسلمان اُتي دفن ٿيڻ ۾ وڏي سعادت سمجهندا هئا. پر غلام شاهه ڪلهوڙي قبرن کي- جنهن ۾ شهزادن ۽ پيرن جون قبرون شامل هيون مسمار ڪرڻ جو حڪم ڪيو. جيڪو اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڊچن شهري قلعي جي اڏاوت لاءِ گدومل کي ناٽي جون ٻه ٻيڙيون ڀرائي موڪليو. جنهن اهو قلعو رڳو ٻن ورهين (1768-70) ۾ جوڙائي راس ڪرايو. جنهن جو نالو دکن ۾ حيدرآباد جي نظام سان خصوصي ناتا قائم ڪرڻ لاءِ، ڪيس خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ "حيدرآباد" رکيو ويو. پر ٻئي حيدرآباد هڪ ٻئي کان ايڏو ڏور هئا جو هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ کان قاصر هئا.

قلعي جي اُترئين دروازي کان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ميل ڪن ڊگهي بازار قائم ڪئي ويئي. ڀهريون حصو ڀائيبند واپارين کي ۽ ٻيون حصو هندو عامل سرڪاري ڪامورن کي ڏنو ويو. عامل گدوائي ڪتنب کي، جنهن جو وڏو گدومل وڏو وزير هو. قلعي جي بلڪل پرسان رهايو ويو. سنڌ جو هيءُ نئون گاديءَ جو شهر، جنهن جي اولهه ۾ سنڌو هو ۽ اوڀر ۾ ڦليلي هئي. هڪ وڏي باغن جي شهر جي صورت ۾ اُسريو.

ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ جي دوران ٻيو پراڻو شهر وري اسريو، اهو هو شڪارپور. جيڪو هاڻي نه رڳو اتر اولهه هندستان جو، پر وچ ايشيا جو ناٽياتي گاديءَ جو هنڌ ٿيو هو. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته اهو شهر ڪلهوڙن جي سؤٽن دائود پوٽن ٻڌايو هو ۽ انهيءَ جو نالو شڪارپور ان ڪري رکيو ويو جو ٽالپور مير شڪار جا شوقين هئا. پر ٻين جي راءِ اها ناهي. اهي نشان ڏهي ڪن ٿا ته شڪارپور، شڪار جي شوقين ٽالپورن جي منظر عام تي اچڻ کان اڳيئي اُتي موجود هو، ٻين لاءِ، شڪارپور هميشه واپار جو مرڪز رهيو آهي نه ڪي شڪارگاهه. اهو ٻڌ ڏيان ۾ رکڻ جوڳي ڳالهه آهي ته مسلمان ٻنهنجي شهرن کي "آباد" نالو ڏيندا هئا، نه ڪي "نگر" يا "پُر". انهن ماهرن جو خيال آهي "شڪارپور" اصل ۾ "شاڪاري پور" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "شاڪائن (Shakas) کي تباهه ڪندڙ سٿين (Sythians) جو ٻڌايل شهر". انهيءَ سلسلي ۾ اُهي نشان ڏهي ڪن ٿا ته "ڪوئيٽا" فارسي رڪارڊ ۾ "شاڪاري ڪوٽ" "شاڪائن کي تباهه ڪندڙ جو جوڙايل قلعو (سرحد)" آهي. پوءِ هندستان جي پاسي، اهو رڳو "ڪوٽ" يا "ڪوٽيا" ڄاتو ويو، جنهن کي برطانوين بگاڙي "ڪوئيٽا" چيو.

ڪلهوڙن جي حڪمراني جي خاص ڳالهه هندن جو مٿي اُڀري اچڻ هو. صدين کان هيٺين سطح تي رهڻ کان پوءِ، هاڻي اهي رڳو ٻنهنجي ذهانت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موافقت. ساڪ ۽ محبت سان وري أسريا هئا. گدومل ۽ سندس پاءُ جسپت ڪان سواءِ، اسان جنرل بالڪرام، وڪيل ديوداس، مولراج، گهنشيام، ٽوپڻ داس، ڪرڻ مل ۽ گلاب راءِ جا نالا ٻڌون ٿا. مهتا موتومل برخوردار هو. جيڪو چوٿيءَ جي مشيرن مان هڪ هو. ديوان چيلارام سيوهائي خزاني جو سنڀاليندڙ هو. دهليءَ ۾ ڪلهوڙن جا ٻه وڪيل آنندرام "مخلص" ۽ مير متارو هئا. ڪلهوڙن جي پهرئين حاڪم آدم شاهه پندرهين صديءَ ۾ هندن سان انصاف پسنديءَ وارو رويو اختيار ڪرڻ جو ميدان تيار ڪيو هو. 1736ع ۾ يار محمد ڪلهوڙي، (آڏواڻي ڪتنب جي وڏي) آڏومل ملتان واري کي سنڌ ۾ آباد ٿيڻ جي خاص دعوت ڏني هئي. ان کان پوءِ پيا کيترائي ڪچ، جيسلمير ۽ ايتري قدر جو ڏور پرياگ کان پڻ سنڌ ۾ آيا.

پر ڪلهوڙن جو دؤر گهڻو ڪري شاهه عبداللطيف جي ڪري ڄاتو ويندو. جيئن ايليزبيٿ جو دؤر شهنشاهيت قائم ڪندڙن جهڙوڪ راليف (Raleigh) ۽ ڊريڪ (Drake) جي ڀيٽ ۾ شيڪسپيئر جي دؤر طور ڄاتو وڃي ٿو. شاهه نه رڳو سڀ کان وڏو سنڌي شاعر آهي پر دنيا جي پائي جو شاعر آهي. جيڪڏهن سنڌ کي شاهه ۽ ٻين سڀني شاعرن مان چونڊ ڪرڻي پوي ته انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته أها شاهه جي ئي چونڊ ڪندي.

پر سڀني سٺين شين کي پنهنجي پڄاڻي تي پهچڻو هوندو آهي. ڪلهوڙن جي دور جو پڻ ڪجهه جلد ئي خاتمو ٿيو. سومرن پنهنجي پاڻ کي مات ڪائيندو ڏسي، علاوالدين خلاف سمن کي مدد لاءِ سڏيو. ڪلهوڙن وري مغلن، ايرانين ۽ افغانن سان وڙهڻ لاءِ بلوچن کي دعوت ڏني، جو هنن پنهنجي آرام لاءِ بلوچن کي ڊگهي عرصي کان گهڻو طاقتور ٿي ڏٺو. حقيقت ۾ بلوچ أن وقت بلوچستان جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ وڌيڪ آباد هئا. انهيءَ ڳالهه ڪلهوڙن کي شڪي ۽ حاسد بنائي ڇڏيو هو. گدومل جي صلاح جي برخلاف، ڪلهوڙن، بلوچن جي سردار بيرم خان ۽ سندس پٽ صوبدار کي مارئي ڇڏيو. مير بيرم خان جو پيو پٽ مير بجر خان سندن وفادار رهيو. جڏهن افغان عزت يار خان پنهنجي 30.000 لشڪر سان سنڌ ۾ لٿو ته بجر خان 18.000 جي سنڌي بلوچي لشڪر سان مقابلو ڪري کين سيڪت ڏني. أن وقت جي فارسي تحرير "فتح نامه" ۾ چيل آهي: "جيئن بلوچن پنهنجون تلوارون لهرايون ته افغانن جي رت سان زمين ڳاڙهي ٿي ويئي.ڪي گوڏا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙي رحم لاءِ ايلاز ڪرڻ لڳا تہ ڪي وري اگهاڙي مٿي ۽ اگهاڙي پيرين پڄندا پئي ويا."

پر ڪلهوڙن بجر خان جهڙي وفادار ڪامياب سپهہ سالار تي شڪ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪلهوڙن سندس وفاداريءَ جي ثبوت ۾ ڌيئس جو سنگ گهريو. جيڪو هن بلوچي روايت جي بنياد تي، ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڪلهوڙن پوءِ جوڌپور جي راجا کي امر ڪوٽ واپس ڏيڻ جي عيوض بجر خان کي قتل ڪرڻ لاءِ چيو. جوڌپور جا ايلچي هڪ تمام ڳجهو نيابو ڏيڻ جي بهاني بجر خان سان مليا. ڪن ۾ ڳالهہ ٻڌائڻ جي بهاني، انهن مٿس حملو ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. (انهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ چوڻيءَ آهي تہ "ڪن جي ڳالهين مِير بجر کي مارايو!") اها بلوچن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ هالاڻيءَ جي پرسان لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪلهوڙن کي ٽالپور ميرن شڪست ڏني.

افغانن کي اها پڪ نہ هئي تہ ڪنهن جي حڪومت کي مڃجي. اڳ وارن ڪلهوڙن جي وچ ۾ هالاڻيءَ جي پرسان لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪلهوڙن کي يا ابرندڙ ٽالپورن کي. تنهنڪري انهن چيو تہ جيڪا ڏر پهرين ڇهہ لک رپيا ادا ڪندي، انهيءَ کي حڪمران مڃيو ويندو. ڪابل ۾ مقيم ٽالپورن جي نمائندن گدومل. جسپت راءِ ۽ آغا ابراهيم شاهہ ايراني مقامي واپارين کان رقم وٺي کين ادا ڪئي ۽ بلوچستان جي ٽالپور ميرن جي حڪومت قائم ڪرائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

ڪلهوڙن جي حڪومت، ٿوري پر يادگار. اسي ورهين کان پوءِ پڄاڻيءَ تي پهتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏهون

شيطان جو پاءُ

ميرن (اميرن) جي ٽالپور خاندان ڪلهوڙن کان سنڌ جون واڳون ورتيون. پر سنڌن پاڳ ۾ ڏکھو- يا چڱو راڄ لکيل نہ هو. جيئن تہ سنڌن وڏا موروثي طور تي ريڍار هئا، ۽ پيشي جي طور تي جنگجو هئا. انهيءَ ڪري آبپاشي ۽ زراعت ڏانهن ڌيان نہ ڏنائون. هنن پوک ڪرڻ جوڳين ڏکــھين ايراضين کي پڻ شڪار لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. نتيجي جي طور تي ڪلهوڙن جي دؤر جي 30 لک آدمشماري، 1843ع ۾، انگريزن کي سنڌ حوالي ڪرڻ وقت، وڃي اڌ بچي، پر اناج ڪڇ، ڪاٺياواڙ، مڪران ايتري قدر جو عربستان ڏانهن برآمد ٿيڻ جاري رهيو.

برطانوي ايلچي، پاٽنجر (Pottinger) سنڌ ۾ "قرون، جهالت ۽ ظلم ڏٺو، جيڪي ايڏو عروج تي هئا، جنهن جي دنيا ۾ برابري نہ هئي." برٽن (Burton) لکيو آهي تہ هن ملا اسڪولن ۾ عجب جهڙيون ڳالهيون پڙهائينديءَ ڏٺيون. پر ميرن پنهن معاملن ۾ ايترو گهڻو خراب نہ ڪيو هو. هنن جوڌپور کان امرڪوٽ واپس ورتو. ڪراچيءَ جي نگر- سيٺ نائون مل جي مدد سان، ڪراچيءَ جو ساموندي بندر پڻ بلوچستان ۾ قلات جي خان کان واپس ورتائون. ايسٽوڪ (Eastwick)، "ٽالپورن جي حڪومت جي سٺ ورهين جي پيٽ ۾ لاهور دربار جي هڪ ورهيہ دوران وڌيڪ ڏوهہ" ڏٺا. لئمبرڪ (Lambrick) لکيو آهي: "جيڪڏهن سنڌو ۽ عرفات جي وچ وارن ملڪن جي ڀيٽ ڪبي، تہ تهذيب ۾ سنڌ سڀ کان اڳيرو ملڪ سمجهيو ويندو." برطانوي ايلچي، ڊاڪٽر برنس (Dr. Burns) جي لفظن ۾، سنڌ جو وزيراعظم ولي محمد لغاري "جاگرتا جي طريقي جو هر فن مولي ذهين شخص آهي". پر پوءِ بہ منجهائن ڪوبہ اٽر برطانوي چڙهائيءَ جو مقابلو نہ ڪري سگهيو.

سنڌو، هندستان جو سڀ کان وڏو دريا آهي ۽ سڪندر اتي پهتو هو. اها ڳالهہ برطانوي سوچ لاءِ ڪشش جو سبب هئي. انهن ئي ۾ وڏنڌڙ ۽ نفعي بخش واپار ڪيو هو. ڪين پڌايو ويو هو تہ "سنڌ هڪ شاندار ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي". تنهنڪري انهن سنڌ حاصل ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو.

برطانيه هميشه فرانس کان پنهنجي حريف جي طور تي ڪن ٿي هنيو. هاڻي ڪين روس کان پڻ خوف ٿيڻ لڳو هو. جيڪو وچ ايشيا ۽ هندستان جي اتر- اولهه ۾ اڳيان وڌي رهيو هو. جڏهن فرانس ۽ روس 1807ع ۾ تلست (Tilsit) ۾ اتحاد جو ناهه ڪيو ته برطانيه کي بي انتها خطرو محسوس ٿيو. گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو (Lord Ellenborough) لکيو آهي: "ڊائريڪٽر روس کان گهڻو ڏنل آهن ۽ تنهنڪري مان به آهيان.....مون کي پڪ ٿي لڳي ته اسان کي روسين سان سنڌوءَ تي مقابلو ڪرڻو پوندو".

برطانيه هڪدم سنڌ، ڪابل، ايران ۽ جوڌپور ڏانهن ايلچي موڪليا. 1819ع ۾ انهن ڪڇ تي قبضو ڪيو. انهن اڻ برابري واري ناهه کان پوءِ، ميرن تي ناهه ڪرڻ لاءِ زور ڪيو، جيڪو اهي ٽارڻ جي حيثيت ۾ نه هئا. تنهنڪري هن پهرين ڪراچي ۽ ٺٽي تي قبضو ڪيو. 1820ع جي ٻئي ناهه موجب، مير ٻين يورپين ۽ امريڪين کي سنڌ مان ٻاهر ڪڍڻ تي مجبور ٿي پيا. انگريزن سنڌو دريا مان جهاز رستي وڃڻ جو حق انهيءَ بهاني سان حاصل ڪيو ته گهوڙن ۽ گهوڙي- گاڏيءَ جي برطانوي شاهي سوکڙي لاهور ڏانهن مهاراجا رنجيت سنگهه لاءِ خشڪي رستي موڪلي نٿي سگهجي. ميرن سکن کي اهو چئي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته حقيقت ۾ انهيءَ گاڏيءَ ۾ سيد احمد بريلوي لاءِ سون نيو پيو وڃي، جيڪو ساڻن مقابلو ڪري رهيو آهي. پر رنجيت سنگهه تي ڪو اثر نه ٿيو ۽ تنهنڪري پنهنجي فرينچ فوجي مشير وينچورا (Ventura) کي سنڌ جي سرحد تي فوجي مشقون شروع ڪرڻ لاءِ چيائين، جنهن ميرن کي بلڪل ڏيجاري وڌو. انهيءَ موقعي تي انگريزن سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي ٽالپورن جي خودمختياريءَ جي احترام ڪرڻ جو عهد ڪيو. پر جڏهن وترلو جي فاتح، ڊيوڪ آف ويلنگٽن (Duke of Wellington) فيصلو ڪيو ته جنگي حڪمت عمليءَ جي اهميت واري بکر پيٽ تي برطانوي قبضو ٿيڻ گهرجي ته ڪل جهڙو اهو دليل ڏنو ويو ته جيئن اهو پيٽ "سنڌوءَ جي وچ" ۾ آهي.تنهنڪري انهيءَ جي برطانوي قبضي سان دريا جي ٻنهي "ڪنارن" تي ميرن جي خودمختياريءَ جي ڀڃڪڙي نٿي ٿئي!

مهاراجا رنجيت سنگهہ جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي بيحد گهڻي خواهش هئي. 1980ع ۾، هن پنهنجي فرينچ مشير جيڪمونٽ (Jacquemont) کي چيو تہ ”مون کي ٽپيٽ هٿ ڪرڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ مون کي تہ شاهوڪار ملڪ گهرجن: ڇا مان سنڌ حاصل نٿو ڪري سگهان؟“ ۽ تڏهن افغانستان جي شاهہ شجاع شڪارپور سکن جي حوالي ڪيو هو. ڪابل کي سکن کان پشاور گهريو هو. ايران، افغانستان ۾ هرات تي قبضو ڪيو. برطانيہ پاڻ کي سڀني جو دوست ظاهر ڪري رهيو هو. انهيءَ عمل ۾ هن سکن کي 15 لک رپين جي عيوض شڪارپور کي سنڌ جي حڪمرانن جي حوالي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. انهيءَ سڄي ڳالهہ برطانيا کي اُتر اولهہ ۾ گهڻي اثر رسوخ لاءِ ميدان هموار ڪري ڏنو.

مٿان وري گورنر جنرل، آڪلنڊ (Aukland) اهو فيصلو ڪيو تہ سنڌ جي مختلف حصن جي مختلف ٽالپور منتظمن کي ”خودمختيار حڪمرانن“ جي طورر تي سمجهيو وڃي. انهيءَ ڳالهہ بنان دير جي ٽالپور خاندان کي مختلف گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو. اهڙي طرح ”ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ جي ڪيڏ پنهنجي وحشتناڪ صورت ۾ ظاهر ٿي پيئي.

انگريزن هاڻي حيدرآباد جي دربار ۾ هڪ ايلچي مقرر ڪرڻ تي زور ڪيو. ٽالپورن جي اها دانهن تہ ”اسان کي ڪو ٺاهہ. ڪو اتحاد نہ گهرجي. اسان کي ايلچيءَ جي آجيان ڪرڻ کان معاف رکيو وڃي، پوءِ اهو ڊاڪٽر ئي چونہ هجي“. اجايو ثابت ٿيو. اُنهن ٽلهن مٿارن ماڻهن جي دربارن ۾ ڊاڪٽرن کي هميشہ خوش آمديد چيو ويندو هو. (انگريزن محسوس ڪيو هو تہ مير تمام ٿلها متارا هئا، جيڪي عام انگريزي ڪرسيءَ ۾ ماپجي نہ سگهندا هئا.) پر هو اهو سمجهڻ ۾ بہ ناڪام ويا تہ برطانوي ڊاڪٽر بہ برطانوي ڇاڙتو ئي هوندو.

ڊاڪٽر جيمس برنس (Dr. Jmes Burnes) کي ڪچ مان حيدرآباد ۾ ميرن جي ايلچي، گوپالداس ڏاڍي مان شان سان وٺيو آيو. سنڌي ماڻهو انگريز ڊاڪٽر کي ڏسي ايڏا وائڙا ٿي ويا جو هر ٻئي شخص بيماريءَ جو بهانو ڪري چيو ٿي ”ڊاڪٽر مون کي ڏس!“ (اهڙو منظر ورهاڱي کان هڪدم پوءِ ورجايو ويو هو جڏهن اهو پڌرو ڪيو ويو تہ حامله مائرن کي ترجيحي طور تي ملڪ ڇڏڻ جو اجازتنامو ڏنو ويندو تہ هندستاني هاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمشنر، شري سري پرڪاش پنهنجي رهائش گاهه عورتن سان ڀريل ڏني، جن پنهنجو پاڻ کي حامله ظاهر ڪرڻ لاءِ پيٽ تي ڪپڙا ويڙهي رکيا هئا!):

برنس کي حيدرآباد جي دربار پڪ وڪ (Picwick) ۽ الف ليليٰ جو عجيب ميلاپ ڏسڻ ۾ آئي. اُنهن سندس بوٽ لاٿا- پر هن پنهنجو ٽوپلو نه لاٿو. انهيءَ سموري منظر انگلينڊ جي بادشاهه، چارلس ٻئي جي ويسٽ منسٽر اسڪول جي ڏوري جو منظر ياد ڏياريو. "انهيءَ ڳالهه مان منهنجا شاگرد اهو نه سمجهندا ته ڊاڪٽر برنس، پنهنجو ٽوپلو پائي حيدرآباد جي دربار کي اهو تاثر ٿي ڏيڻ چاهيو ته برطانيه حاڪم آهي. جڏهن به برنس کا گوري کنهن ٽالپور کي کائڻ لاءِ ڏني ٿي ته هڪ گوري ڪيس خود کي به کائڻي ٿي پيئي- ظاهر هو ته ڪيس ميرن کي اها پڪ ڏيارڻي ٿي پئي ته اها گوري زهريلي ناهي. هن ڏٺو ته "انگريزي نيم طبابت جي واڌ ويجهه لاءِ سنڌ هڪ سٺائو ميدان ثابت ٿيندو."

اوائلي انگريزن، سنڌي ٻيڙياتن کي "يهودين توڙي روسين کان به وڌو ننگ" هئڻ ۾ سنڌين جي ڳالهائڻ کي چئن ماڻهن جي گڏيل زورائتي ڳالهه ٻولهه جي برابر چاتو ٿي. جيڪڏهن چارلس (ڊڪنس) هتي هجي ها ته جلدي سموري دنيا ڊڪنس جي سنڌ بابت تاثر کي پيئي پڙهي ها."

برنس لکي ٿو، "هندو ٻئي درجي جا شهري هئا. ان ڪري هندو معتبر طبقي جي پيٽ ۾ ٻئي ڪنهن به برطانيا جي جهنڊي کي حيدرآباد جي برجن تي لهرائيندي ڏسڻ جي سچي خواهش نتي ڏيکاري." اها ڳالهه خاص ڪري ڪراچيءَ جي سيٺ نائون مل هوتچند پوچواڻي لاءِ درست هئي، جنهن جون واپاري ڪوٺيون ڪچ کان وٺي قنڌار ۽ عراق ۾ پکڙيل هيون ۽ جنهن جي پيءُ کان پنهنجو ڌرم ڇڏائي زوري مسلمان ڪيو ويو هو.

اهو سڀ اجهو هيئن ٿيو جو سال 1831ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ مزور جي پٽ، "ڪندي (ڪندن) کي سندس اُستاد ڏاڍي مار ڪيڍي. هو شهر جي ڪنهن ڪهنيءَ ۾ اُداس ويٺو هو ته ڪيس ڏناري مسجد ۾ آندو ويو ۽ پنهنجي ڌرم تان ڦيرائي مسلمان ڪيو ويو. ڪراچيءَ جي هندن ۾ هراس ڇانئجي ويو. ردعمل ۾ مسلمانن لياريءَ وٽ شهر جي پاڻيءَ کي گندو ڪيو. انهيءَ موقعي تي سيد نورل شاهه هندن جي علائقي مان لنگهندي هندن کي گهٽ وڌ ڳالهايو. نائون مل جي 24 سالن جي ننڍي ڀاءُ پرسرام ڪيس ائين ڪرڻ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منع ڪئي. پر نورل چيو تہ پرسرام پيغمبر جي بي حرمتي ڪئي اهي. جيئن مسلمانن جا ميڙ وڌندا ويا تہ پرسرام جيسلمير ڏانهن پڄي ويو. صورتحال کي ٺنڊو ڪرڻ لاءِ، ميرن پرسرام جي پيءُ، هوتچند کي حيدرآباد سڏايو. هوتچند بہ هزار هندن سان گڏجي ڪراچيءَ مان حيدرآباد آيو. رستي تي ڪيس مسلمانن جي ميڙ پڪڙي ورتو ۽ ڪيس مسلمان پڙرو ڪيائون ۽ هڪ پير جي گهر ۾ نظربند ڪري ڇڏيائون. سندس طهر نٿي ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ تہ سندس عمر پنجاهہ ورهين کان وڌيڪ هئي. هن مسلمانن جي هٿ جو کاڌو کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ٻارنهن ڏينهن تائين اوپاريل ڇٽن تي گذارو ڪرڻ جو ضد ڪندو رهيو. ڪچ ۽ جيسلمير جي راجائن ميرن وٽ احتجاج ڪيو، جن هوتچند کي گجرات ۾ لکپت ڏانهن پڄي وڃڻ ڏنو. اُتي سندس ڪٽنب وارن ”شڌي جي رسم وڏي ڌام ڌوم سان ادا ڪئي، جنهن تي لک رپيا خرچ آيو. هوتچند پوءِ ڏهہ سال لکپت ۾ گذاريا.

ان ۾ ڪو عجب ناهي تہ نائون مل مسلماني ظالم راڄ جي خلاف ٿي بيٺو ۽ برطانوي فتح ۾ هندن جو ڇوٽڪارو سمجهيائين. هن هر طرح برطانيا جي مدد ڪئي. آئوٽرام (Outram) جي لفظن ۾، پهرين افغان جنگ دوران نائون مل ”ڪراچي کان قنڌار تائين برطانيا جو دوست“ هو. هن برطانوي لشڪر جي افغانستان لاءِ روانگيءَ جو بندوبست ڪيو. ڪين هو پاڻ ۽ شڪارپور جا سيٺ جيت سنگهہ ۽ چترومل روڪ ۽ اوڌر تي رقمون ڏيندا هئا. اها دلچسپ ڳالهہ آهي تہ اُن وقت شڪارپور جو گورنر چيتمل هو. جيڪو هاڻي پارليامينٽ جي ميمبر رام جيٺملاڻي جو ڏاڏو هو. چيتمل پنهنجي نالي جو سڪو هلائيندو هو. سندس تصوير اڄ بہ لنڊن جي انڊيا آفيس لئبرري ۾ موجود آهي. پاٽنجر (Henry pottinger) چوي ٿو تہ نائون مل ”سنڌ ۾ برطانوي فوجن جا هٿ ۽ پير“ ٿي پيو. ميرن ڪيس پاڻ وٽ سڏايو ۽ چيائون، ”پنهنجي دل جي خوشيءَ لاءِ تو نيٺ پنهنجي پيءُ جي بيعزتيءَ جو بدلو ورتو.“ پر اهي وڌيڪ ڪجهہ ڪري نٿي سگهيا.

ڊاڪٽر برنس وٽ سنڌ جا تفصيلي نقشا ڏسي ميرن کي صدمو رسيو. انهن چيو تہ ”بجڙائي ٿي چڪي آهي، تو اسان جو ملڪ ڏسي ورتو آهي. ”فرنگين“ کي سيڪنهن ڳالهہ جي خبر آهي.“ رنجيت سنگهہ ڏانهن جيڪي گهوڙا دريا رستي پار ڪيا ويا هئا، اهي سيٽلائٽ ۽ سيارا

(Satellite and planet) "تروجن جا گهوڙا" ثابت ٿيا هئا. انگريزن انهيءَ دوري ۾ دريا جي گهرائيءَ جي ماپ ورتي هئي ۽ پسگردائي جو نقشو تيار ڪري ورتو هو.

۽ پوءِ افغانستان ۾ برطانوي گهوٽالو شروع ٿيو. انگريز افغانستان ۾ سنڌ جي رستي کان ويا هئا. جنهن ۾ سنڌن ڪيترائي مقصد سمايل هئا. جهڙوڪ سنڌ تي اثر انداز ٿيڻ؛ سکن کي ڏک هڻڻ؛ پس منظر مان سکن کي هيسائڻ لاءِ ڪٽر مذهبي سيد احمد بريلوي جي مدد ڪرڻ؛ وچ ايشيا ۾ وڌندڙ روسي طاقت کي روڪڻ. پر سموري انگريزي فوج تباهه ٿي ويئي. فقط ڊاڪٽر برائڊن (Dr. Brydon) حيرتزده دنيا کي خبرون ڏيڻ لاءِ ائبٽ آباد واپس پهتو. انگريز اها شڪست نه رڳو هندستان ۾، پر سموري دنيا ۾ پنهنجي هم آهنگي ڪرڻ کان سواءِ، برداشت نه ڪري سگهيا. انهن تنهنڪري، بئي ڪنهن هنڌ فتح جي ڏاڪ وهارڻ سان، افغانستان ۾ شڪست جي اُبتڙ اثرن کي رد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ظاهر آهي ته هاڻي انهيءَ مشق جو اميدوار سنڌ هو. ايلفنسٽن (Elphinston) چيو ته افغانستان ۾ شڪست کان پوءِ، سنڌ ۾ اهڙي ڪارروائي "ائين هئي جيئن ڪو جهيڙاڪار مڙس بازار ۾ مار کائي، گهر وڃي، اهي خار پنهنجي زال مان ڪڍندو آهي."

نيپيئر نيپوليائي لڙاين ۾ ڊيوڪ آف ويلنگٽن جو پسنديده جونيئر آفيسر ٿي رهيو هو. هاڻي کيس سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ بمبئي ۽ بنگال جي فوجي دستن جي ڪمانڊر جي حيثيت سان موڪليو ويو. جيئن ته هو سنڌ ۾ پنهنجي تن ڏيئرن جي شادي ڪرائڻ لاءِ "ٽي لک رپيا" ميڙڻ آيو هو. تنهنڪري کيس ڏاڍي تڪڙ هئي. هٿيار پار ڪرڻ بابت ويچارن ميرن جي دانهن ڪنهن به نه ٻڌي ۽ برطانوي پوليٽيڪل ايجنٽ، آئوٽرام جي صبر ڪرڻ جي صلاح به اجائي ويئي. نيپيئر چيو: "اسان کي سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو حق ناهي، پر پوءِ به اسان ائين ڪنداسين، ۽ اهو تمام فائديمند، ڪارائتو ۽ چسپائيءَ جو وڏو انساني ڪارنامو ٿيندو." هن وڌيڪ چيو: "اسان اها منجهيل ڳنڍ ڪپينداسين؛ اسان ايڏا طاقتور آهيون جو اها ڳنڍ کولڻ جي تڪليف وٺي سگهون ٿا." پنهنجي بيمار تصور موجب، نيپيئر ايتري قدر انديشو ظاهر ڪيو ته سنڌي سپهه سالار "هوش محمد" حقيقت ۾ فرينچ جنرل "هوشي" (Hosche) هو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرن ڪي اڻ جيتڻ جوڳي جنگ ۾ ڪهليو ويو. پر پنهنجي بهادري سان انهن پڻ ڏيکاريو ته اها نه وڙهڻ جوڳي جنگ نه هئي. پر نيپيئر "اُٺ جي پٺيءَ تي سنڌن سودائي توبخانو" چئي ٺٺول ڪئي هئي. پر ٿارنسٽن (Thornston) ڄاڻايو آهي ته 17 فيبروري1843ع تي حيدرآباد جي پرسان، مياڻيءَ جي جنگ ۾ "تلوار ۽ ڍال سان، بلوچن هڪ ڪان وڌيڪ ڦرڻ حملي ۾ برطانوي صف کي لرزائي پوئتي ڌڪي ڇڏيو." هڪ ٻئي اکين ڏٺي شاهد ايسٽوڪ (Eastwick) لکيو آهي: "انهيءَ موقعي تي بلوچن جي فيصلہ ڪن بهادري ڪان شايد ئي ڪو گوءِ کٽي ويو هو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ اسان جو ڏاڍو نقصان ٿيو. 62 ڄڻا مارجي ويا، جن مان 6 برطانوي آفيسر هئا، ۽ 194 ڄڻا زخمي ٿيا، جن ۾ 13 برطانوي آفيسر هئا. سنڌي لشڪر ۾ 400 ڄڻا مارجي ويا. ان ڪان پوءِ دٻي- دوآبي- وٽ هڪ ٻيو مقابلو ٿيو، جنهن جو ڪو چڱو نتيجو نه نڪتو.

سيٺ نائون مل جو پيءُ، هوتچند، جيڪو ڪراچيءَ بندر ۾ ٻن هفتن لاءِ خانداني جهاز "ڪوتيا هريسپا" (Cotya Harispa) ۾ انتظار ڪري رهيو هو، هاٿي خوشيءَ وچان لٿو. جنهن جي آجيان هندن توڙي مسلمانن ڪئي. سنڌ ۾ ميرن جو راڄ ختم ٿيو. هنن پنهنجون رڳو تي يادگار شيون پويان ڇڏيون- حيدرآباد ۾ پنهنجا قبا، پنهنجا (اُبي چوٽيءَ وارا) ٽوپ ۽ پنهنجي هوڏ جي شهرت. سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو آڪڙ واري نموني سلوڪ ڪندو آهي ته ڪيس ٽوڪي چئبو آهي: "تون سمجهين ٿو ته تون ٽالپور آهين ڇا؟"

چارلس نيپيئر هڪدم گورنر جنرل ڏانهن "I have Sin(ne)d" جي بدران لاطيني زبان جي هڪ لفظ "Peccavi" ۾ پوشي پريو اطلاع موڪليو. هو پوءِ خزاني ۽ محل کي لٽڻ لاءِ اڳيان وڌيو. پر ميرن جو خزانچي، ديوان آوتراءِ ملڪاڻي ڪيس اڏو آيو. نيپيئر خزاني جون ڪنجيون وٺڻ لاءِ آوتراءِ جي گهر ويو. پو هن ڪيس چيو ته ميرن جي حڪم کان سواءِ ڪنجيون سندس حوالي نه ڪندو. نيپيئر ڪيس گولي هڻڻ جي ڌمڪي ڏني، پر آوتراءِ پنهنجي ڳالهہ تي اٽل رهيو. سندس ڇڙڪ جواب تي نيپيئر ڪنڌ جهڪائي هليو ويو.

ان ڪان پوءِ نيپيئر، آوتراءِ کي قلعي مان عورتن کي ڪڍڻ جو

انتظام ڪرڻ لاءِ چيو. جو رڳو اوتراءِ ئي حرم ۾ وڃي سگهيو ٿي. اوتراءِ خزاني ۾ قيمتي شين سان ڀريل ڏولي ٻويان ڏولي ٻاهر موڪليندو ويو. جڏهن تيرهين ڏولي ٻاهر اچي رهي هئي تہ هوا جي لهر سان پردو پاسيرو ٿي پيو. ۽ ڏولي اندر ڪوبہ وينل نظر نہ آيو. پوءِ نيپيئر ڪجهہ انگريز عورتن کي بيگمن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ موڪليو. جن مان هر هڪ کي رڳو ٻہ ويڳا کڻڻ جي اجازت هئي.

اوتراءِ ۽ شوقي رام آڏواڻي (ساڌو هيرانند جي پيءُ) جي اڳواڻيءَ ۾ ماڻهو هٿ ۾ تلوار کڻي ٻاهر نڪري آيا ۽ چيائون تہ اهي واجبي قيمت تي گهربل سيڌو ڏيندا، پر ڦرلٽ ٿيڻ نہ گهرجي. انهيءَ ڳالهہ شهر کي ڦرلٽ کان بچايو.

گهڻن هندن ميرن کي رقمون اڌاريون ڏنيون هيون. مکي تاراچند ۽ ٻين هندن چاهيو ٿي تہ نيپيئر اهي قرض، ملڪي ذميواري جي طور واپس ڪري، پر نيپيئر انڪار ڪيو. انهيءَ تي انهن پيسا گڏ ڪيا ۽ لهڻيدارن کي ڪي قدر قرض پري ڏنائون. نيپيئر جي سلوڪ جي خلاف احتجاج ۾ تاراچند برطانوي جاگير وٺڻ کان انڪار ڪيو. جيڪا پوءِ حيدرآباد جي هيراآباد ٿي.

نيپيئر اوتراءِ جي ذهانت ۽ ديانت کان ايڏو متاثر ٿيو جو ڪيس نوڪريءَ جي آڇ ڪيائين، پر اوتراءِ انڪار ڪيو. ايتري قدر جو پينشن وٺڻ کان بہ انڪار ڪيائين، پر پوءِ هن ميرن جي معرفت پينشن وٺڻ قبول ڪئي.

نيپيئر سنڌ هٿ ڪئي، پر جنهن ارهہ زوراوري سان انهيءَ تي قبضو ڪيو ويو، انهيءَ هندستان ۽ انگلينڊ جي معزز انگريزن کي هڪجيترو صدمو رسايو. سنڌين تہ ڪيس "شيطان جو ڀاءُ" ڪوٺيو. ميرن پنهنجي وڪيلن- آخوند حبيب الله، ديوان مينارام ۽ ديوان ديا رام لنڊن (19، هارلي اسٽريٽ) کي موڪليو، آزاريل بيگمن، راڻي وڪٽوريا کي درخواستون پيش ڪيون، پر هڪ بہ نہ ٻڌي ويئي، ڪين هلئي وڃڻ ۽ مقامي اختياري وارن سان رجوع ڪرڻ جو چيو ويو. پر جلد ئي انگريزن جو غصو پڙڪو کائي ظاهر ٿي پيو. (The London Times 6, May 1843) ۾ هڪ مُک ليک شايع ٿيو، جنهن ۾ "ڦرلٽ ۽ جلدي ڪاروائي جي قطعي ۽ ظئہ ٿيل منصوبي" جي مذمت ڪئي- The Bombay Times انهيءَ کي "غير عقلي جنگ" ڪوٺيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين ته برطانوي "آفيسرن ميرن جون بيگمات کنيون آهن" جڏهن 800 سپاهي ڪراچي ڪالرا ۾ مري ويا ته Dehle Gazzet مري ويلن جي وڏي ڳانيتي، وڏي خرچ ۽ "بي حد خسيس بي عزتين" کي سنڌ جي بي انصافانه فتح سان منسوب ڪيو.

نيپيئر پنهنجي خصوصي قهر سان بدلو ورتو. هن پنهنجي دوست کي خط لکيو "جيسيتائين آئون ڪنهن ايڊيٽر کي قتل نه ڪريان تيسيتائين مون مان ڪنهن به بهتر مزاج جي اُميد نه رکجي."

پر انهيءَ هوندي، انهيءَ موضوع تي گورنمنٽ جو "بلو بوڪ"- وائيٽ پيپر" (ڪجهه چئنو) جو پراڻو نمونو- تنقيد ڪندو رهيو. برطانوي وزيراعظم پيل (Peel) ۽ گورنر جنرل ايلنبرو (Ellenborough) پريشاني محسوس ڪئي. پيل، ايلنبرو کي (Scinde) سنڌ جي معاملن مان پيدا ٿيندڙ "سرڪار جي بي انتها ۽ وڌندڙ پريشاني ۽ ان جي وجود ۽ عام خلق جي مفاد کي خطري" جي باري ۾ لکيو. ايلنبرو کي سنڌ ميرن کي واپس ڏيڻ تي غور ڪرڻ لاءِ چيو ويو- خاص ڪري انهيءَ حقيقت جي پيش نظر ته سنڌ ۾ فوج تي صوبي جي آمدني کان چوڻو خرچ اچي رهيو هو.

پر ڏاڍو مڙس ڊيوڪ آف ويلنگٽن سنڌ کي انگريزي حڪومت سان ڳنڍي ڇڏڻ جي حق ۾ هو. هن ايلنبرو کي "سنيالي رکڻ" ۽"وڏيڪ بدڪار پريس آف انڊيا جي وڏاءُ ڪيل بيانن تي بحث ڪندڙ بدڪار لنڊن پريس" جي باري ۾ گهٽي ڳڻتي نه ڪرڻ لاءِ چيو. هن مسئلي تي قابو پاتو. جڏهن چيائين: "ڇا اسان جي آئيني انتظاميه اختياري وارا سکن جي مدد لاءِ سنڌوءَ تي فرينچ جانبازن جي شروع ڪيل ۽ قائم ٿيل بينڪ ڏسڻ لاءِ تيار آهن؟ اهي تيار نه هئا ۽ اهڙي طرح سنڌ کي انگريزي حڪومت سان ملايو ويو. برطانيه عام خلق جي راءِ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ايلنبرو کي واپس گهرائي ورتو. نيپيئر بلڪل درست چيو هو: "حالتن جي فطرت، سنڌ (Scinde) کي وڏيڪ عرصي لاءِ خودمختيار حڪومت جي حيثيت سان جاري رهڻ کان روڪي رهي آهي. جيڪڏهن 1843ع ۾ ساڻس لڙائي نه ڪجي ها، ته اها 1853ع ۾ ڪجي ها." هن چيو. بلوچ پڻ "سعد (Scinde) ۾ ڏاريا" آهن. نيپيئر دليل ڏنو ته جيئن ته برطانيه هندستان ۾ هڪ اعليٰ طاقت آهي، تنهنڪري سنڌ جا ماڻهو "پنهنجي اميدن ۽ خواهشن سان اسان جا پنهنجا" آهن.

نيپيئر صحيح هو. هندستان جي خودمختياري ورهائڻ جوڳي نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب يارهون

ڪراچي: اوپر جي راڻي

جڏهن مياڻي ۽ دبي جي لڙائيءَ جي دز ويهي رهي تہ برطانيا جي وزيراعظم پيل (Peel) ۽ حزب اختلاف جي قائد، جان رسيل (John Russel)، نيپيئر کي برطانوي پارليامينٽ ۾ متفق طور تي شڪريئي جو ووٽ ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيا. نيپيئر پڻ ست هزار پائونڊ اسٽرلنگ جي روڪ رقم جو انعام حاصل ڪري خوش ٿيو. هو هاڻي پنجن سالن تائين ايلنبرو (Lord Ellenborough) جي انهيءَ خواهش کي عملي جامو پارائڻ لاءِ ويهي رهيو تہ "اسان کي سنڌ ۾ سيڪجهہ مستقبل لاءِ ڪرڻ گهرجي، اسان کي هڪ ٻئي مصر کي جنم ڏيڻو آهي." نيپيئر چيو: "جيڪڏهن ڪنهن مهذب ماڻهوءَ کان پڇجي تہ جيڪڏهن تون سنڌ جو حاڪم هجين تہ جيڪر ڇا ڪرين تہ سندس جواب هوندو تہ مان دريا تان محصول جون ڇُنگيون ختم ڪندس؛ ڪراچيءَ کي فري پورٽ بنائيندس؛ سکر کي دريا جي واپاري منڊي بنائيندس. مان دريا جي ٻنهي ڪپن کان ترڪن جا رستا نهرائيندس؛ مان آگبوٽ آڻيندس." ۽ هن دريا جون ڇُنگيون ختم ڪرڻ جي شروعات سان، انهيءَ تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو.

هن هڪدم بلوچ جاگيردارن کي پاڻ وٽ گهرائي، سندس تلوارون کين واپس ڪيون ۽ سندس جاگيرون بحال ڪيائين. ڪن سردارن کي راڻي وڪٽوريا جي تصوير کي سلامي ڏيڻ جي خاص مهربانيءَ جي طور اجازت ڏني وئي، جيڪا هونئن عام ماڻهن ۽ نوڪرن چاڪرن جي نظر کان بچائي پردي ۾ ڍڪي رکي هوندي هئي. نيپيئر کين چيو: "منهنجو حڪم مڃو! اوهان کي جيڪي وڻي سو ڪريو- ڦريو، قتل ڪريو، جنهن جي مون منع نہ ڪئي آهي- سيڪجهہ ڪريو، جيستائين مان منع نہ ڪريان." برطانيا جي حڪم جي پيروي ڪندي هنن اهوئي ڪيو. باقي ڳالهين لاءِ قانون سندس طرفدار هو.

عام سنڌي ماڻهو هڪدم انهي رستي پئجي ويو. هن لاءِ "لاٽ صاحب" (Lord) ۽ "ليڊي صاحبہ" (Lady) هڪدم وڏي اختيار جا مالڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. جڏهن ڪين سندن اڳيان حاضر ٿيڻ جو حڪم ملندو هو ته اهي پنهنجون جتيون ٻاهر لاهي ايندا هئا. ڪنهن به انگريز جو پنهنجي ملاقاتيءَ کان پهريون اهو سوال هوندو هو: "ڇا تون بدمعاش آهين؟" ۽ اهو ملاقاتي ٻڍ وانگر پنهنجي بدمعاشي ۽ پنهنجي اطاعت- ٻئي ڳالهيون ائين ڇٽي تسليم ڪندو هو: "اسان سرڪاري بدمعاش آهيون." سنڌ "وڏيري" (وڏي زميندر)، واڻيي، پير ۽ (گوري يا ڪاري) "صاحب" جي وچ ۾ اختيارين جو ڇڙڪندو ترتيب ڏنو ويو.

نيپيئر بناوتي سورهيائي سان ننهي پريزيڊنسين مان انجنيئر گهرائڻ جو وعدو ڪيو هو ته جيئن سنڌوءَ جو پاڻي، ايرندي- ناري مان لنگهي ڪڇ جي هندو ايراضيءَ ۾ وهي وڃي. پر جلدئي هن محسوس ڪيو ته ڪڇ جي قسمت جو فيصلو ڪلهوڙن جي ٻڌايل "الله بند" نه، پر زلزلي ڪانپوءِ، سنڌوءَ جي اولهائين وهڪري جي ڪري ٿي چڪو هو. تنهن ڪري هن هڪدم پراڻن واهن کي سڌارڻ ۽ نوان واهه کوٽائڻ لاءِ، "واهن جو کاتو" کوليو.

هندن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هن جامع مسجد غزنيءَ جو دروازو "سومنات جي ڦرلٽ ۾ کسيل دروازي" جي طور، هندستان آندو. پر جلدئي هندو ماهرن انهيءَ کي غير اصلوڪو پڌرو ڪيو.

نيپيئر هارين کي 1843ع کان اڳ ۾ ڏنل قرض معاف ڪري ڇڏيا. هن سنڌ ۾ "پوليس کاتو" کوليو، جيڪو هندستان جي ٻين سيني صوبن لاءِ مثال بڻجي ويو.

نيپيئر خاص ڪري انصاف جي انتظامي معاملي ۾ نالو ڪڍيو. سندس هاڻوڪا هوندي هيون: "جنهن ڳالهه کي ماڻهو انصاف چون، انهيءَ کي وزن ڏيو، نه ڪي انهيءَ ڳالهه کي وزن ڏيو، جنهن کي قانون، انصاف ٿو ڪوٺي." هن هڪ پيري منجر جي مهاڻي جو مقدمو ٿي ڏينهن هلايو ۽ فيصلو ڪيائين ته اهي مڇي مارڻ جو رڳو ٿي سيڪڙو محصول ڏين. هن هڪ پيري وري چتاءُ ڏيندي چيو هو: "ڪاردارؤ ۽ پوليس وارؤ، مان درجنن کي پورا پورا ڪندو آهيان. شاهدين هوندي، مان فيصلو غريبن جي حق ۾ ڪندو آهيان."

نئين نظام ۾ جيڪي ٻه طبقا ناراض ۽ ناخوش هئا، اهي هئا: اڳوڻا ٽالپور حاڪم ۽ هندو عامل ملازم. ٽالپورن پنهنجي حڪومت وڃائي هئي ۽

انگريزن عاملن کان اعليٰ انتظامي عهدا کسيا هئا. پر ٽالپور جلدي جاگيرن ۽ پينشن تي برچي ويا ۽ انتظامي ۽ اقتصادي توسيع سان عاملن اڳي کان به اڳري ترقي ڪئي. (ورهاڱي کان اڳ، سنڌ جي اڳوڻي ڪمشنر، سر پئٽرڪ ڪئڊل (Sir Patric Cadell)، پاڪستان جي تذهوڪي اطلاعات ۽ نشريات جي وزير، پير علي محمد راشديءَ کي لکيو هو ته عاملن کي بهترين منتظم سمجهان ٿو، جن سيني ميدانن ۾ پاڻ موکيو آهي. انهيءَ ۾ اچرج جي ڳالهه ناهي ته جوڏهن سنڌي، جيڪي سمورا آءِ.سي. ايس ۾ وينا، تن مان ٻارنهن عامل هئا.)

انهن سيني ڳالهين پنجاب کي متاثر ڪيو. انهيءَ مان مراد به پنجاب کي متاثر ڪرڻ جي هئي، جيڪو ان وقت "سکا شاهي" ۾ پيسجي رهيو هو- ۽ برطانيا جي جهوليءَ ۾ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو.

پر نيپيئر سنڌ جي پهرئين برطانوي حڪمران هئڻ کان سواءِ پيو به گهڻو ڪجهه هو. هو وڏي دور رس نگاهه واري شهنشاهيت جو معمار هو. "هيرن ۾ جيئن ڪوهنور آهي، قومن ۾ تيئن هندستان آهي. جيڪڏهن مان ٻارنهن سالن لاءِ هندستان جو شهنشاهه هجان ها ته مان منجهس ريلوائي جو جار وڇايان، دريائن تي پليون ٻڌايان ها. حڪومت جي گادي دهلي يا ميرٺ يا سمله يا الله آباد مقرر ڪريان ها. ڪنهن به هندستاني شهزادي جو وجود به نه هجي ها. "نظام" جو نالو به نه ٻڌجي ها. نيپال اسان جو هجي ها ۽ قسطنطنيه ۾، (ترڪي) شهنشاهي دربار سيءَ جي تپ ۾ ورتل هجي ها. جڏهن ته روس ۽ چين جي بادشاهن جي نبض 100 کان ڪڏهن گهٽ نه هجي ها!

"جيڪڏهن مان هندستان جو بادشاهه هجان ها ته مان ماسڪو ۽ چين کي لوڏي وجهان ها. جيڪڏهن مان انگلينڊ جو بادشاهه هجان ها ته مان دهليءَ جي محل مان روس ۽ فرانس کي ڏندن وارو ٽونشو نڪاءُ ڪرايان ها. مغرب ۾ سڀڪجهه هندستاني فوج هئڻ گهرجي."

پر انهن سيني لياقتن سان، نيپيئر هڪ منظم يا معمار کان وڌيڪ جنگي جوڌو هو. 1850ع ۾ سندس وداع ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍيو ويو ۽ بارٽل فريئر کي ان جو پهريون ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. فريئر کي ڏڪو رسيو، جڏهن هن ڏٺو: "هڪ ميل ڊگهو پل

ذريعي ڳنڍيل يا پڪو رستو به نه هو؛ ڪنهن به قسم جي صاف تيل ٻنجن ميلن جي رازڪي پُل به نه هئي، ڪو ڊاڪ بنگلو، سراءِ، ڌرم شالا يا ضلعي- ڪچهري به نه هئي، ڪورٽ، لاڪ اپ، پوليس ٿاڻو يا ڪنهن به قسم جو ڳوٺن جي فهرست به نه هئي، نه سروي نه سيٽلمنٽ- ڪجهه به نه هو.“

جيتوڻيڪ اُن وقت سندس عمر ڳڀو پنجٽيهه ورهيه هئي، پر پوءِ به فريئر برطانوي صديءَ جو سنڌ جو هڪ بهترين منظم ثابت ٿيو. 1850ع کان 1859ع تائين، نون ورهين جي مختصر عرصي ۾، هن سنڌ جو مهاندو ئي تبديل ڪري ڇڏيو. 1853ع ۾ هن سنڌ ڪي پهريون اسڪول ڏنو. 1858ع ۾ هن ”سنڌ ريلوي ڪمپني“ کي ڪراچي- حيدرآباد ريلوي ٽرئڪ تي ڪم شروع ڪندي ڏنو. ليفٽيننٽ فائف (Lt. File) نالي هڪ انجنير ڪيس نقشو ٺاهي پيش ڪيو، جنهن آخر ۾ عظيم سکر براج ۾ مقصد ڳولي ورتو ۽ سنڌ کي هڪ ڪارائتي صوبي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. براج پوڊ آٿينڌڙ واهن کي قابو ڪيو پر ان جي ڪري عام خوشحالي آئي ۽ صوبي ۾ ڏوهن جي رفتار ۾ گهٽتائي ٿي.

فريئر ڪراچيءَ ۾ هڪ ”تجارتي ميلي“ جو اهتمام ڪيو، جنهن نه رڳو سموري هندستان، پر وچ ايشيا کي پڻ پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو.

فريئر، وائسراءِ کان اها ڳالهه پڻ مڃائي ته انگلينڊ کان ايندڙ جهاز، بمبئي پهچڻ کان اڳ، ڪراچيءَ ۾ ترسن- جيڪا برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني اڳ ۾ رد ڪئي هئي. انهيءَ سان ڪراچي، جنهن کي نيپيئر ”اوپر جي راڻي“ ڪوٺيو هو، دنيا جي هڪ حقيقي گاديءَ واري هنڌ جي صورت ۾ ٽڙي پيئي. اڄ ڪلهه سنڌ ۾ مهاجرن جي خلاف سنڌ جو هڪ اعتراض اهو به آهي ته انهيءَ عظيم شهر جي نالي اُچارڻ جي به ڪين سُڌ ناهي. اهي ”ڪالاچي“ يا ”ڪرانچي“ يا ڪجهه به، پر اصلوڪو نالو ”ڪراچي“ نٿا ڪوٺين.

جنرل جيڪب سنڌ جي اُترئين حصي جو انتظام ايڏو سٺو هلايو ۽ ترقي ورائي، جو انهيءَ جو نالو سندس نالي پٺيان ”جيڪب آباد“ ضلعو رکيو ويو. ساڳي ريت، پارڪر سنڌ جي ڏکڻ- اوڀر ۾ ايڏو چڱو ڪم ڪيو(؟) جو ”ٿر“ ضلعي جو نالو ”ٿرپارڪر“ رکيو ويو. (تازو 1990ع کان ٿرپاڪر ضلعي کي ٻن حصن ۾ ورهائي، براج ايراضيءَ ۾ ”ميرپورخاص“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضلعو ۽ ٿر ايراضيءَ ۾ "ٿر" ضلعو تشڪيل ڏنا ويا آهن.)

فريئر سنڌي صورتخطيءَ جو پڻ فيصلو ڪيو- ۽ پوءِ هيٺين سطح تي انتظاميا جي ٻوليءَ جي طور رائج ڪيائين. ايتري قدر جو هن 1882ع ۾ سموري هندستان ۾ سنڌ کي "سنڌ ڊسٽرڪٽ ڊاڪ" (Scinde Distrct Dawk) تحت پهرين ٽپال-ٽڪلي جاري ڪرڻ جو شرف بخشيائين.

1857ع ۾ جڏهن عظيم انقلاب جي باهه ڀڙڪي ته ميرپورخاص جي ميرشير محمد خان انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو- ۽ ڪيس ڪراچيءَ جي رام باغ (هاڻي آرام باغ) ۾ توب سان اڏايو ويو. پيو دريا خان جلباڻي، جنهن کي نيپيئر جاگير عطا ڪري پنهنجو ڪيو هو. عظيم انقلاب ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي عيوض عدن ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. پر پوءِ جو باقي عرصو سنڌ ۾ ايڏو امن امان رهيو، جو فريئر سموريون برطانوي فوجون اُتر ۾ مدد لاءِ موڪلي ڇڏيون.

فريئر پوءِ بمبئي جي گورنر جي عهدي تي به رهيو ۽ اُن کان پوءِ وائسراءِ جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو. انهيءَ حيثيت سان هن اعليٰ پاليسي ناهڻ ۾ حصو ورتو. لارڊ لارينس (Lord Lawrence) جو پنجابي مڪتب- فڪر، هندستان کي يڪسان وحداني ملڪ ۾ يڪجا ڪرڻ جو خواهشمند هو. سندن نعرو هو: "سنڌوءَ ڏانهن واپس هلو" سر فريئر جي سنڌي مڪتب-فڪر، هندستان جي گونا گونيت کي پسند ٿي ڪيو. هن ڊري ڳنڍيل سرشتي جي حمايت ٿي ڪئي، جنهن کي ڪنهن به قيمت تي، وچ ايشيا تائين ڪارائتي نموني وڌائي سگهجي، جيئن هندستان حڪمت عمليءَ واري مضبوط سرحد قائم ڪري وٺي. پنجابي مڪتب- فڪر انهيءَ ڳالهه کان خبردار ٿي ڪيو، جڏهن ته سنڌي مڪتب-فڪر فارورڊ پاليسي جي حمايت ٿي ڪئي. 1876ع ۾، فريئر ڪوئيٽا تي قبضي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ افغانستان جي هرات ۽ قندار شهرن ۾ ايجنٽ مقرر ڪيائين.

سڀيئي ڪمشنر، فريئر جهڙا لياقت ڀريا نه هئا. منجهانئن جي-اي-ٿامس (G. A. Thomas) جي ڪنڌ ۾ ڪلي لڳل هئي، جنهن لاءِ "سنڌ آبزرور" (Sind Observer) اخبار "ٿامس خدا" (God Almighty Thomas) لکيو. پر برطانوي راڄ انفرادي نه. پر اداراتي هو، جنهن جي عام رواجي انتظام ۾ ڪوبه شڪ نه هو. سنڌ ۾ هڪ صديءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ناخوشگوار عـــرصي جي انگريزي راڄ دوران، هتي سنڌ ڪي روڊ ۽ ريلوايون، واهه ۽ پليون، اسڪول ۽ اسپتالون، سوچ ۽ آدرش ڏنا. جن صوبي جي چهري کي وچئين دؤر مان ڪڍي جديد دؤر ۾ آڻي بدلائي ڇڏيو.

نيپيئر چيو هو: "اي ڪراچي، تون اجا اوير جو شان ٿينديئين. اي ڪراچي، ڇا تنهنجي شان کي ڏسڻ لاءِ مان وري زنده ٿي اچي سگهندس!" رڳو پنجاهه ورهيه پوءِ، ڪراچيءَ جو شان ڏسي، نيپيئر سچ پچ ڏاڍو خوش ٿئي ها. سنڌ ۾ پهريون ڪاليج ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيو. جيتوڻيڪ شاگردن جو وڏو تعداد حيدرآباد کان آيو هو. چاڪاڻ ته جيئن رشي ڏيارام چيو هو: "ڪراچي سنڌ کان وڌيڪ اهم آهي."

رابندرناٿ ٽئگور حيدرآباد کي "هندستان جو سڀ کان وڌيڪ فئشن وارو شهر" ڪوٺيو. شڪارپور وچ ايشيا جو بينڪر ٿي پيو ۽ جڏهن روس ۾ انقلاب آيو ته اهو ڏکڻ ايشيا جو بڻ بينڪر ٿي پيو. سکر جو سنڌوءَ جو منظر- مٿان وري زنده پير جو بيٺ. لئنسڊائون پل جي پر ۾ بکر جو بيٺ، وچ ۾ ساڌ بيلي بيٺ جو مندر، ۽ هيٺ ستن واهن واري سکر جي پل-دنيا ۾ قدرتي ۽ انساني جوڙيل سونهن جي خوبصورت نظارن مان هڪ آهي. پئڪس برٽينيڪا (Pax Britannica)، پنهنجي سيني اوٿاين جي باوجود، حيدرآباد ۽ شڪارپور جي واپارين کي ساليانو اداڻي ڪروڙ رپيا سنڌ ۾ آڻڻ ۾ مدد ڪئي- جڏهن ان وقت صوبي جي ساليانې بجيٽ رڳو پنج ڪروڙ رپيا هئي. پير علي محمد راشديءَ جي لفظن ۾، "پر نائون مل جي غداري نه ڪري ها ته سنڌي مسلمان اجا تائين گهوڙن ۽ اٺن تي سواريون ڪن ها ۽ سنڌي هندو گڏهن ۽ خچرن تي سواريون ڪن ها."

پر انگريزن جي ڏنل سڀ کان وڏي سوکڙي جديد تعليم ۽ سينيءَ جي برابري هئي. پوءِ هندو هجي يا مسلمان. مسلمانن جي راڄ ۾ هندن لاءِ گهوڙي جي سواري، زمين جي مالڪي يا لشڪر ۾ ڀرتيءَ جي منع ٿيل هئي. 1843ع ۾، هندو، جيڪي ڪل آدمشماريءَ جو 25 سيڪڙو هئا، وٽن زمين جو هڪ به ايڪڙ نه هو. 1947ع ۾ زمين جي 40 سيڪڙو حصي جا مالڪ هئا. ايتري قدر جو شڪارپور ۾ هڪ ڪير واري مٿراداس جو پٽ "مٿراڻي آء-سي-ايس" ٿـيـو. جڏهن پهـريون سنڌي- ايڇ-ڪي-ڪرپالاڻي آء-سي-ايس لاءِ چونڊيو ويو ته سندس پرائمري اسڪول جا استاد سندس

جوڳاڪيءَ کي ڇڪڻ لاءِ خوشيءَ مان اڳتي وڌي آيا هئا.

پر اهو خود برطانوي نظام نه هو، جنهن اهي نتيجا پيدا ڪيا. اها ڳالهه مقامي ماڻهن جي موٽ هئي، جنهن انهيءَ کي حقيقت جو روپ ڏنو. جيڪا هونئن رڳو لڪل هئي.

مسلمانن ۾ آغا خان ۽ محمد علي جناح سنڌ ۾ ڄاوا، جن سياست ۾ نالو پيدا ڪيو. مرزا قليچ بيگ تعليمي، انتظاميا ۽ ادب جو ٿنڀو بڻيو. حسن علي آفندي ڪراچيءَ ۾ مدرسو کوليو، جنهن مان سنڌي مسلمانن جو جيڪو مختصر وچيون طبقو اسريو. انهن مان جي-ايم ٻرگڙي پهريون سنڌي بئريسٽر ٿيو.

گدو مل، آوتراءِ ۽ ناون مل جي روايت تي عمل ڪندي، هندن بيشڪ اوچ شخصن جي هڪ مڪمل ڪهڪشان پيدا ڪئي. هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن ڪراچيءَ کان بمبئي پهچڻ ۾ چار مهينا لڳي ويندا هئا. (آگبوٽ جي دؤر کان اڳ وارن ڏينهن ۾ ايئن ورلي ٿيندو هو. ايتري قدر جو انهن ڏينهن ۾ ڪلائيو (Lord Clive) جو جهاز هندستان جي ٽن سفرن مان، ٻن سفرن دوران پلجي ڏکڻ آمريڪا جي رستي ڏانهن هليو ويو هو!) مئٽرڪ جي پهرين ڇئن شاگردن- چوهڙ مل پنجابي امتحان پاس ڪري سگهيو. پر انگريزن سندن صلاحيتن کي ڄاتو ٿي. انهن مئٽرڪ ۾ ناپاس ٿيلن کي پڻ نوڪريون ڏيئي سندن همت افزائي ڪئي، ۽ انهن ڪيڏو نه نالو ڪڍيو! ڏيارام ڄيٺمل وڏو وڪيل ٿيو. هن ڊي-جي سنڌ ڪاليج- جيڪو سندس نالي پويان سڏجي ٿو- جي مالي مدد لاءِ ڪيترن ئي هندن کان هڪ مهيني جو پگهار چندي ۾ ورتو. نولراءِ هڪ وڏي اسڪول، "نولراءِ هيرانند اڪيڊمي" جي بڻيو وڌو. جيڪو سندس ۽ ڀائس هيرانند جي نالي پويان سڏجي ٿو. ڪوڙي مل (1844-1916ع) "ساميءَ جي سلوڪن" جي ڪوجنا ڪري اهي ڇپايا، جنهن ساميءَ کي شاهه ۽ سچل سان گڏ، ٽئين وڏي شاعر جي حيثيت ڏني. ڪوڙي مل استادن جي سڪيا جي پڻ صدارت ڪئي ۽ سنڌ جي وچولي واري علائقي، "ساهتيءَ" ۾ نئون روح ڦوڪيو.

چوهڙمل پهريون گرئجوئيٽ ٿيو ۽ تاراچند پهريون سنڌي ڊاڪٽر ٿيو. ساڌو هيرانند پهرين سنڌي اخبار/ رسالي "سنڌ ٽائيمس" (Sind Times) ۽ "سنڌ سڌار" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ ڪنول سنگهه پهرين سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزنامہ "سنڌ واسي" (1914) جاري ڪئي. پر برطانوي دؤر جو سڀ کان وڏو سنڌي، جنهن کي اسان سياست کان پاسيرو رکنداسين- رشي ڏيارام هو. (ڏيارام گدومل شاهاڻي کي ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي دؤر جي مشهور شخصيت گدومل جي پويان سڏجندڙ گدواڻي آکهہ سان ملائي منجهايو نہ وڃي.) هو بيشڪ "يگ پرش" (The man of the Age) آهي. هن برطانوي دؤردوران سنڌ جي روشن ۽ بهترين نمائندگي ڪئي.

ڏيارام (1875-1927ع) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عهدي تي رسيو. پر سندس اصلي ڪم ڪورٽ کان ٻاهر هو. ڊي- جي سنڌ ڪاليج قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ کان سواءِ، ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي هاسٽل "ميئارام هاسٽل" تعمير ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي پاءُ ميئارام کي هڪ هزار گنيون چندي ۾ ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو. سندس ٽرسٽ ڊي- جي نيشنل ڪاليج حيدرآباد قائم ڪرڻ لاءِ هڪ لک رپيا چندي ۾ ڏنا.

ڏيارام "ناري شالا" قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، جيئن اتي وڌائون پنهنجو وقت گرو گرٿ صاحب پڙهڻ ۾ گذارين ۽ سماجي ڪم ڪن. هن "اسان جي ڇوڪرين خلاف سٽن پاپن" خلاف مهم هلائي. اهي پاپ هئا: ٽروڪڙين لاءِ سندن ڇهري ۽ ٻانهن ۾ سُيون ٽنبڻ؛ ڪين اسڪول نہ موڪلڻ ۽ راند نہ ڪيڏڻ؛ سندن ٻانهن ۾ ٻانهينءَ جو بوج پارائڻ؛ ننڍپڻ ۾ شادي ڪرائڻ؛ سسن طرفان ڪين هيسائڻ؛ ننڍپڻ ۾ ٻار ڄمڻ؛ ويم دوران موت- ان کان پوءِ مرد جو هڪدم ٻي شادي ڪرڻ. هن ڏاج (ڏيتي ليتي) جي رواج خلاف جنگ جوٽي ۽ پنچائت کان وڌ ۾ وڌ پنج سؤ رپيا طئہ ڪرايائين.
جڏهن سندس ڌي رڪمڻيءَ جي شادي ٿي تہ ان موقعي تي هن ٻاڻ رکو پاڻ ۽ شربت پياري اهڙو مثال قائم ڪيو. (آگري جي راڌا سوامي پنٿ وارن سنڌي عورت کي پنهي ٻانهن ۾ عاج جي ٻانهينءَ بدران رکو هڪ يا وڌيڪ سونا ڪنگڻ پائڻ لاءِ چيو.) ڏيارام پليگ ۾ ورتل بيمارن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ٽي مهينا موڪل ورتي ۽ انهيءَ وقت دوران عيسائي پادرين جي تبليغ ۾ ڦاٿل اٺ سؤ يتيمن کي بچايائين.

سندس پيءُ، گدومل ستٽ سال هردوار ۾ سنسڪرت جي اڀياس ۾ گذاريا هئا. هن سنڌ ۾ واپس اچي برهمڻ جي ڇوڪرن کي سنسڪرت زبان سيکاري. جڏهن ڇوڪرن ساڻس بحث ڪيو تہ ڪين برهمڻ جي حيثيت ۾

ڪانئس مٿاهين هنڌ تي وهاريو وڃي. جو هو پاڻ هڪ معمولي عامل آهي تہ هو ڪليو ۽ ڪين مٿاهين هنڌ تي وهاريائين. هو ڪين وظيفو پڻ ڏيندو هو. سندس پٽ ڏيارام انهيءَ مقصد لاءِ حيدرآباد ۾ هڪ "سنسڪرت پاٺشالا" جي سهڻي عمارت جوڙائي.

ڏيارام کي ماهوار 1120 رپيا ملندا هئا. جنهن مان 150 رپيا پاڻ تي خرچ ڪري، باقي سمورا خيراتي ڪمن ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو. ايتري قدر جو هن آرسي خريد ڪرڻ تي چند آنا بہ خرچ نہ ڪيا ۽ پنهنجو پٽڪو دريءَ جي شيشي جي اڳيان ٻڌندو هو. هن انشورنس ڪمپني ۽ پراويڊنٽ فنڊ قائم ڪيا ۽ هوميوپٿي جو اڀياس ڪيائين ۽ اُن کي هٿي ڏنائين.

جج جي حيثيت ۾، ڏيارام تمام اوچي شخصيت جو مالڪ هو. جڏهن شڪارپور جي هڪ سيٺ، ميول داس زوري ڪئي تہ هن ڪيس ست سال جيل جي سزا ڏني، جيتوڻيڪ سيٺ تمام مقبول شخص هو. ٻيو مشهور مقدمو، جيڪو هن فيصل ڪيو، حضوريءَ جو هو. هن مذهبي شخص تي قتل جو الزام هو. هن پنهنجي بچاءَ ۾ چيو تہ "مقتول کي قتل ڪرڻ لاءِ مون کي الله جو حڪم (الهام) ٿيو هو." ڏوهاريءَ جي الهام جي باوجود، ڏيارام کيس عمر قيد جي سزا ڏني.

پر هن سڀ کان اهم مقدمو احمدآباد جي جامع مسجد جو فيصلو ڪيو هو. مسجد جا امانت دار مسجد جي زمين جا حصا وڪڻي، پيسا پاڻ هڙپ ڪري رهيا هئا. امام ڪورٽ کي رجوع ڪيو. مقدمو ٻارنهن سالن تائين اينگهندو رهيو. پر جڏهن ڏيارام ڊسٽرڪٽ جج مقرر ٿي آيو تہ هن اهو مقدمو لاڳيتو ٻارنهن ڏينهن تائين هلايو. سڀني فارسي دستاويزن جو اڀياس ڪيائين ۽ وڪرو ڪيل زمين مسجد کي واپس ڪرڻ جو حڪم ڪيائين. هن پنهنجو حڪم، ڪاغذ تي نہ، پر عرصي تائين قائم رهڻ لاءِ، ڪپڙي تي لکيو. ڪئين ورهيہ پوءِ، مسجد جي امام چيو: "جهڙي ريت ڏيارام مقدمو هلايو، مون محسوس ڪيو ڄڻ پيغمبر خود جج جي ڪرسيءَ تي وينو آهي." لارڊ ڪرزن (Lord Curzon) جڏهن ڏيارام سان مليو تہ هن کيس مبارڪ ڏيندي چيو: "فاضل جج، اسان کي اوهان جي لياقت جي خبر آهي."

برک پارسي سماج سڌارڪ ۽ خلق جي خدمتگار، بهرام-جي-

ملباري، ڏيارام جي زندگيءَ تي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن جو پيش لفظ ٻئي ڪنهن نہ، پر فلارينس فائينگيل (Florence Nightangle) لکيو آهي.

انتهائي ڌرماتما شخص، ڏيارام پنهنجون شامون ڀائي ڪلاچند ۽ ڀائي مولچند گياني وٽ گذاريندو هو، جيڪي ٻئي سنت پرش هئا. سندس پيو دوست حيدرآباد جي ”گر مندر جو ڀائو گرپت صاحب هو، ڏيارام سنسڪرت ۾ گيتا، عربيءَ ۾ قرآن ۽ عبرانيءَ ۾ بائيبل پڙهي سگهندو هو.

ان وقت، 1878ع ۾ سنڌ ۾ هڪ وڏو واقعو ٿيو. ٺارو نالي هڪ هندو نوجوان هڪ مسلمان ڇوڪريءَ جي عشق ۾ ڦاسي، ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ، پنهنجي زال ۽ ٻار سميت مسلمان ٿيو. جڏهن شيخ ٺارو پنهنجي مسلمان زال وڃائي تہ هن پنهنجي ڪٽنب ۾ واپس موٽڻ چاهيو ۽ هندو ٿي ويو.

شُڌيءَ جي رسم ادا ڪئي ويئي، پر شوقيرام آڏواڻي (نولراءِ ۽ هيرانند جو پيءُ)، جيڪو آوتراءِ کان پوءِ پنچايت جو مُکي ٿيو هو، کيس هندو جي حيثيت ۾ قبولڻ کان انڪار ڪيو. آوتراءِ، گدومل ۽ ڀائي گرپت صاحب ساڻس بحث بہ ڪيو، پر سڀ اجايو ثابت ٿيو. نتيجو اهو نڪتو جو حيدرآباد ۾ ڏڦيڙ پئجي ويو. ايتري قدر جو ٻنهي ڌرين پنهنجا مساڻ جدا ڪيا. سڀئي سمجهدار هندو گهبرائجي ويا. شوقيرام کي چار پٽ هئا. منجهانئن ٽي ٻي اولاد ٿي مري ويا، چوٿون هيرانند هو، جنهن کي ٽي ڌيئرون هيون، جن مان بہ ننڍپڻ ۾ ئي مري ويون ۽ ٽين لڇمي ٻي اولاد مري ويئي. ماڻهن شوقيرام جي ڪٽنب جي خاتمي کي شيخ ٺارو جي معاملي ۾ ڀائي گرپت صاحب جي بددعا سان منسوب ڪيو.

ڏيارام پنهنجي فلاحي ڪمن کي سنڌ تائين محدود نہ رکيو. هن شملي جي پرسان، ڌرم پور ۾ سؤ ايڪڙ زمين حاصل ڪري، اتي ٽي- بي سئنيٽوريم قائم ڪيو. سندس انهيءَ ڪوشش کي لارڊ هارڊنج (Lord Hardinge) ڏاڍو ساراهيو. هن بمبئي جي باندرا علائقي ۾، ”سيواسدن“ جو پايو وڌو. 1925ع ۾ امرت سر ۾ ”شانتي آشرم“ قائم ڪري ”شرومڻي گردوارام داس لئبرريءَ“ جي سپرد ڪيائين، جنهن کي پوءِ ”گرورام داس لئبرريءَ“ جو نالو ڏنو ويو.

ڏيارام سموري هندستان جو سفر ڪيو ۽ بنڪم چندر چٽرجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوندر ناٿ ٽئگور، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ڪرنل اولڪاٽ (Col. Ol-cott). ۽ لاهور ۾ مهاتما هنسراج ۽ ديال سنگهه مجيٺيا سان خط و ڪتابت ڪيائين. هو ٽئگور جي شانتي نڪيتن ۽ جڳديش چندر بوس کي سندس ڪوجنائي ڪم لاءِ ساندهه مالي مدد ڪندو رهندو هو. هن پنهنجي وڏي ڀاءُ جي نالي، پنهنجي سموري ملڪيت جي "ميٺارام ڌرمادا ٽرسٽ" قائم ڪئي. پڇاڙيءَ ۾ هن هڪ سال جي عرصي جو "مون ورت" (چپ روزو) رکيو. انهيءَ عرصي دوران، گانڌي سانس ملڻ ويو، پر هن معذرت گهري- ۽ ڪيس پنهنجي "مون ورت" قائم رکڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ چيائين. هن پنهنجي پٽ ڪيول رام شاهاڻيءَ کي 11 آڪٽوبر 1927ع تي لکيو ته سندس ڊائري Experiments With Truth (سچ جا تجربا) آهن. تي ورهيـــــــ پوءِ، جڏهن گانڌي پنهنجي آتم ڪٿا لکي ته جئرام داس دولت رام جي چوڻ تي هن پڻ انهيءَ جو عنوان Experiments With Truth ڏنو. ڏيارام تڏهن کان ئي "رشيءَ" جي حيثيت سان ڄاتو وڃڻ لڳو.

اهي اهڙا ماڻهو هئا، جن سنڌ جهڙي ننڍي صوبي کي مهان بنايو- سنڌ ۾ ثقافتي جاڳرتا ۽ آزاديءَ جي هلچل لاءِ ميدان تيار ڪيو.

برهمو سماج کان راشٽريه سيوڪ سنگهه تائين

جڏهن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ جون واڳون ورتيون ته دريا جي ٻنهي ڪنارن تي ڦهليل واريءَ کان سواءِ ٻيو ٻه گهٽ ڪجهه هو. جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ساوڪ جا ٽڪرا به هئا. ڪراچي هڪ ننڍڙو تجارتي شهر هو ۽ گاديءَ جي شهر، حيدرآباد جي صورت، بدحال مَنهن ۾ لانڍين کان ٿوروئي ڪا بهتر هئي. ڪابه ڏسڻ جهڙي يادگار عمارت نه هئي ۽ نه ئي ميرن جا محل اهڙا عاليشان هئا. زندگي غريب ۽ مختصر هئي، جيتوڻيڪ اها ايتري خراب ۽ ڏکي نه هئي.

1947ع جي سنڌ هڪ تمام نرالو معاملو هئي. اها ڪجهه اهڙي هئي، جنهن کي پراڻي زماني جا هندو، مسلمان ۽ انگريز ساڳي ريت اُداسيءَ وچان ياد ڪندا آهن. پير حسام الدين راشدي چوي ٿو: اها ”ڪنوار جهڙي سهڻي“ هئي. اها رڳو وڏن ماڻهن جي ڪرٽي نه هئي، پر اها تبديليءَ جي هوائن جو مجموعي نتيجو هئي، جيڪا سيني طرفن کان لڳي رهي هئي.

بدقسمتيءَ سان سنڌي مسلمانن کي سٺائي هوا نه ملي- يا انهن پاڻ نه ورتي. مسلم اڪثريت جو سنڌ صوبو، هندو اڪثريت جي بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو بنجي ويو. بمبئي جو سرڪاري لڏو، پنهنجي سياري جي دؤرن دؤران، سنڌ سان شڪارگاهه جو سلوڪ ڪندو هو.

وهابي تحريڪ پنهنجي اسلامي بنياد پرستيءَ جي انتهائي سگهه سان، مختلف مَتن واري سنڌ ۾، گهٽ ماڻهن کي متاثر ڪري نه سگهي، جيڪي پيرن، مقبرن ۽ تعويذن جي اثر هيٺ هئا. وهابي اڳواڻ سيد احمد بريلويءَ سنڌ ۾ آيو، ۽ حرن کي دين جي مقصد لاءِ، پنهنجي پير سان جنون جي حد تائين اپيل جماعت جي طرز تي، وري منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪيائين. پر سنڌ جي ميرن ڏنو ته انگريز، سکن کي سندن پنيءَ ۾ ڏک هٽي، ڪين هيسائڻ لاءِ سيد کي استعمال ڪري رهيا آهن. اهو علائقو اڄ ڪلهه اتر-اولهه سرحدي صوبو سڏجي ٿو. پر سکن سان وهابي ويڙهه رنجيت سنگهه کي سنڌ ۾ وچي شڪارپور تي قبضو ڪرڻ کان روڪي رکيو هو،

جيڪو ڪين افغانستان کان مليو هو.

اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، برطانوي راڄ هندستان ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو ۽ خاص ڪري لارڊ رپن تہ ڏاڍو مقبول هو. بنارس ۾ سندس گاڏي ڪاشيءَ جي پنڊتن ڇڪي هئي. سموري ملڪ ۾، ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ هزارين آجياڻي تقريرون مڪيہ شهري صحيحون ڪري رهيا هئا. 1884ع ۾، سندس خدمتن جي مڃتا ۾ ڪيس اڳواڻن جو صحيح ٿيل ياداشت نامو موڪلڻ لاءِ "سنڌ سڀا" پڻ ڪراچيءَ ۾ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي. انهيءَ ميٽنگ ۾ خانبهادر حسن علي آفندي انهيءَ تجويز جي مخالفت ڪئي ۽ چيائين تہ ڪيس رڳو خط لکڻ ڪافي ٿيندو. ڏيارام ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين جيڪڏهن سنڌ باقي ملڪ وانگر رپن کي مان ڏيڻ ۾ ناڪام ويئي تہ اها لعنت ٿيندي. آفندي ڪاوڙ مان احتجاج ڪندي "لعنت لعنت" چوندو ٻاهر نڪري ويو. "سنڌ سڀا" جو وفد، جنهن ۾ ڏيارام، هيرانند، فتح علي ۽ ٻيا شامل هئا، روانو ٿيو، جيڪو بمبئي پهچي رپن جي هڪ عام آجياڻي جي تقريب ۾ پين وفدن سان وڃي گڏ ٿيو. پر آفندي انهيءَ وفد ۾ گڏ نہ ٿيو، ۽ انهيءَ جي ٻئي سال، 1885ع ۾ مسلمان شاگردن لاءِ سنڌ مدرسو قائم ڪيائين. جيتوڻيڪ مدرسي انگريزن جي تابع داريءَ جي خلاف ناراضپي وچان جنم ورتو هو، پر ڪنهن صوبي جي سياسي يا ادبي زندگيءَ تي ڪنهن خاص اثر کان سواءِ، اهو هڪ عام اسڪول ٿي اڀريو. ڪافي عرصي تائين، انهيءَ اسڪول جا هيڊماستر انگريز هئا.* مسلمان زميندارن، مسلمانن جي تعليم لاءِ مدد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جو ڪين ڊپ هو تہ جيڪڏهن سنڌن پورهيت هارين جو اولاد اسڪول وڃي پڙهي پيو تہ اهي سنڌن ٻڌا ٻانها ٿي نہ گذاريندا.

اها ڪافي دلچسپ ڳالهہ آهي تہ علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽي (AMU) پڻ سنڌ تي ڪو اثر نہ ڇڏيو. محمد امين کوسو علي ڳڙهہ جو هڪ ئي گريجوئيٽ MLA ٿيو، جيڪو ڪانگريس ۾ شامل ٿيو.

سنڌ تي خلافت تحريڪ گهڻو اثر ڇڏيو. ايتري قدر جو شيخ عبدالمجيد ليلا رام، شيخ عبدالرحيم (ڪرپالاڻي) ۽ عبيدالله سنڌي (سک جي گهر ۾ ڄنميل) ريشمي رومال مقدمي ۾ ملوث ٿيا، جنهن تحت افغان بادشاهہ کي هندستان کي "آزاد ڪرائڻ" جي دعوت ڏنل هئي. پر انهيءَ ڳالهہ ڪين رڳو ڏکي قيد جي سزا يا جلاوطني ڏياري. هزارين سنڌي مسلمان هجرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري افغانستان ويا. پر ڪين صدمي سان مونتو پيو. خليفي ۽ ترڪيءَ جي مسئلي ڪين اولهه ايشيا جي معاملن ۾ الجهائي وڌو. پر عرب- ترڪي مخالفت سندن متيون منجهائي ڇڏيون. ترڪيءَ کي نجات ڏيندڙ جي حيثيت سان ڪمال پاشا جي "ملائن، عربي زبان ۽ فيض-ٽوپيءَ دشمني" ڪين تڏو ڪري ڇڏيو. ابتو نڪتئه عروج تڏهن مڪمل ٿيو جڏهن ايران، عربستان ۽ ترڪيءَ جي اڳواڻن خلافت تحريڪ کي ڪلٺهاب ڪيو ۽ پاڻ کي هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل جي حق ۾ ظاهر ڪيائون.

جڏهن هندستان جا مسلمان اڙدو ۽ اقبال کي متاهون ڪري پيش ڪري رهيا هئا تہ دورانديش سنڌي مسلمان اڙدوءَ کي "ڦڙدو" چئي ڪلٺهاب ڪري رد ڪيو. ڪين اچرج لڳي رهيو هو تہ اقبال، افغانستان جي بادشاهہ امان الله توڙي ڪانئس پوءِ جي تخت ڏٺي ۽ انگريزن جي ڇاڙتي نادر خان کي ساراهي رهيو آهي. انهن سموري ڳالهہ کي مفاد پرستيءَ جي انتها سمجهيو.

هڪ وقت ۾، ڌرم متائڻ جي واقعن سنڌي مسلمانن کي جذباتي هٿي ڏني. پر هندو جاڳرتا ۽ آزاديءَ جي هلچل جي تيزيءَ جي ڪري، انهن واقعن کي پڻ پنجو اچي ويو.

ڪيترن ورهين تائين، سنڌي مسلمان، ٻي هر شيءِ جي پيٽ ۾، سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ تي گهڻو زور ڏنو. سنڌ کي جدا ٿئي اجا ٻہ سال مس گذريا هئا: جو ٻي عظيم جنگ ڇڙي پيئي، جنهن جي دوران ڪانگريس جو "هندستان ڇڏي وڃو" (Quit India) ۽ مسلم ليگ جو "سڌو قدم" (Direct Action) جهڙا سياسي طوفان رونما ٿيا. سنڌين کي ايترو وقت ئي نہ مليو جو هنڌائتا ٿي پنهنجي مستقبل بابت سوچين. مسلمان هارين پنهنجو پاڻ کي "لينڪي" جورائي، مسلم ليگ کي ووٽ ڏنا. پر اها ڳالهہ سندن دل وٽان نہ هئي. بنيادي طور تي، اهي "پير" جا پوئلڳ هئا ۽ "وڏيري" سان واڳيل هئا. انهن قرض جي صورت ۾ سونا آنا آٽيندڙ واڻئي جي حفاظت ڪئي- ۽ عامل ديوان جي، سندس قابليت ڪري عزت ڪئي. سنڌي مسلمان دل جو سچو هو. پر فرقي وارانہ هوا ڪيس تبديل ڪري ڇڏيو هو. پر انهن هوائن هندن کي اهڙو بدلائي ڇڏيو، جو اهي سجاڳپ کان ٻاهر ني ويا.

جڏهن انگريزن سنڌ پنهنجي قبضي ۾ ڪئي تہ هندو نهايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڪائڻي حيثيت ۾ هئا. هو "ديوان" هڻڻ جي حيثيت سان اهم عهدن تي هئا، ۽ "سيٺ" هڻڻ جي حيثيت ۾ خوب دولت ميڙي هئائون. پر ڪنهن به وڏي ڪان وڏي "ديوان" ۽ وڏي ڪان وڏي "سيٺ" کي ڪوبه "مير" آرام سان ۽ ڪنهن به "پير" جي فتويٰ سان برباد ڪري سگهيو ٿي- هندو ڌرم، سناتن ڌرم جي حيثيت سان قائم هو. يوڳين جي سفر ۽ گرهستين جي تيرٿ ياترائن، پراڻي روشنيءَ کي قائم رکيو هو. جيڪا ايتري روشن نه هئي. راجا گوپيچند ۽ گرو گورکنات جي آڪاڻين ماڻهن جي دلين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو. ايتري قدر جو شاهه عبداللطيف "ونڌر جي وٿن" (ورنداون) کي ڳايو ۽ گنجي ٽڪر ۾ گڻ ڏسي چيائين: "گنجي ۾ گڻ گهڻا". جنهن ۾ آڳاٽو ڪاليءَ جو مندر هو. مٺ ۽ مڙهيون، تعويذ ۽ ڀڀوت، ايتري قدر جو ڏند ڪٿائن ۽ معجزن عام ذهن کي قابو ڪري ڇڏيو هو. رڳو روهڙيءَ لاءِ چيو ويندو هو ته انهيءَ سوا لک سنت ڏٺا آهن. ان ڪان پوءِ ٻيا ڪيترائي مقامي سنت جهڙوڪ ڀائي ڪلاچند، ڀائي دليت، ڀائي وسڻ، ڀائي مولچند، پارو شاهه، ليلا شاهه ڪان سواءِ مهان سوامي بنکنڊي صاحب به هو. جنهن 1823ع ۾ سکر ۾ ساڌ ٻيلو مندر قائم ڪيو. ٻيا جهڙوڪ آچاريا جيوترام ڪرپالاڻيءَ جو پيءُ ڪاڪو ڀڳوان داس (1842-1922ع) اديه پور جي شري نات دواري جا چيلا هئا. (هڪ ڀيري، ڪرپالاڻي جيوت جي هڪ سوٽ نات دواري جي "لڏن جي پرساد" کي سخت ڪوئيو هو ته پوتر پرساد تي راءِ ڏيڻ جي انهي گستاخيءَ لاءِ ڪاڪو سندس پويان پٽ ڪٽي پيو هو.) پر انهيءَ سان گڏ، اها حقيقت آهي ته جڏهن انگريزن سنڌ جون واڳون ورتيون ته هندو پنهنجي "مندرن" ۾ نه "مورتي" رکي سگهيا ٿي ۽ نه ئي گهنڊ وڄائي سگهيا ٿي. پنجاب ۾ سکن جي راڄ سنڌي هندن جي اخلاقي همت ۾ واڌارو آندو. جن جهٽ پٽ ڪجهه "گردوارا" قائم ڪيا ۽ بس.

پر انگريزن جي اچڻ سان وسيع نوان اُفق کليا. بمبئي ۾ ضم ٿيڻ سان، سنڌ هندستان جي هندن سان سرڪاري طور تي ۽ گهرائيءَ سان قريب ٿي ويئي. سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ گجراتي واپاري ۽ مرهٽا ۽ پارسي آيا. ڪراچيءَ جو سڀ ڪان وڏو اسڪول "اين- جي- وي گورنمنٽ هاءِ اسڪول". هڪ مرهٽي تعليمي ماهر، نارايڻ جڳن نات جي نالي پويان قائم ٿيو ۽ ڪراچيءَ جو سڀ ڪان سٺو اسڪول "شاردامندر" هو. جيڪو گجراتي

خانگي اسڪول هو.

سنڌ جي هندن لاءِ پراڻيون للڪارون تہ هيون، پر نيون للڪارون پڻ اُڀري ايون. اسلام هميشہ هڪ للڪار رهيو هو؛ ۽ هاڻي عيسائيت پڻ للڪار بڻجي اُڀري آئي. (امان چوندي آهي تہ اٽويهين صديءَ جي موڙ تي، مبلغ (مشنري) عاملن جي گهرن ۾ سندن ننڍين ڇوڪرين کي انگريزي پڙهائڻ لاءِ اچڻ لڳا. اهي مبلغ ڏاڍا سنا هئا. پر وڏڙن فيصلو ڪيو تہ سندن مقصد ڪين عيسائي مذهب ۾ آڻڻ جو هو، ۽ تنهنڪري سندن ۾ٽي مقصد کي ٽارڻ لاءِ ڇوڪريون ڪٽن هينيان لڪي ويندي يون هيون.)

"جوت" جو ايڊيٽــر ۽ "انگريزي- سنڌي ۽ سنڌي- انگريزي ڊڪشنرين" جو مصنف پرمانند ميوارام نالي هڪ معتبر سنڌي حقيقت ۾ پنهنجو ڌرم ڇڏي وڃي عيسائي ٿيو.

پر انهيءَ کان وڌيڪ گنڀير مسئلو، جديديت جي للڪار هو. بمبئي، ڪلڪتي ۽ لنڊن سان رابطي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ سنڌ هڪ بيڪل پاٽيءَ جو ڏيو هو. هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن سنڌي عورتون پردو ڪنديون هيون ۽ پارنهن ورهين جون ڇوڪريون مائرون ٿينديون هيون. نوجوان بنان تعليم جي گهٽين ۾ ڏکا پيا کائيندا هئا. هوليءَ جو ڏينهن شراب پيئڻ لاءِ سٺو موقعو هو. جنم اشٽميءَ تي جوا ڪرڻ ڌرم تي هلڻ برابر هو. سموري سال دوران ماحول گندين گارين سان ڀريل هوندو هو.

سِک پنٿ، جيڪو اسلامي راڄ جي آخري ڏينهن دوران آئت جو ڪارڻ هو، انهن للڪارن جو مقابلو نٿي ڪري سگهيو. اهو ماٺهن ۾ ڏاڍو مقبول ٿي جاري رهيو. هزارين ماڻهو گرونانڪ جي جنم ڏينهن تي ساري رات جاڳڻ لڳا. جيڪي جنم اشٽميءَ تي ڪجهہ نہ ڪندا هئا. اهي- گرپرب- جي ڏينهن تي ڀاڄين تي گذارو ڪرڻ لڳا، جڏهن تہ خود سک بہ اهڙو موقعو ملهائڻ لاءِ گوشت واپرائيندا هئا. پر سک پنٿ نين للڪارن جو جواب نہ هو. پر جيڪڏهن سماج کي جيئرو رهڻو هو ۽ اُسرڻو هو تہ ڪو تہ جواب ڳولڻو هو.

انهن للڪارن کي، سواءِ شوقيرام ننديرام آڏواڻيءَ جي پٽ نولراءِ (1843-1893ع) جي، ٻئي ڪنهن بہ بهادريءَ سان منهن نہ ڏنو. هو پنهنجي لياقت، ساک ۽ اڀرينا ٺان ڪلارڪ مان ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو، جيڪو

انهن ڏينهن ۾ هڪ هندستانيءَ لاءِ سڀ کان وڏو عهدو هو. نولراءِ "سڪ سڀا" جو پايو وڌو. جيڪا گرونانڪ جي معتقد، معتبر هندن تي مشتمل هڪ جماعت هئي. هو 26 ورهين جي ڄمار ۾، ماڻ ميٽ ۾ ڪلڪتي هليو ويو ۽ ڪيشب کان جيڪي ٻڌائين ۽ برهمو گهراڻن جي پنچائتي مرڪز "پارت آشرم" ۾ جيڪي آزمودا حاصل ڪيائين، انهن ڳالهين، سنڌ جي پيهر اڏاوت بابت سيني سوالن جا جواب ڏنا. جنهن جو نتيجو رشي ڏيارام جي لفظن ۾ "جديد سنڌ جو معجزو" هو.

نولراءِ ۽ سندس ساٿين "سڪ سڀا" جو نالو مٽائي "سنڌ سڀا" رکيو. هو دل و جان سان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي تعليم ڏيڻ جي ڪم ۾ ڪاهي پيو. هو برهمو وارن جي زندگي ۽ سکيائن مان اينرو اتساهت هو، جو پنهنجا پيسا خرچ ڪري حيدرآباد ۾ هڪ بهترين "برهمو مندر" جوڙايائين. (سول اسپتال جي پرسان، انهيءَ جاءِ تي اڄ ڪلهه حسنين اسڪوائر- لبرٽي مارڪيٽ جي عمارت بيٺل نظر اچي ٿي)، هن پنهنجي ڀاءُ هيرانند (-1863 1893ع) کي ڪلڪتي موڪليو، جتي هن پنهنجو گهڻو وقت ڪيشب چندرسين سان، سندس گهر جي ڀاتيءَ وانگر گذاريو.

ڪلڪتي ۾، هيرانند کي شري رام ڪرشن پرم هنس جي پوتر سنگ ۾ به رهڻ نصيب ٿيو. جنهن سندس ۽ سوامي وويڪانند جي باري ۾ هڪ ڀيري چيو هو: "نريندر تمام مٿين سطح جو آهي. هيرانند پڻ انهيءَ سطح جو آهي. سندس فطرت ڪيڏي نه پارن جهڙي (معصوم) آهي! ڪيڏو نه مٺو سڀاءُ آهي سندس! مان ڪيس پڻ ڏسڻ چاهيان ٿو." ڪنهن ٻئي موقعي تي چيو هئائين: "جيڪڏهن شادي شده ماڻهو ايشور لاءِ پيار وڌائيندا ته اهي دنيا سان ڳنڍيل نه رهندا. هيرانند شادي شده آهي. پر آهي ته ڇا ٿيو؟ هو دنيا سان گهڻو ڳنڍيل نه رهندو."

ڪلڪتي ۾ هيرانند 1883ع ۾ پنهنجي تعليم پوري ڪري ورتي هئي ۽ سنڌ ڏانهن واپس وريو. پر اپريل 1886ع ۾، جڏهن شري رام ڪرشن سخت بيمار ٿي پيو- سندس ديهانت 15 آگسٽ 1886ع تي ٿيو- هيرانند خاص طور تي پنهنجي گروُ کي ڏسڻ لاءِ ڪلڪتي ويو. رام ڪرشن کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هن نريندر کي اندر سڏي چيو: "مان اوهان ٻنهيءَ کي گفتگو ڪندي ٻڌڻ چاهيان ٿو.. سندن روحاني گفتگوءَ جي آخر ۾

نرينڊر هڪ گيت هيرانند لاءِ ڳايو: "حقيقت ۾ ڏوتي پائيندڙ پاڪ وارو آهي."

هڪ ڏينهن، انهيءَ آخري ملاقات جي دوران، هيرانند پنهنجي گروءَ جا پير دٻائي رهيو هو تہ هن چيس: "فرض ڪر تہ تون سنڌ نٿو وڃين- فرض ڪر تون نوڪري ڇڏي ٿو ڏين، پوءِ تون هتي رهي ڇو نٿو پوين؟" هيرانند وراڻيو:" پر منهنجو ڪم ڪرڻ لاءِ اتي ڪوبہ ناهي." هيرانند رام ڪرشن کي سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني. رام ڪرشن خوش ٿيو پر چيائين تہ مان ڏاڍو بيمار آهيان- ۽ سنڌ تمام پري." پر رام ڪرشن هيرانند کي ياد ڏيارڻدي ڪجهہ سنڌي پاجاما موڪلڻ لاءِ چيو، جو سندس ڏوتي ٻڌڻ ۾ ڪسڪي ٿي ويئي.

ٻنهي ڀائرن- نولراءِ ۽ هيرانند- سنڌ ۾ نئون ساهہ ڦوڪيو. هنن حيدرآباد ۾ "يونين اڪيڊمي" شروع ڪئي، جيڪا پوءِ ان جي نالي پويان "نولراءِ هيرانند اڪيڊمي" مشهور ٿي. (سوسائٽيءَ ۾ گول بلڊنگ جي سامهون، انهيءَ عمارت ۾ اڄ ڪلهہ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ۽ حيدرآباد سنڌ لا ڪاليج قائم آهن.) انهن ڇوڪرين جو پهريون اسڪول شروع ڪيو، ۽ ڪين پڙهائڻ لاءِ لکنوءَ جي ٻن گهوش ڀينرن کي مقرر ڪيائون. هيرانند پنهنجي ٻن ڀينرن کي بهار جي بانڪي پور شهر ۾ اگهور ڪامني پرڪاش راءِ وٽ پڙهڻ لاءِ وٺي ويو. جيڪا ڊاڪٽر بي-سي-راءِ جي ماءُ هئي، جيڪو پوءِ اولهہ بنگال جي وزيراعليٰ جي پد تي پهتو. سنسڪرت جي سکيا تي خصوصي ڌيان ڏنو ويو. سندن سنسڪرت جي شاڳردن مان هڪ روپچند بيلارام هو، جيڪو سنڌ جو واحد هندستاني جوڊيشل ڪمشنر جي عهدي تي رسيو.

هنن ڪراچيءَ ۾ هڪ "ڪوڙهہ- گهر" ۽ شڪارپور ۾ "يتيم خانو" کوليو.

نندپڻ جي شاديءَ جي خلاف سندن مهم، ڪين مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو. نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ جو هڪ شاگرد، هوندومل پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ واري چاچي کي چيو تہ هو انهيءَ عمر ۾ شادي نہ ڪندو، پوءِ ٻلي ڪٽي سندس پيءُ بہ ڪيس ڇو نہ چوي. انهيءَ بنياد تي، بمبئي جي ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن وٽ شڪايت درج ڪرائي ويئي تہ هيرانند پنهنجي والدين جي عزت نٿو ڪري. انهيءَ تي ڊي-پي-آءِ هيرانند کي

سبب پيش ڪرڻ لاءِ چيو. هيرانند بمبئي پهتو ۽ سنڌي سرڪاري عملدارن جي چوڻ تي هو دېنامي کان بچي ويو!

شراب پيئڻ، جوا ڪرڻ ۽ گاريون ڏيڻ خلاف سنڌن مهم سنڌي سماج تي پنهنجو اثر ڇڏيو. بدقسمتيءَ سان ٻئي ڀائر، هڪ ٻئي کان ٿورن ئي مهينن جي فرق سان، جوانيءَ ۾، 1893ع ۾ گذاريا ويا. پر انهن سماج ۾ نئون روح ڦوڪيو هو- ۽ آئيندي لاءِ مثال قائم ڪري ويا. جڏهن ڪيشب چندرسين کي سنڌ ۾ اچڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي ته هن چيو ته سنڌ، جتي نولراءِ جهڙو ماڻهو آهي، اتي ٻئي ڪنهن جي به ضرورت ناهي. حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪرنل ٽريور (Colonel Trevor) چيو هو ته نولراءِ کي ڪليڪٽر ٿيڻ گهرجي ۽ ڪيس سنڊس ڪلارڪ سنڌ جي هڪ مسلمان عالم، مرزا قليچ بيگ، ساڌو هيرانند جي باري ۾ چيو هو: ”هو انسان نه فرشتو هو.“

ساڌو ڀائرن جي موت کان پوءِ پڻ، حيدرآباد ۾ برهمو پريداس، ”نو وديالي هاءِ اسڪول“ (جنهن ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي ۽ هائي اولڊ ڪئمپس ۽ ماڊل اسڪول قائم آهن) ۽ برهمو ڪندن مل، ”ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول“ (جنهن ۾ ورهاڱي کان پوءِ اڄ تائين جامع عربيه اسڪول قائم آهي)، قائم ڪيا. پر سنڌ ۾ نولراءِ ۽ هيرانند جي ڏينهن ۾ ئي برهمو سماج هلچل عام ماڻهن ۾ ڪامياب نه ٿي. جڏهن سرڪار پنهنجو هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ اڪيڊميءَ جي انتظاميا جي تحويل ۾ ڏيڻ چاهيو ته ماڻهن انهيءَ بنياد تي اعتراض ڪيو ته برهمو وارا اڌ عيسائي آهن. بدقسمتيءَ سان انهيءَ تاثر زور ورتو. جڏهن اڪيڊميءَ جي هڪ استاد،

(۱) ڀواني چرڻ بئنرجيءَ جو ٻيو نالو سوامي برهم بنڌو اپاڌيا هو. هو بنگالي نوجوان هو ۽ ساڌو هيرانند جو ڪلڪتي ۾ دوست ٿيو هو. هو يونين اڪيڊميءَ ۾ مفت پڙهائيندو هو ۽ راندين جو پڻ نگران هو. جڏهن عيسائي ٿيو ته ساڌو هيرانند ڪيس ڏاڍو سمجهايو ۽ ڏيارام گدومل پڻ منع ڪيس. پر هن نه مڃيو ۽ اسڪول ڇڏي ويو. سنڌس وڇوڙي ۾ ساڌو هيرانند روئي ڏنو. آڪٽوبر.... ...ع ۾ هن حيدرآباد مان ’جوت‘ اخبار شايع ڪئي. جنهن جا هو انگريزي ڪالم لکندو هو ۽ سنڌي حصو ڪيمچند امرت راءِ (جنم 1866.1.18ع) سنڀاليندو هو جيڪو پڻ پوءِ عيسائي ٿيو. اپاڌيا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ٻيو ٻيوٽي چرڻ ٻئنرجي 1892ع ۾ عيسائي مذهب اختيار ڪيو. (١)

ان کان اڳ، 1875ع ۾ "برهمو مندر" جي موقعي تي، ساڌو نولراءِ مختلف مذهبي گروهن جي گڏيل سنگيت جو جلوس ڪڍيو هو، جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ "الله اڪبر" ۽ "لا الله الاالله" ڳاتو ويو هو، جنهن ڪي اهو چئي ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو ويو هو ته اهو سمورو "محرم" وانگر ٿي لڳو.

برهمو سماج جو "پرارٿنا سماج"، "ساڌارڻ سماج" وغيره ۾ ورهائجي وڃڻ پڻ برهمو سنگهه کي اڌائي ڇڏيو. پر انهن کان وڌيڪ، اها اسلام اختيار ڪرڻ جي لاڙي کي منهن ڏيڻ ۽ هندو ڌرم جي قوت ۽ شان کي وڌائڻ ۾ به ناڪام ويئي هئي، جنهن برهمو سماج کي، آزادي ملڻ کان اڳ، پوئتي ڌڪي ڇڏيو.

برهمو سماج جون اهي پٺيون اوٽايون، آريه سماج پاران دور ڪندي نظر آيون. تنهن ڪري جڏهن، مورج مل، ڏيئومل، نارو مل ۽ ٻيا ڪيترائي مسلمان ٿيا ۽ ٻيا گهٽا ڌرم مٽائڻ لاءِ تيار ڏسڻ ۾ آيا ته ڏياارام جي رهنمائيءَ ۾ سنڌي هندو اڳواڻن ترت 1893ع ۾ لاهور جي سوامي شرڌاند کي مدد لاءِ سڏيو.

پنجاب آريه سماج ترت پنڊت ليکرام آريه مسافر ۽ پنڊت پورڻانند کي سنڌ ڏانهن روانو ڪيو. انهن ٻنهي پرچارڪن نه رڳو هندو ڌرم جي بچاءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو، پر انهن اسلام ۽ عيسائيت جي باري ۾ ڪيترائي ۽ سيني قسمن جا اڻ وڻندڙ سوال پڇڻ شروع ڪيا. مولوي مذهبي دليل بازي "شاسترارٿ" جي صورتحال کان غير مانوس هئا. ڪاوڙ ۾ اچي انهن ليکرام کي قتل ڪري ڇڏيو. اُن کان پوءِ ٻيا ڪيترائي قتل ٿيا. پر آريه سماج جو پيغام ماڻهن ايڏو هيئين سان هنڊايو جو اهو قتل ٿي نه سگهيو. نتيجو اهو نڪتو جو اهو تنازعو روزمره جو معمول ٿي پيو. ڪيترائي هندو، جيڪي ڪجهه وقت اڳ مسلمان ٿي ويا هئا، جن ۾ سمّوري "سنجوڳي" برادري

اها اخبار پوءِ اڪيلي سر ڪيمچند ۽ ان کان پوءِ برهمچاري اينمانند (ريواچند گيان چند ماڪياڻي) هلائي. 1900ع کان پوءِ انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر پرمانند ميوارام ٿيو، جيڪو پڻ عيسائي ٿيو. ڪانئس پوءِ انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر فادر ڪوٽواڻي ٿيو.

شامل ھئي. واپس پنھنجي ڌرم جي دائري ۾ آندا ويا. انھيءَ عمل ۾ گھڻين مسلمان ڇوڪرين پنھنجو مذھب ڇڏي ھندن سان شاديون ڪيون.

انھيءَ نئين ماحول ۾، ھم جنس پرستيءَ جي پراڻي بري علت جي خلاف مھم شروع ڪئي ويئي. جيڪب آباد جو ھڪ باعزت پير عبدالحسين. سڳو نالي ھڪ نوجوان خوبصورت ڇوڪري تي چريو ٿي پيو. جيڪو مقامي ناٽڪن ۾ زنانو ڪردار ادا ڪندو ھو. پير، دريءَ مان "سڳو! سڳو!" ڪندي ھيٺ ڪري پيو. جڏھن ھن سڳو کي ناٽڪ جي ريھرسل ڪندي ڏٺو. اھڙين حالتن ھيٺ پير جي موت مقامي مسلمانن کي ايڏو اشتعال ۾ آڻي ڇڏيو جو 1 مئي 1929ع جي شام جو، انھن 12 بور جي بندوق سان ڏھ ھندو ماري وڌا. ھن ڪان اڳ سنڌ ۾ ائين ڪڏھن بہ نہ ٿيو ھو. ايتري قدر جو اھا ڳالھہ ڏسڻ لاءِ مدن موھن مالويہ پاڻ اتي پھتو. ڪيترن ڏينھن تائين ڪاروبار بند رھيو. ھڪ پارسي آفيسر، سڪيا کي معاملي جي جاچ ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. (جڏھن بہ سنڌ ۾ ھندو- مسلم معاملي جي گنڀير صورتحال پيدا ٿيندي ھئي تہ ڪنھن انگريز يا پارسيءَ کي اھڙي معاملي جي بي ريا نبيري لاءِ موڪليو ويندو ھو.) سڪيا انھيءَ معاملي جي سازش پويان وڏن زميندارن ۽ مولوين کي ڳولي ڪڍيو. پر ڪين ھٿ بہ نہ لاتو ويو. انھن جي بدران جزتو جوابدارن تي مقدمو ھلايو ويو ۽ پوءِ ڪين آزاد ڪيو ويو. حقيقي ڏوھارين کي ڪڏھن بہ گرفتار نہ ڪيو ويو.

آريہ سماج سنڌ ۾ پاڙ جھاڙ جي حد تائين ھڪ مؤثر ڪردار ادا ڪيو. آريہ سماجين ڪوبہ اسڪول يا ڪاليج قائم نہ ڪيو، پر ڪيترائي آڪاڙا ۽ ڪنيا پاٺشالائون کوليائون. انھن ھندن کي نئون فخر عطا ڪيو. ڪنھن طرح، آريہ سماج سنڌ جي مختلف طبقن ۾ ايتري مقبول نہ ٿي، جيتري اھا پنجاب ۾ ٿي ھئي. انھيءَ جا روشن ستارا ھئا تارا چند گاجرا ۽ سوامي ڪرشنانند. اھا ڌرم تبديليءَ جي مامري ۾ ننڍي ڳالھہ نہ ھئي؛ پر آريہ سماج سنڌي ھندو عوام تي اثر ڪيو. اھا ڇڱي طرح ادا ڪيل سٺي خدمت ھئي.

انھيءَ وچ ۾، برھمو سماج کي گرھڻ لڳڻ دوران، سنڌي مٿئين طبقي جي پرگھور ڪاءِ ھڪ ٻي ھلچل منظر عام تي آئي. اھا ھئي ٿياسافيڪل سوسائٽي. انھيءَ سوسائٽيءَ بنيادي ھندو سوچ کي بين لقوامي اصطلاح ۾

نئين سر پيش ڪيو. تعليم يافته سنڌي ماڻهن، جن هندو ڌرم جو قدر ڪيو تي ۽ بين القواميت کي گهٽ نه ٿي ڄاتو. انهيءَ سوسائٽيءَ جي ٻنهي آجيان ڪئي. چيئمل پرسرام ۽ جمشيد ميهتا جهڙيون قداور شخصيتون سنڌ ۾ ٿياسافيءَ جا ٿنڀا بنجي ويون. 'ٿياسافيڪل لاجز' غير فرقيوارانه دانشورن ۽ ثقافت جا مرڪز قائم ٿيا. ڪراچيءَ جي ٿياسافيڪل سوسائٽي سموري دنيا ۾ سڀني کان چست شاخ مڃي ويئي. ڏيارام گدومل جو پٽ ڪيولرام مؤثر ٿياسافسٽ ٿيو. جنهن حيدرآباد ۾ 'ڏيارام گدومل نيشنل ڪاليج' ۽ ڪراچيءَ ۾ 'شرٽاڪٽي- ريسرچ لائبريري' قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

ٿياسافيءَ جي آفاقي اثر نه رڳو پارسي اڳواڻن جهڙوڪ جمشيد ۽ ڪوتوال کي، پر مسلمان دانشورن جهڙوڪ جي- ايم -سيد، حيدربخش جتوئي ۽ اي- ڪي- بروهيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. جيڪي سڀ پاڪستاني منظر تي وڏن ڪردارن جي حيثيت سان ڄاتيل آهن.

ٿياسافيءَ جي پوئلڳن عيسائيت کي روڪڻ لاءِ، هندن جو سات ڏنو. ديوان ڏيارام عيسائيت جي اوٿاين تي پنجاهه دانشورانه ليڪچر ڏنا. ۽ ڊاڪٽر ائني بيسنت (Annie Besant) هندن کي پنهنجو ڌرم تبديل نه ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي. نئؤ عيسائي پرمانند ميوارام جي ماءُ ڪانئس اُتساهت تي سوال پڇيو: ”تون هندن کي صلاح ڏين ٿي ته عيسائي نه ٿيو: اهو ڪيئن آهي جو تون عيسائي ڌرم رد ڪري هندو ٿي آهين؟“ بيسنت نهه پهه وراڻيو: ”مون ائين انهيءَ ڪري ڪيو آهي. جو مان اڳئين جنم ۾ برهمڻ هيس.“

انهيءَ کان پوءِ ڪنهن به پيو ڪو گفتو نه ٻڌو.

روحاني جاڳرتا جي هڪ تمام نمايان هلچل جي اڳواڻي ساڌو ٽي- ايل- واسواڻي (1879 - 1966ع) ڪئي. هو وڏو ودوان هو، جنهن ڊي- جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ وديا ساگر ڪاليج ڪلڪتي مان تعليم حاصل ڪئي هئي. پوءِ هو لاهور ۾ ديال سنگهه ڪاليج، ڪوچ بهار ۾ وڪٽوريا ڪاليج ۽ پٽيالا ۾ مهيندر ڪاليج جو پرنسپال ٿي رهيو. پر ودوان کان وڌيڪ، هو سنت هو. هن 1910ع ۾ برلن ۾ ڪونايل ورلڊ ڪانگريس آف رليجنس ۾ هندستان جي نمائندگي ڪئي. سفر تان موٽڻ تي، هن پنهنجي باري ۾ چيل سموريون اخباري تعريفي ڪنگس سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيون، جو هن انهن سڀنيءَ کي بيسود سمجهيو.

سندس ماءُ، دنيا تياڳڻ واري سندس خيال کي برداشت نہ ڪري سگهي؛ هوءَ رڳو ايترو ڪري سگهي جو ڪيس شاديءَ لاءِ زور نہ ڪيائين. پر جڏهن سندس ديهانت ٿيو تہ ساڌو ريشمي ڪپڙا پائڻ ڇڏي، کاڌي پائڻ لڳو ۽ پٽيالا ۾ پنهنجي شاندار نوڪريءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏيائين. پوءِ هن ماهوار ڏهن رپين تي گذارو ڪرڻ شروع ڪيو- ۽ خاص قسم جي ماڻهن کي ڌرم جي موضوع تي ليڪچر ڏيڻ لڳو. سالن تائين دنيا رڳو ٽن هندستانين کي ڄاتو ٿي- گانڌي، ٽئگور ۽ واسواڻي.

واسواڻي ديرادون پرسان، راءِ پور ۾ شڪتي آشرم، حيدرآباد ۾ ڇوڪرن لاءِ شڪتي اسڪول ۽ ڇوڪرين لاءِ ميران اسڪول قائم ڪيا. سندس شاعرانہ رچنائون، جيڪي 'نوري گرنٿ' ۾ سهيڙيل آهن، پڙهڻ جوڳيون آهن.

جيئن ورهاڱو ٿيو تہ هن شاهہ عبداللطيف جي درگاهہ تي حاضري ڏني. هن چيو: "هن ويراني ۾، پٽ ڪان وڌيڪ ٻي ڪابہ مقدس جاءِ ناهي."

ورهاڱي کان پوءِ، ڪجهہ مسلمان ڪيس ڏادا درويش جي حيثيت سان عزت ڏيڻ آيا. پر ڪي ٻيا پاڪستان ۾ هڪ ڌرمي مرڪز کي برداشت ڪري نہ سگهيا. جڏهن قائداعظم جناح وفات ڪئي تہ ساڌو واسواڻي دعا گهري، جنهن جي آخر ۾، حسب معمول 'ڪٿاهہ پرساد' ورهايو ويو. پر ڪٽر پنٿين چيو تہ هن قائداعظم جي موت کي 'ملهايو' آهي. حيدرآباد جي اُن وقت جي همدرد مسلمان ڪليڪٽر چيو تہ سندس زندگي ايڏي قيمتي آهي جو ڪٽرپنٿين جي جهجهڪيءَ جي رحم تي ڇڏي نٿي سگهجي. 10 نومبر 1948ع تي هن سنڌ کي خيرآباد چيو. جلد ئي هن پوني ۾ ميران اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيا، جتي مهرشي ڪاروي (Mahrishi Karve) خود دلي آجيان ڪئي.

ساڌو واسواڻي خاص طور تي عورتن کي ڏاڍو متاثر ڪيو. جن کي هن سادگيءَ ۽ روحانيت جو سبق ڏنو. اڄ ڪلهہ سندس ڪم سندس ڀائيٽيو دادا جشن واسواڻي خيرخواهيءَ سان سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، سنڌ ۾ هڪ نرالي هلچل، جيڪا هندستان توڙي جهان جي اخبارن جي شهہ سرخي بني، 'اوم منڊلي' هئي، جيڪا هاڻي 'برهم ڪمارين' جي تنظيم جي طور تي ڄاتي وڃي ٿي. اها هڪ

سماجي- ڌرمي تنظيم هئي. جيڪا دادا ليکراج ڪرپالاڻي (1969ع- 1876ع) شروع ڪئي هئي. جيڪو ڪلڪتي ۾ صرافڪو ڪم ڪندو هو.

اوم منڊلي گهڻو ڪري عورتن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. جيڪي رڳو حيدرآباد جي پائيبند واپاري طبقي سان وابستہ هيون. منجهانئن جيڪي بہ غير شادي شده هيون. تن شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ شادي شده عورتن پنهنجي مڙسن کي لکي ڏنو تہ اهي آزاد آهن ۽ ٻلي وچي ٻي شادي ڪن. انهيءَ وچ ۾. اوم منڊلي جي باري ۾ جادوئي ۽ عيش عشرت ڪرڻ جون گهڻيون ڳالهيون مشهور ٿي ويون. ۽ ڪانگريس ۽ آريہ سماج جهڙين تنظيمن اوم منڊلي کي گهرو سکون کي برباد ڪندڙ جي حيثيت سان رد ڪيو. موٽ ۾ داد ليکراج ڪانگريس کي 'ڪنس' ڪوٺي رد ڪيو. هندو عام راءِ جي دٻاءُ هيٺ. سنڌ سرڪار بي دليو اوم منڊليءَ تي بندش وڌي. اوم منڊلي ڪورٽ کي رجوع ڪيو. جنهن بندش جو حڪم رد ڪيو.

وقت اوم منڊليءَ کي هڪ سچي پچي سماجي تنظيم ثابت ڪيو. ظاهر آهي تہ پائيبند عورتون. خاص ڪري ڌرم ڏانهن گهڻو لاڙو هئڻ ڪري. اوم منڊلي ڏانهن ڇڪجي ويون هيون. انهيءَ صورتحال ۾ ٻيو سبب اهو حقيقت هئي تہ سندس مرد/ مڙس ٽي سال هانگ ڪانگ کان وٺي سموري دنيا جي اردگرد هونولولو تائين پرڏيهہ ۾ گذارڻ کان پوءِ. رڳو ڇهہ مهينا حيدرآباد ۾ گذاريندا هئا. اوم منڊلي انهن جي زندگي ۾ خال پريو.

هاڻي سنڌ هڪ باغ هو. جنهن ۾ ڪيترين ئي لاٽيون لنوڙندڙ پکي هئا. برهمو سماج وارن پنهنجا راڳ پنهنجي 'مندرن' ۾ ڳاتا ٿي. ٿياسافيءَ جي عقيدتمندن 'تبيٽ جي سوامين' (Masters of Tibet) تي ويا ڪياڻ ٿي ڪيا. صدين جي رت ۽ رک کانپوءِ. آريہ سماجين 'ياجنا' جي جوت کي وري جلايو. ساڌو واسواڻي. ميران هلچل جي اڳواڻي ڪئي. جنهن ۾ فيشن ايبل ڇوڪرين کي ڪاڏي پاڻ. ماس خوريءَ جي بدران ياجيون واپرائڻ ۽ ڀڳتي ڀاو تي آماده ڪيو. سنت ڪنوررام نچي نچي "او نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو "ڳائڻ لڳو. وشنو ڊگمبر پنهنجي ساليانيءَ دؤري دوران. ماڻهن سان گڏجي "رگهو پتي راگهوَ جا رام" ڳائي آرتي ڪندو هو. نماڻي فقير سچل جي پيار ۽ دعا جو پيغام ڦهلايو: "ڊڪين منهنجا ڍولڻا. عيب نہ ڦولڻا: ننگڙا نماڻي دا. جيون تيوين پالڻا" ۽ رام پنجواڻي. ڪاليج هال کان وٺي صوفين

جي درگاهن تائين ماڻهن جي ميڙ اڳيان گهڙي تي راڳ ڳاتا.

پر جنهن هلچل سچ پچ طوفان ڪڙو ڪيو، اها هئي: "راشٽريه سيوڪ سنگهه" (RSS). اها هلچل سنڌ ۾ سيالڪوٽ جي رهواسي. راجپال پوري (1977ع- 1917ع) شروع ڪئي، جيڪو پوءِ پوئلڳن پاران 'شري گروجي' جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. RSS کان اڳ ۾ سنگهه، 'سنگٺن' ۽ 'سنسڪرتي' جا لفظ سنڌ ۾ اڻاتل هئا. شروع ۾ ڪي ماڻهو 'سنگهه' کي 'سنگ' اچاريندا هئا. پر 1942ع ۾ RSS اهو لفظ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙي ڇڏيو. RSS جي باني ڊاڪٽر هيڊگيوار (Dr. Hedgewar) شهري مرڪزن جي بالغ مرد آدمشماريءَ جو ٽي سيڪڙو ۽ ديهي ايراضين جو هڪ سيڪڙو RSS ۾ڀرتي ڪرڻ جي حد مقرر ڪئي ۽ سنڌ اها حد حاصل ڪرڻ ۾ منفرد حيثيت حاصل ڪئي.

شري گروجيءَ جا سنڌ جا ساليانه (1947ع- 1943ع) دورا صوبي جي عوام جي زندگيءَ ۾ اهم واقعا هئا. هر ڀيري هو حيدرآباد ۽ ڪراچي- پنهي شهرن جو دورو ڪندو هو. هو هڪ ڀيرو، سکر، شڪارپور ۽ ميرپورخاص پڻ ويو. انهن دورن دوران هو مختلف ميدانن جي اڳواڻن سان مليو، جن ۾ ڌرمي اڳواڻ- ساڌو واسواڻي ۽ رنگانات نند، ڪانگريس اڳوڻ- ڊاڪٽر چوئٿرام، پروفيسر گهنشيام ۽ پروفيسر ملڪاڻي، عوام دوست واپاري- لالجي مهروترا، شورتن موهتا، ڀائي پرتاب، سنڌ سرڪار جا وزير- نهلچداس وزيراڻي، ڊاڪٽر هيمن داس واڌواڻي، مکي گوبندرام، ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا وڪيل ۽ تعليمي ماهر اچي وڃن ٿا.

ڀهرئين دوري دوران، جڏهن سنڌوءَ تي ٻڌل ڪوٽڙي پُل تان ريل گذري رهي هئي ته شري گروجي پنهنجي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ ڊاڪٽر ابا ٿاٽي (Dr. Aba Thatte) کي مراٺيءَ ۾ چيو: "ابا، پها سنڌو!" (ابا، سنڌوءَ کي ڏس!) اهي لفظ ته سادا آهن، پر اهي عرصي کان وڇايل ماءُ لاءِ ازلي جذبي سان ڀريل هئا.

شري گرمک سنگهه جيڪب آباد جو هڪ سک سويم سيوڪ هو. هو وڏو پنڪو ٻڌندو هو. 1945ع ۾، شڪارپور ۾ هڪ سوال- جواب جي ويهڪ دوران، گرمک سنگهه ڪانئس پڇيو، "گروجي، اوهان پنهنجي مٿي تي تمام ڳؤرو بار کڻو ٿا؟" شري گروجي خوش ڪن لهجي ۾ ورندي ڏني:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوهان ته مون کان به ٻوڙو بار پنهنجي سر تي کنيو آهي."ڳرمک سنگهه ۽ ٻيا سڀ انهيءَ تي کل ۾ اچي ڇٽڪيا.

شري ڳروجي ڪراچيءَ جو آخري دؤرو ورهاڱي کان رڳو نو ڏينهن اڳ يعني 5 آگسٽ 1947ع تي ڪيو هو. هڪ ڳڏجاڻيءَ ۾، 'سنڌ آبزرور' (Sind Observer) جي ايڊيٽر، برک شهري، شري ڪي- پنيها (K. Punnjah) ڪانئس پڇيو: "جيڪڏهن اسان خوشيءَ سان ورهاڱو قبول ڪنداسين ته نقصان ڪتي آهي؟ جيڪڏهن بيمار عضوو ڪٽي ڇڏينداسين ته نقصان ڪهڙو آهي؟" ڳروجي ٺهه پهه ورائيو: "جيڪڏهن نڪ ڪپي ڇڏينداسين ته نقصان ڪتي آهي؟ ماڻهو پوءِ به زنده رهندو!"

هڪ ٻيري ڏڏهن اسان ڳروجيءَ کان حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي موڪلائڻ وياسين ته اسان ڏٺو ته هڪ مسلمان وزير ساڳئي گاڏي ۾ هو. ٻنهي جو هڪ ٻئي سان تعارف ٿيو. وزير چيس: شينهن. شينهن سان ٿي ملڻ چاهيندو آهي. تنهن تي ڳروجي کليو ۽ چيائين: "پر مان شينهن ناهيان."

RSS عاملن ۽ پائيندن، حيدرآبادين ۽ غير حيدرآبادين، شهرين ۽ ڳوٺاڻن، سناتنين ۽ سماجين- پوءِ چاهي اهي آريه سماجي هجن يا برهمو سماجي- جي اڳوڻي فرق کي دور ڪيو. ڪانگريس ۽ مها سڀا جي پوئلڳ ڪتنبن جا ڇوڪرا گڏ ڪيڏيندي ۽ ساڳئي 'ڀڳواڌ واڄ' کي نمندي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. RSS، سنڌي هندن کي هندو ڀٽي جو احساس ڏياريو. اڳ ۾، 90 سيڪڙو شاگرد فارسي پڙهندا هئا. RSS جي اچڻ ڪانپوءِ 95 سيڪڙو شاگرد سنسڪرت پڙهڻ لڳا. اينري قدر جو گهٽڻ شاگردن سنڌيءَ جي بدران هندي ڪنئي، جو انهن مطابق، انهن سنڌي اڳيئي ڇڳي طرح ڄاتي ٿي.RSSمِ سنڌي نوجوانن کي سياست ۽ ريڊيڪلزم ڏانهن مائل ڪيو. ڀارتيه سنڌو سڀا جي صدر جي- ٽي -واڌواڻي ۽ وويڪانند ايڊيوڪيشن سوسائٽي بمبئي جي باني، حشو آڏواڻي، RSS جي ترغيب تي عوامي زندگي اختيار ڪئي. ڀارتيه مزدور سنگهه جو صدر منهر ميهتا سنڌ جي RSS جي پيداوار آهي. لال ڪشن آڏواڻي جهڙو هيرو سنڌ جي RSS جي باران هندستاني عوامي زندگيءَ کي تحفو آهي. اهو ائين ٿي ناهي جو جنارڌن ناڪر 1977ع ۾ پنهنجي ڪتاب All The Jnata Men ۾ سنڌس باري ۾ لکيو آهي:

”جنهن شخص پنهنجي پذيرائيءَ کان سواءِ، ’جنتا پارٽيءَ‘ جي حصي ’جن سنگهہ‘ لاءِ گهڻي عزت حاصل ڪئي آهي، اهو آهي لال ڪشن آڏواڻي، جيڪو اڄ ڪالهہ هندستاني سياست ۾ صاف ستري ۽ سڌو سنئون اڳواڻ آهي. صاف، نفيس، ڪاروباري، ڏسڻ ۾ نرم، پر ضرورت وقت سخت، هيءُ (تڏهوڪو) اطلاعات ونشريات جو وزير گهڻو ڪري اڄ جي سياسي دنيا ۾ پورالو آهي. جيتوڻيڪ هو اڳين صف ۾ نہ رهيو آهي، پر پوءِ بہ اونداهي آئيندي ۾ هو هڪ روشن شمع وانگر ٻيٺل آهي.،

، برهمو سماج کان وٺي RSS تائين اهي سڀ هلچلون هيون، جن سنڌ کي هڪ نمايان صوبي ۾ تبديل ڪيو ۽ اهي هلچلون ئي هيون، جن آزاديءَ جي هلچل کي گرمي بخشي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب تيرھون

سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل

"نادر شاھ هيءُ ملڪ هڪ ڀيرو لٽيو هو. پر انگريز اسان کي روز لٽين ٿا. اسان جو رت چوسي، هر سال 45 لک ڊالرن جيتري دولت ملڪ کان ٻاهر نيئي وڃي ٿي. انگريزن کي هڪدم هندستان ڇڏي هليو وڃڻ گهرجي." - اهي لفظ انڊين نيشنل ڪانگريس جي جنم (1885ع) کان هڪ ورهيه اڳ ۽ گانڌيءَ جي 'هندستان ڇڏي وڃو' (Quite India) هلچل جي سوچ کان پورا 58 ورهيه اڳ، 20 مئي، 1884ع تي 'سنڌ ٽائيمس' (Sind Times) اخبار لکيا هئا.

بنگال 'ونگا ڀنگا' - جي ورهاڱي سوديشي هلچل کي هٿي ڏيڻ سان، ملڪ جي ڪنهن به هنڌ وانگر، سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل کي وڏي مدد ڪئي. جڏهن خودي رام بوس کي 1808ع ۾ ڦاسي ڏني ويئي ته سنڌس تصوير سيني محب وطن جي گهرن ۾ پنهنجو رستو ڳولي ورتو. ساڳئي سال، ويرومل بيگراج (1874ع- 1955ع) سکر ۾، ۽ لوڪرام شرما حيدر آباد ۾ سوديشي اسٽور قائم ڪيا. انهن پوءِ سکر ۾ آل سنڌ پوليٽيڪل ڪانفرنس ڪوٺائي.

جڏهن 1907ع ۾ ڪراچيءَ جي سنڌ ڪاليج جي پرنسپال جئڪسن (Jackson) چيو، ؟اوهين هندستاني ڪوڙا آهيو"، ته مکيه شاگرد جهڙوڪ جيوت، جواهر ۽ نارايڻ ڪاليج ڇڏي بڙودي ۽ پوني جي ڪاليجن ۾ هليا ويا، جن مان پوءِ ٽن ڄڻن- آچاريه جيوترام ڀڳوان داس ڪرپالاڻي، سوامي گووندانند ۽ پروفيسر نارايڻ داس رتن مل ملڪاڻي وڏو نالو ڪڍيو.

1908ع ۾ جڏهن ٻال گنگاڌر تلڪ کي ڇهه سال قيد جي سزا ڏني ويئي ته گهڻن نوجوانن فرش تي سمهڻ شروع ڪيو. جيئن ڪا صوبي ۾ غير معمولي ڳالهه هئي، جتي فقير به کٽن تي سمهندا هئا.

1988ع ۾ شڪارپور ۾ پريتم ڌرم سڀا قائم ٿي، جنهن نه رڳو گهڻا سماجي سڌارا آندا، پر سوديشي کنڊ، صابڻ ۽ ڪپڙي جون ملون قائم

ڪيون. انهيءَ سپا طرفان، جيڪو ادب پيش ڪيو ويو، اهو ايتري قدر انقلابي سمجهيو ويو. جو 1909ع ۾، سيٺ چيتومل، ويرومل بيگراج ۽ گووند شرما- سينيءَ کي پنج سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني ويئي. جج بوائڊ (Boyede) پنهنجي فيصلي ۾ چيو: "اهي نوجوان مذهبي تنظيم جا ميمبر آهن. تنهن ڪري انهن جو ماڻهن تي اثر ٿيندو. سندن لکڻيون ۽ سرگرميون ايڏيون فتنه انگيز آهن. جو اهي موت جي سزا جي لائق آهن. پر سندن ننڍي عمر جي پيش نظر مان ڪيمن نسبتاً گهٽ سزا ڏيان ٿو......"

1910ع ۾ آچاري ڪرپالاڻي، ڪاڪا ڪاليلڪر، سوامي گووندانند، ڊاڪٽر چوئٿ رام ۽ ٻين حيدرآباد ۾ 'برهم چريه آشرم' قائم ڪيو. جيڪو اپرندي ڪڇي ۾ ڊاڪٽر تارا چند جي اسپتال جي پرسان هو. اهو آشرم راڳ، ناٽڪ ۽ ورزش وسيلي نه رڳو محب وطن نوجوان پيدا ڪرڻ جو ارادو هو، پر ٻين محب وطن سرگرمينجو فورم پڻ هو، جنهن ۾ روپوش انقلابين کي پناهه ڏيڻ شامل هو. ڊاڪٽر چوئٿ رام، سوامي آلا رام، دين ديال ورهسپتي ۽ سوامي ستيه ديو، 'گئور رکشا' (ڏڳين جي بچاءُ) مهم تي 'بيل صاحب کو کرو سلام' ڳائيندا، سنڌ جي دوري تي 'برهم چريه آشرم' لاءِ ٽي هزار رپيا گڏ ڪيا.

بابا گردت سنگهه جي سر تي چاليهه هزار رپين جو انعام مقرر ٿيل هو. هن ڪئناڊا ڏانهن لڏي وڃڻ لاءِ جاپاني جهاز 'ڪوما گاتا مارو' پاڙي تي ڪيو، پر اتي لنگر انداز ٿيڻ جي اجازت نه ملڻ سبب ڪلڪتي پهتو، جتي کين زمين تي پير رکڻ نه ڏنو ويو. انهيءَ ڳالهه تي گوليبازي ٿي، جنهن ۾ ڪافي ماڻهو مري ويا. گردت سنگهه کي سنڌ ۾ ٽي سال پناهه ڏني ويئي. انهيءَ ساڳئي 'ڪوما گاتا مارو' جهاز جي واقعي ۾، گووندانند کي پنج سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني ويئي.

1913ع جي هڪ آڌي رات جو، هڪ منڌلو مسلمان، پيٽ جي سور جي شڪايت سان، ڪوٽڙيءَ کان هڪ بيل گاڏيءَ ۾ حيدرآباد ۾ لوڪرام شرما جي گهر پهتو. جڏهن هو اندر آيو ته خبر پيئي ته هو مشهور روپوش انقلابي راش بهاري بوس هو، جنهن 1912ع ۾ دهليءَ جي چانڊي چوڪ ۾ لارڊ هارڊنج تي بم اڇلايو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راش بهاري، لوڪرام شرما (1890ع- 1933ع). ۽ سندس ڀاءُ وشنو شرما ٻئي اچلائڻ واري ڏينهن دهلي ۾ هڪ ئي گهر رهيل هئا. ڊاڪٽر چوئٿرام، راش بهاريءَ لاءِ پيسن جو بندوبست ڪري ڪيس افغانستان رستي جاپان وڃڻ لاءِ امرت سر روانو ڪيو.

ان کان اڳ، شڪارپور وارن گانڌيءَ کي سندس ڏکڻ آفريقا جي هلچل لاءِ ڏهه هزار رپيا موڪليا هئا. حيدرآباد وارن پنڊت مدن موهن مالويه جو شاندار آدرڀاءُ ڪيو هو ۽ ڪيس مان- پتر سنسڪرت ۾ پيش ڪيو ويو هو.

جڏهن ڊاڪٽر اينِي بيسنٽ ڪانگريس جي صدر مقرر ٿي ته هن سنڌ جي قوم پرست مسلمان، غلام محمد ڀرڳڙي (1878ع- 1924ع) کي ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو.

جڏهن ڪرپالاڻي بهار ۾ مظفر پور جي جي- بي- بي ڪاليج تان استعيفا ڏني ته هن پروفيسر نارايڻ داس رتن مل ملڪاڻي وٽ، انقلابين جي مدد لاءِ ٻه هزار رپيا ڇڏيا.

1919ع ۾ وطن دوست عوامي راءِ کي تيز ڪرڻ ۽ حرڪت ۾ آڻڻ لاءِ هڪ روزنامه 'هندو' شايع ٿي.

سنڌ وارا پيرس ۾ ان وقت هندستان جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندڙ مئڊم ڪيما (Madam Cama) کي مسلسل مالي مدد ڪندا هئا.

اجا جڏهن گانڌي جنگ کي 'جنگي ڀرتيءَ جا ميلا' (War re-cruitment Mela) ڪوٺيندو هو ته نوابشاهه جي ڊاڪٽر تلجارام ڪلاڻي، ڪلئي عام 'وارلون بانڊ' (War Loan Board) جي خلاف مهم هلائي.

سنڌ تڏهن بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو هئي ۽ سنڌ ڪانگريس، بمبئي پراونشل ڪانگريس ڪاميٽيءَ (PCC) جو حصو هئي. جڏهن گانڌي بمبئي PCC کان آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي (AICC) جي چونڊ حاصل ڪئي ته سنڌ جي وفد برطانيا جي جنگ جي ڪوشش جي سندس حمايت جي پيش نظر، سندس چونڊ جي مخالفت ڪئي.

1920ع ۾ جڏهن لوڪمانيه تلڪ سنڌ ۾ آيو ته نوجوانن سندس گاڏي ڇڪي؛ عورتون ٻهريون پيرو پنهنجي گهرن مان ٻاهر نڪري آيون ۽ ڪيس آرتي پيش ڪيائون. تلڪ ڏاڍو خوش ٿيو. هن پنهنجي اخبار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'ڪيسري' ۾ لکيو: "جيڪڏهن هر صوبي ۾ ڊاڪٽر چوئٿ رام جهڙا ماڻهو هجن ته جيڪر اسان غلاميءَ جون زنجيرون ڀنان دير ٽوڙي سگهون ٿا."

آگسٽ 1920ع تي جيڪڏهن تلڪ جو ديهانت ٿيو ته جٺرام داس ۽ ٻين سنڌي اڳواڻن پنهنجي مٿي جا وار ڪوڙايا هئا. ڪين ڊپ هو ته آزاديءَ جي هلچل ٻيهي رهندي. پر ڪين تڏهن خوشي ٿي، جڏهن انهن 'ڪرم وير' گانڌيءَ کي- جيڪو تڏهن انهيءَ ناليءَ سان ڄاتو ويندو هو- هلچل کي نين بلندين تائين کڻي ويندي ڏٺو.

جڏهن گانڌي رولٽ ائڪٽ (Rowlatt Act) جي مخالفت ۾ سڏ ڏنو ته سرگرم ٿياسافسٽ، ڄيٺمل پرسرام ماڻهن کي مصيبتن ۽ قربانين جي راڳ- 'ڪال جي هٽ ڪسڻ ڪو ڪوپ وهي'- ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، جنهن ڪري ڪيس ٻه سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني ويئي. جڏهن ڪانگريس جو امرت سر وارو اجلاس ٿيو ته سنڌ وارن پنهنجا وفد جليانوالا اسپيشل ٽرين ۾ موڪليا. جڏهن 17 مارچ 1921ع کان 4 نومبر 1922ع جي دوران، ٻريءَ جي انقلابي شنڪر آچاريه ڀارتي ڪرشن تيرٿ جي خلاف مولانا محمد علي، مولانا شوڪت علي ۽ ڪچلو سان گڏ ڪراچي سازش جو تاريخي مقدمو خالقڏني هال ۾ هلايو ويو. گانڌي انهيءَ مقدمي کي "سيني جديد مقدمن ۾ سيني اهم مقدمن مان هڪ". ڪوٺيو.

انتظاميا طاقت جي نشي ۾ ايڏو ڏت هئي، جو هن سرڪار جي حمايتي ملائن کي پيسن تي خريد ڪرڻ شروع ڪيو. ۽ جڏهن حقيقي ملائن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي ته اهي پيدا ڪرڻ ۾ به دريغ نه ڪيائين. رانجهي خان جمعدار کي 'امن ميڊل' جي لالچ جي عيوض ڪجهه ملائن کي پيش ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ناڪام ٿي، هن 'پير ٽگڙيل' ۽ 'پيرنيڪرانو' جا نالا پيش ڪيا. انهن خدمتن جي عيوض ڪيس ڪليڪٽر بولس (Bolus) اڳيان پيش ڪيو ويو، جنهن ڪيس صوبيدار جي عهدي تي ترقي ڏني!

انتظاميه هندن کي، ڪانگريس جا حمايتي هئڻ سبب هراسان ڪرڻ لاءِ، ڏاڙيلن کي پڻ نظر انداز ڪيو. جڏهن ماڻهن احتجاج ڪيو ته ڪين چيو ويو ته "گانڌي وٽ وڃو"- ۽ ڏاڙيل پڪڙڻ لاءِ چئوس.

32-1930ع جي 'ستيا گرهه' هلچل سنڌ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. ماڻهو شهر شهر وڃي ولايتي ڪپڙو گڏ ڪري، گڏهن تي ڊوئي، تيلي

ڏيندا هئا ۽ تماشبين پنهنجا ٽوپلا وغيره لاهي پرندڙ باهه ۾ اڇلائيندا هئا.
جيڪب آباد جي هڪ غريب مسلمان هاري وٽ ڏيڻ لاءِ رڳو هڪ سونٽي هئي. جيڪا 250 رپين ۾ نيلام ڪئي ويئي.

سنڌي عورت پڻ وڏي پئماني تي جلوس ۽ بهشڪاري ٽوليءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ پهريون ڀيرو گهر جي چوڌيواريءَ کان ٻاهر نڪتي. اُن کان ٿوروئي پوءِ، بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد وڏي ۾ وڏا طوفاني مرڪز ٿي پيا. تڏهن سنڌ جي آدم شماري چاليهه لکن کان ٻه گهٽ هئي، جنهن جو 30 سيڪڙو هندو هئا. جيڪي ئي هلچل ۾ حصو وٺندا هئا. انهيءَ جي باوجود 1930ع ۾ 427 ماڻهو جيل ويا.

سنڌ ۾ پنهنجي سرگرميءَ کي غلط سمجهندي، ڪانگريس 1931ع جي آدم شماريءَ جي ڪم جي بهشڪار ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو. پر اهائي اميد هئي ته سنڌس آدم شماري واري بهشڪار جي پروگرام ۾ گهڻا ماڻهو حصو نه وٺندا.

ڪراچيءَ جي فائرنگ ۾، جنهن ۾ دتاتريه ماني ۽ ميگهراج ريواچند مارجي ويا. جئرام داس جهڙي اڳواڻ کي پڻ گولي لڳي. سموري ملڪ کي صدمو پهتو. گانڌي 20 اپريل 1930ع تي تار ڪئي: ”جئرام داس کي خوش قسمت سمجهو. گوليءَ جو ستر وارو زخم، جيل کان بهتر آهي. اڄا ٻه دل جو زخم وڌيڪ بهتر آهي.“ هن پوءِ لکيو: ”مون کي اهو ٻڌي خوشي ٿئي ها ته جئرام داس جهڙي ساٿي ڪارڪن کي گولي هٽي ماريو ويو. مان جئرام داس کان وڌيڪ صاف دل ٻئي ڪنهن شخص کي نه سڃاڻان. اهڙن هندستانين جي رت مان ئي سوراج جو مندر تعمير ٿيندو.“

جيل سپرنٽنڊنٽ جي هفتيوار چڪاس جي وقت، جئرام داس جهڙي شخص کان گوڏ ٻڌي حاضر ٿيڻ ۽ 'سرڪار سلام' چوڻ جي توقع ڪئي ويندي هئي. جڏهن هن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته ڪيس ڏنڊا- بيڙي لڳائي قيد- تنهائيءَ ۾ رکيو ويو.

جئرام داس کي گولي لڳڻ جو پڙاڏو برطانوي پارليامنٽ ۾ گونجيو، جتي هڪ ميمبر پڇيو ته عامل طبقو، جيڪو سرڪاري نوڪريءَ ۾ وفادار ۽ اڳيرو آهي، اُن جو هڪ روشن ستارو آزاديءَ جي هلچل ۾ ڪيئن گهڙي پيو آهي. هندستان جي اسٽيٽ سيڪريٽري انهيءَ تي ڏک جو اظهار

ڪيو ۽ چيائين تہ هو خود حيران آهي. سنڌس حيراني اجا وڌي ويئي هوندي جڏهن ايچ- بي- شوداساڻي I.C.S ۾ قومي هلچل سان همدرديءَ ۾ بهشت جهڙي نوڪريءَ تان استعيفا ڏني هئي.

جيل کان ٻاهر نندن اڳواڻن کي ايذو هراسان ڪيو ويو، جنهن جي انتها ناهي. سرڪار انهيءَ ڳالهہ جو پورو پورو ڌيان رکيو تہ ڪين ڳوٺن ۾ وچڻ لاءِ نہ تانگو ملي ۽ نہ ئي بيل گاڏي. سنڌن جلسن ۾ گڙ ٻڙ ڪرائڻ يا ڪين مارڻ تائين سرڪاري غنڊن کي موڪليو ويندو هو. گانڌي 'سنڌ ۾ دٻاءَ جي حقيقت کي' ڌيان ۾ رکيو. هن چيو "تمام سخت گير حالتن هيٺ سنڌن همٿ ۽ صبر لاءِ، مان ڪين واڌايون ڌيان ٿو. جيڪڏهن انهن ڌيرج ۽ سورهيائيءَ سان ڏک سهڻ جاري رکيا تہ انهيءَ بي لغام ۽ بي اصولي دٻاءَ جو پاڻ جلدي خاتمو ٿيندو."

سنڌ ۾ ستيا گرهہ جي باري ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي (AICC) 1932ع ۾ پنهنيج رپورٽ ۾لکيو آهي:. "ڏسجي ٿو تہ صوبو پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ چڱو پيو وڃي. سنڌ ۾ قيدين جي درجي بندي هڪ ڪارو داغ آهي. ايتري قدر جو آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري، جئرام داس کي- 40 ستيا گرهي عورتن مان 37 کي پڻ- 'سي' ڪلاس ۾ رکيو ويو آهي. گهٽين جوان ستيا گرهين کي پٽر ٽوڙڻ جي ڪم تي لڳايو ويو آهي. منجهانئن ٻارنهن ڄڻين مان هر هڪ کي ٻارنهن ڦٽڪا هنيا ويا آهن."

1930ع جي هلچل، گانڌي- ارون ناهہ جي صورت ۾ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، مارچ 1931ع ۾ ڪانگريس جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ شروع ٿيو. اهو اجلاس 90 هزار رپين جي لاڳت سان رڳو ٽن هفتن ۾ شاندار نموني منظم ڪيو ويو هو. مهاديو ديسائي اهو ڏسي ايذو بي اختيار ٿي ويو، جو چئي ڏنائين: "تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سرڳ جي ڄڻيءَ هيٺ ڪانگريس جو اجلاس ٿي رهيو آهي." گانڌي چيو تہ "ٺورائتو آهيان جو استقباليا ڪاميٽي (انهيءَ شاميانا جي) ڄڻيءَ کي هيٺيان ڪوليو آهي ۽ اسان کي ايشور سان سڌي رابطي ۾ رکيو آهي." اهو شاميانو انهيءَ ٽڪريءَ تي لڳايو ويو هو، جتي هاڻي جناح جو مقبرو آهي. انهيءَ اجلاس جو انتظام ٺڏهوڪي ڪراچيءَ جي ميئر ۽ استقباليا ڪاميٽيءَ جي چيئرمن جمشيد ميهتا ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڪانگريس جو اهو تاريخي جلسو بِن سانحن ڪري ڏکجي ويو. انهيءَ اجلاس جي موقعي تي، گانڌيءَ جي انتهائي ڪوشش جي باوجود، انگريزن پنهنجي ڏاک وهارڻ لاءِ، سردار ڀڳت سنگهہ ۽ سندس ساٿين سکديو ۽ راج گروءَ کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ۽ جڏهن ڪانپور جي مسلمانن، ڀڳت سنگهہ جي مان ۾ پنهنجا دڪان بند ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ فساد ڇڙي پيو. يوپيءَ جي پراونشل ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي صدر ۽ ’پرتاب‘ جي ايڊيٽر گڻيش شنڪر وديارٿي، جيڪو فساد بند ڪرائڻ لاءِ ويو هو، پنهنجي سورميائيءَ جي ڪوشش ۾ جان ڏني. ڪراچيءَ ڏانهن ويندي، گانڌيءَ جو هر اسٽيشن تي ڪارن جهنڊن، ڪپڙي جي ڪارن گلن ۽ ’واپس وڃ‘ جي نعرن سان استقبال ڪيو ويو. ڪراچي شهر ۾ مشتعل انبوهہ کان بچڻ لاءِ حقيقت ۾ ڪيس ڊرگ روڊ اسٽيشن تي گاڏيءَ مان لاٿو ويو. گانڌي چيو تہ هو ڪارن جهنڊن کي ’ورثي آيل شيءِ‘ طور پاڻ وٽ تيسيتائين رکندو جيسيتائين نعري باز پنهنجي غلطي محسوس نہ ڪندا ۽ کين موٽي وجڻ لاءِ چيائين. هن کين ڪانگريس جي اجلاس ۾ گڙ ٻڙ کان پاسو ڪرڻ ۽ ”سنڌ جي ڪارڪنن جي شاندار ڪم کي ضايع نہ ڪرڻ“ لاءِ منٿ ڪئي. ان کان پوءِ ڪراچيءَ وارو اجلاس خير خوبيءَ سان گذريو. انهيءَ اجلاس جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ خان عبدالغفار جي اڳوائيءَ ۾ ’فرنٽيئر ريڊ شرٽس‘ وارن انهيءَ ۾ ڀرپور حصو ورتو.

ڪراچيءَ جي اجلاس جي صدارت وڏي شخصيت سردار ولڀ ڀائي پٽيل ڪئي. انهيءَ ئي اجلاس ۾ ڪانگريس ٻي رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو- انهيءَ اجلاس بنيادي حقن تي مشتمل 20 نڪاتي ٺهراءُ پاس ڪيو، جنهن ۾ عالمگير بالغ راءِ دهي، مفت پرائمري تعليم، هندستان جي سڀني رهاڪن کي گذاري جيترر اُجرت، جو وچن ڪيل هو.

انهيءَ اجلاس ۾ هڪ دلچسپ ساهي ٿي، جڏهن لاهور جي اخبار ’زميندار‘ جي ايڊيٽر، مولانا ظفر علي خان نماز لاءِ اجلاس ملتوي ڪرڻ لاءِ چيو. گانڌي نماز جي دوران رڳو اهو قبول ڪندي تہ ڪانگريس گهٽ اهم اسمن جو اڪلاءُ ڪري، انڪار ڪيو. مشتعل مولانا ٻاهر نڪري سڌو ريلوي اسٽيشن ويو، جتان ڀرين گاڏيءَ ۾ لاهور ڏانهن روانو ٿي ويو.

1930-32ع جي هلچل کان اڳ ۽ پوءِ ڪانگريس اي ڏو مقبول هئي، جو چونڊن ۾ مکي جي سامهون موچيءَ کي بيهاري کيس کٽائي سگهي ٿي. 1937ع جي چونڊ ۾، ايوان ۾ ڪل 60 نشستن مان ڪانگريس جا 7 MALs هئا. جيڪي توازن رکڻ لاءِ ڪافي هئا.

1942ع جي هلچل جي صورتحال پنجاب ۽ ٻين گهڻن صوبن جي ڀيٽ ۾، سنڌ ۾ بهتر هئي. انهيءَ هلچل ۾ ٻه قيمتي جانيون قربان ٿيون- هيمون ڪالاڻي ريل جون پٽڙيون اکيڙيندي پڪڙيو ويو ۽ نرمل جيوتاڻي کي- جيڪو شاعر هو. ڦٽڪا هنيا ويا، جنهن ڪري سندس جلدي ديهانت ٿي ويو. وڏو وزير الله بخش سومرو ڪانگريس سان ايترو ويجهو هو جو هو کاڌيءَ جو ڪپڙو ڪلهي تي کٽي، هڪ گهر کان ٻئي گهر تائين هوڪو ڏيئي وڪڻندو هو. 'هندســـــتــــــان ڇڏي وڃو' هلچل دوارن هن ڪراچيءَ جي خوبصورت بيچ- ڪلفٽن تي واقع پنهنجو بنگلو انهيءَ شرط سان آڇيو ته ڪافي ساريون عورتون ستيا گرهه ۾ حصو وٺنديون. اها ڪانگريس سان سندس قربت ئي هئي. جنهن کيس معزول ڪرايو ۽ جلدئي پوءِ کيس پرسرار طور قتل ڪيو ويو. سنڌ انهيءَ سانحي مان ڪڏهن به پاڻ پري نه ٿي، ۽ انهيءَ ئي ورهاڱي لاءِ رستو هموار ڪيو- جيتوڻيڪ 1946ع جي چونڊن ۾ ڪانگريس 22 نشستون حاصل ڪيون هيون.

اهو هو سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل جو مختصر تسلسل. هتان جا اڳواڻ، لياقتي طور، ملڪ جي بهترين اڳواڻن مان هئا. منجهائن چڱي طرح ڄاتل سڃاتل، آچاريا جيوت رام ڪرپالاڻي (1982ع-1888ع) گانڌيءَ کي شانتي نيڪتن ۾ ڏٺو هو، ۽ سموري زندگيءَ لاءِ ساڻس واڳجي ويو هو. هن پنهنجي زندگي 'چرخا سنگهه' ۽ ڊگهي عرصي تائين ڪانگريس جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. هو تاريخي سٺ سالن جي عرصي جي ڀرين صف وارن اڳواڻيءَ جو نرالو مثال آهي.

عالم مان ڦري شيلو ديش ڀڳت ٿيل، ڄئرامداس دولت رام عالم چنداڻي (1978ع- 1891ع) سنڌ جي ڪانگريسين جو وڏو گانڌي پرست هو. هن ڪجهه وقت لاءِ 'هندستان ٽائيمس' (The Hindustan Times) جي ايڊيٽر ۽ پوءِ ڪانگريس جي جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. آزاديءَ کان پوءِ، ڄئرام داس ٻهار جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گورنر، يونين فوڊ منسٽر، آسام جو گورنر ۽ گانڌيءَ جي Complete Works (مڪمل تحريرون) جو ايڊيٽر ٿيو.

ڊاڪٽر چوئٿرام (1957ع- 1889ع) سموري زندگي عوامي ڪارڪن ٿي رهيو، جنهن ملڪ جي خدمت ڪرڻ تڏهن کان شروع ڪئي هئي، جڏهن ڪانگريس جو نالو به ٻڌڻ ۾ نه ايندو هو. بنگال جي ورهاڱي سان شروع ڪري، هندستان جي ورهاڱي ڪان پوءِ، هن ديس جي شيوا جاري رکي. ورهاڱي جي موقعي تي، هن سنڌ جي ماڻهن کي تحفظ ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ، مهاراڻا اديه پور جي مدد سان 40 نوجوانن لاءِ چتور قلعي ۾ هڪ سکيا ڪئمپ منظم ڪئي. اهو چوئٿ رام ئي هو، جنهن جواهر لال نهروءَ کي شرناٿين جي مدد ڪرڻ لاءِ مجايو. جيڪي پنهنجون ملڪيتون لٽائي آيا هئا. سندس باري ۾، 1947ع ۾ گانڌي 'ينگ انڊيا' (Young India) ۾ لکيو هو: "پنهنجي ملڪ جي مفاد لاءِ، ڊاڪٽر چوئٿ رام پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري فقير بنجي ويو آهي."

آچاريه آسودومل ٽيڪچند گدواڻي (1935ع- 1890ع) پنهنجي وڏي پگهار واري دهليءَ جي رام جس ڪاليج جي پرنسپال جي عهدي تان استعيفا ڏيئي، اڳوڻي پگهار جي پنجين حصي جيتري رقم تي گانڌيءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ لڳو. جڏهن ڪانگريس چونڊيءَ جي اڳواڻن کي سرڪاري عهدن تي نامزد ڪرڻ جو فيصلو ته پنڊت نهرو الهه آباد ميونسپالٽيءَ جو چئرمين، سردار پٽيل احمدآباد ميونسپالٽيءَ جو چئرمين ۽ سڀاس چندر بوس ڪلڪتي ڪارپوريشن جو چيف آفيسر ٿيو. 1617ع ۾ سندس اوچتي موت سندس روشن مستقبل کي روڪي ڇڏيو.

پروفيسر گهنشيام شوداساڻي، جيڪو سموري زندگي عوامي ڪارڪن ٿي رهيو ۽ 1937-47ع تائين سنڌ اسيمبلي ڪانگريس پارٽيءَ جو اڳواڻ رهيو، مٿيو آرنولڊ (Mathew Arnold) جي ڪلچر جي وصف 'مناس ۽ روشنيءَ' جو مجسمو هو.

هر چند راءِ وشن داس پارواڻي (1928ع- 1862ع) 1913ع ۾ ڪانگريس جي ڪراچيءَ واري اجلاس جي استقباليا ڪاميٽيءَ جو چئرمين هو. انهيءَ اجلاس ۾، پهريون ڀيرو، هن سنڌ جي بمبئي کان علحيدگي ۽ صوبي جي جدا آئين جي گهُر جو آواز اٿاريو. هو 1911ع کان 1920ع جي

دوران، ڪراچي ڪارپوريشن جو صدر هو. 1920ع ۾ ڪيس سينٽرل ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جليانوالا باغ جي سانحي جي باري ۾ ڳالهائيندي چيائين: ”جيڪڏهن اوهان جي اکين ۾ ڳوڙها آهن تہ اهي ڳاڙهڻ لاءِ تيار ڪريو.“ جيٺوٽيڪ هو موت جي بستري تي هو، پر پوءِ بہ سائمن ڪميشن جي خلاف ووٽ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ئي لاڏاڻو ڪري ويو. جنہي موتي لال نهرو، پنڊت مدن موهن مالويہ، لالا لجپت راءِ ۽ ولڀ ڀائي پٽيل سندس ڪانڌي ٿيا.

جمشيد ميهتا جيٺوٽيڪ ڪانگريس جو ميمبر نہ هو، پر 1937ع ۾ ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي دادوءَ مان چونڊجي آيو. هو جديد ڪراچيءَ جو معمار هو. سڀني تنازعن جو، جيڪي عام زندگيءَ ۾ گهٽا هئا، منصف ٿيندو هو.

نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي (1974ع- 1860ع) 1917ع ۾، جڏهن ظفرپور جي جي- بي- بي ڪاليج جو پروفيسر هو تہ گانڌي چمپران ڏانهن ويندي وٽس ڪجهہ ڏينهن لاءِ ترسيو هو. هڪ ڏينهن شام جو سير ڪندي گانڌي ڪانئس پڇيو: ”پروفيسر هن ڪان پوءِ ڇا ڪندين؟ انهيءَ ڳالهہ ملڪاڻيءَ جي زندگيءَ ۾ موڙ آندو. هن نوڪريءَ تان استعيفا ڏني، گجرات وديا پيٺ ۾ شامل ٿيو، پوءِ دهليءَ ۾ هريجن ڪالونيءَ جي تعمير ڪرڻ ۾ ۾ مدد ڪيائين، ۽ پوءِ بہ سنڌ ۾ جلد تعميري ڪم شروع ڪيائين. هن الله بخش سومري کي ڪانگريس جو حمايتي بنائي ڪيس متاثر ڪيو- ايتري قدر جو ڪانگريس کي سندس چرخي سميت حُرن جي روحاني پيشوا، پير پاڳاري جهڙي ڳوري شخصيت سان متعارف ڪيائين.

عورت- اڳواڻن ۾ آچاريا گدواڻي جي زال- گنگا ڀيڻ، ڪرپالاڻيءَ جي ڀيڻ- ڪڪي ڀيڻ، ڪوڙي مل جي نهن- امبي ڪلٿائي ۽ ڪماري جيني سپاهي ملاڻي سنڌ جي عوامي زندگيءَ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو.

آزاديءَ جي هلچل دوران، قومي اڳواڻن جي سموري ملڪ ۾ عزت ٿيڻ لڳي. گانڌي پنڊت نهرو ۽ سڀاس چندر بوس سنڌ ۾ خاص ڪري مشهور هئا. پر پنڊت نهروءَ کي سنڌ لاءِ بلڪل ڪشش نہ هئي، جيٺوٽيڪ سنڌ واسي سِندس پرستار هئا. هن 16 جولاءِ 1936ع تي پدماجانائيڊو کي لکيو: ”مان سنڌ نہ سجاتان. مون کي انهيءَ لاءِ ڪشش محسوس نٿي ٿئي.“ هن 26 جولاءِ 1936ع تي هڪ ٻئي خط ۾، سنڌ جي شهر نوابشاهہ مان پدماجا کي لکيو: ”سنڌين ۾ سنا ڳڻ آهن ۽ مان کين پسند ڪريان ٿو. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي مسلم جاگيرداري طبقي ۽ هندو واڻئي طبقي جو هڪ عجيب ميلاپ آهن. اهي طبقا جيئن آهن، گهڻو ساراهه جوڳا ناهن. پوءِ به منجهن همت ۽ قوت آهي، جيڪا اهڙي ڳالهه آهي، جنهن لاءِ ٿورائتو ٿيڻو پوندو. منجهن انفرادي طرح ڪوبه فنڪارانه احساس ورلي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پنهنجي پٽا پٽي پاجامي ۾ جيڪي رنگ پسند ڪن ٿا، ڪين انهن مان پرکجي ٿو."

1936ع ۾، ڪنڊياري جي پنجايت پنڊت نهروءَ کي پيسن جي ڳوٿري پيش ڪرڻ کان تڏهن انڪار ڪري ڇڏيو، جڏهن هن ٽنڊو سبان شهر مان گهوڙي تي سوار ٿي هلڻ کان انڪار ڪيو هو. پوءِ شام جو جڏهن نهرو "اڇا پائي" چئي هليو ته پوءِ پنچايت آدرڀاءَ سان گڏ پيسن جي ڳوٿري پيش ڪئي.

سڀاس بوس جي معاملي ۾، پنهي طرفن کان محبت هئي. 1938ع ۾، پٽاڀي سيتاراميا جي مقابلي ۾، سنڌ سڀاس کي ڪانگريس جي صدر جي حيثيت ۾ ٻيهر چونڊڻ ۾ متفق طور ووٽ ڪيو. هڪ ڀيري جڏهن سڀاس بوس حيدرآباد مان ريل رستي روانو ٿي رهيو هو ته ڪنهن مذاق ۾ ڪيس صلاح ڏني ته ڪيس ڪنهن سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ڪيس قومي مقصد لاءِ چڱو ڏاج ملي ويندو. سڀاس وراڻيو ته هو ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهي، بشرطيڪ ڊاڪٽر چوئٿرام رهنمائي ڪري. پڇا مان پتو پيو ته جيڪي اتي ان وقت موجود هئا، اهي سڀ غير شادي شده هئا. انهيءَ تي سڀاس چيو: "اڄو ته هندستان جي ڪنوارن جي هڪ پارٽي ناهيون، جنهن جو صدر چوئٿ رام ٿئي ۽ سيڪريٽري مان. اسان انهيءَ پارٽيءَ کي 'جئه هند پارٽي' ڪوٺينداسين. اسان جو مقصد ملڪ جي خدمت جي خوشيءَ لاءِ شاديءَ جي مزن کي قربان ڪرڻ هوندو." ظاهر آهي ته انڊين نيشنل آرمي (INA) جي بنياد وجهڻ کان گهڻو اڳ سندس ذهن ۾ 'جئه هند' جي سوچ هو.

جڏهن سڀاس بوس ڏور- اوڀر ۾ INA قائم ڪئي ته سندس سنا ۽ وڏا حمايتي اتي جا سنڌي واپاري هئا. سڀاس بوس ۽ گانڌي، ٻنهي، سنڌين کي بين القوامي شهري ڪوٺيو آهي، جو اهي هر هنڌ موجود ملن ٿا.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته گانڌيءَ جا سنڌ ۽ سنڌين سان تعلقات سڀنيءَ کان وڌيڪ قريبي هئا. هن پنهنجي 27 مئي 1947ع جي پرارٿنا ۾ چيو هو: "سنڌ جي هندن کي ڇو ڀڄڻ گهرجي؟ ڪين هراسان ڇو ٿيڻ گهرجي؟ ڀڄڻ جي بدران، اهي رام جو نالو ڇو نٿا وٺن؟ سنڌ واسي چاهين ٿا ته مان وٽن وڃان. مان گهڻن سالن کان سنڌ نه ويو آهيان، پر مون سنڌواسين سان اهڙا ويجها رشتا رکيا آهن، جو ڪنهن وقت مان پاڻ کي سنڌي سڏائيندو هوس." سنڌ سان گانڌيءَ جا سڀئي خود هڪ تاريخي داستان جوڙين ٿا.

باب چوڏهون

"مان سنڌي آهيان"- گانڌي

1929ع ۾ سنڌ مان واپسيءَ تي گانڌي لکيو: "هندستان جي هر شيءِ مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. پر 1916ع ۾ جڏهن مان پهريون ڀيرو سنڌ ويس تہ انهيءَ مون کي پاڻ ڏانهن خاص نموني ڇڪيو ۽ سنڌين ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ رشتو قائم ٿي ويو. جنهن سخت سٽ ڪائڻ جي اهل هجڻ جي ثبوت ڏنو آهي. مان سنڌين وٽ پاڻ کي غلط سمجهائڻ کان سواءِ، ڪين ڪوڙيون سچايون پيش ڪري سگهيو آهيان."

حقيقت ۾ گانڌي سنڌ کي ڪوڙين سچاين جي پيٽ ۾ مٺيون سچايون وڏيڪ پيش ڪيون هيون. ۽ ڪنهن بہ صورت ۾، انهن سيني سچاين سچ پچ گانڌي ۽ سنڌين وچ ۾ هڪ نهايت گرم جوشيءَ وارو رشتو قائم ڪيو هو. هو سنڌ ۾ ست ڀيرا- 1916، 1917، 1920، 1921، 1929، 1931 ۽ 1934ع ۾ آيو هو. اهو هڪ سنڌي سڄڻ هو، جنهن گانڌيءَ کي، لنڊن ۾ قانون جي تعليم لاءِ لنڊن پهچڻ تي، وڏي مسوازي هوٽل مان ڪفايتي اگهہ واري گهر ۾ منتقل ڪرائي رهايو هو. 1893ع ۾، سي-ايل- ڄيرام نالي هڪ سنڌي واپاري ڪيس نيٽال انڊين ڪانگريس کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي. 1899ع ۾، بئريسٽر گانڌي سنڌ سنڌي واپارين جو مقدمو ڪاميابيءَ سان وڙهيو، جن تي ڏکڻ آفريڪا ۾ داخل ٿيڻ تي بندش وڌي ويئي هئي.

جڏهن وشنا شرما گانڌيءَ جي ڏکڻ آفريقا جي ستيا گرهہ جي باري ۾ ڪتاب لکيو ۽ ان جي ڪاپي ڪيس موڪلي ڏنائين تہ هن نهايت ٿورن سان پهچ موڪلي هئي. سنڌ ۾ اچڻ تي، گانڌيءَ کي سنڌي طريقي سان نهايت هنرمنديءَ سان مڙهيل مان- پتر پيش ڪيو ويو هو. گانڌي کي اهو ايڏو پسند آيو جو هن اهو پاڻ وٽ ورهين تائين سانڍي رکيو ۽ پنهنجي ملاقاتين کي هندستاني فن جي بهترين مثال طور ڏيکاريندو هو. ۽ اهو جئرام داس ئي هو، جنهن 1930ع ۾ ڪيس سڀ کجهہ هڪ پاسي ڇڏڻ ۽ پنهنجي آتم- ڪٿا My Experiments With Truth مڪمل ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو.

پر گانڌيءَ جي زندگي ۽ ڪارنامن ۾ سڀني کان اهم سنڌي اڳواڻ هو آچاريا جيوت رام ڀڳوان داس ڪرپالاڻي. 1915ع ۾ شانتي نڪيتن ۾ سندن ڀهرين ملاقات اينتري ڪامياب نه ٿي هئي. ڪجهه ڏهاڪن کان پوءِ ڪرپالاڻي لکيو: ”سندس باري ۾ هر ڳالهه عجيب ۽ وهمي ڏسڻ ۾ آئي..... مون وچئين طبقي جو اهڙو پڙهيل ماڻهو نه ڏٺو هو. جيڪو بادامن جي ڳوڙي ماني. خاص ڪري سڪين بادامن ۽ پستن جي ماني ڪائيندو هجي.“ آچاريا اڳتي لکيو: ”هو مون کي جاڻڻ ۽ منهنجي تور تڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مان پڻ پنهنجي طور ساڳي ڳالهه ڪري رهيو هوس.“

ڪجهه مهينن کان پوءِ. گانڌي احمدآباد ۾ هڪ آشرم قائم ڪيو ۽ ڪرپالاڻي کي ان جي قائدن جي هڪ ڪاپي موڪلي ڏنائين. ڪرپالاڻي انهن قانونن کي، انهيءَ قانون سميت ته زال ۽ مڙس پاڻ ۾ ڀاءُ- ڀيڻ وانگر رهن، ’تمام عجيب‘ ڄاتو. هن اهي غير عملي سمجهي اجلائي ڇڏيا.

۽ پوءِ 1917ع ۾ هڪ شام جو دير سان، ڪرپالاڻيءَ کي مظفرپور ۾ گانڌيءَ جي تار ملي، جنهن ۾ چيل هو ته هو انهيءَ رات جو وٽس پهچي رهيو آهي. هو نير اپائيندڙن جي استحصال خلاف هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ چمپران ڏانهن ويندي وٽس اچي رهيو آهي. غير شادي شده پروفيسر ۽ جي- بي- بي ڪاليج جي هاسٽل جي سپرنٽينڊنٽ جي حيثيت سان ڪيس پنهنجو گهر به نه هو. هن. تنهن ڪري. ڪيس پنهنجي دوست ۽ ساٿي پروفيسر نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻيءَ سان گڏ رهائڻ جو فيصلو ڪيو. پر ڏکڻ آفريڪا جي جدوجهد جي ’مهان ماڻهو‘ گانڌيءَ جي آجيان ڪيئن•ڪجي؟ هاسٽل جي شاگردن سندس آرتيءَ سان آدرڀاءُ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر رات جو مناسب آرتيءَ لاءِ ناريل ڪٿان آڻجي؟ شاگرد اچا ڳٽڳوت ۾ ئي هئا ته ڪرپالاڻي هاسٽل جي حاطي ۾ بيٺل ناريل جي وڻ تي چڙهي ويو ۽ هڪ جي بجاءِ وڌيڪ ناريل لاهي ڪٽي آيو. گانڌيءَ جي جوڳي آجيان ڪئي ويئي- ڪيس ڪرپالاڻي جي زميندار دوست جي ڏنل گهوڙي گاڏيءَ ۾ ڪاليج ڪئمپس آندو ويو. اها گاڏي گانڌيءَ جي خواهشن جي خلاف، شاگردن ڇڪي هئي.

گانڌي پنهنجي آتم- ڪٿا ۾ لکيو آهي: ”آچاريا ڪرپالاڻيءَ سان

جڏهن مان 1915ع ۾ ٻهريون ڀيرو مليس ته هو اڳيئي هڪ پڪو سورمو هو. ڪيس تڏهن درماهه چار سؤ رپيا ملندا هئا. پر هو برهمچاري هو ۽ پاڻ لاءِ رڳو چاليهه رپيا رکندو هو ۽ باقي ڊاڪٽر چوئٿ رام کي موڪليندو هو. جيڪو تڏهن حيدرآباد سنڌ ۾ 'برهمچريه آشرم' هلائيندو هو. سالن کان پوءِ گانڌي مظفرپور جي ملاقات جي باري ۾ لکيو: "جيئن ته ڪرپالاڻيءَ کي پنهنجو ڪمرو نه هو. تنهن ڪري پروفيسر ملڪاڻي منهنجو ميزبان بنيو. انهن ڏينهن ۾ سرڪاري پروفيسر لاءِ مون جهڙي شخص کي پاڻ وٽ رهائڻ غير معمولي ڳالهه هئي." هن اڳتي لکيو ته "ڪرپالاڻي، سنڌي هئڻ جي باوجود اصلوڪي بهاريءَ کان وڌيڪ بهاري هو. هو منهنجي در جو وڏو دربان هو. هن وقتي طور مون کي ملاقاتين کان بچائڻ پنهنجي زندگيءَ جو مول مقصد بنائي ڇڏيو هو. هو ڪڏهن ڪل يوڳ ۾ پنهنجي مددگار سڏڻ سان، ڪڏهن اڻ ايڏائيندڙ ڌمڪين سان ماڻهن کي ٽاريندو هو. رات پوڻ تي، هو پنهنجو ماستريءَ وارو پيشو اختيار ڪندو هو ۽ پنهنجي تاريخي اڀياس ۽ مشاهدي سان پنهنجي ساٿين سان شاناٺتو سلوڪ ڪندو هو ۽ ڪنهن به ڪمزور ملاقاتيءَ کي بهادر ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو هو."

هن دوستاڻي ملاقات کان پوءِ به، گانڌي- ڪرپالاڻي ناتن خوشگوار، مسلسل رفتار پڪڙڻ ۽ قائم ٿيڻ ۾ ڪجهه عرصو ورتو. مثال طور، ڪرپالاڻي کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته اهنسا (عدم تشدد) ذريعي آزادي ڪيئن حاصل ٿيندي؟ گانڌي مطابق، هندستاني تاريخ جو رستو اهنسا وارو هو. پر ڪرپالاڻي گانڌيءَ کان سوال پڇڻ ڇڏي ڏنا ۽ انهن جا جواب خود ڏيڻ لڳو. پوءِ هن ڏٺو ته هندستاني، حقيقت ۾، ٻين ملڪن کان گهٽ تشدد پسند هئا. روايتي طرح، هندستان جي پيشه ور سورمن ويڙهه ۾ برابر حصو ورتو. پر هتان جي ٻارن وٽن تي چڙهي پکين جا آکيرا تباهه نه ڪيا. دنيا جي ڪنهن به ملڪ جي ڀيٽ ۾، هتان جا ماڻهو عقيدي جي طور ويشنو (ڀاڄي خور) هئا. انقلابي ڪرپالاڻي اهڙي طرح اهنسا جو پنٿ اختيار ڪيو.

جينوٽيڪ هنساَ ۽ اهنسا (تشدد ۽ عدم تشدد) جي معاملي جي ڇنڊڇاڻ ٿي وئي، پر پوءِ به ڪرپالاڻي، گانڌيءَ کي 'مهاتما' جي طور قبول نه ڪيو. هن چيو: "گانڌيءَ کان به بهتر ۽ وڏا برهمچاري موجود هئا. مون ساڻس ڪڏهن به روحاني رمز واري گفتگو نه ڪئي هئي. هو مون کي

’پروفيسر‘ چوندو هو ۽ مان کيس ’شري گانڌي‘ چوندو هوس. يا ’گانڌي جي‘ چوندو هوس. مان ’مهاتما‘ لفظ ورلي استعمال ڪندو هوس. حقيقت ۾، مان ماڻهن کي به کيس ’مهاتما‘ ڪوٺڻ کان منع ڪندو هوس.“ گانڌيءَ جي گهڻ- مذهبي عوامي پرارٿنا کي پڻ ڪرپالاڻي پسند نه ڪندو هو؛ هو پرارٿنا کي ماڻهوءَ ۽ اُن جي مالڪ جي وچ جو نجي معاملو سمجهندو هو.

ڪرپالاڻي، گانڌيءَ جي ’خلافت تحريڪ‘ جي اوسنائين حمايت ڪئي، جيسيتائين انگريزن خليفي کي قائم رکڻ جو وعدو ڪيو هو. پر هو گانڌيءَ جي انهيءَ ڳالهه سان سهمت نه هو ته جيڪڏهن مسلمانن جي ناراضگي، عدم تعاون تحريڪ ۾ تبديل نه ٿئي ها ته اها گهڻي تشدد کي هٿي ڏئي ها. ڪرپالاڻي مسلمانن جي حمايت حاصل ڪرڻ کي، آزاديءَ جي تحريڪ لاءِ، خود غرضي سمجهيو ٿي. ڪرپالاڻيءَ کي انهيءَ ڳالهه جو افسوس هو ته 1944ع ۾، گانڌي- جناح گڏجاڻيءَ ۾ مسلم ليگ جي اڳواڻ تي ڇٽر ڪئي ويئي هئي. هن محسوس ڪيو ته دنيا ۾ ڪنهن به خطي جي مسلمانن جي پيٽ ۾، هندستان جا مسلمان وڌيڪ مذهبي هئا. جاڪاڻ ته هندو پڻ گهڻو مذهبي هئا ۽ هن هڪ پيري مون کي ٻڌايو ته مسلمانن جو ظلم ۽ ڪٽرپڻو، سنڌن موسيقي، رقص، مصوري ۽ مجسمه سازيءَ جي فنون- لطيفه کي ’غير اسلامي‘ ڪوٺي ڌڪارڻ ۾ لڪل آهي.

ڪجهه سالن کان پوءِ، ’گجرات وديا پيٺ‘ جو آچاريا ڪرپالاڻي ڪُل وقتي سياست ۾ آيو ۽ ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. هو انهيءَ خيال تي پختو هو ته ورهاڱو ٿئي ئي نه ها، جيڪڏهن اسان گانڌي جي پوئلڳي ڪريون ها. گانڌي، گڏيل هندستان لاءِ آزاديءَ جي معنيٰ ڦيرائڻ لاءِ پي جدوجهد شروع ڪرڻ گهري ٿي، پر گهڻا اڳواڻ اينترا پدا تي ٽڪجي پيا هئا. جو حڪومت ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ترسي نٿي سگهيا. گانڌي پوءِ ”صلاح ڏني ته برطانوي حڪومت، مسلم ليگ جي پيٽ ۾، ڪانگريس جي حمايت ڪرڻ لاءِ وڌيڪ بي چئن ٿيندي. تنهنڪري جناح کي شهه مات ڏيڻ لاءِ اسان لاءِ بهتر ٿيندو ته انهيءَ ڏس ۾ ڪوشش ڪريون.“

پر وري به ٻيا اڳواڻ انگريزن سان هٿ ۾ هٿ ڏيڻ تي راضي نه ٿيا ۽ جناح کي پنهنجي ڳالهه تي بيٺل رکيائون.

پنڊت نهرو ته اينتري قدر سوچيو ته ورهاڱي جي عمل ۾ 'گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سال' لڳندا- هندستان کان برما کي جدا ڪرڻ ۾ ايترو ئي وقت لڳو هو. ڪرپالاڻيءَ جو 'ماڻهن جي خودبخود مناسنا' جو دليل پڻ نظر انداز ڪيو ويو.

جڏهن مارچ 1947ع ۾ پنجاب ۾ فساد چڙي پيا ته ڪانگريس صوبي ۾ انتظامي ورچ ڪرڻ لاءِ چيو. ڪرپالاڻي انهيءَ ۾ ورهاڱي جو ٻج صاف ڏنو- ۽ هن فون تي گانڌيءَ کي انهيءَ ڳالهه جي مخالفت ڪرڻ لاءِ چيو. پر ڪرپالاڻي افسوس ڪري ٿو: "بدقسمتيءَ سان هو پر تشدد ساڌن سان گهيريل هو، جن سياست کي بلڪل نئي سمجهيو. فون منجهانئن هڪڙي ساڌو ڪنيو، جنهن جو انهيءَ ڳالهه تي اصرار هو ته رڳو مان ئي ساڻس ڳالهايان. پر مان هن موڳي سان ڇا تي ڳالهائي سگهيس."

هندستاني اتحاد جي قسمت مهر بند ٿي چڪي هئي.

گانڌيءَ جا ڪرپالاڻيءَ سان لاڳاپا عوامي معاملن تائين محدود نه هئا. شروع کان وٺي گانڌي ڪرپالاڻيءَ جي سموري ڪٽنب ۾ دلچسپي وٺندو هو. هن ڪرپالاڻيءَ جي پيءُ ڪاڪي ڀڳوان داس کي ڀڪ ڏياريندي لکيو هو ته آشرم ۾ سندس پوٽي گرڏاريءَ جي سٺي ڪارڪردگي آهي. کيس آچاريا جي اڪيلي ڀيڻ- ڪڪي ڀيڻ جي صحت جو هميشه اونو رهندو هو.

ڪرپالاڻي جڏهن سُچيتا سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته سندس جمار پنجاهه ورهين تائين پهتل هئي. "اسان جي ساٿي ٿي رهڻ کان سواءِ ٻي ڪا مراد نه هئي. اهو ئي سيڪجهه آهي، جيڪو اسان ڪندا رهيا آهيون. "پر رسمي شاديءَ جي بندنن کان سواءِ گڏجي رهڻ، ماڻهن جون آگريون کڄڻ جو سبب بنجي ها. انهيءَ شاديءَ لاءِ گانڌي آشيرواد نه ڏنو. کيس ڊپ هو ته ڪانئس ڪرپالاڻيءَ جهڙو آزمايل ۽ ڀروسي جوڳو ساٿي جڏائجي ويندو. جڏهن سچيتا کيس پڪ ڏياري ته شاديءَ جي صورت ۾، کين (سچيتا جي) هڪ نئين هٿ جو فائدو ٿيندو، تڏهن هن پنهنجو آشيرواد ڏنو.

هو پنهنجي پياري دوست آچاريا سان چرچو ڪرڻ کان به نه مڙيو. هن 1942ع جي شروع ۾ لکيو هو: "ڪرپالاڻي اڳ ۾ رُکو هوندو هو. ڇاڪاڻ جو مان سمجهندو هوس ته هو غير شادي شده آهي. پر هاڻي جڏهن

هو شادي سڌهه اهي ۽ سائنس زندگيءَ جو بهترين ساٿي ساڻ آهي ته مون کي سنڌس مزاج جو رکي رکي خيال ايندو آهي."

جڏهن گانڌي 1946ع ۾ ڪانگريس جي صدارت لاءِ ڪرپالاڻيءَ کي تجويز ڪيو ته سيد محمود ۽ يونس- جيڪي نهروءَ وٽ ترسيل هئا- مخالفت ڪئي. خود نهرو پڻ انهيءَ بنياد تي مخالفت ڪئي ته ڪرپالاڻي چيڙاڪ طبع آهي. گانڌي ان جي ابتڙ چيو: "پر تون پنهنجي چيڙاڪ طبع لاءِ ڇا چوندين؟"

معاملو قابو ۾ اچي ويو. ڪرپالاڻي ڪانگريس جي ميرٺ واري اجلاس جي صدارت ڪئي. اهو حڪومت جي منتقليءَ جو وقت هو ۽ گانڌي چيو ته ڪرپالاڻيءَ کي "نه رڳو ڪنڊن جو تاج پائڻو آهي، پر ڪنڊن جي سيج تي پڻ سمهڻو آهي. ڪئبينٽ جا ميمبر جيڪا مشڪل جاءِ پري رهيا آهن، اها ان کان به وڌيڪ مشڪل آهي."

پر ٿورن ئي مهينن ۾ ڪرپالاڻي استعيفا ڏيئي ڇڏي، ڇاڪاڻ جو ڪانگريس جا وزير، نهرو ۽ پٽيل، ڪانگريس جي صدر سان خاص معملن ۾ پڻ مشورو نه ڪندا هئا.

انهيءَ موقعي تي گانڌي سچيتا کي چيو ته ڪرپالاڻي قومي معاملن ۾ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪرڻ وڃي رهيو آهي. هو درست هو. 1947ع کان 1977ع تائين ڪرپالاڻي ملڪ جو ضمير بنيو.

گانڌيءَ جا واسطا آچاريه گدواڻيءَ سان پڻ اوترائي پيار پريا هئا. پر گدواڻيءَ جو جلدئي 1935ع ۾ ديهانت ٿي ويو. گدواڻي 'گجرات وديا پيٺ' جو صدر ٿيڻ لاءِ، دهليءَ ۾ رام جيس ڪاليج جي پرنسپال جي عهدي تان استعيفا ڏني. سنڌس باري ۾ گانڌي چيو ته هو "نه رڳو محقق هو، پر اخلاق جي سون جي ڪسوٽي هو."

ناپا جي محب وطن شهزادي کي راج- گديءَ تان لاهڻ جي خلاف، 1923ع ۾ سک احتجاج ڪري رهيا هئا. نهرو، آچاريه گدواڻي ۽ ڪي- سنٿنام سندن مظاهرو ڏسڻ ويا ته کين گرفتار ڪيو ويو ۽ سزا ڏيئي ٻاهر موڪليو ويو. جڏهن ظلم جاري رهيا ته موتي لال، گدواڻيءَ کي تار ڪئي ته ناپا جي سرحد تي وڃي ۽ ڏسي ته اتي ڇا پيو ٿئي. هڪ موقعي تي نه رڳو هڪ سنتيا گرهيءَ کي گولي هٽي ماريو ويو، پر سندس ٻار جيڪو، پنهنجي

مائُ جي تَج ڏائي رهيو هو. پڻ گولي هٽي ماريو ويو. انهيءَ تي گدواڻي گوليبازيءَ جي هنڌ تائين ڊوڙندو ويو، جيڪو نايا رياست جي سرحد اندر هو. ڪيس هڪدم جهٽ هٽي سال کن لاءِ جيل ۾ رکيو ويو. نهروءَ پنهنجي آتم- ڪٿا ۾ لکي ٿو ته: "منهنجي دل چاهيو ته مان به نايا هليو وڃان ته جيئن (برطانيا) انتظاميا مون سان به اهڙو سلوڪ ڪري جهڙو گداوڻيءَ سان ڪيو هئائين. سائيءَ سان سچائيءَ جي اهائي گهر هئي. پر گهڻن دوستن جو خيال ان جي ابتڙ هو ۽ مون کي منع ڪيائون. مون دوستن جي صلاح جي اوٽ ورتي ۽ پنهنجي ڪمزوريءَ کي لڪائڻ لاءِ اهو بهانو بنايم."

گانڌي لکيو آهي: "هن نايا سرحد پنهنجي مرضيءَ سان پار نه ڪئي هئي. سندس انسان پرستي ڪيس اوڏانهن ڏڪيو هو." جڏهن گانڌي، شريمتي گدواڻيءَ سان ملڻ ڪان پوءِ ٻڌو ته گدواڻيءَ کي بند ڪيو ويو آهي، سندس ڪيڙا ميرا آهن، ۽ ستن ڏينهن کان ورت هئڻ ڪري هو ڪمزور ٿي ويو آهي ته منهنجي اندر جو احتجاج ڪنڌ ماٿهو اٿي بيٺو ۽ مون پنهنجو پاڻ کي جنگ جوتڻ لاءِ تيار محسوس ڪيو. پر مون پنهنجي بي همتيءَ کي محسوس ڪيو ۽ شرم وچان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيم. پاڻ ۾ وڙهندڙ پارٽين ۾ تقسيم ٿيل ۽ هندو- مسلم فسادن ۾ ٽڪرا ٿيل هندستان ۾، شهري احتجاج هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه ذسڻ ۾ آئي. رگو انهيءَ ڳالهه جي خوشي آهي ته آچاريہ گدواڻي هڪ بهدر شخص آهي ۽ ڪيس ڪهڙيون به تڪيلفون دربيش ايندي يون ته به هو انهن مان پار لنگهي ايندو. شال ايشور ڪيس باهه مان لنگهي پار پوڻ جي سگهه بخشي!"

جڏهن وقت ڪان اڳ گدواڻيءَ جو ديهانت ٿيو ته گانڌي لکيو: "انسان پرستيءَ جا ههڙا پانها ڪڏهن مرتا ناهن. هو پنهنجي خدمتن وسيلي زندهه رهن ٿا. هن 'گدواڻي يادگار فند' گڏ ڪيو ۽ سندس مان ۾ گجرات جي ڪيڙا شهر ۾ 'هريجن هاسٽل' جوڙايائين.

هن گدواڻيءَ جي ڪٽنب کي پڻ نه وساريو. هن گنگا پيڻ کي 'بهادر مڙس جي بهادر زال' ڪوٺيو ۽ ڪيس تعارفي خط ڏنائين، جنهن ڪيس انشورنس جو ڪاروبار جمائڻ ۽ پنهنجي اولاد جي پرورش ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

ڪئين ورهيہ اڳ، گدواڻي گانڌيءَ کي جيو هو ته هو خسيس ذاتي

ڳالهين لاءِ فڪرمند ٿيندو نہ ڪري. پر گانڌي ڪيس چيو هو: "جن ذاتي ڳالهين ڪي تون خسيس ٿو چوين، منهنجي لاءِ اهي اوترويئي دلچسپيءَ جو سبب آهن. جيترو باردولي، جو مون کي پنهنجي ساٿي- ڪارڪنن جي معلومات رکڻي آهي." هن اڳتي لکيو هو: "گنگا ڀيڻ کي چئج تہ هوءَ پنهنجي گجراتيءَ کي نہ وساري!"

گانڌي پروفيسر ملڪاڻيءَ کي مظفرپور ۾ ساٿس ترسڻ جي وقت کان وني سڃاڻيندو هو. ملڪاڻي 'گجرات وديا پيٺ' ۾ پڙهائيندو هو، تہ 1927ع ۾ پنهنجي زال جي زور ڀرڻ تي ۽ حيدرآباد سنڌ جي ڊي- جي نيشنل ڪاليج حيدرآباد جي تڏهوڪي پرنسپال اين- وي- ٿڏاڻيءَ جي چوڻ تي، گانڌيءَ سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ احمدآباد ڇڏي آيو.

گانڌيءَ کي ايڏو صدمو پهتو جو پنهنجي زندگيءَ جا ڏاڍا دلسوز خط ڪيس لکيائين. هن 26 جون تي ملڪاڻيءَ کي لکيو: "مون کي انهيءَ جو ڏک ناهي تہ مهاوديالي جو ڇا ٿو ٿئي، پر مون کي انهيءَ ڳالهہ جو ڏک آهي تہ هڪ شخص کي ڇا ٿيو آهي. شال ايشور تنهنجي ۽ منهنجي مدد ڪري."

ڪرپالاڻيءَ کي جيڪو ان وقت وديا پيٺ جو پرنسپال هو، گانڌي 10 جولاءِ تي لکيو: "انهيءَ (خبر) مون کي قريب قريب ٺڪر ٺڪر ڪري ڇڏيو. جو مون ملڪاڻيءَ کي پنهنجي اڻ ڇڄندڙ حصن مان هڪ سمجهيو هو." ۽ پرنسيپال ٿڏاڻيءَ کي پنهنجي 19 جولاءِ واري ڊگهي خط ۾ هن لکيو: "ملڪاڻي گجرات ۾ پنهنجي ٻڏندڙ جهاز جي سکان تي بيٺل آهي. هو ٻاڻ بڪايل آهي، سندس زال ۽ سس ڏسن ٿيون تہ مٿس خنجر ڪڇيل آهن. سندس دوست ڪاوڙ ۾ اچي، سندس چريائيءَ جي ڪري مٿس ڀونڪي رهيا آهن. تنهنجي ٻارن ۽ هندستان جي شاندار سبق لاءِ هو هڪ آدرشي پروفيسر ٿيندو."

هن اڳتي لکيو. "منهنجي زندگي اهڙن ڪيترن ئي (وديا پيٺ جهڙن) ادارن جي اوسر ۽ خاتمي جي شاهد آهي، جن مان ڪن سان مان خود ويجهڙائيءَ سان وابستہ رهيو آهيان. منهنجي لاءِ، انهن جي اهميت سندن نايڪن کي مٿي اڀارڻ ۽ اهڙي طرح پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ ۾ آهي." هن پڇاڙيءَ ۾ لکيو: "مان توکي ٻڌايان تہ مان انهيءَ صدمي مان لنگهي پار نہ پيو آهيان. مون کي ڪڏهن باردولي هلاڪ نہ ڪيو آهي، پر ملڪاڻي ڪيو

آهي."

گانڌي ملڪ کي ايترا سارا بهترين پروفيسر ڏيڻ لاءِ سنڌ کي ساراهيو آهي. 'گجرات- سنڌ ناهه' هيٺ. گجرات وديا- پيٺ جي سنڌي پروفيسر جو حوالو ڏيندي، هن گجرات جي شاگردن کي چيو ته اهي پوڙ جي ستايلن جي امدادي ڪارڪن جي حيثيت سان سنڌ وڃن ۽ 'سنڌ جو قرض' ادا ڪن.

پر سندس سڀ کان محبت پريا ناتا ڄئرام داس سان هئا. 1919ع ۾ ڪانگريس جي امرتسر واري اجلاس ۾، هڪ پاسي گانڌي ۽ ٻئي پاسي تلڪ، سي- آر- داس ۽ محمد علي جي وچ ۾ سڌارن جي ٺهراءُ تي شديد اختلاف ٿي پيا. ڪئين ورهيه پوءِ، گانڌي ان ڳالهه کي ساريندي لکيو: "ٿڌي دماغ وارو سنڌي شخص ڄئرام داس مدد لاءِ اڳيان آيو. هن مون ڏانهن هڪ رقعو اڳيان وڌايو، جنهن ۾ ناهه ڪرڻ لاءِ صلاح ۽ زور ڏنل هو. مون ڪيس نٿي سڃاتو. سندس اکين ۽ چهري ۾ اهڙي ڪا ڳالهه هئي، جنهن مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. مون صلاح پڙهي. اها سٺي هئي. مون اهو رقعو ديش بنڌو ڏانهن وڌايو. هن وراڻيو: 'بيشڪ، بشرطيڪ منهنجي پارٽي قبول ڪري'. لوڪمانيه چيو: 'مان اهو ڏسڻ نٿو چاهيان. جيڪڏهن داس منظور ڪيو آهي ته اهو مون لاءِ ڪافي آهي.' مالويه (جيڪو صدارت ڪري رهيو هو، تجسس وچان) اهو ٻڌو، منهنجي هٿن مان ڪاغذ ڪسيائين ۽ تاڙين جي پوڙو ڪنڌڙ گونج ۾ اعلان ڪيائين ته ناهه ٿي ويو آهي."

1930ع ۾، جڏهن گانڌي 'لوڻ ستيا گرهه' شروع ڪري رهيو هو ته ڄئرام داس کي، جيڪو تڏهن بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر هو، لکيائين: "مون وديسي ڪپڙي جي بهشڪار جي ڪاميٽيءَ جي واڳ سنڀالي آهي. جيڪڏهن انهيءَ کي فعال بڻائڻو آهي ته مون کي هڪ ڪل- وقتي سيڪريٽريءَ جي ضرورت پوندي ۽ مان تو جهڙي لائق ماڻهوءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو سوچي به نٿو سگهان." ڄئرام داس هڪدم پنهنجي نشست تان استعيفا ڏيئي، نئين ذميداري سنڀالي، ۽ وديسي ڪپڙي جي بهشڪار کي حيرت انگيز طور ڪامياب ڪيائين.

جڏهن ڪجهه مسلمانن ڄئرام داس تي فرقي پرستيءَ جو الزام هنيو ته گانڌي کين چيو: "مون کي ڄئرام داس جو قسم آهي. مون کي هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڌيڪ سچي ماڻهوءَ سان ملڻ جي عزت حاصل نہ ٿي آهي. هو مسلمانن جو مخالف ناهي. مان هن- يا ڊاڪٽر چوئٿ رام- جي باري ۾ هندو- مسلم اتحاد جي حامي هجڻ ڪان سواءِ، ٻيو ڪجهہ بہ سوچڻ ڪان انڪاري آهيان."

1941ع ۾. جڏهن سنڌ پراونشل ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي صدر، ڊاڪٽر چوئٿ رام ڪنهن خاص مسئلي تي گانڌيءَ سان مشورو ڪيو تہ گانڌي ڪيس چيو: "جيئن جئرام داس چوي تيئن ڪر. سندس ڏاهپ ۾ منهنجو ويساهہ هڪ دائمي عنصر آهي."

گانڌي پنهنجي پاڻ کي رڳو اڳواڻن ۾ دلچسپي وٺڻ تائين محدود نہ رکيو. هن ڪڏهن بہ اهو نہ وساريو تہ هن 1919ع ۾ ننڍ ۾ سمهي پوڻ سان پڌعيدن جي ماڻهن کي نراس ڪيو هو. ڏهن سالن ڪان پوءِ جڏهن هو وري سنڌ ۾ آيو تہ انهيءَ هنڌ وري وڃڻ لاءِ نشان ڏهي ڪيائين! ۽ هن آنند هنگوراڻي ۽ سندس زال وديا ڏانهن، سندن باري ۾ ۽ سندن صحت، ڪم ۽ ڀلائيءَ جي سلسلي ۾ ڪيترائي خط لکيا. جڏهن وديا جو ديهانت ٿيو ۽ آنند ڪيس پوڇڻ شروع ڪيو، تہ گانڌي ڪيس لکيو: "وديا سٺي هئي، پر ايشور جي جاءِ نٿي وٺي سگهي. مان ٻُت شڪن آهيان. تون جيڪڏهن ڪيس آسانيءَ سان وساري سگهين ٿو تہ ائين ڪر. پوءِ وديا مٺيري ٿيندي ۽ تون پڻ."

ڪانگريس جون ڪارڪن شريمتيون، گانڌيءَ جي مزاح مان محظوظ ٿينديون هيون. گانڌي هڪ ڀيري 1936ع ۾ گنگا ڀيڻ گدواڻي کان- جيڪا انشورنس جو ڪاروبار ڪندي هئي- چرچي ۾ پڇيو تہ منهنجي زندگيءَ جو 'ويمو' ڪير ڪندو؟ گنگا ڀيڻ پڻ چرچي ۾ وراڻيو: "نہ، مان اوهان جهڙي پڊي جو ويمو نہ ڪنديس." هڪ ڀيري ملڪاڻيءَ سان مانيءَ کان پوءِ شريمتي ملڪاڻيءَ کان 'دڪشنا' گهريائين، جنهن تي هن وراڻيو: "مون اوهان کي ملڪاڻي ڏيئي ڇڏيو آهي. اوهان کي ٻي 'دڪشنا' ڪهڙي گهرجي؟"

ماڻهن ۾ سندس اهي سموريون دلچسپيون نہ رڳو گهرائيءَ سان انساني هيون، پر انهن مقصدن کي ترقي وٺرائڻ جي ڪُٽپ ڪيل هئي، جيڪي ڪيس سڀ کان عزيز هئا. جڏهن آچاريا گدواڻي گرو گرڙ صاحب کي رسمي طرح ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي رکڻ بدران 'کاڌيءَ' ۾ ويڙهي رکيو، تڏهن گانڌيءَ کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي. هن چيو تہ اهو انهن ماڻهن لاءِ وڏو

مثال آهي. جيئن ڪي ٻڍيءَ جي مورتين کي ولايتي ڪپڙي ۾ ويڙهي رکن ٿا.

1924ع ۾ گانڌي ڏٺو تہ سنڌي کاڌيءَ جي باري ۾ گنڀير ناهن. هن ڏٺو تہ سنڌ ۾ سٽ ڪتڻ جي عمل جو ورلي ڪو اهڃاڻ هو. جيڪا افسوسناڪ صورتحال هئي. ڪيترا سال پوءِ بہ هن لکيو: "ڪن معززين کانسواءِ، باقي ماڻهن جي کاڌيءَ ۾ دلچسپي ورلي آهي. عقيدي جي ضرورت ڪيترن ئي شڪ و گمان کي جنم ڏي ٿي." هن ڏٺو تہ ڪوٽڙيءَ ۾ ڪانگريس جا ويهہ ميمبر هئا، جن جو تعداد گهٽجي ٻن ٽائين پهچندو. جيڪڏهن کاڌي پائڻ تي زور ڏنو ويو. کاڌيءَ جي هندائڻ کان پاسو ڪرڻ ۾. جنهن ڳالهہ ڪيس وڌيڪ حيران ڪيو هو، اها هئي ڪپهہ جي گهٽي پيداوار- ۽ گهٽي غربت. سنڌ جي غربت جي ثبوت ۾ هن پاين جي گهٽي تعداد جو حوالو ڏنو، جيڪي ڪيس چندي ۾ مليون هيون. "اوڙيسا کان سواءِ، مون پنهنجي چندي جي وصوليءَ ۾ سنڌ جيترين گهٽيون پايون ڪڏهن بہ نہ ڏٺيون آهن. هڪ هنڌ چندي ۾ مون کي ڪوڏيون بہ مليون. (پراڻي رپئي ۾ 64 پيسا هوندا هئا؛ هڪ پيسو برابر هوندو هو ٽن پاين جي؛ ۽ 5 ڪوڏيون برابر هيون هڪ پائيءَ جي.) اها ڳالهہ ڪنجوسيءَ سان منسوب نٿي ڪري سگهجي. مون سنڌ ۾ ڪڏهن بہ ڪنجوسائي نہ ڏٺي آهي. جن ماڻهن (لالا لجپت راءِ جي يادگار فنڊ جي پنج لک رپين لاءِ) ٻارنهن ڏينهن ۾ سٺ هزار رپيا ڏنا هجن، انهن کي چندو ڏيڻ ۾ ارهو نٿو سمجهي سگهجي.

گانڌي خاص ڪري تڏهن پريشان ٿي ويو، جڏهن ڪراچيءَ جو ميئر ۽ ڪانگريس جو وڏو همدرد، جمشيد ميهتا 1928ع ۾، ڪراچي ڪارپوريشن جي 1924ع جي اڳ واري ٺهراءَ کي رد ڪرڻ لاءِ ٺهرا پيش ڪيو، جنهن موجب ڪارپوريشن جي پٽيوالن ۽ ڀنگين لاءِ کاڌيءَ جي وردي مقرر ڪئي ويئي هئي. جمشيد جو دليل اهو هو تہ گذريل ٽن سالن دوران، ڪارپوريشن کي کاڌيءَ تي هڪ لک رپيا خرچ ڪرڻا پيا هئا، جنهن جو 85 سيڪڙو ضايع ويو. هن چيو تہ کاڌيءَ جو ڪپڙو ميرو بہ جلدي ٿئي ٿو تہ ڦاٽي بہ جلدي ٿو- ۽ ويچارن پٽيوالن ۽ ڀنگين کي سال ۾ رڳو ٻہ ورديون ملن ٿيون. جمشيد چيو: "مان اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ اهو ظلم آهي. جيڪا شيءِ پنهنجي پٽيوالن کي ڏيون ٿا، اها سنڌن اکين ۾ ڳوڙها آڻڻ لاءِ ڪافي آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گانڌيءَ لکيو: "جمشيد ميھتا ڪراچيءَ جي ھڪ سچي ماڻھوءَ جي حيثيت سان صحيح طور مڃيل آھي. گھڻو ڪري اُنان جي ھر سٺي عوامي تحريڪ ڪيس پنھنجو ھئڻ جي دعوي ڪري ٿي........ سندس ايمانداري ۽ خودمختياري، سندس وطن دوستي وانگرُ غيرمشڪوڪ آھي." پر جمشيد جو گانڌيءَ جي باري ۾ فيصلو "بلڪل اُنھيءَ نازڪ عورت جي فيصلي جھڙو آھي، جيڪا پنھنجي موسم جي سٺيل مھمانن جي ٻک جو اندازو پنھنجي ٻک سان لڳائيندي آھي."

ڪارپوريشن جي ڪانگريسي ميمبرن جي اعتراض تي ويچاري جمشيد اھو ٺھراءُ تہ اڳ ۾ ئي واپس وٺي ڇڏيو ھو. پر ڪجھ سالن ڪان پوءِ، ڪراچيءَ ۾ ھريجن جي رھائش جي موضوع تي، گانڌي خود جمشيد وارو دليل ڏنو. 1934ع ۾ ھن استقباليائي تقرير جي جواب ۾، ڪراچي ڪارپوريشن کي ٻڌايو: "شھر جي مُکين کي اھو ڏسڻ گھرجي تہ ھڪڙي بہ ھريجن کي اھڙي ڪوارٽر ۾ نہ رھايو وڃي، جنھن ۾ اُھي پاڻ رھڻ لاءِ تيار نہ ھجن." پوءِ ھن ڪراچيءَ ۾ عام ميڙ کي چيو: "اھو سھرو ڪراچيءَ جي سر تي ناھي تہ انھيءَ جي حدن اندر ھڪ بہ اھڙي ھريجن کي اھڙي گھر ۾ رھڻ تي مجبور ڪيو وڃي، جنھن ۾ وڏي کان وڏو شھري خوشيءَ سان رھڻ قبول نہ ڪري."

جمشيد بہ سندن ڪپڙن لاءِ ٻي ڪنھن مختلف ڳالھہ جي تقاضا نہ ڪري رھيو ھو.

1943ع ۾، انھيءَ ساڳئي دؤري دوران، گانڌي ڪراچيءَ جي صحافين سان مليو. جڏھن 'سنڌ آبزرور' (Sindh Observer) جي ايڊيٽر ڪي- پُنيا ڪانئس سنڌ جي بمبئي کان عليحدگيءَ جي باري ۾ پڇيو تہ گانڌي معذرت ڪئي ۽ چيائين، "ھاڻي تون مون کي پنھنجي آپي مان ٻاھر تو ڪڍين."

جڏھن ڪانئس سنڌ جي باري ۾ سندس تاثرات بابت پڇيو ويو تہ چيائين: "منھنجا سنڌ جي باري ۾ تمام خوشگوار تاثرات رھيا آھن. مان تمام خوش ٿيندس، جيڪڏھن مون کي گھڻي رقم ملندي." انھيءَ ڳالھہ تي صحافين خوشيءَ سان اُتي جو اُتي تيھہ ربيا گڏ ڪري ورتا. گانڌي چيو: "اوھان کي جيڪي ڪجھہ ملي ٿو، مان اوھان کان اھو قرض نٺو چاھيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽ ۾ گهٽ اوهان پنهنجون پينسلون ئي ڪٽي مون کي ڏيو." اهڙي طرح گانڌي سيٺي جي ٺهڪن جي گونج ۾ ٽيهه رپيا ۽ پينسلون ڪاڻن ورتيون.

گانڌي ور ور ڪري اڳواڻن ۽ سنڌن زالن ۽ ٻارن کي ۽ ٻيو جيڪو به سنڌس ڳالهه ٻڌندو هو- هندي زبان سکڻ ۽ استعمال ڪرڻ لاءِ چوندو هو. هن 1945ع ۾ سُچيتا کي پڻ لکيو ته هوءَ ڪرپالاڻيءَ کي چوي ته "هو مون ڏانهن هندي يا اڙدو يا سنڌيءَ ۾ لکندو ڪري. هو مون ڏانهن انگريزيءَ ۾ ڇو ٿو لکي؟ پروفيسر آهي ان ڪري؟"

هو خاص ڪري عاملن ۾ ڏيتي- ليتي (ڏاج) جي سنڌي رسم کان ڪافي هراسيل هو. هن 1934ع ۾ ڊي- جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي شاگردن کي چيو: "هتي هو صاحبلوڪن ۽ پارسين جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن مون سنڌ جي پهرئين دؤري دوران ڇوڪرين کي ڏٺو ته مان حيران ٿي وَيس ته اُهي ڪيئن نه پارسي ڇوڪرين ۾ گهيريل آهن. پوءِ مون کي خبر پيئي ته اهي عامل طبقي جون ڇوڪريون آهن. مون کي 'پائيبندن' جي باري ۾ خبر هئي. پر البت 'عامل' نالي کان ڊنل هئس. مون کي تجسس هو ته اهي الائجي ڪهڙي قسم جا ماڻهو هوندا. جڏهن مون عاملن کي ڏٺو ته اهي بلڪل صاحبلوڪن جهڙا هئا."

گانڌي وڌيڪ چيو: "سنڌ جا عامل گهڻو ڪري انهيءَ صوبي جي سيني ذاتين کان ترقي يافته آهي. پر سنڌن سموري ترقيءَ جي باوجود، منجهن ڪجهه اهڙيون گنڀير خرابيون آهن، جيڪي رڳو وٽن ئي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهن خرابين ۾ ڏيتي ليتيءَ جي رسم گهٽ گنڀير ناهي......... مائٽن کي پنهنجي ڌيئرن کي اهڙي تعليم ڏيارڻ گهرجي جو اهي اهڙي نوجوان سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪن، جيڪو شادي ڪرڻ جي قيمت وصول ڪري، ۽ انهيءَ نيچ رسم ۾ حصيدار ٿيڻ بدران غير شادي شده رهي."

جڏهن ملڪاڻيءَ کيس اطلاع ڪيو ته هن پنهنجي ڌيءَ منيءَ جي شاديءَ ۾ ٻه هزار رپيا خرچ ڪيا آهن ته گانڌي موٽ ۾ 4 آڪٽوبر 1928 تي کيس خط ۾ لکيو: "جيڪڏهن اهو دکدائڪ ناهي ته مون کي تنهنجي ٻه هزار رپين جي خرچ کي ننڍي ڳالهه سمجهي دل کولي ٺهڪ ڏيڻ گهرجي ها. رامداس جي شاديءَ جو شايد مون تي هڪ رپيو خرچ آيو هو. يعني هڪ يا ٻه ناريل، ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ٻه پوريون. 'گيتا' جون ٻه ڪاپيون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'پچناوليءَ' جون ٻه ڪاپيون. گجرات ۾ ٻه هزار رپيا. آشرم جي حدن کان ٻاهر پڻ هڪ چڱي وڏي رقم سمجهي ويندي. مان ننٿو سمجهان ته جمنا لال ٻه ڪملا جي شاديءَ تي ٻه سال اڳ ٻه هزار رپيا خرچ ڪيا هوندا. پر مون کي خبر آهي ته جيڪڏهن مان سنڌ کي گجرات جي فوٽ-ڪٽيءَ سان ماپيندس ته اها نراسائيءَ جي حد تائين غلط ماپ ٿيندي. مان انهن جي لاءِ اها ويهن هزارن کان ٻن هزارن تائين ترقي سمجهان ٿو. شايد توکي پنهنجي سسُ کي چڏٿو پوي ۽ پنهنجي زال جو تياڳ ڪرڻو پوي. انهيءَ نُڪتي کان غور ڪندي، ٻه هزار رپين ۾ شايد خراب سؤدو ناهي."

هاسانند جادوگر کي اهو ڪم سونپيو ويو ته هو بغير ڏاج جي شاديءَ جا مثال قائم ڪري. هن پنهنجي ڏيئرن کي فقط پنج 'چ' ڏنا: چرخو، چاڏي، چڪي، چلهه ۽ چؤنري.

جڏهن اڱوٽي وڏي وزير الله بخش سومري جي قتل جو الزام مسلم ليگ جي وزير کهڙي تي لڳو ته هن پنهنجي بچاءُ جو وڪيل جناح کي مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جناح انڪار ڪيو. 27 مارچ 1983 جي 'انڊين ايڪسپريس' (INdian Express) مطابق (اتفاق سان اهو سنڌي وست-تي- ڪرپالاڻي هو، جنهن جناح کي سندس زندگيءَ جو آخري مقدمو کڻڻ تي آماده ڪيو- ۽ اهو پڻ رڳو آگري جي سٽي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾!) کهڙي پوءِ پولاپائي ڊيسائي سان رابطو رکيو، جنهن سندس مقدمو هلائڻ قبول ڪيو. انهيءَ لاءِ ڊاڪٽر چوئٿ رام گانڌي وٽ احتجاج ڪيو. جنهن تي گانڌي پولا پائي کي لکيو: "مون کي توکي اها گذارش ڪرڻ ۾ هڪ نٿي ٿئي ته کهڙي جي مقدمي جا ڪاغذ چڪاسڻ کان پوءِ، جيڪڏهن تون محسوس ڪرين ٿو ته هو بي گناهه آهي ته پوءِ تون بيشڪ هن لاءِ وڙهه. پر جيڪڏهن تون محسوس ڪرين ٿو ته هو ڏوهاري آهي ته ڪيس ڏوهه قبولڻ جي صلاح ڏي يا ڪيس توکي معاف ڪرڻ لاءِ چئو." پولا پائي مقدمو ڇڏي ڏنو. پر کهڙي کي ڏيئل مل نالي هڪ هندو وڪيل ڦاسيءَ کان بچايو. جلدئي سيشن جج ويلس (Wells)، جيڪو اهو مقدمو هلائي رهيو هو، وقت کان اڳ ۾ پراسرار حالتن هيٺ رٽائر ڪيو ۽ برطانيه هليو ويو.

1920ع جي ڏهاڪي جي موت ۾ گانڌي بيان ڪيو: "مون کي اجهو هاڻي ڊاڪٽر چوئٿرام کان سنڌ ۾ هڪ هندوءَ جي زوري مسلمان

ڪرڻ جي ڪوشش جي مبينہ حقيقتن جي خبر پئي آهي. انهيءَ شخص لاءِ جيو وجي ٿو تہ ڪيس سنڌس مسلمان ساٿين قتل ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ هو اسلام نہ قبوليندو. اهي حقيقتون جيڪڏهن سچيون آهن تہ ڀيانڪ اهن. گانڌيءَ انهيءَ ڳالهہ جي باري ۾ سنڌ جي مسلمان اڳواڻ سر عبدالله هارون کي چيو. هن انهيءَ کي مبينہ خودڪشي ڪوٺيو ۽ معاملي جي پڙتال ڪرڻ جو وعدو ڪيائين. پر پوءِ خاموشي اختيار ڪيائين.

جڏهن 1939ع ڌاري ڌاري سنڌ ۾ فساد ڇڙي پيا تہ گانڌي انهن جي خلاف آواز اٿاريو. هن چتاءُ ڏنو تہ "جيڪي هندستان ۾ ٿي رهيو آهي، هڪ حصي ۾ ئي سهي، چاهي اهو سٺو آهي يا خراب، پر هندستان تي ان جو اثر لازمي پوندو."

ڍڪاءُ جو سنڌس 'حقيقي حل' اهو هو تہ ڪانگريس جيMLAs کي پنهنجي نشستن تان استعيفا ڏيڻ گهرجي ۽ الله بخش وزارت کي مستعفي ٿيڻ گهرجي، ۽ انهن سيٺيءَ کي "هڪ امن فوج ٺاهي، بلا خوف ڌرن جي وچ ۾ آباد ٿيڻ گهرجي." سنڌين انهيءَ ڳالهہ کي بلڪل غير عملي ڄاتو. جو سيٺ تلسي داس نالي هڪ MLA اڳ ۾ قتل ٿي چڪو هو. هڪ اخباري خاطو پڻ گانڌيءَ کي لکيو: "سنڌي MLAs کي استعيفا ڏيئي ڌرن وٽ رهڻ جي چوڻ بدران، اوهين خود پنهنجي سڪيا ورتل ستياگرهين جي 'ڪمپني' کي ڇو نٿا موڪليو ۽ پنهنجن اصولن کي آزمايو؟..... يا ڇا اهو اوهان جو معاملو آهي تہ اوهان جا ستيا گرهي تڏهن خطري کي منهن ڏيندا، جڏهن اهو اوهان جي آشرم تائين پهچندو؟"

جڏهن 1939ع ۾ هندن پنهنجي خلاف مسلسل منظم تشدد جي شڪايت ڪئي تہ هن ڪين "پنهنجو پڻ بچاءُ ڪرڻ جو فن سکڻ" جو چيو ۽ "جيڪڏهن هو پاڻ کي محفوظ نٿا سمجهن ۽ ايڏا ڪمزور آهن جو پنهنجو بچاءُ ڪري سگهن تہ پوءِ ڪين اهو هنڌ ڇڏي وڃڻ گهرجي. جيڪو نہ رهڻ جوڳو ثابت ٿيو آهي." هن جنوري 1940ع ۾ ساڳئي موضوع تي موٽي لکيو آهي: "مون 'هجرت' تجويز ڪئي آهي. مان اها تجويز ورجايان ٿو. اها غير عملي نہ آهي. ماڻهو انهيءَ جو قدر نٿا ڄاڻن. عظيم ۽ طاقتور هستين اهو رستو اڳ ۾ اختيار ڪرڻ لاءِ هاٿي ڄاتو آهي. 'پراڻي عهدنامي' جو 'ٻيو ڪتاب' جيڪو 'ايڪسوڊس' (Exodus) جي طور ڄاتو وڃي ٿو. اسرائيلن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رٿيل لڏپلاڻ جو هڪ داستان آهي. جلاوطنيءَ ۾ انهن پنهنجي لاءِ فوجي جيون- مارڳ تيار ڪيو. تنهنڪري انهيءَ غلطي، بي عزتي يا پاڻ- مڙهيل جلاوطنيءَ ۾ ڪابه بزدلي ناهي. هندستان وڏو ملڪ آهي- جيتوڻيڪ غربت آهي، پر اندروني لڏپلاڻ کي قبولڻ لائق آهي، خاص طور تي انهن لاءِ. جيڪي اهل، محنتي ۽ ايماندار آهن."

1947ع ۾ جڏهن سنڌي هندن لڏڻ شروع ڪيو ته گانڌي لکيو: "جيڪڏهن هڪڙو به سنڌي سنڌ مان لڏي ٿو ته گورنر جنرل جي حيثيت سان مسٽر جناح لاءِ اها شرم جي ڳالهه آهي." هن وڌيڪ لکيو: "سنڌي- هندو اول درجي جا واپاري آهن. اهي بمبئي، مدراس يا ٻين هنڌن ڏانهن ڇو ٿا ڀڄن؟ کين ڪوبه نقصان نه رسندو، پر سنڌ گهاٽي ۾ رهندي، ڇاڪاڻ ته هو ڪٿي به ويندا، اتي پنهنجي لاءِ پيسا ڪمائيندا. سنڌي ڏکڻ افريقا ۾ موجود آهن. دنيا جو اهڙو ڪو هنڌ ناهي، جتي سنڌي نه هجن. هو ڏکڻ افريقا ۾ گهڻو پيسو ڪمائين ٿا ۽ انهيءَ مان فراغ دليءَ سان غريبن تي به خرچ ڪن ٿا."

جيتوڻيڪ سنڌي اڳواڻن جا گانڌيءَ سان محبت ڀريا ناتا هئا، پر کين اها معتبري حاصل هئي، جو اهي جڏهن ڪيس غلطيءَ تي ڏسندا هئا ته کيس چوڻ کان نه هٻڪندا هئا. جيٺمل پرسرام 'خلافت' کي 'آفت' ڪوٺيو ۽ جڏهن 1930ع ۾ گانڌي چوئٿرام کان پڇيو ته مجوزه 'لوڻ ستيا گرهه' جي باري ۾ جيٺمل ڇا ٿو چوي ته هن کيس چيو: "جيٺمل چوي ٿو ته 1920ع ۾ اوهان سٺ جي ڏيرن سان آزادي گهُري ٿي: هاڻي اها اوهان لوڻ جي لڏن سان ٿا چاهيو." چوئٿرام ٻڌايو ته اهو جملو ٻڌي گانڌي ظاهري طرح سُسي ويو.

مسٽر ڊي (Mr. De) نالي هڪ انگريزي کي گوپينات گولي هڻي ماري وڌو. آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي (AICC) جي نهراءَ جي مسودي گوپينات جي انهيءَ عمل جي مذمت ڪئي. گوپينات جي اها سورهيائي، هڪ ترميم ذريعي ساراهي ويئي. جڏهن گانڌي انهيءَ ترميم جي مخالفت ڪئي ته موتي لال نهرو ۽ چت رنجن داس واڪ آئوٽ ڪري ويا. گانڌي پنهنجي ڳالهه مڃائي، پر واڪ آئوٽ جي حوالي سان ڇيائين ته ترميم کي ه نظور ٿيل سمجهڻ گهرجي. انهيءَ تي چوئٿرام 'پوائنٽ آف آرڊر' تي اٿي بيٺو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”هڪ رد ٿيل ترميم منظور ٿيل ڪيئن ٿي سمجهي سگجهي؟“ گانڌي لرزي ويو. هن اکين ۾ پاڻي آڻي چيو: ”چوئٿ رام. جيڪو مون لاءِ پار وانگر آهي. مون سان ’پوائنٽ آف آرڊر‘ تو اٿاري. اڄ مان اڪيلو بيٺو آهيان.“ پوائنٽ آف آرڊر گانڌي، چوئٿ رام ۽ محمد عليءَ جي لڙڪن ۾ ٻڏي ويئي. جنهن پنهنجي ٽوپي گانڌيءَ جي پيرن ۾ رکي ڇڏي.

جڏهن لارڊ ارون کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته گانڌي چاهيو ٿي ته آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي ان جي مذمت ڪري. سوامي گووندانند مخالفت ڪئي. راءِ شماريءَ ۾. گانڌي 700 ڇٽن جي ايوان ۾ رڳو 38 ووٽن تان کٽيو. گانڌي فراغ دليءَ سان قبول ڪيو: ”اخلاقي سوڀ سوامي گووندانند جي ٿي هئي.“

آڪٽوبر 1934ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ميٽينگ ۾ گانڌي ’يونائيٽيڊ پراونسز‘ (يو- پي) کي ’هند‘ ۽ ’سينٽرل پراونسز‘ (يو- پي) کي ’مهاڪوشل‘ جا نوان نالا ڏيڻ لاءِ. ڪانگريس جي آئين ۾ ترميم جي رٿ پيش ڪئي. ڊاڪٽر چوئٿرام انهيءَ ترميم جي مخالفت ڪئي ۽ چيائين ته ’يو- پي‘ کي ’هند‘ ڪوٺي نٿو سگهجي. جو ’هند‘ سموري ملڪ جو نالو آهي. سي- راج گوپال آچاري چوئٿرام جي حمايت ڪئي.

گانڌي چيو ته هن اها تبديلي رڳو انهيءَ ڪري قبول ڪئي هئي، جو ماڻهن شڪايت ڪئي آهي ته ’يو-پي‘ هندستاني نالو ناهي. جيئن ته انهيءَ ڳالهه تي اعتراض اٿيو. تنهنڪري هن ترميم جي رٿ واپس ورتي. پر ميمبرن نشان ڏهي ڪئي ته ڪين ’سي-پي‘ جو نالو ’مهاڪوشل‘ ڪوٺڻ ۾ ڪو اعتراض ناهي. گانڌي نئين ترميم قبول ڪئي ۽ ميز جي ٺهڪن جي گونج ۾ چيائين: ”اوهان جو جواهر لال سان وير ٿو ڏسجي. جيڪو نيني جيل ۾ آهي. هن ئي صلاح ڏني هئي ته ’يو-پي‘ کي ’هند‘ ڪوٺڻ گهرجي.“

گانڌيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾. نارٿ- ويسٽرن ريلوي جو اڳوڻو ڊپٽي جنرل مئنيجر پي-بي- چندواڻي برلا هائوس ۾ ساٿس گڏ رهيل هو. 20 جنوري 1948ع تي، پرارٿنا جي دوران بم ڦاٽو، ۽ برلا هائوس جي چوديواري جو هڪ حصو تباهه ڪري ڇڏيائين. پرارٿنا جي گڏجاڻيءَ جي آخر ۾. گانڌي چيو ته ڪيس لڳو ته ڀري ڪان فوجي گوليمار جي مشق ٿي رهي آهي. انهيءَ تي چندواڻي چيو: ”باپو، اهو نه سچ آهي ۽ نه اهنسا.“ شايد آشرم واسين ۾

اهو سنڌي ئي هو. جيڪو ايڏو بي باڪ هو.

گانڌيءَ جي هوندي، جڏهن ورهاڱو ٿيو ته هن شرنارٿين لاءِ سيڪجهه ڪرڻ لاءِ هند سرڪار تي زور آندو. هن ڪڇ جي مها راءُ سان ڳالهايو ۽ سنڌو ريسيلٽمنٽ ڪارپوريشن کان ڪنڊلا جي زمين ورتائين. 30 جنوري 1948ع تي، چوئٿ رام جي اڳواڻيءَ ۾ آيل سنڌي وفد کي چيائين: "جيڪڏهن ڪشمير لاءِ جنگ ٿي سگهي ٿي ته پاڪستان ۾ رهيل سنڌي هندن جي حقن لاءِ پڻ جنگ ٿي سگهي ٿي."

گانڌيءَ کي گولي لڳڻ کان رڳو ڪلاڪ ڪن اڳ پروفيسر ملڪاڻي سائس مليو هو. ملڪاڻيءَ کي سنڌ مان تيل لڏپلاڻ کي منظم ڪرڻ لاءِ ان وقت ايڊيشنل هاءِ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو. گانڌي گونجندڙ پنهنجي نبر سان لفظ چيا هئا: "سيني کي ٻاهر ڪڍ. اهو ڏسج ته ٻاهر نڪرندڙن ۾ تون آخري هجين ۽ ڪهڙي کي جئج ته امن جي بحاليءَ لاءِ مان سنڌ اچڻ چاهيان ٿو. هو پلي جناح سان صلاح ڪري ۽ مون کي تار رستي اطلاع ڪري." جڏهن ملڪاڻي ڪيس ٻڌايو ته سنڌ ۾ هندو ڪيئن پنهنجي بچاءَ لاءِ مسلمانن وانگر 'جناح ٽوپي' پائين ٿا ۽ ڪيئن ڪا اردو اخبار يا 'ڊان' ڪٽي هلن ٿا ته گانڌي چيس ته هو انهيءَ شام جو پنهنجي پرارٿنا جي گڏجاڻيءَ ۾ انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪندو. افسوس، سنڌ وڃڻ- يا اتي جي زيادتين کي پڌرو ڪرڻ کان اڳ سندس ديهانت ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پندرهون

بگھڙن جي وچ ۾

هندستان کي آزادي ملي، پر اها ڏار وڌل آزادي هئي. هندستان جي انسانيت کي ولوڙڻ مان، اسان نہ رڳو آزاديءَ جو آب حيات پاتو، پر ورهاڱي جو زهر پيئڻ نصيب ٿيو. ڇا پاڪستان اٽتر هو؟ اٽتر هو بہ- ۽ نہ بہ.

مجموعي طرح ڪُل هندستان جي ورهاڱي جا ڪارڻ چڱي طرح چاتل آهن. انهن جي تهہ تائين وڃبو تہ اهي تاريخ جو حصو آهن. هندستان ۾ هندن کي مسلمانن جي تباهہ ڪُن گرفت لاءِ بيحد دک جو احساس هو. پر ٻئي طرف مسلمانن کي ڏپ هو تہ اسلام، جيڪو هر هنڌ آهي، هندستان ۾ اُن کي شهہ مات ڏني ويئي هئي. اڙدوءَ جي شاعر حاليءَ جي مشهور لفظن ۾:

وہ دين حجازي کا بيباک بيڑا
نشان جَس کا اقصائي عالم مين پهنچا
کيا پس پار جس ني ساتون سمندر
وہ ڏوبا دَهاني مين گنگا کي آکر.

(اسلام جو بي ڏپو ٻيڙو، جنهن جو جهنڊو سموري دنيا ۾ ڦڙڪيو ٿي؛ اهو ٻيڙو، جيڪو ست سمندر پار ڪري هتي پهتو، گنگا ۾ ٻڏي ويو.)

اٺويهين صديءَ ۾ هندو سماج- اٽڪ کان ڪٽڪ تائين ۽ دهليءَ کان دکن تائين- گذريل صدين جو زهر 'نيل ڪنٺ' وانگر پي، سوپارو ٿي بيٺو. اسلام ٺڌو ٿي ويو هو- ۽ هندستاني شڪل اختيار ڪري ورتي هيائين. پوءِ سال 1761ع آيو ۽ پاڻيپت جي ٽين لڙائيءَ ۾ مرهٽن جي خودمختيار حڪومت جي زوال، هندستان ۾ انگريزي راڄ لاءِ رستو کولي ڇڏيو. انهيءَ ڳالهہ وهابين ۽ ولي الله وارن جي ٻڻ تجديد ڪئي، جنهن اسلام کي، اسلامي تجديد جي توقع ۾، واپس بنياد پرستي ۽ وڌيڪ مذهبي ڪٽرپڻي ڏانهن آندو.

انهن سڀنيءَ کان وڌيڪ، ترڪيءَ جي معزول سلطان کي دنيا جي مسلمانن جي روحاني اڳواڻ جي حيثيت سان وري خليفو قائم ڪرڻ لاءِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گانڌيءَ جي خلافت تحريڪ شروع ٿي. انهيءَ ڳالهہ سياست کي فرقيوارانہ شڪل ڏني ۽ مذهبي اڳواڻن کي سياسي اڳواڻن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. راتو رات، ملان اڳواڻ بنجي ويا. سنڌ جو جيٺمل پرسرام اهو چوڻ ۾ بلڪل صحيح هو تہ "خلافت آهي آفت". هندستاني مسلمانن جو مذهبي ڪٽرپڻو هڪدم گهڻو وڌي ويو هو ۽ سندن دائرو ملڪي حدن کان ٻاهر ڦهلجي ويو هو. انهيءَ ڪري خلافت جي احتجاج، هندو- مسلمانن جي وِڇي کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيو.

گانڌيءَ جي اپيل پڻ هندن جي مذهبي کي متاثر ڪري مسئلن کي سلجهائڻ ۾ مدد ڪري نہ سگهي. سچ، اهنسا. برهم چاريہ ۽ رام راڄ جي باري ۾ سندس ڳالهہ مسلمانن کي ٿڌو ڪري ڇڏيو. ڪانگريس جون گهڻيون گڏجاڻيون ٻاڙي واري گرداوري مان 'ڪٿاهہ پرساد' ورهائڻ سان ختم ٿينديون هيون. خلافت تحريڪ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڪانگريس ڏنو تہ انهيءَ جو هڪ ئي سرگرم ڪارڪن ڪراچيءَ جو مولوي محمد صادق هو. پوءِ شڪارپور ۾ ڪامريڊ تاج محمد ڪانگريس ۾ شامل ٿيو. ڪانگريس جو رڳو هڪ مسلمان MLA جيڪب آباد جو محمد امين کوسو هو، جيڪو علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جو گرئجوئيٽ هو. پر ضلعي ڪانگريس ڪاميٽيءَ ۾ هن لاءِ جدا پاٿيءَ جي صراحي رکيل هوندي هئي! ان ۾ عجب ناهي تہ سيني محسوس ڪيو تہ " ڪانگريس هڪ هندو هلچل آهي."

تلڪ جيڪڏهن ڪجهہ هو تہ گانڌيءَ کان وڌيڪ ڳوڙهي گيان وارو هندو هو. پر جدوجهد کي سياسي، سيڪيولر رکيو هئائين- ۽ هندن ۽ مسلمانن کي يڪسان متاثر ڪيائين. گانڌي جدوجهد کي اُتاهين تائين وٺي ويو- پر ڪين ورهائي ڇڏيائين.

۽ پوءِ ٽيون عنصر هو- انگريزن جي موجودگي. انهيءَ ٻنهي طرفن کان ڪم ڪيو.

مسلمانن جي حڪمرانيءَ دوران هندن کي هيٺ رکيو ويندو هو. جڏهن مسلمانن جي هٿ جي جاءِ بي ريا هٿ ورتي تہ معاملا ڊرامائي نموني تبديل ٿي ويا. هندو پاڻ ڀرا ٿي پيا. رفتہ رفتہ، برهمن ۽ وڻش اسلام اختيار ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ لڳا. سندن علم پرائڻ ۽ واپار ڪرڻ جي صورت ۾ رنگ لائڻ لڳيون. هندو سماج جا وڏا حصا مسلمانن کي پوئتي ڇڏي اڳتي

وڌڻ لڳا.

سنڌ جي معاملي تي نظر رکندڙ هڪ ڄاڻو نشان ڏهي ڪئي: "آفيسون هندن سان ڀريل آهن ۽ جيل مسلمانن سان ڀريل آهن." وچئين دؤر ۾ ڀاڙون ڪتل مسلمان ذهين ۽ اڃا تائين مغل شهنشاهيت جي لهندڙ سج تي هٿ سيڪيندڙ، جديد دؤر جي تيز رفتار سگهه کي سمجهي نه سگهيو. هن آزاديءَ جي هلچل ۾، هنگامو ڪرڻ يا پانو اڇلائي هڙتال ڪرڻ سان،نئين صورتحال تي پنهنجو رد عمل ظاهر ڪيو.

ٻئي طرف، جڏهن هندن آزاديءَ جي گهر ڪئي ته انگريزن مسلمانن کي نوازشن ۽ عنايتن جي عيوض پنهنجي پاسي ڪيو- ۽ پوءِ هندستان جي آزاديءَ کي روڪڻ لاءِ مسلماني مت ڀيد کي ويٽو طور استعمال ڪيو. ان وقت هندن مسلمانن کي ٻئي جي هٿ جو ڪيڏوڻو ۽ غدار جي روپ ۾ ڏٺو.

اهو هو سموري هندستان جو تناظر، جنهن ۾ آزادي ملي. پر انهيءَ ۾ مقامي سنڌي تناظر پڻ هو، جنهن ئي معاملن کي خراب ڪيو.

سنڌ ۾ هندو- مسلم ڇڪتاڻ ۾ وڏي ۾ وڏو واحد عنصر مذهب مٽائڻ جو هو،جيڪو برطانوي راڄ ۾ پڻ جاري رهيو. انهن واقعن صوبي کي جهنجهوڙي ڇڏيو ۽ ٻنهي فرقن جي ناتن کي زهريلو ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڏس ۾ جيڪو سڀ کان سنسني خيز واقعو ڄاتو ويو- ۽ شايع ٿيو- اهو هو 'شيخ جو مقدمو' (The Great Shaikh Case) 1891ع ۾، حيدرآباد جي هندن جي مکي، شوقيرام آڏواڻيءَ جو سؤٽ، موزج مل آڏواڻي مسلمان ٿيو. ساڻس گڏ سندس ٻي پٽ پڻ مسلمان ٿيا. منجهائنئن هڪڙي ميوارام، پنهنجي زال مٺي بائي سندس ڄڻن ٻارن سميت- خوشحالي، نهالي، پرمانند ۽ هيميءَ کي پاڻ سان شامل ٿيڻ لاءِ چيو. پر هن انڪار ڪيو. ميوارام گارجين اينڊ واردس ائڪٽ هيٺ حيدرآباد جي انگريز سيشن جج وٽ ٻن وڏن ٻارن جي قبضي لاءِ مقدمو داخل ڪيو. سندن انهيءَ ڳالهه کي پنهنجي لاءِ للڪار ڄاتو. شوقيرام جي پٽن نولراءِ ۽ تاراچند مقدمي کي منهن ڏيڻ لاءِ 25.000 رپين جي رقم گڏ ڪئي. جيو وچي ٿو ته مسلمانن 40.000 رپيا گڏ ڪيا. هندن پاران، جٺرام داس جي پيءُ دولت رام مقدمي جي پيروي ڪئي ۽ مسلمانن ڪراچيءَ جي مدرسةالسلام جي حسن علي آفندي کي

وڪيل ڪيو. باهہ تي تيل پئجي چڪو هو.

خوشحالي، جيڪا ان وقت انن ورهين جي هئي، ڪورٽ اڳيان چيو تہ هن لاءِ سندس پيءُ تڏهن ئي مـري چڪـو هو. جڏهن هن پنهنجو ڌرم ڇڏيو هو. هن چيو تہ جيڪڏهن ڪورٽ ڪي ڪيس پٽس جي حوالي ڪرئو ئي آهي تہ اول ڪيس قاسي ڏيڻ جي مهرباني ڪئي وڃي. ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ ٻنهي ڇوڪرين کي ميـوارام جي حـوالي ڪرڻ ڏوهہ تـيندو. ميـوارام هاءِ ڪورٽ ۾ ويو، پر انهيءَ وچ ۾ ٻنهي ڇوڪرين جي شـادي ڪرائي ويئي ۽ ڪورٽ اپيل رد ڪري ڇڏي. ميوارام پوءِ چاليهہ اُنن تي هٿياربند مسلمان آندا تہ جيئن ٻنهي ڇوڪرين کي زوري ڪڻائي وڃي سگهي، پر ٻئي ڀنئين در مان نڪري ڀڄي ويون. مٽي ٻائي ۽ سندس پار پوءِ امرتسر دربار جي سنڀال ۾ هليا ويا، جو مسـلامنن سِکن کـان ڪن تي هنيـو. سندس پٽ پرمـانند (P.M. Aadvaani) ڪراچيءَ جي انڏن جي اسـڪـول جي پرنسـپال جي حيثيت سان نالو ڪڍيو.

جلد ئي پوءِ، آچاريا ڪرپالاڻيءَ جو وڏو ڀاءُ ڏيئو مل مسلمـان تي شيخ عبدالرحمان ٿيو. جيئن هن پنهنجي وڏي ڀاءُ، ٺاڪرداس جبي جيئري مسلمـاان ٿـيڻ جي همٿ نٿي ڪئي تنهنڪـري هو ڪيس پنهنجي مسلمـان دوستن سـان گڏ قليلي واهہ ۾ ترڻ لءِ وٺي ويو ۽ اتي ڪيس ٻوڙي مارياڻين. ڪجهہ وقت کان پوءِ، جڏهن سندس وڏوا ڀاڇائي پنهنجي ماءُ سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري تہ ڪيس زوري ڇڪي ٻاهر آيو- ۽ ڪيس مسلمـانن جي پاڙي ۾ وٺي ويو. ان کان پوءِ سندس ڪابہ سڌ نہ پيئي. جلد ئي پوءِ، ڏيئومل ٻاڻ مسلمـان ٿيو. پوءِ هن پنهنجي ٻارنهن سالن جي چمار واري نندي ڀاءُ نانڪ کي اسڪول مان اغوا ڪيو ۽ ڪيس مسلمان ڪرائي، سرحد ڏانهن موڪلي ڇڏيائين. نانڪ 1911ع ۾ انليءَ جي خلاف ترڪن لاءِ وڙهندي مارجي ويو.

انهن نؤ مسلمانن لاءِ اهو مسئلو هو تہ پراڻن مسلمانن مان سنگن جي ڏي وٺ ڪرڻ نٿي گهري، تنهن ڪري انهن گهڻن هندن کي مسلمـان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي- تہ جيـئن سندن سنگاوت جو دائرو وڏو ٿـئي. 1908ع ۾، ٺٽي، جي رهاڪو جينـانند ليلارام مسلمـان تي شيخ عبدالمجيد ٿـيو. جيئن تہ هو ان وقت ويهن ورهين کـان ٽپي ويو هو. تنهن ڪري هو مقدمو ڪٽي ويو. پر مقدمي جي وڪالت غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ کي سياسي

اڳواڻ بنائي ڇڏيو.

لاڙڪاڻي جي پرسان، امروٽ جي رهاڪو، مولانا تاج محمد امروٽي، جيڪو خلافت تحريڪ جو وڏو اڳواڻ هو. ڀرڇونڊيءَ جي ست هزار هندن کي مسلمان ڪيو، جن جي فهرست اڄ تائين امروٽ ۾ سنڀالي رکيل آهي.

1927ع ۾ لاڙڪاڻي جي ڪريما. پنهنجي ڇئن ٻارن سان هڪ هندوءَ سان ڀڄي ويئي ۽ سائنس هندو تي ڪَسَ رهڻ لڳي. هن مقدمو ڪيو. مسلمانن دڪانن ۾ ڦرلٽ ڪئي. هندن 80 مسلمانن کي ذميدار ٺهرايو. جن ۾ کهڙو پڻ شامل هو، جيڪو پوءِ سنڌ جو وڏو وزير ٿيو. سينيءَ کي آزاد ڪيو ويو. پر تلخي وڌي ويئي.

سکر جي پرسان واقع ساڌ ٻيلي جي ٻاوي هرنامداس اها صورتحال پوري طرح جناح کي ٻڌائي، جڏهن 1930ع ۾ هو انهيءَ ٻيٽاريءَ جي مندر ۾ سائنس ملڻ آيو ۽ سؤ رپيا پينا ڏني هئائين. جناح ڪانئس سنڌ ۾ فرقيوارانه ڇڪتاڻ جو ڪارڻ پڇيو. ٻاوي سنڌيءَ ۾ وراڻيو: ”شيخ پٽ شيطان جو، نه هندو نه مسلمان جو.“

وڏيڪ ڇڪتاڻ بحث مباحثن ۽ مناظرن سان وڌي. هندو ڌرم تي مُلائن جي حملن جي جواب ۾ نٿو رام ’اسلام جو اتهاس‘ لکيو. ڪيس ارڙهن مهينا جيل جي سزا ۽ هڪ هزار رپيا ڏنڊ وڌو ويو. هن سنڌ جي چيف ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي. ڪن مسلمانن کي ڊپ هو ته ڪيس آزاد ڪيو ويندو. تنهن ڪري عبدالقيوم ڪُلي ڪورٽ ۾ ڪيس خنجر هڻي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن او سَليوان (O Sullivan) جج ڪانئس انهيءَ جو ڪارڻ پڇيو ته عبدالقيوم وراڻيو ته اسلام جي بي حرمتيءَ جي سزا رڳو جيل نه. پر موت هئڻ گهرجي. قيوم کي ڦاسي ڏني ويئي. حڪومت قيوم جو لاش مسلمانن کي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جن انهيءَ جي باوجود، لاش قبر مان ڪوني ڪڍيو ۽ جلوس ڪڍيائون. اهو 1934ع ۾ زمانو هو. جڏهن انگريز قانون سان هٿ چراند ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندا هئا. تنهن ڪري مجريل سنڌ جي ڪمشنر. گبسن (Gibson) مشين گن ڇوڙڻ جو حڪم ڏنو. جنهن سان چوهٺ مسلمان مارجي ويا. جنهن هندو- مسلم تعلقات کي خراب ڪيو.

ٻيو منجهائيندڙ عنصر سنڌ جي صورتحال جو هو. سنڌ بمبئي

پريزيڊنسيءَ جو حصو هئي. انهن ڏينهن ۾ وڏا صوبا تمام ٿورا هئا. پر مختلف جاگرافيائي ۽ ٻوليءَ جو صوبو هجڻ ڪري سنڌ پاڻ کي ڏورانهين هنڌ واري حيثيت سان نظرانداز ٿيل محسوس ڪيو. 1913ع ۾، هرچندراءِ وشن داس ڪانگريس جي ڪراچيءَ واري اجلاس جي استقباليا ڪاميٽيءَ جي چيئرمين جي حيثيت سان، سڀ کان پهرين سنڌ جي عليحدگيءَ جو سوال اٿاريو. پر جڏهن 1925ع ۾ مسلم ليگ جي علي ڳڙهه واري اجلاس ۾ اهو سوال کنيو ويو نه انهيءَ 'سنڌي گهر' کي 'مسلمان گهر' ۾ تبديل ڪيو ويو. پر جڏهن اها صلاح ڏني ويئي ته سنڌ جي مسلم اڪثريت کي ڏورانهين بمبئي جي هندو اڪثريت کان جدا ڪري، پر واري پنجاب جي مسلم اڪثريت سان ڳنڍيو وڃي ته سنڌي مسلمانن انڪار ڪيو جو هنن 'وڏي ڀاءُ' جي ڀاڃي هيٺ رهڻ نٿي گهريو.

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾، مسلمانن جي اڪثريت عليحدگيءَ جي حمايت ڪئي. پر اهم اڳواڻن جهڙوڪ سر شاهنواز ڀٽو (ذوالفقار علي ڀٽو جو پيءُ) ۽ سر غلام حسين هدايت الله مخالفت ڪئي ۽ اهڙي طرح ڊگهي عرصي تائين 'سنڌ مسلم ايسوسيئشن' مسلمانن جي رروشن خيال طبقي جي نمائندگي ڪئي. ڪن صوبي جي پاڻ پرئي هئڻ جي پڪ نه هئي جو منجهس ٻه ڪروڙ رپين جي کوٽ هئي. انهن وڏي ۽ خوشحال بمبئي پريزيڊنسيءَ هو حصو هجڻ کي پسند ٿي ڪيو.

هندو، جيڪڏهن هئا ته، پاڻ وڏيڪ ورهايل هئا. جيٺمل پرسرام هميشه عليحدگيءَ جو حمايتي هو. جئرام داس دولت رام هميشه ان جو مخالف هو، ۽ ٻيا وقت ۽ حالتن سان پنهنجا پاسا بدلائي رهيا هئا. عليحده سنڌ جي معنيٰ هئي، مڪمل صوبائي ڍانچو ۽ نتيجي ۾ نوڪرين ۾ واڌارو، جن مان گهڻيون اڻ ٿر طور هندن کي سندن تعليم يافته هئڻ ڪري ملنيون هيون. خود مختيار سنڌ ۾ هو اقتصادي، ثقافتي، ۽ ٻين شعبن ۾ پنهنجي پيرن تي بيهندا. پر اهي مسلم اڪثريت کان پڻ ڊنل هئا- جنهن مان سندن تحفظ جي مراد ٿي سگهي ٿي.

اها ڳالهه ڪافي دلچسپ اهي ته انهيءَ موضوع تي باقي بمبئي وارا پڻ ٻن خيالن جا هئا: هنن بمبئي کي جيڪب آبادڪان حبلي- ڏوار تائين ڦهليل ڏسڻ چاهيو ٿي. پر انهن سنڌي مسلمان MLAs کي مڪمل طور

ناپسند ، ني ڪيو. جن هميشہ انگريز نوڪر شاهيءَ جي اشارن تي ناچ نچي ڪيو. 1928ع جي نهرو رپورٽ عليحد گيءَ جي حمايت ڪئي.

گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ، ٻنهي ڌرين جي ٽيهن اڳواڻن 1928ع ۾ 'سنڌ هندو مسلم ناهه' صحيح ڪيو. جنهن ۾ چاٽايل هو:

(١) سنڌ کي جدا ڪيو ويندو.

(٢) هندن کي ڌهہ سيڪڙو ملندو.

(٣) سنڌ ۾ گڏيل چونڊون ٿينديون.

(۴) سڀنيءَ سان انصاف ۽ برابريءَ وارو ورتاءُ ڪيو ويندو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سکر ۾ 'سنڌ هندو ڪانفرنس' ناهہ کي برقرار رکڻ ۾ ناڪام ويئي. سکر جي ساڌ ٻيلي وارو ٻائو هرنام داس عليحده سنڌ کي قبولڻ ۾ مسلمانن جي اڳرائيءَ کان گهڻو خائف هو. (جيڪڏهن اها ڪانفرنس ڪراچي يا حيدرآباد ۾ ٿئي ها تہ اها گهڻو ڪري ناهہ کي بحال رکي ها.) اُن وقت هندن چيو تہ اهي عليحده سنڌ کي ان صورت ۾ قبول ڪندا جيڪڏهن سموري ملڪ ۾ گڏيل چونڊون ڪرايون وينديون. اها ڳالهہ وڏي ذهن واري فراخدلانہ تہ هئي پر حقيقت پسندانہ نہ هئي.

هندن جو پنهنجي ڳالهہ تان ڦري وڃڻ تباهي مثل هئي. 'سائمن ڪميشن' ۾ انهيءَ اسم تي ڳنڍ پئل هئي. پر 1930ع ۾ جيئرمين پنهنجو ووٽ عليحد گيءَ جي حق ۾ ڏيئي ڇڏيو. 1932ع ۾ سنڌ جو عبدالله هارون اوٽاوا امپيريل ٽريڊ ڪانفرنس ۾ انگريزن جي مفادن لاءِ ويو. جن سائنس سنڌ جي عليحد گيءَ جو وعدو ڪيو. اهڙي طرح ١ اپريل 1936ع تي. سنڌ انگريزن طرفان مسلمانن لاءِ انعام طور جدا صوبي جي حيثيت سان وجود ورتو.

انهيءَ جي باوجود صورتحال ڪافي بهتر هئي. هر ڪنهن نئين ورهاڱي کي ٻَر اميد تي ڏٺو ٿي. جيڪا خوف ڳاڏڙ نہ هو. سر شاهنواز ڀٽي مسلم ليگ جي نقط نظر کي پيش ڪندڙ مشهور اخبار 'الوحيد' جي خاص نمبر .آزاد سنڌ' (16 جون 1936ع) لاءِ پنهنجي پيغام ۾ چيو:

"سنڌ. پنجاب ۽ بنگال جي صورتحال خراب صورت اختيار ڪرڻ جو چتاءُ ڏيئي رهي آهي. مان چاهيان ٿو تہ سنڌ باقي هندستان جي عمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ. هندو- مسلم مسئلي ڪي حل ڪرڻ جو جس ڪني.“ پر پوءِ جي اسيمبليءَ جي چونڊن جي نتيجي انهن اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. چونڊن ۾ 24 نشستون پيٽي جي پارٽيءَ کي، 6 نشستون غلام حسين جي مسلم پوليٽيڪل پارٽيءَ کي، 5 نشستون عبدالمجيد جي آزاد پارٽيءَ کي- سڀ مسلمان، 9 نشستون ڪانگريسين کي، 3 نشستون انگريزن کي، 1 نشست مزدور نمائيندي (نارايڻ داس بيچر) کي، 1 نشست عورتن جي نمائنده (جيٺي سپاهي ملاڻي) کي ۽ 11 نشستون آزاد هندو اميدوارن کي مليون.

پر سر شاهنواز پيٽو پاڻ. آزاد پارٽيءَ جي شيخ عبدالمجيد ڪان هارائي ويو، جنهن ثبوت جي طور قران مٿي تي کڻي مهم هلائي هئي ته هو بهتر مسلمان آهي! گورنر حڪومت ٺاهڻ لاءِ اتحاد پارٽيءَ جي اڳواڻ کهڙي کي نه، پر انگريزن جي پراڻي دادلي، سر غلام حسين (1878ع-1948ع) کي دعوت ڏني، جنهن کي جيتوڻيڪ رڳو پنجن ميمبرن جي حمايت حاصل هئي. هڪ ڀيرو ڪرسيءَ تي ويهڻ سان، سر غلام حسين اڪثريت ۾ هئڻ جو انتظام ڪري ورتو. (جيئن اڄ ڪلهه هرياڻه صوبي ۾ پچن لال ڪيو آهي.) هن آزاد هندو ميمبرن مان هڪ کي انسپيڪٽر بنائي پنهنجو ڪري ورتو. پر 1938ع جي شروع ۾ حڪومت ڊهي پيئي. انهيءَ وچ ۾ کهڙو مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويو ۽ اتحاد پارٽيءَ جو نئون اڳواڻ، 38 سالہ، الله بخش سومرو وڏو وزير ٿيو.

الله بخش (1900ع، 1943ع) سنڌ جو بهترين وڏو وزير هو، جنهن جهڙو پيو ڪو ورلي ٿيو هوندو. جيتوڻيڪ هو زميندار ۽ سرڪاري ٺيڪيدار هو، پر هميشه کاڌي پائيندو هو. حڪومت جي واڳ سنڀاليندي ئي عبيدالله سنڌي (1872ع-1944ع) تان ملڪ بدر ڪرڻ جو حڪم واپس ورتائين. جيڪو اولهه- ايشيا ۾ پنهنجا جلاوطنيءَ جا ڏينهن ڪاٽي رهيو هو. (مسلم ليگ عبيدالله سنڌيءَ کي آجياڻو ڏنو. پر جڏهن انهن ”مسلم هو تو مسلم ليگ ۾ آئو“ جو نعرو هڻڻ شروع ڪيو ته هو احتجاج وچان ٻاهر هليو ويو. هو ’سنڌو نربدا پارٽي‘ جي باري ۾ سوچي رهيو هو.) الله بخش وڏيرن کي ڏنل مئجسٽريٽ جا اختيار واپس ورتا. هن ڪانگريسي نقط نظر اختيار ڪيو ۽ وزيرن جو پگهار 500 رپيا مقرر ڪيائين. مڪاني ادارن ۾ نامزدگيءَ جو انت آيو. پاڻ کي عوام رواجي ماڻهو سمجهندڙ الله بخش، ڊرائيور جي

پرسان ويهندو هو. موٽر تي ڪڏهن به سرڪاري جهنڊو نه لڳائيندو هو ۽ ڪڏهن به ڪو آجياڻو يا پارٽي قبول نه ڪيائين. ريل گاڏيءَ ۾ ٻين کي وڌيڪ سهوليت واري هيٺين سيٽ استعمال ڪرڻ لاءِ، هو مٿيون برٿ استعمال ڪندو هو. هڪ ڀيري جڏهن شڪارپور ۾ ٻوڏ جو خطرو ٿي پيو ته واهه کي ٽڪو ڏياري پنهنجي زمين کي ٻوڏ هيٺ آڻي ڇڏيائين- ۽ شهر کي بچايائين. پر سنڌ سڀ کان وڏي ڳالهه اها هئي ته هو غير فرقي پرست ۽ قوم پرست هو.

فرقي پرست مسلمانن لاءِ کيس وڏي وزير جي عهدي تان هٽائڻ لاءِ اهو وڏو سبب هو. 1938ع ۾ ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي هڪ وڏي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي، جنهن ۾ ليگ جي اڳواڻن هندن، ڪانگريس ۽ الله بخش جي خلاف خوب واويلا ڪئي. انهيءَ ڪانفرنس عربستان جي واريءَ، ڪجيءَ جي وڻن ۽ مٽي تي پڌل عرب گهوڙيسوارن سان مڪمل آراسته 'ڪلائيندڙ سنگت- ناٽڪ' جو ڏيک ٿي ڏنو. انهن هڪ ٺهراءُ بحال ڪيو، جيڪو هندن ۽ مسلمانن جي 'ٻن قومن' جي خود ارادي جي باري ۾ هو. پير علي محمد راشدي محسوس ڪيو ته محمد علي جناح انهيءَ ٺهراءُ کان غير متعلق هو. "هن اسان کي رڳو اهو هڪ اشارو، هڪ ڌمڪي، هڪ سياسي هٿيار جي طور استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني." انهيءَ پويان حقيقي مقصد ڪنهن طرح الله بخش جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ هو. ڪين 29 مسلمان ميمبر ليگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ملي ويا. اهي 3 يورپي ميمبرن جي مدد سان پنهنجي حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پر جڏهن بي اعتماديءَ جي رٿ پيش ٿي ته منجهائڻ رڳو 7 ميمبرن حمايت ۾ ووٽ ڪيو ۽ ليگ جو اڳواڻ هدايت الله خود اها پارٽي ڇڏي الله بخش جي وزارت ۾ شامل ٿيو.

حقيقت ۾ سنڌ ۾ ليگ جون پاڙون مضبوط نه هيون. جڏهن ليگ جيڪب آباد ۾ جناح لاءِ عام جلسي جو اعلان ڪيو ته ان جلسي ۾ ڪوبه حاضر نه ٿيو. راشديءَ کي پنهنجي مقامي دوست حڪيم قائم الدين کي گذارش ڪرڻي پيئي ته هو جلسي ۾ ماڻهو ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ پنهنجي هندو دوستن کي چوي. هندن، سڻن دوستن جي حيثيت سان اها مهرباني ڪئي. ايتري قدر جو هن پنهنجون 'گانڌي ٽوپيون' پاڻ جي بدران، اهي ڪيسن ۾ وجهي ڇڏيون، جيئن جناح کي تڪليف نه ٿئي. پر انهن روءِ ۾ اچي 'جناح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنده آباد' جو نعرو هڻڻ کان انڪار ڪيو.

پر مسلم ليگ پنهنجي شرارت ۾ هوڏ بڌي بيٺي. بدين پرسان واقع، لواريءَ جي پير، انهن ماڻهن لاءِ، جيڪي عربستان وڃڻ جو خرچ برداشت نٿي ڪري سگهيا، مقامي طور حج ادا ڪرڻ جو انتظام ڪيو. اهو سلسلو 1934ع تائين جاري رهيو. زائرين ذوالحج مهيني ۾ گڏ ٿي، درگاهه تان موٽندي نماز پڙهي، مقامي کوهه 'زم زم' تي ويندا هئا ۽ پير کي 'خدا' جي نالي سان مخاطب ٿيندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ' حاجي' چئي مبارڪ ڏيندا هئا. انهن ويچارن کي انهيءَ مان روحاني اطمينان حاصل ٿيندو هو. پر ڪٽر مذهبي ماڻهن انهيءَ عمل کي غير اسلامي ڪوٺي رد ڪيو، اشتعال ۾ اچي احتجاج ڪيائون، ۽ ان تي بندش وجهڻ لاءِ 1938ع ۾ الله بخش تي زور وڌائون.

انهيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ٿيڻ ڪري، ليگ جي ٻڪ وڌيڪ تيز ٿي. انهيءَ وچ ۾ هندن جي دٻاءَ هيٺ حڪومت، سنڌ سيڪريٽريٽ پرسان آرٽيلري ميدان تي واقع هڪ ننڍي غير قانوني مندر کي بحال ڪيو ۽ اوم منڊلي- جيڪا تڏهن برهم ڪمارين جي تنظيم بڻجي چڪي هئي. تي بندش وڌي. انهن سمورين ڳالهين، ليگين جي انهيءَ ويساهه کي همٿايو ته حڪومت کي هيسائي سگهجي ٿو. هاڻي انهن الله بخش جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي مزاحمت ڪرڻ جو اهتمام ڪيو.

سکر ۾، سنڌوءَ جي ڪناري، هندن جي ساڌ ٻيلي جي ڀيٽاريءَ ۾ مندر پرسان، ڪجهه ڊڪل ڊانچن تي مشتمل منزل گاهه جي عمارت هئي. اها گهڻي عرصي کان سرڪاري گودام جي طور استعمال ٿيندي هئي. مسلمانن انهيءَ لاءِ مسجد هئڻ جي دعويٰ ڪئي. هندن انهيءَ دعويٰ کي غلط ڪوٺيو جو ڪين ڊپ هو ته ساڌ ٻيلي جي پرسان مسجد هئڻ اختلاف ۽ ڇڪتاڻ کي وڌائيندو.

الله بخش ٻن ڀيڙين جي وچ تي هو. ڪانئس اڳ، غلام حسين منزل گاهه کي سرڪاري ملڪيت قرار ڏئي مسلمانن جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. الله بخش مسلمان آفيسرن کي منزل گاهه جي جاچ ڪرڻ لاءِ موڪليو. انهن واپس اچي ٻڌايو ته پٿر تي اڪريل پراڻي فارسي لکت مان پتو پوي ٿو ته اها هڪ سراءِ هئي ۽ ان ۾ 'محراب' پوءِ جو واڌارو آهي. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪي بريساني بيدا ڪرڻ تي بضد هئا. انهن 3 آڪٽوبر کان 19 نومبر 1939ع تائين، جي- ايم- سيد، کهڙي ۽ سر عبدالله هارون جي اڳواڻيءَ ۾ منزل گاهه تي زوريءَ قبضو ڪيو. 1 نومبر 1939ع تي مشهور ڳائڻو- سنت، ڀڳت ڪنور رام کي رُڪ ريلوي اسٽيشن تي بندوق جي گولي هڻي ماريو ويو- ۽ ڪو به ماڻهو گرفتار نه ڪيو ويو. سکر ضلعي ۾ پندرهن ڏينهن مڪمل هڙتال رهي. جڏهن صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر ڀمناڻي چيو ته ڀڳت ڪنور رام کي پير پر چونديءَ واري ماريو آهي. (اڳ ۾ پير جي پٽ کي هندو ڇوڪرين جي اغوا سبب مار ڪڍي ويئي هئي.) ڪيس به بندوق جي گولي هڻي ماريو ويو. سنڌي هندن ۾ هراس ڇانئجي ويو.

پر خارب ڏينهن ته اڃا اچڻا هئا. اها عام ڳالهه هئي ته ڪٿ هندوءَ کي مارڻ ست حج ادا ڪرڻ جي برابر آهي. سکر جي ڀرپاسن ۾ 64 هندن کي قتل ڪيو ويو ۽ لکين رپين جي ماليت جي برابر ملڪيت کي ڦريو يا ساڙيو ويو. اهڙي اشتعال انگيز ماحول ۾ اسيمبليءَ جي ايوان ۾ جي-ايم- سيد اعلان ڪيو ته هندن کي سنڌ مان ائين لوڌي ڪڍيو ويندو جيئن يهودين کي جرمنيءَ مان ڪڍيو ويو هو. انهيءَ بيان تي گهڻو پوءِ جي-ايم- سيد کي تمام گهڻو افسوس ٿيو. پر جيڪو نقصان ٿيڻو هو سو ٿي چڪو.

اها ڏکوئيندڙ صورتحال هئي، جنهن ۾ ڪانگريس کي الله بخش جي مشڪلات کي سمجهڻ گهرجي ها. هيءُ اهو شخص هو، جنهن 1940ع ۾ آل انڊيا آزاد ڪانفرنس جي صدارت ڪئي ۽ چيو هئائين: "هندستان ۾ مسلمان جدا قوم جي حيثيت سان مذهب جي بنياد تي غير اسلامي آهي." ۽ ڪانگريس کي سمجهڻ گهرجي ها ته هو منزل گاهه جي معاملي ۾ ڇو ڀڏتر ۾ هو. گانڌي 'هريجن' (2 ڊسمبر 1939ع) ۾ درست چيو هو ته بنيادي مسئلو اهو هو ته خود انتظامي سنڌ لاءِ نئين ڳالهه هئي. "سنڌ نالي ماتر خودمختيار آهي ۽ گذريل حڪومت جي پيٽ ۾ جان ۽ مال جي تحفظ ڏيڻ جي حد تائين گهٽ اهل آهي. ڇاڪاڻ جو ڪيس پوليس يا فوجي فن ۾ اڳ سکيا مليل ناهي." پر ڪانگريس الله بخش جي وزارت کي ڊاهڻ ۾ مسلم ليگ جو ساٿ ڏنو! (۽ جڏهن اسيمبليءَ جي اڪيلي ڪانگريسي مسلمان ميمبر محمد امين کوسي مخالفت ڪئي ته ڪيس پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو!) انهيءَ کان به ڏينهن اڳ، 25 مارچ 1940ع تي اهو سنڌ جي ڪانگريس طرفان مسلم ليگ

لاءِ وڏو تحفو هو. جڏهن پارٽيءَ جو لاهور ۾ اجلاس ٿيو ۽ ورهاڱي جو ٺهراءُ منظور ٿيو. مسلمان اڳواڻن پوءِ قبول ڪيو تہ منزل گاهہ جو معاملو 'هتراڌو' تڪرار هو. جيڪو رڳو الله بخش جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ رچايو ويو هو.

هندن ڪي سنڌ جي ڪانگريسين جي ڪوتاهہ نظريءَ تي صدمو پهتو. پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي سردار پٽيل کي انهيءَ باري ۾ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ خط لکيو. ۽ سردار پٽيل ڪيس ورندي موڪلي: "مون کي اوهان جو 1 مارچ 1941ع جو لکيل ڏک ڀريو خط مليو. اسان جي سنڌ جي ڪانگريس اسيمبلي پارٽيءَ جي دوستن اهڙو رستو اختيار ڪيو آهي، جيڪو تنظيم ٽوڙي انهن لاءِ خود بدناميءَ جو سبب آهي..... ڏسجي ٿو تہ سکر جي هندو پنچايت ڪين زوري ڪنهن حڪمت عمليءَ تي آٽڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. هو اُها اختيار نہ ڪن ها. جيڪڏهن سندن وس ۾ هجي ها يا ڪانگريس جي اُصولن جي پيروي ڪرڻ لاءِ وٽن گهربل سگهہ هجي ها..... هو پنهنجي انهيءَ قلم سان لاڳاپيل ملڪ جي وسيع تر مفاد جي ڳالهہ ڪن ٿا. جڏهن تہ اهو وساري ٿا ڇڏين تہ وسيع تر مفاد ڪان گهڻو گهٽ، مقامي مفادن لاءِ بہ ڪم نٿا ڪن.

ٻني سال ٻيڪ جي وزارت ڌهي پيئي ۽ الله بخش جي حڪومت واپس اقتدار ۾ آئي. پر نقصان ٿي چڪو هو. مسلم ليگ جون شاخون 30 مان وڌي 400 ٿائين پهچي چڪيون هيون. ليگ جي انهيءَ هڪ سال دوران، انگريز آفيسرن فرقيوارانہ مقصد جي پورائي لاءِ پنهنجو پاڻ کي بدناميءَ سان ڍڪي ڇڏيو.

جسٽس ويسٽن (Justice Weston) کي منزل گاهہ جي فسادن جي معاملي جي جاچ لاءِ مقرر ڪيو ويو. جڏهن مسلم انجمن، تشدد ڪرڻ جو مسلم ليگ تي الزام ڏريو تہ جج ڦري انهن جو طرفدار ٿي ويٺو. جڏهن ڏريون ۽ جج منزل گاهہ جي سر زمين جو معائنو ڪرڻ ويا تہ ليگ جي 'وڪيل' پير علي محمد راشدي، ويسٽن جا بوٽ پنهنجي هٿن ۾ کنيا ۽ اهي منهہ جي چانو ۾ رکيائين تہ جج جي جسم مان لهر ڊوڙي ويئي. جڏهن سڀ ٻاهر نڪتا تہ راشدي وري بوٽ کنيا ۽ ويسٽن جي پيرن اڳيان رکيائين. جج خوشيءَ ۾ نہ ماپي، بنيادي ساڃاهہ ٻڻ وڃائي ويٺو. جڏهن اهو قافلو روهڙيءَ ڏانهن روانو ٿيو تہ هو پنهنجي موٽر کي ڇڏي، راشديءَ جي موٽر ۾ ويٺو.

رانديون پنهنجي يادگيرين ۾ لکي ٿو ته انهيءَ ڏينهن مونر ۾ ويسٽن ڪانئس اندري قدر نحيو ته هاڻي مسلمان ساڌ ٻيلي ٿي ڪڏهن تا پنهنجي دعويٰ ڪن. انهيءَ ۾ ڪو عجب ناهي ته ويسٽن پنهنجي رپورٽ ۾ فسادن لاءِ هندن کي ذميوار ٺهرايو آهي. انهيءَ ساڳئي رياڪار جج کي پوءِ منزل گاهه جي معاملي کي فيصل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. منزل گاهه جو معاملو ختم ته ٿيو- پر سنڌ ۾ هندو- مسلم دوستيءَ کي زوراڻتو ڌڪ هڻڻ کان اڳ ختم نه ٿيو-

الله بخش جي حڪومت وري آئي، پر انگريزن جو زور هاڻي ڪيس حڪومت کان ٻاهر ڏسڻ ٿي هو. جڏهن 'هندستان ڇڏي وڃو' هلچل شروع ٿي ته هن پنهنجو پراڻو 'خان بهادر' جو خطاب (Order of British Empire) OBE واپس ڪيا. هن نيشنل ڊفينس ڪائونسل مان پڻ استعيفا ڏيئي ڇڏي. تڏهن گورنر مٿس سندس اعتماد جو اعلان ڪيو اسيمبليءَ جو اعتماد هئڻ جي باوجود ڪيس معزول ڪري ڇڏيائين. ڪجهه مهينن کان پوءِ. جڏهن هو پنهنجي اباڻي شهر شڪارپور ۾ ٽانگي تي وڃي رهيو هو ته ڪيس ڏينهن ڏٺي جو قتل ڪيو ويو. لبڪ جي وزير کهڙي تي تهمت لڳي، پر هو شڪ جي فائدي ۾ سزا کان بچي ويو.

انهيءَ وچ ۾ انگريزن جي ليگ لاءِ رياڪاري جاري رهي. 1946ع جي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ 28 ليگي، 22 ڪانگريسي 7 مسلم ليگ جا مخالف اميدوار چونڊجي آيا ۽ 3 يورپي ماڻهن کي نامزد ڪيو ويو. 22 ڪانگريسين ۽ 7 مسلم ليگ جي مخالفن اتحاد ناهيو. ليگ کان اتحاد جو هڪ ميمبر وڌيڪ هو. پر گورنر سرفرينسز مودي (Sir Francis Mu-die) مسلم ليگ وزارت کي نامزد ڪيو ۽ نامزد ٽن يورپي ميمبرن کي سندس حمايت ڪرڻ لاءِ چيائين!

پوءِ به، 60 ميمبرن جي ايوان ۾ هڪ ليگي چونڊيل اسپيڪر سان ليگ جا ميمبر گهٽجي 29 جي ڳاڻيٽي تي بيٺا. پر گورنر اسيمبليءَ جو اجلاس نه ڪوٺايو. انهيءَ کان وڌيڪ اها ڳالهه ٿي جو جڏهن مير بنده علي خان ٽالپر ليگ کان عليحدگي اختيار ڪئي ته گورنر ڏانهس پنهنجي سيڪريٽريءَ کي وزارت جي وعدي سان ليگ ۾ وري شامل ٿيڻ لاءِ چورائي موڪليو. جڏهن اسيمبليءَ کي ڪانسٽيٽيوئينٽ اسيمبليءَ لاءِ سنڌ جا نمائندا چونڊنا

هئا تہ انهيءَ ڏينهن گورنر ايوان ڪي اهو چئي مهمل ڪري ڇڏيو تہ اهو اجلاس عدم اعتماد جي تحريڪ اڪلائڻ لاءِ مقرر ٿيل هو. سندس بهانو اهو هو تہ اسيمبليءَ، جيڪا ڪانسٽيٽوئينٽ اسيمبليءَ لاءِ ميمبر چونڊڻ لاءِ گهرائي ويئي آهي، اها ٻيو ڪو معاملو هلائي نٿي سگهي. اها ڳالهہ ڪافي دلچسپ آهي تہ ساڳئي وقت پنجاب جي انگريز گورنر پنجاب اسيمبليءَ کي غير ليگي خضر حيات حڪومت جي مخالف عدم اعتماد جي تحريڪ ڪٽڻ جي اجازت ڏني، جيتوڻيڪ کيس پڻ ڪانسٽيٽوئينٽ اسيمبليءَ لاءِ نمائندا چونڊڻ لاءِ ڪوٺايو ويو هو.

بوءِ جڏهن آئيني طور سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس ڪوٺائڻ لازم ٿيو تہ گورنر اهو نہ ڪوٺايو- جاڪاڻ جو ليگ جي اڪثريت 25 ٽائين گهٽجي ويئي هئي. ان جي بدران هن اسيمبليءَ ٽوڙي ڇڏي ۽ نيون چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنائين ۽ ليگين کي 'عبوري حڪومت' طور بحال رکيائين. پوءِ جي چونڊن ۾ انگريزن ۽ اعليٰ عملدارن جي خرچ تي مسلمان زميندارن ۽ عملدارن جي ڌانڌلين جي ڪري ليگ جي 25 نشستن جي پيٺ ۾ قوم پرست مسلمانن فقط بہ نسستون حاصل ڪيون. چونڊن جي قانوني اپيلن جي شنوائي ڪان اڳ، ڌانڌلين ذريعي چونڊجي آيل اسيمبلي پاڪستان جي حمايت ۾ ووٽ ڪيو! گورنر موڊي کي سندس خدمتن جي عيوض سنڌ جي گورنريءَ تان پنجاب جي گورنر جي عهدي تي ترقي ڏني ويئي. پير علي محمد راشدي موڊي کي بجا طور 'ڪاتڪو' ڪوٺيو آهي. سنڌ جي مقدر کي هڪ ٻئي قائد، مسٽر جناح ڪان بہ وڌيڪ 'قائداعظم موڊي' مُهر بند ڪيو.

ڪانگريس گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جو ڪجهہ حصو بچائي سگهي ها. پر هن چيمبرلين (Chamberlain) جهڙو ڪردار ادا ڪيو. جنهن 1938ع ۾ اهو بيان ڏيئي چيڪوسلوويڪيا کي هٽلر جي حوالي ڪيو هو تہ "اهو ڏورانهون ملڪ آهي، جنهن جي باري ۾ اسان کي پوري ساري خبر آهي."

ٿر پارڪر ضلعي ۾ هندو اڪثريت آهي، جنهن جي ڪانگريس کي گهُر ڪرڻ گهرجي ها. حقيقت ۾ اهو سنڌ جي پيٺ ۾ روايتي طرح مارواڙ جو وڌيڪ حصو هو. ورهاڱي جي موقعي تي هندو اڪثريت کي رد ڪرڻ لاءِ سانگهڙ ضلعو، ٿرپارڪر ضلعي ۾ ضم ڪيو ويو. پر پوءِ بہ ٿرپارڪر ضلعي جو معاملو آسام ۾ سلهٽ جهڙو آهي، جتي ليگ راءِ دهيءَ جي وسيلي ضلعي

جي هڪ حصي جي گهُر ڪئي- ۽ اهو حاصل ڪيو.

1928ع ۾ جڏهن سنڌ جي بمبئي کان عليحدگيءَ جي ڳالهه هلي رهي هئي تہ جوڌپور رياست ٿرپارڪر ضلعي جي امرڪوٽ (عمر ڪوٽ) واري خطي تي پنهنجو حق ظاهر ڪري گهُر ڪئي هئي. جوڌپور وارن جي اها گهر انهيءَ بنياد تي هئي تہ روايتي طرح امرڪوٽ مارواڙ جي خطي جو حصو رهيو هو.

ٻي ايراضي، جيڪا هندستان حاصل ڪري سگهيو ٿي، اُها مقامي خيرپور جي واليءَ کي ڪافي سالن لاءِ پوني ۾ قيد ڪري رکيو ويو هو. هلندڙ صديءَ جي چاليهہ واري ڏهاڪي ۾ خيرپور جي ديوان، يو پيءَ جو رهاڪو اعجاز علي هو. ڪانئس ٻئي نمبر تي مالياتي اهلڪار منگهارام واڌاڻي هو. اعجاز علي منگهارام کي اُتان کان فارغ ڪري ڇڏيو. جڏهن اختيار جي منتقليءَ جو وقت آيو تہ منگهارام پوني ۾ مير سان مليو ۽ کيس واپس تخت ڏيارڻ جو وعدو انهيءَ شرط سان ڪيائين تہ هو اعجاز علي کي موقوف ڪندو ۽ هندستان سان الحاق ڪندو. مير اهو شرط قبول ڪيو. منگهارام مائونٽ بئٽن ۽ سردار پٽيل سان ملاقات ڪئي. مير کي سندس رياست واپس ڪئي ويئي. اعجاز علي کي فارغ ڪيو ويو. هاڻي مير هندستان سان الحاق ڪرڻ لاءِ تيار هو. پنڊت نهرو اها آڇ رد ڪري ڇڏي- ايتري قدر جو هن بلوچستان جي رياست قلات جي الحاق جا ڪاغذ بہ واپس ڪري ڇڏيا.

جيڪڏهن نيو دهلي سرڪار خيرپور ۽ ٿرپارڪر جي معاملي ۾ گنڀير ٿي ڪيڏي ها تہ هندستان جي سرحد سگهاري سنڌوءَ کي وڃي ڇهي ها.

حقيقت ۾ هندستان سموري سنڌ ۾ بالغ راءِ ڏهي ڪرائڻ لاءِ جئي سگهيو ٿي، جو 1964ع جي عام چونڊن ۾، سنڌين جي اڪثريت ليگ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنا هئا.انهن چونڊن ۾، سنڌين جي اڪثريت ليگ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنا هئا. انهن چونڊن ۾ سنڌ صوبي جي 71 سيڪڙو مسلمان آبادي مان مسلم ليگ رڳو 46.3 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا. ليگ جي هر چئن ووٽن پويان ٽي ووٽ جي- ايم- سيد ۽ مولا بخش جي پوئلڳ قوم پرست مسلمانن ڏنا هئا.

60 ميمبرن جي ايوان ۾، 10 اسيمبليءَ جا ميمبر بنان مقابلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندجي آيا. منجهانئن رڳو هڪ مسلمان هو. جيڪڏهن انهن ڏهن تڪن ۾ بڻ چوندون ٿين ها تہ عام ووٽ جو ليگي سيڪڙو چاليهن کان بہ گهٽ بيهي ها!

اهڙي طرح سنڌ ۾ ليگ جي مخالفت ۾ عام ووٽن جي اڪثريت صاف هئي. انهن سڀني سٽائن عنصرن جي ماٺ جي ناڪاميءَ ۾، ڪانگريس سنڌ سان گهٽ انصاف ڪيو آهي ۽ هندستان جي صورت ۾ تہ اُن کان بہ گهٽ ڪيو آهي. خان عبدالغفار خان شڪايت ڪئي تہ ڪانگريس نہ رڳو اُتر- اولهہ سرحدي صوبي کي بگهڙن جي حوالي ڪيو آهي، پر سنڌ کي پڻ بگهڙن جي حوالي ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئي سنڌ

سنڌ جو مقدر 1947ع ۾ مهر بند ڪيو ويو. پر اُها مُهر ڀِڄَڻ ئي ڏينهن کان کولي ويئي آهي. سنڌي مسلمان ورهاڱي جي گهُر ڪندا رهيا هئا جاڪاڻ تہ ٻيا مسلمان پڻ اهو ئي ڪري رهيا هئا جاڪاڻ تہ هندو انڪار ڪري رهيا هئا. اهو هڪ وڏو تماشو ڏسڻ ۾ ئي آيو. پر انهيءَ تماشي جي نتيجن بابت ڪنهن سوچيو ئي نہ هو.

اها حقيقت آهي تہ تعليم، نوڪرين ۽ واپار ۾ مسلمان هندن کان گهٽو پوئتي هئا. پر اهي هوريان هوريان مٿرو اُسري رهيا هئا. اُن سان گڏ اهي ادم شماريءَ جو 70 سيڪڙو هئا ۽ اسيمبليءَ ۾ وڏي اڪثريت ۾ هئا- ۽ سياست ۾ جيڪا ڳالهہ گهرو وڍ وڃهي رهي هئي. اها لازمي طرح، نتيجا سيني پاسن کان چوڦير ڪهرو وڍ وجهي رهي هئي تنهنڪري سنڌي مسلمانن جو مستقبل يقيني هو.

انهيءَ وچ ۾، 1945ع ۾ مسلماني معاسري ۾ انگريز نواز رجعت پسندن سان جناح جي ترجيحي رويئي سبب، سنڌ جي ٻن تمام معتبر اڳواڻن مسلم ليگ تان اڳيئي استعيفا ڏيئي ڇڏي هئي. منجهانئن هڪ شيخ عبدالمجيد سنڌي هو، جيڪو 1915ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو هو، ۽ سنڌ ۾ مسلم راءِ جي مک هٿيار روزنامہ 'الوحيد' جي ادارت سنڀاليندو هو ۽ يو-پيءَ جي خليق زمان ۽ اتر- اولهہ سرحدي صوبي جي عبدالرب نشتر جهڙين قداور شخصيتن کي مسلم ليگ ۾ متعارف ڪرايو هئائين. ٻيو هو جي- ايم- سيد، جنهن صوبائي ليگ جي صدر جي حيثيت سان، ليگ کي هڪ ننڍا ڪڙي جاگيرداري قافلي مان عوامي تنظيم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو.

تنهنڪري جڏهن ورهاڱو ٿيو تہ سنڌي مسلمانن کي يقين نہ هو تہ اهو ڪم ڪو درست ٿيو هو. محمد ابراهيم جوبي کي پڪ هئي تہ اهو غلط ٿيو هو. هن هڪ ڪتاب لکيو: "پاڪستان کان سنڌ بچايو" (١) بر تڏهن

---

(١) اصل ۾ اهو ڪتاب انگريزي ۾ Save Sind, Save The Continent آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻي دير تي چڪي هئي. سنڌ جو ماحول ماتمي بنجي ويو. ائين ٿي لڳو ڄڻ راڪاس سڪار تي نڪري پيو هو ۽ ڪنهن کي ۽ ڪجهہ بہ ڪنهن وقت هڙپ ڪري ويندو. ماڻهن ٿورو ۽ هيسيل لهجي ۾ ڳالهايو ٿي. مسلمانن کي اهو چوندي ٻڌو ويو تہ قيامت ويجهو اچڻ جا آثار ڏسجن ٿا.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ جناح جي تصوير سنڌي پيتين تان لهي ويئي. جڏهن مهاجر- مسلمانن هندن کي قتل ڪرڻ چاهيو تہ سنڌي- مسلمانن سندن ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. خود وڏو وزير کهڙو فساد ٿارڻ لاءِ روالور کڻي ٻاهر نڪري پيو. حقيقت ۾ سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان حڪومت جي وچ ۾ ڀيريون تڪرار تڏهن شروع ٿيو، جڏهن 6 جنوري 1948ع تي ڪراچيءَ تي قبضي ڪرڻ ڪانپوءِ، سنڌ حڪومت مهاجر فسادين کي گرفتار ڪيو ۽ ڪانئن لٽيل ملڪيت واپس ورتي، ۽ مرڪز فسادين جي طرفداري ڪئي.

جنوري1948ع ۾ هند سرڪار سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ کي منظم ڪرڻ لاءِ نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻيءَ کي پاڪستان ۾ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمسنر مقرر ڪيو. پر سنڌ جي وڏي وزير کهڙي کيس سنڌ جو دؤرو ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني. جو هن حمو تہ مان نہ چاهيان تہ ڪو هندو سنڌ مان لڏي وڃن ۽ سنڌس مراد بہ اها ئي هئي. هو هندن کي ترسائڻ لاءِ ايڏو اتاولو هو جو هن ڏنو تہ 'عام' قسم جو ڏاڙو بہ نٽي لڳو. اها ڳالهہ پاڪستان جي مهاجر وزيراعظم نوابزادي لياقت علي خان جي برداشت کان ٻاهر هئي. جلد ئي کهڙي کي لاٿو ويو.

'جيئي سنڌ' تحريڪ جو جنم اڃهو ائين ٿيو، جنهن آگسٽ سيپٽمبر 1983ع ۾ عوامي جدوجهد جي شڪل اختيار ڪرڻ لاءِ (Movemeat for Restortion of Democrcy) MRD ڪي وجود ڏنو. جنهن ۾ 500 ماڻهو مارجي ويا ۽ 150 ڪروڙ رپين جي رڳو ريلوي جي ملڪيت تباهہ ٿي. انهيءَ تحريڪ جي مڪمل تشريح جي-ايم- سيد جي ڪتابن 'سنڌ جو ماضي، حال ۽ مستقبل'. 'سنڌو ديش- ڇو ۽ ڇالاءِ' ۽ 'سنڌوءَ جي ساڃاهہ' ۾ ڏسي سگهجي ٿي. اهي ڪتاب پڙهڻ سان حقيقت ظاهر ٿئي ٿي.

سيد 1904ع ۾ ڄائو هو ۽ اڃا تائين بقيد حيات آهي. هو چوي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پاڪستان هڪ غلطي ۽ ڏوهہ آهي؛ مهاجرن ملڪ کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي: اولهہ پاڪستان سنڌ کي هڪ نو آباديءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ پاڪستان کي ٽٽڻ گهرجي- تہ جيئن سنڌ زنده رهي سگهي ۽ آزاديءَ سان ڪليو ساهہ کڻي سگهي. هو تفصيل سان هن ريت ٻڌائي ٿو: اول نام نهاد 'پاڪستان جي اسلامي رياست'. اها مڪمل طور غير اسلامي آهي. ڪڏهن بہ ڪا اسلامي رياست نہ رهي آهي ۽ نہ ئي وري ڪا ٿي بہ سگهي ٿي. (١) عرب- ڇاپ اسلام پسندن جو اهو چوڻ عقل کان خالي آهي تہ ڏاهپ يا علم ۾ قرآن ئي حرف- آخر آهي. (٢)

قرآن ۾ اهو ڪجهہ ناهي، جنهن تي اوهين جديد رياست جو بنياد رکي سگهو يا جديد اقتصاديات جي تعمير ڪري سگهو. (١)

مسلمان پهرئين ئي ڏينهن کان مختلف مسلڪن ۾ ورهايل آهن. اسلام ۾ مختلف 350 فرقا آهن. (٢)

قرآن ۾ ۾ خليفي جبي گنجائش ئي ناهي. پر انهيءَ هوندي، يورپ جي طرز تي خليفو گهڙيو ويو. وچئين دؤر وانگر، وري مذهب ۽ سياست کي اسلام ۾ ملايو ويو. عيسائين کي وري بہ عقل آيو، جو هنن صديون اڳي چرچ کي رياست کان جدا ڪيو. پر مسلمانن ٻنهي کي گڏ جاري رکيو- جيڪي ٻئي ٻراڻا ۽ ميرا آهن. اسلامي اصول بهترين آهن؛ پر عرب ڇاپ اسلام هميشہ ڪٽر. اڳرو ۽ شهنشاهيت پرست رهيو آهي. عربن سنڌ کي اسلام جي نالي ۾ فتح ڪيو، اسلام جي نالي ۾ لٽيو، 20 هزار مرد، زالون ۽ ٻار غلامن جي طور ۽ اسلام جي ئي نالي ۾ وڪرو ڪيا. انهيءَ قسم جي اسلام جي اسان کي ضرورت نہ هئي. ايتري قدر جو ظالم حڪمرانن جهڙوڪ تيمورلنگ جي اڪيچار خونريزيءَ جي باوجود کيس 'صاحب قرآن'

---

(١) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال، مستبل تي هڪ طائرانہ نظر". صفحا 44-45.

(٢) جي-ايم-سيد: "جيئن ڏٺو آهي مون". نئين سنڌ پبليڪيسن، ڪراچي، صفحو 129.

(١) جي-ايم-سيد: "جيئن ڏٺو آهي مون، نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، صفحو 103.

(٢) جي-ايم- سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال، مستقبل تيٰ هڪ طائرانہ نظر". 211.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو لقب ڏنو ويو. ۽ اورنگ زيب کي پنهنجي ڀيءُ کي قيد ڪرڻ. ڀائرن کي قتل ڪرڻ ۽ سرمد کي شهيد ڪرائڻ جي باوجود ڪيس محي الدين جهڙا وڏا اسلامي خطاب ڏنا ويا. (٣)

اسلام لاءِ جيڪي مجيل آهي، انهيءَ جو گهڻو حصو اسلام کان اڳ وارين عربستان جي رسمن تي ٻڌل آهي.

(١) اڄا تائين حــاجي عــربســتــان جي 'لات' ۽ 'منات' نالي مخالف...... کي مارڻ لاءِ پٿريون هڻندا آهن. اهي ٻن ٽڪرين مارو ۽ صفا- جي وچ ۾ ڊوڙندا آهن. ڇاڪاڻ جو ابراهيم جي مصري ٻيبي حاجران. جڏهن ٻار ڇٽڻ واري هئي تہ پاڻيءَ جي ڳولا ۾ انهن ئي ٽڪــرين جي وچان ڊوڙي هئي. (٢) اهي عربن جون اڳاٽيون رسمون هيون.

ماڻهو هتي عربستان ۾ دفن ٿيڻ چاهيندا آهن تہ جيئن قيامت جي ڏينهن تي پنهنجي الله جي اڳيان سـرخرو ٿين. (٣) ڪين خبـر ناهي تہ دفنائڻ ڪـان پوءِ، عـرب سندن لاش ڪڏي ڪنهن غار ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن. اهي ماڻهو ڪهڙا اسڪول ڪاليج قائم ڪري سگهندا. جيڪي لئبرريون ساڙيندا رهيا آهن؟ (٤) اهي مـاڻهـو جيـڪي مـوسـيـقي ۽ رقص جي خلاف جنگيون جوٽيندا رهيا آهن. ريڊيو ۽ ٽيلويزن سان ڪڏهن انصاف ڪري سگهندا؟ (٥)

پاڪستان، هندستان جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو انڪار آهي. جنهن صورت ۾ عرب جيڪي ساڳيون زبانون ڳالهائين ٿا ۽ ساڳئي الله جو قسم

---

(٣) ايضاً 96 کان 99.

(١) جي-ايم-سيد: "سنڌوءَ جي ساڃاهہ". جلد نمبر 1. نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، صفحا 214-215.

(٢)جي-ايم-سيد: "جيئن ڏٺو آهي مون". نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، 1976ع، صفحا 103-104.

(٣) جي-ايم- سيد: "سنڌوءَ جي ساڃاهہ". جلد نمبر 1. نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي صفحو 410.

(٤) ايضاً صفحا 140. 219.

(٥) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانہ نظر". 1971ع، صفحو 219 ۽ 222.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿن ٿا. جدا رياستن جا شهري ٿي سگهن ٿا ته پوءِ سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پختونن کي پنهنجون جدا خودمختيار رياستون ڇو ناهن؟ ڪين سنڌين خواهش جي خلاف ڳنڍ رکڻ، ڪين هڪ ئي قبر ۾ دفنائڻ برابر آهي.

پاڪستان سيني نوس اصولن جي پرک جي بنياد تي هڪ گناهگار رياست آهي. اهو 'چورن' جو رڌڻو آهي. انهيءَ جي اڳواڻي ڪفن چور ڪن ٿا. جيئن 'ڀنگي' کي 'مهتر' چوڻ سان پڻ اهو عظيم نٿو ٿئي. (١) سنڌي اهڙي رياست سان ڪوبه واسطو رکڻ لاءِ ڪجهه به نٿا چاهين.

ان ڪان پوءِ 'مهاجر'. اهي پاڪستان ۾ انهيءَ ڪري نه آيا آهن جو اهي هندستان ۾ رهي نٿي سگهيا. ڪروڙين مسلمان هندستان ۾ امن ۽ عزت سان رهيا پيا آهن. يو- پيءَ ۾ مسلمان ڪُل آباديءَ جو 13 سيڪڙو هئا، پر ڪين 45 سيڪڙو نوڪريون حاصل هيون ۽ پوءِ به اهي وڏي تعداد ۾ هت آيا. هندو سنڌ ۾ پنهنجون وڏيون ملڪيتون ڇڏي ويا، جيڪي سڀ مهاجرن کي مليون. اينري قدر جو جيڪي هندن جون ملڪيتون سنڌي مسلمانن کي وڪرو ڪيون هيون؛ اهي متروڪ يا ڇڏيل ملڪيتون (Avaccuee Prop-erties) پڌريون ڪيون ويون ۽ مهاجرن جي حوالي ڪيون ويون. منجهانئن گهڻن مهاجرن ڪوڙا ڪليم داخل ڪيا. پر اهي سڀ سنڌن ساٿي مهاجرن جا تصديق ٿيل هئا. جيڪي اويڪيو پراپرٽي ۽ آبادڪاري جي کاتن ۾ ڀرتي ٿيل هئا.

اهي مهاجر ئي هئا، جن 26 ڊسمبر 1947ع تي حيدرآباد ۾ ۽ 7 جنوري 1948ع تي ڪراچيءَ ۾ هندن کي قتل ڪيو ۽ لٽيو. جڏهن وڏي وزير کهڙي فسادين جي خلاف قدم کنيو ته مهاجرن جو وڏو اڳواڻ لياقت علي خان سندس مخالف ٿي پيو.

سنڌي اڳواڻن سندن چڱائي ۾ پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ ۾ قائم ڪرڻ لاءِ جناح کي آڇ ڪئي. پر لياقت علي خان ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪيو ۽ سنڌ حڪومت کي حيدرآباد ۾ منتقل ٿيڻ لاءِ چيائين. جڏهن سنڌين ڪيس ڪراچيءَ جي نقصان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عيوضو ڏيڻ لاءِ چيو ته ڪين چيو ويو ته اها 'فتح ڪيل سرزمين' آهي. جنهن لاءِ

(١) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر". 1971ع. صفحو 27 ۽ 210.

ڪوبہ عيوضو نہ ڏيندو اهي. (١) جڏهن کهڙي احتجاج ڪيو تہ هن ڪيس معزول ڪري ڇڏيو. سندس جاءِ تي بغير ڪرنگهي واري پير الاهي بخش کي آندو ويو. هن سندن چاڙتي، هڪدم سنڌيءَ جي جاءِ تي اڙدوءَ کي رائج ڪيو.

جڏهن سنڌ مسلم ليگ جي صدر، سيد علي اڪبر شاهہ سنڌي ثقافت جي بچائڻ لاءِ لياقت علي خان کي زور ڪيو تہ هن فرمايو: "گڏهہ ۽ اٺ هڪلڻ ڪانسواءِ سنڌي ثقافت ٻيو ڇا آهي؟" (٢) هي ساڳيو لياقت علي هو، جنهن هندستاني مسلمانن کي پاڪستان اچڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ تڏهن چيو هئائين تہ اهو سيني ڏهہ ڪروڙ مسلمانن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

هندستان پنهنجو آئين ٽن سالن ۾ تيار ڪيو پر پاڪستان لياقت عليءَ جي هيٺ اهو ڪم ڇهن سالن ۾ بہ نہ ڪيو. سندس مهاجر نواز ۽ مقامي ماڻهن جي خلاف پاليسين جي پيش نظر ڪيس هٽائڻ لاءِ ڪجهہ پنجابي سياستدان ۽ ڪامورا گڏ ٿيا. ورهاڱي کان هڪدم پوءِ پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي صوبن مهاجرن جي وڌيڪ داخلا تي بندش وڌي. پر سنڌ ۾ مهاجرن جي سيلاب کي مڪمل طور جاري رکيو ويو. اها صورتحال برداشت جوڳي نہ هئي.

ايتري قدر جو برطانوي راڄ ۾ سنڌ مقرر ڪيل عملدارن کي ڇهن مهينن جي عرصي اندر سنڌي سکڻي پوندي هئي. پر اهو قانون ختم ڪيو ويو. سنڌ ۾ گورنر، وڏو وزير، انسپيڪٽر.جنرل آف پوليس ۽ گهڻو ڪري ٻيا سينئر آفيسر غير سنڌي آهن، جيڪي سنڌي سکڻ کان انڪاري آهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ آباد ٿيل مهاجر سنڌي زبان سکڻ کان انڪار تي بضد آهن تہ کين ووٽ استعمال ڪرڻ جو حق بہ نہ ملڻ گهرجي.

اڻ ورهايل سنڌ ۾، هندو سؤ ورهين جي عرصي ۾ زمين جي 30 لک ايڪڙن جا مالڪ بنيا ۽ مسلمانن انهن جي مخالفت ڪئي. پر مهاجرن انهيءَ عرصي جي هڪ حصي دوران 60 لک ايڪڙن تي قبضو ڪيو آهي.

(١) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانہ نظر"، 1971ع، صفحو 252.
(١) ايضاً صفحا 252- 253.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاجرن کي ڪارخانا لڳائڻ. تجارت ڪرڻ ۽ گهر تعمير ڪرائڻ لاءِ سوين ڪروڙ رپيا امداد يا قرض طور ڏنا ويا آهن. پر اها مهرباني سنڌين لاءِ ميسر ناهي. پاڪستان جي حڪومت ۾ سنڌين کي 3 سيڪڙو کان گهٽ نوڪريون حاصل آهن. (پاڪستان ۾ اهو هڪ مذاق آهي تہ پاڪستان سنڌين قائم ڪيو هو. تہ جيئن ويو- پيءَ وغيره جا شيعا قاديان جي احمدين جي مفاد ۾ حڪومت ڪن، جن کي غير مسلم قرار ڏنو ويو آهي).

مهاجر اڳواڻ پراڻن سنڌي نالن کي ميساري، انهن جي جاءِ تي نوان نالا تبديل ڪندا رهيا آهن. (ڪراچيءَ ۾ 'رام باغ' جو نالو 'آرام باغ' ۽ اچل سنگهہ پارڪ' جو نالو 'اقبال پارڪ' رکيو ويو آهي.) ٻئي طرف، سنڌ ۾ غير ملڪي نالا تبديل نہ ڪيا ويا آهن. مثال طور جنرل جيڪب جي نالي پويان، جنهن نيپئر سان گڏ سنڌ فتح ڪئي هئي، 'جيڪب آباد' جو نالو قائم آهي. پر پنجاب ۾ پنجابي عزت نفس نئين سر قائم ڪرڻ لاءِ 'مانٽگومري' جو انلو 'ساهيوال' ۽ 'لائلپور' جو نالو 'فيصل آباد' رکيو ويو آهي. (١)

اها هڪ اڻ ٽيٽي صورتحال آهي. مهاجرن کي پنهنجون پاڙون ڪرشن ۽ ڪبير ۾ ڳولڻ گهرجن ۽ ڪين سنڌو تي هلڻ گهرجي- جيڪڏهن هو سنڌ ۾ رهڻ گهرن ٿا.

جيتري قدر پاڪستان ۾ پنجابين جو تعلق آهي. سنڌن باري ۾ جيترو چئجي اوترو ٿورو. سنڌ ۾ عام چوڻي آهي: "پنجابي هڪ تہ سمجهو ڏون، پنجابي ڏوڻ تہ جهڳائي ڏون." آهي سموري پاڪستان کي پنهنجي نوَ آبادي سمجهن ٿا. پاڪستان پنجابستان بنجي ويو آهي. سياست، سول ۽ ملٽري سروسز تي سنڌن قبضو آهي. هو پاڪستان ۾ گهڻي کان گهڻي زمين، صنعت ۽ تجارت حاصل ڪندا پيا وڃن. لڳي ٿو تہ انگريزن پنجابي مسلمانن کي سنڌن خدمتن جي مجتا ۾ هندستان جو ورهاڱو ڪري، هي سرزمين سنڌن استحصال لاءِ ڏني هئي. اهو استحصال آسان بنائڻ لاءِ. 1954ع ۾ انهن چئني صوبن کي زوري ضم ڪري 'ون يونٽ' ناهيو. جيئن تہ صوبن جي وڏن وزيرن اهو قبول نہ ڪيو. تنهن ڪري ڪين معزول ڪيو ويو.

(١) جي-ايم-سيد: "سنڌوءَ جي ساجاهہ" جلد نمبر 1، صفحو 31.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اياڻن سنڌي افيسرن کي هيڪاندو لاهور ڏانهن نيو ٿي ويو ته انهيءَ نظاري سيني کي يهودين جي ياد ڏياري ڇڏي، جن کي جيروسلم جي شڪست کان پوءِ نئبيلان ڏانهن زير حراست نيو پئي ويو. (٢)

ون يونٽ جي ٺهڻ وقت، سنڌ جي خزاني ۾ 33 ڪروڙ رپيا هئا. ۽ پنجاب تي 100 ڪروڙ رپين جو قرض هو. اهي سموريون ماليا تون ضم ڪيون ويون- ۽ اهڙي ريت سنڌ کان سندس مالي بچت کسي ويئي.

ورهاڱي جي ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي کان پوءِ پاڪستان جو آئين نيٺ تيار ٿيو. رڳو گورنر جنرل کي آئيني دستخط ڪرڻا هئي. پر ان وقت، پنجابي گورنر جنرل غلام محمد آئين ساز اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي ۽ بنگالي ڄاڙتي محمد علي بوگرا کي پاڪستان جو وزيراعظم مقرر ڪيائين. جيڪو ان وقت واشنگٽن ۾ سفير جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو هو.

آئين ساز اسيمبليءَ جي ٽوڙڻ واري عمل کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ للڪاريو ويو، جنهن ان کي غير آئيني هئڻ جو فيصلو ڏنو. پر وفاقي ڪورٽ، جنهن تي پنجابين جو قبضو هو، اسيمبليءَ ٽوڙڻ جي حڪم کي بحال رکيو.

ذوالفقار علي ڀٽو سنڌي هو، پر هو پڻ پنجاب جو ڄاڙتو هو. هو اسڪندر مرزا ۽ ايوب خان جون خوشامندون ڪري مٿي اڀريو. هن پنهنجي جاگير تي انهن جي شڪار جو بندوبست ڪيو. هن ايوب خان کي لنڪن ۽ لينن سان ڀيٽيو ۽ چيائين ته جيڪڏهن عظيم سنڌي شاعر شاهه عبداللطيف زنده هجي ها ته هو ڪيس ضرور هار پارائي ها. ڀٽو جڏهن حڪومت ۾ آيو ته ڏهڪاءُ بنجي آيو. هن پنهنجي ڪن نفادن کي ٽپيل لوهي سيخن سان ڏنڀيو. هن ڪن جا منهن ڪارا ڪري سندن جلوس ڪڍيو. هن هڪ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج کي بنان وارنٽ گرفتار ڪيو. جڏهن سنڌ اسيمبلي سنڌي زبان کي سنڌ ۾ اردوءَ کي سرڪاري زبان قرار ڏيئي، صوبي کي ٻن زبانن جي صوبي هئڻ جو اعلان ڪيو. هو پنجابي سول ملٽري آفيسرن جي هٿن جو ڪٺپتلو هو. هن سنڌ تي پنجابين ۽ مهاجرن جي ظلم جي خاتمي لاءِ ڪجهه نه ڪيو.

1977ع کانپوءِ، فوج سان وڙهندي، جيتوڻيڪ ڀٽي پاڻ کي جمهوريت جو طرفدار ڪري پيش ڪيو، پر هو بي نڪائيءَ سان سمورو وقت

---

(١) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر".
1971ع، صفحا 260- 261.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻن ڪير ڪنڊ ٿيل هو. ڪنوينشن مسلم ليگ جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان هن رٿ ڏني ته ڊپٽي ڪمشنر ۽ سپريڊنٽ آف پوليس ضلعي سطح تي پارٽيءَ جا ترتيب وار صدر ۽ سيڪريٽري هئڻ گهرجن. هو هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٿيل تاشقند جي امن معاهدي تائين ايوب جو ساٿو هٿ هو، پر جڏهن هن ڏٺو ته اهو معاهدو پاڪستان جي عوام ۾ غير مقبول ٿيندو ته پاڻ بچائڻ لاءِ هن ڪيس ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. ٻئي ايئر مارشل اصغر خان کي گڏجي حڪومت ڪرڻ جي تجويز ڏني ته "مقصد حڪومت ڪرڻ آهي. عوام بيوقوف آهي ۽ مون کي خبر آهي ته کين بيوقوف ڪيئن بڻائجي. منهنجي هٿ ۾ ڏنڊو هوندو ۽ ويهن سالن تائين مون کي ڪوبه هٽائي نه سگهندو." هن اها ساڳي تجويز يحيٰ خان کي به ڏني ته "اوير پاڪستان ڪو مسئلو ناهي. اسان کي اتي 20 هزار ماڻهن کي مارڻو پوندو ۽ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو."

1977ع ۾ ڀٽي پاڻ کي سچ پچ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر بڻايو. پوءِ هن پاڻ کي پاڪستان آرمڊ ڪور جو ڪرنل- ان- چيف بڻايو. انهن ڳالهين کي، سنڌس قانوني قتل پڻ عوام جي ذهن تان مٽائي نه سگهيو. ضياالحق چونڊن کي ملتوي ڪرڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿيو، انهي جو هڪ ڪارڻ اهو احساس هو، جيڪو پارٽين جو به هو ته ٻي اصولي ڀٽي کي وري حڪومت ۾ اچڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي.

سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ سنڌو طاس درريائي پاڻيءَ جي ورچ جا اصول مختلف قانونن ۽ معاهدن ۾ 1901ع کان درج ٿيل هئا. اهو طئه ٿيل هو ته سنڌ راوي، ستلج ۽ بياس جي پاڻيءَ جو 25 سيڪڙو ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو 75 سيڪڙو کڻندو. اهو فامولو انهيءَ حقيقت تي ٻڌل هو ته پنجاب جي 20 انچ ساليانِي برسات جي ڀيٽ ۾. سنڌ ۾ 10 انچ ساليانِي برسات کان به گهٽ پوي ٿي ۽ منجهس 2 سيڪڙو ٻيلا مس آهن، جيڪي عربستان کان به گهٽ آهن. پر جڏهن ون يونٽ ٺاهيو ويو ته انهيءَ معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي ويئي. راوي، ستلج ۽ بياس جي پاڻيءَ کي هڪ هزار ڪروڙ رپين ۾ هندستان ۽ ڪجهه ٻين ملڪن کي وڪرو ڪيو ويو. ۽ اهو ناڻو سنڌ حڪومت جي اڳ تيار ڪيل درجن آبپاشيءَ جي رٿائن کي عملي جامو پارائڻ جي بدران پنجاب ۾ پنجابين جي فائدي لاءِ منگلا ۽ چشما تي پاڻيءَ جا بند

ٻڏڻ ۾ استعمال ڪيو ويو.

بلوچستان جي سوئي گئس سنڌ جي پيٽ ۾ پنجاب کي وڌيڪ سستي اگهه ۾ وڪرو ڪئي ويئي.

پنجاب جي ايراضي 55 هزار چورس ميل آهي ۽ سنڌ جي 54 هزار چورس ميل. 1947ع ۾ پنجاب جي في چورس ميل 300 آدم شماريءَ جي ڀيٽ ۾، سنڌ جي 80، سرحد جي 150 ۽ بلوچستان جي 18 في چورس ميل آدمشماري هئي. پر 1979ع ۾ جڏهن پنجاب جي آدم شماري ۾ رڳو 33 سيڪڙي کان 400 تائين اضافو ٿيو تہ سنڌ ۾ ٽيڻ کان 260 في چورس ميل کان بہ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. اهو غير معمولي اضافو سنڌ ۾ پنجابين ۽ مهاجرن جي آبادڪاريءَ جي نمائندگي ٿو ڪري.

ورهاڱي کان پوءِ وارن براجن- اُتر ۾ گڊو ۽ڏکڻ ۾ ڪوٽڙي- سنڌ جي زمين کي سيراب ڪيو. اهي زمينون گهڻو ڪري مهاجرن ۽ رٽائرڊ فوجين کي الاٽ ڪيون ويون، جن ۾ گهڻائي وري بہ پنجابين جي هئي. انهيءَ سموري ڳالهہ مان مراد سنڌ تي اندروني قبضو ۽ فتح هئي. جڏهن سنڌ انهيءَ سموري عمل خلاف احتجاج ڪيو تہ پنجاب کيس رڳو ڌمڪيون ئي ڏنيون.

جڏهن ٽڪا خان اولهہ پاڪستان جو گورنر هو تہ چيو هئائين: "پاڪستان جي دلچسپي رڳو بنگال جي سرزمين سان آهي. جيتري قدر ماڻهن جو تعلق آهي، تہ اهي اتي آباد ٿيڻ لاءِ آتي سگهجن ٿا." پوءِ هن ڪراچيءَ جي پرسان ملير ۾ فوجين کي خطاب ۾ چيو هو: "اسان اولهہ پاڪستان ۾ ناڪام ٿياسون، ڇاڪاڻ جو اهو تمام پري هو ۽ اتي تمام گهڻا ماڻهو هئا، جن جي هندستان مدد ڪري رهيو هو. جيڪڏهن 'سنڌوديش' پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪندو تہ اسان کيس آسانيءَ سان چيپاڻي سگهنداسين، ڇاڪاڻ جو اهو تمام ويجهو آهي، ايڏو گنجان آباديءَ وارو ناهي ۽ کيس ڪنهن ڌارئي ملڪ کان مدد ملڻ جي اميد ناهي. اسان پوءِ پنهنجي فتح جي جشن کي سنڌي پيرن ۽ زميندارن جي قرباني ڏيئي ملهائينداسين، جيئن هاٿي ٿلها منارا ٿي پيا آهن."

پنجابي تمام اگرائي ڪندڙ ٿي پيا آهن. سندن 'اقبال' رڳو سندن خوديءَ کي بلند ڪيو، جڏهن هن لکيو هو:

خودي کو کر بلند اتنا کہ هر تقدير سي پهلي،

خدا بندي سي خود پوڇي، بتا تيري رضا ڪيا هي (۱)
سنڌي نفسيات بلڪل مختلف آهي. شاهه عبداللطيف چيو آهي: واڳ ڏٺيءَ جي وس، آئون ڪا پاڻ وهيٽي.

پنجابي ۽ سنڌي خدائن ۾ ايترو ئي فرق آهي- جيترو پنجابي ۽ سنڌي هڪ ٻئي کان مختلف آهن. "جيڪڏهن پنجابي بهشت تائين پنهنجو سفر پورو ڪندا ته اسان سنڌي دوزخ ۾ ئي ترسڻ قبول ڪنداسين." (۲)

اهو هميشه اهڙي طرح نه هو. تاريخ ۾ پنجاب ۽ سنڌ ڪڏهن به هڪ ٻئي تي فتح نه پاتي آهي. اهو انهيءَ ڪري جو صوفي- سنت شاعرن جهڙوڪ گرونانڪ، وارث شاهه، بُلهي شاهه تڏهن ئي پنجاب جي دلين کي قيرائي ڇڏيو هو. هاڻي پنجاب پنهنجي ثقافت ۽ منزل کي وساري ڇڏيو آهي. هن پنهنجي مختلف مرحلن ۾ ڏاڍيون مصيبتون سَٺيون آهن. (۱) ورهاڱي جي ڪري، ٻه هند- پاڪ جنگيون پنجاب جي سر زمين تي وڙهيون ويون، جن پنجابين کي بي حد ايذايو آهي. ورهاڱي سان، پنجابي پڻ، ٻين پنجابين کان، جيڪي هاڻي هندستان ۾ آباد آهن، ڪپيل محسوس ڪن ٿا. تنهن ڪري سکن سان وري ڳنڍجڻ جي سندن شديد خواهش آهي. پنجابي مسلمانن کي، پنهنجي پاڻ سان ۽ ٻين سان امن سان رهڻ لاءِ، پنهنجي نانڪ، وارث- بلهي جبي ورثي کي واپس حاصل ڪرڻو پوندو.

جيتري قدر پاڪستان جي رياست جو سوال آهي ته سنڌ ڪيس مڪمل طرح رد ڪري ٿي. سنڌ هميشه قائم آهي، جڏهن ته پاڪستان هلندڙ ڏيکاءُ آهي. سنڌ سچ آهي ته پاڪستان ڪوڙ آهي. سنڌي هڪ قوم آهن. پر مسلمان هڪ قوم ناهن. سنڌي ٻه هزار سال پراڻي زبان آهي، پر اڙدو رڳو 250 سال پراڻي آهي. سنڌيءَ ۾ 52 حرف آهن، پر اڙدوءَ ۾ رڳو

---

(۱) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي هڪ طائرانه نظر". 1971ع. صفحو 244.

(۲) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر". 1971ع. صفحو 244-245.

(۱) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر". 1971ع. صفحو 375-376.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

26 حرف آهن. پنجاب پاران 'پاڪستان' ۽ اسلام جي نالي ۾ سنڌ جي غلامي هڪ فريب آهي. گذريل 2 هزار سالن ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ اهو هڪ تمام وڏو بحران آهي. (٢)

سنڌين کي اسلام جي نالي ۾ گهڻي عرصي کان بيوقوف بنايو ويو آهي. منجهانئن گهڻن پنهنجن ابن ڏاڏن کي ايراني، ترڪ ۽ عرب خاندانن ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. منجهانئن ڪن کي سندن مڪي جي گهٽين کي بهاري ڏيڻ ۽ مديني ۾ مرڻ جي خواهش کي ڳائيندي پڌبو آهي. "ڏارئين مسلم- راڄ جي اثر هيٺ، سنڌ ۾ ڏارين جهرڪيءَ کي بلبل ڪوٺيو ويو." هاڻي ڪين احساس ٿيو آهي ته اها سڀ غلطي آهي. "رڳو احمق ئي پرائي دهلين نچندو آهي."

انهن سمجهيو هو ته 'پاڪستان جي اسلامي رياست' سندن لاءِ بهتر ثابت ٿيندي، پر اها تباهه ڪن ثابت ٿي. "اها ڳالهه اسان کي انهيءَ جانور جي ياد ڏياري ٿي. جيڪو سنگن ڪاڻ ويو ۽ ڪن ڪپائي آيو.

"سنڌ عربي ڇاپ اسلام رد ڪري ٿي، پاڪستان جو پنجابي روپ رد ڪري ٿي ۽ هندستان جي جوڙيل اڙدو رد ڪري ٿي. هندستاني مسلمانن لاءِ چنگيز ۽ هلاڪوءَ جي پيٽ ۾ اقبال ۽ جناح بدترين بربادي ثابت ٿيا. سنڌ ٻنهي کي رد ڪري ٿي." جڏهن پاڪستان جناح جو سؤ ساله جنم جو ڏينهن ملهائي رهيو هو ته سنڌ ۾ لکين پوسٽر ورهايا ويا، جن ۾ 'قائداعظم' کي .... ۽ .... لکي رد ڪيو ويو.(٣)

گهڻا مسلمان اقبال کي پاڪستان جو پيغمبر ۽ شاعر مڃين ٿا، جنهن 1930ع ۾ مسلم ليگ جي الله آباد واري اجلاس ۾ پنهنجي صدارتي خطبي ۾ ورهاڱي جو نظريو پيش ڪيو هو. پر سنڌي قوم پرست کيس پنجابي شاونسٽ ۽ انگريزن جو ڇاڙتو سمجهن ٿا. اُهي نشان ڏهي ڪندي چون ٿا ته پهرين جنگ دوران ترڪيءَ تي انگريزن جي حملي ڪرڻ مهل

---

(٢) جي-ايم-سيد: "سنڌوءَ جي ساڃهه"، جلد نمبر ٢، صفحو 72

(٣) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر"، 1971ع، صفحا 399- 401.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن مسلمانن احتجاج ڪيو هو ته اقبال نظم لکيو هو: "مان جن لاءِ پنهنجو سر پيش ڪريان ٿو، مهرباني ڪري وفادار جو هيءَ حقير تحفو قبول فرمايو." 1923ع ۾ انگريزن ڏاڍاين جي خلاف احتجاج وچان جڏهن پيا پنهنجا خطاب واپس ڪري رهيا هئا ته اقبال 'سر' جو خطاب وٺڻ قبول ڪيو. سائمن ڪميشن جي زوبي تي 1928ع ۾ مسلم ليگ ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويئي. جناح ۽ سيف الدين ڪچلو جي سرواڻي هيٺ قوم پرست ڌڙي جو ميڙ ڪلڪتي ۾ ٿيو ۽ ڪميشن کي رد ڪيو. انگريزن جي حمايتي ڌڙي جو ميڙ، جنهن جي اڳواڻي محمد شفيع ۽ اقبال ڪري رهيا هئا، لاهور ۾ ٿيو ۽ انگريز ميمبرن تي مشتمل سائمن ڪميشن جي آجيان ڪئي.

اقبال افغانستان جي ترقي پسند بادشاهه امان الله جو وڏو پرستار هو. پر جڏهن انگريزن امان کي تخت تان لاهي ڪٺ پتلي نادر خان کي تخت تي وهاريو ته اقبال جا سمورا قصيده نادر خان جي شان ۾ هئا.

مڪي جو گورنر (Sheriff) قوم پرست هو. انگريزن سندس جاءِ تي اسلامي مقدس مقامن جي محافظ جي حيثيت سان پڙمتڙئي سعود کي تخت تي ويهاريو. وهابي بنياد پرستيءَ جي اثر هيٺ هن اسلام جي پيغمبر جي گهر جي ياتين سميت ڪيترائي مقبرا ڊهرائي ڇڏيا. سموري دنيا جي مسلمانن کي صدمو رسيو. پر اقبال سعود کي 'ايشيا جو بهرين حڪمران' چئي ڪيس سلام پيش ڪيو.

جڏهن ڀوپال مان اقبال کي پنج سؤ رپين جو وظيفو منظور ٿيو ته اتان جو نواب .اسلام جو ستارو' ٿي پيو. نهرو مسوليني‌ءَ سان ملڻ کان انڪار ڪيو هو، پر اقبال نه رڳو مسوليني‌ءَ سان مليو، پر اعلان ڪيائين ته اسلام فاشزم سان ميل ڪائي ٿو.اقبال خود تسليم ڪيو ته هو پاڪستان جي حمايت لاءِ انهيءَ ڪري نڪتو آهي جو "هندستان لاءِ استيٽ جي اندر سيڪريٽري لارڊ لوٿين (Lord Lothian) مون کي پڪ ڏني آهي ته هندستان جو ورهاڱو ٿيندو." انهن سڀني ڳالهين ڪري سنڌي اقبال کي رد ڪن ٿا. تنهن ڪري جڏهن پاڪستان اقبال جو سؤ ساله جنم ڏينهن ملهايو ته سنڌ ان جو مقابلو صوبي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي صوفي سنت لطيف جي ساليانو ورسي ملهائڻ سان ڪيو. (١)

(١) جي-ايم-سيد: "سنڌوءَ جي ساڃهه". جلد نمبر ٢، صفحو 72

سنڌي نشان دهي ڪن ٿا تہ بيلجيم، ڊينمارڪ ۽ سئزرليند- سيني ۽ ڪي گڏ ڪجي تڏهن بہ سنڌ انهن کان وڏو آهي. سنڌ موئن جي دڙي ڪان، ڏاهر کان، دودي سومري کان الله بخش سومري تائين- جن کي پاڪستان حڪومت پلي رکيو آهي- پنهنجي ورثي تي فخر ڪري ٿي. سنڌ کي عجب آهي تہ اسلام کان اڳ واري ورثي کي هوءَ ڇو نٿي ساراهي سگهي، جڏهن ايران جي قومي شاعر فردوسي ايراني سورمن کي ساراهيو آهي ۽ عربن کي وحشي چئي ڇڙون ڪيون آهن. (٢)

پاڪستان ايران جي اسلامي دؤر کان اڳ واري سائرس جبي 25 سؤ سالہ ورسي پوري هفتي لاءِ ملهائي پوءِ هو سنڌ جي اسلامي دؤر کان اڳ سورمي مهاراجا ڏاهر سين جي ورسي ڇو نٿو ملهائي؟ (٣)

ناچ ۽ سنگيت عام ماڻهن جي فطرت جو حصو آهن. موئن جي دڙي مان ڪوٽي لڌل هڪ ٿي نرتڪيءَ جيبي مورتي آهي. سيد جي خيال پٽنادر ڪٿلڪلي ۽ هني پوري ناچ پڻ سنڌ مان شروع ٿيا هئا. هو چوي ٿو تہ ناچ کي غير اسلامي ڪوٺڻ ڇسائپ آهي. (١)

سنڌ ۾ روحانيت جي ڳولائو مسلمانن صدين تائين يوگين ۽ او ڏوتن سان پور بندر ۽ هنگلاج جون زيادتون ڪيون. سندن دلچسپي نفرت ۾ تشدد ۾ نہ، پر سچ ۽ پاڻ سڃاڻڻ ۾ هئي. پاڪستان ۾ ڏياري، دسهڙي، جنم اشٽمي، نانڪ جڻتي ۽ ناتال جيبي موڪلن کي رد ڪرڻ بي عقلي آهي. (٢)

جيئن تہ پاڪستان ڪڏهن بہ سنڌ- ۽ سرحد ۽ بلوچستان کي- پنهنجي زندگي جيئڻ ۽ پنهنجي پاڻ ۾ رهڻ جي ڪڏهن بہ اجازت نہ ڏيندو، تنهن ڪري پاڪستان کي وڃڻو پوندو. 'صوفي سنڌ ۽ پاڪستان گڏ رهي نٿا سگهن- جيئن اوهان بہ تلوارون هڪ مياڻ ۾ رکي نٿا سگهو. جيڪڏهن

(٢) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي هڪ طائرانہ نظر"، 1971ع، صفحو 417.
(٣) ايضاً صفحو 417.
(١) جي-ايم-سيد: "سنڌوءَ جي ساڃهہ"، جلد نمبر ٢، صفحو 81.
(٢) ايضاً صفحو 97.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان رھندو تہ سنڌ مري ويندي. تنھن ڪري، جيڪڏھن سنڌ کي قائم رھڻو آھي تہ پاڪستان کي مرڻ گھرجي." (٣)

اھا سولي ڳالھہ ناھي. سنڌ ۾ ڪيترائي بزدل ۽ غدار آھن. منجھانئن ڪن سنڌين اڙدو ڳالھائيندڙن مان شاديون ڪيو آھن- ۽ اھي خود پنھنجي گھرن ۾ اڙدو ڳالھائيين ٿا. پر اھا سڀ ڪجھہ ھتان ويو نہ آھي، اڃ جيتيل. جيڪي ڪڏھن پيش نہ پوندا آھن، اھا بچيل آھن. سنڌي نوجوان سجاڳ آھن. ڪيس خبر آھي تہ جيڪڏھن اھي ھينئر عمل نہ ڪندا تہ سنڌي ائين گم ٿي ويندا جيئن ريڊ انڊين امريڪا ۾ گم ٿي ويا آھن يا جيئن ھندو سماج ۾ ھريجن جبي بدتر صورتحال آھي. فارسيءَ ۾ چوڻي آھي: 'تنگ آيد بجنگ آيد' ۽ سنڌ ائين ئي ڪندي. سنڌ جي ظاھري ماٺ جي پويان جوالا ڌکي رھيو آھي.

بوج حد کان وڌي ويو آھي. پر سنڌ ايرانين ۽ يونانين، عربن ۽ پٺاڻن، مغلن ۽ انگريزن جي فتحن کان پوءِ بہ زنده رھي آھي ۽ ھاڻي بہ زنده رھندي. ھوءَ پاڪستان کي مخاطب ٿي چوي ٿي:

آڏو ٽڪر ٽر
متان روحہ رتيون ٿئين.

(او رنڊڪ وجھندڙ ٽڪري، پري ھٽ، نہ تہ ذرو ذرو ٿي رتيون ٿي وينديئينءَ.)

ھوءَ خدا مان ظالم حاڪم جبي خاتمي لاءِ آسروند آھي:

منھنجي آس اھا،
ڪڏھن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

(مون کي انھيءَ ڪوٽ جي ڊھڻ جو انتظار آھي. مون کي پڪ آھي تہ سنڌ جيڪڏھن پنھنجي مدد پاڻ ڪندي تہ مدد پڻ ڪيس پھچندي).

پاٽيھبي ايندو ھوت،
آئون پاڻ اڳيري ٿيان.

(منھنجو سائين ايندو، پر مون کي پڻ سائس اڌ- رستي تي ملڻ لاءِ، پاڻ اڳيان وڌڻو آھي).

۽ اھڙيءَ طرح سنڌ. سنڌ جي آڳاٽي روحاني روشنيءَ جبي مرڪز، پور بندر ڏانھن 'غيبي مدد' لاءِ واجھائي رھي آھي:

پورب ماريا س
ڪنھن در ڏيندا دانھڙي؟

(مان تہ اوير جي ماريل آھيان. انھيءَ ڳالھہ جي دانھن مان ڪنھن کي ڏينديس؟)

سنڌين پاڪستان کي مڪمل طور رد ڪيو آھي، جيئن جي-ايم-سيد مٿي بڌايو آھي.

---

(٢) جي-ايم-سيد: "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانہ نظر"، 1971ع، صفحو 247.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سترهون

خدا کي خبر

سنڌ پاڪستان کي مڪمل طرح رد ڪيو آهي. پر آمريڪا جي چاڙتي پاڪستاني حڪومت کي منظر تان غائب ٿيڻ جو ڪو ارادو ئي ناهي. هتي هڪ اَڄهل قوت آهي، جيڪا اٽل شيءِ جي سامهون آهي. اهڙي ڏماڪي واري صورتحال جو انت ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ خدا کي خبر. پر ماڻهو- تاريخ جي روشنيءَ ۾....... ۽ عقل سان- اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هن وقت پاڪستان ۾- ۽ خاص ڪري سنڌ ۾- ماڻهو عام چونڊون چاهين ٿا. چاڪاڻ جو اڳ ۾ هندستاني هئڻ جي حيثيت سان، هو 1921ع کان وٺي چونڊون ٿينديون ڏسندي آيا آهن. هو عربن ۽ ايرانين وانگر ناهن، جن کي چونڊن جي ڪڏهن خبر ئي نه پئي. ورهاڱي کان پوءِ، هندستان وانگر وٽن ست ڀيرا چونڊون نه ٿيون آهن. پر وٽن 1954ع ۾ ۽ 1971ع ۾- ۽ وري 1977ع (ان کان پوءِ 1985ع، 1988ع ۽1990ع ۾) چونڊون ٿيون آهن. 1954ع جي چونڊن کان پوءِ اوڀر بنگال (تڏهوڪي اوڀر پاڪستان ۽ هاڻوڪي بنگلاديش) جو فضل الحق اولهه بنگال (هاڻي سندستان جو صوبو). ۾ ويو ۽ ڪلڪتي ۾ چيائين ته ”جن ماڻهن ملڪن کي ورهايو آهي، اُهي غدار آهن (ديشر و ڀاجن جدا ڪوريچي، تاراديس دروهي.) سندس بي باڪيءَ جي ڪري، ڪيس پوءِ معزول ڪيو ويو. پر 1971ع جيي چونڊن فضل حق کي بي ڏوهيءَ هجڻ کان وڌيڪ ثابت ڪيو. جڏهن مجيب الرحمان اوير پاڪستان کي پاڪستان جي ڪالونيءَ مان بنگلاديش جي خودمختيار ملڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. حيرت آهي جو پاڪستان جي حڪومت تڏهن به چونڊون نٿي چاهي.

اڄ ڪلهه فوجي آفيسر گورنر، ڪاتن جي سربراهن، ڪليڪٽرن، ججن جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا آهن. اهي ڪا شيءِ ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن. پوءِ چاهي اهي انهيءَ جا مالڪ نه به هجن. پر چونڊن جي گهر پويان هڪ ٻيو، وڏو ڪارڻ آهي، ۽ فوج انهيءَ کان هراسجي آڪڙيل آهي. اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهہ پاڪستان جي سيني صوبن ۾ اهو يقين ويٺل آهي تہ ڪين وڏيڪ اختيار حاصل هئڻ گهرجن. جيڪا پارٽي سيني ڪان وڏيڪ خودمختياريءَ جي گهر ڪندي، ڪيس ئي گهٽي ڪان گهٽا ووٽ ملندا. سندن اصلي گهُر اها آهي تہ پاڪستان جي صوبن جي ڪنفيڊريشن هئڻ گهرجي ۽ مرڪز وٽ رڳو بچاءُ، پرڏيهہ، مواصلات ۽ ناڻي جا کاتا هئڻ گهرجن. فوج لاءِ صوبن ڪان ناڻو سندن منظوريءَ سان ملڻ گهرجي. اهو مجيب الرحمان جو پراڻو ڇهہ نڪاتي فارمولو آهي، جيڪو وري ڪم ڪري رهيو آهي. فوج اهڙو ڪو بہ منصوبو نٿي چاهي هن آمريڪا ڪي انهيءَ تورتڪ سان ڏيڃاري ڇڏيو آهي تہ پاڪستان ۾ جيڪڏهن چونڊون ڪرايون ويندي يون تہ 'ڪابي ڏر' کٽي ويندي. آمريڪا جي نظر ۾ ڪابہ 'ڪابي ڏر' ڪميونزم آهي. پر حقيقت اها آهي تہ پاڪستان جا صوبا 'ڪابي ڏر' نہ ٻٽبا؛ اهي قوم پرست بنبا. پر امريڪا تين دنيا جي ڊپلوميسي جي حدن ۾ اهڙي عمدي فرق سان 'مانوس ناهي. ظاهري طرح جيڪو امريڪي مفادن جي خلاف آهي، اهو آهي خراب، الٽ پلٽ ڪندڙ، 'ڪيمونسٽ' اها ڳالهہ ڏکڻ آفريقا ڪان بلڪل مختلف ناهي، جتي جنهن ڪي Aparthied سمجهيو ويندو آهي، اهو 'ڪميونسٽ' ڪوٺيو ويندو آهي.

هونئن پڻ، آمريڪا جهموريت پسندن جي پيٽ ۾، جن جو ذهن ۽ لاڙو پنهنجو هوندو آهي، ڊڪٽيٽرن- ترجيحي فوجي قسم جي ڊڪٽيٽرن سان تعلقات رکڻ کي ترجيح ڏيندو آهي.

پاڪستان امريڪا جو ٻي حيا گراهڪ ملڪ تڏهن ڪان ٿي رهيو آهي جڏهن 'نيويارڪ ٽائمس' (New York Times) اخبار لياقت عليءَ جي امريڪا ۾ آمد تي سندس آجيان ڪندي پهرئين صفحي تي اڙدوءَ ۾ لکيو: "Khoosh Amded" (خوش آمديد) ايوب خان جي پاءُ سردار بهادر خود چيو تہ 1958ع جو فوجي انقلاب CIA جي چوڻ تي آندو ويو هو. جيسيتائين ايوب خان پاڪستان جو مرد- آهن هو، هن دورو ڪيو ۽ هر پيري C. I. A جي سربراهہ ايلنڊليس (Allen Dulles) سان ملاقات ڪندو هو. ايلن خود تصديق ڪئي تہ پاڪستان فوجي ڊڪٽيٽرشپ هيٺ 'ايشيا ۾ آزاديءَ جي پناهہ' وانگر آهي. اڳوڻي امريڪي سفير نہ رڳو 'جناح ٽوپي' پاتي، پر سندس ڌي مرد- آهن اسڪندر مرزا جي پٽ سان شادي بہ

ڪئي. حقيقت ۾ ايئر مارشل اصغر خان جي لفظن ۾ "اسڪندر مرزا جو امريڪا جي حق ۾ هجڻ گهڻو ڪري خود امريڪا کي پريشان ڪري ڇڏيندو هو." امريڪا کي خوش ڪرڻ لاءِ، ايوب خان مصر جي عبدالناصر جي مخالفت ڪندو هو ۽ ضياالحق وري ايران جي امام خمينيءَ جي مخالفت ڪندو آهي. (١١ سالن جي حڪومت ڪان پوءِ. ضياءالحق اگسٽ 1977ع جي هوائي حادثي ۾ مري ويو.) جمهوري پاڪستان ۾ اهو ممڪن ٿي نه سگهي ها.

تنهن ڪري ضياالحق جي مرضيءَ ڪان وڌيڪ. امريڪا ڪڏهن به چونڊون ڪرائڻ نٿو چاهي. حقيقت ۾. امريڪا ضياالحق کي اڳلي ڦٽو ڪندو، جيڪڏهن هو گهڻو مقبول ٿيندو ويندو. سندس جاءِ تي ٻيو جنرل ٿاڦيو ويندو، جيئن هو ٻينٽيگان جي سڪون لاءِ ڪجهه وڌيڪ سال ڪڍي سگهي. نئين ٻهاري مان ڪجهه وقت لاءِ بهتر صفائيءَ جي توقع ڪبي آهي.

پر ڇڱي طرح نه نئون ڊڪٽيٽر، پراڻي ڊڪٽيٽر جي ڪنهن حصي جيترو به جٽاءُ نه ڪندو. انهيءَ وچ ۾ جمهوريت لاءِ عوام جي گهُر مقابلو ڪرڻ لاءِ زور وٺندي. انهيءَ وقت امريڪي جمهوري ضمير جاڳي پوندو. چونڊون منعقد ٿينديون- پوءِ چاهي ضياالحق اهو چوي ته 1978ع ۾ الله کيس خواب ۾ چيو هو ته: "چونڊون غير اسلامي آهن" اها ڳالهه ڪافي دلچسپ آهي ته جناح فيصلو ڏنو هو ته "مسلمان جيڪي به ڪري ٿو. اهو اسلامي آهي." ۽ پاڪستان جا مسلمان چونڊون چاهين ٿا. ٿي سگهي ٿو ته اهي چونڊون اهڙيون ئي تباهه ڪن ثابت ٿين. جهڙيون 1971ع جون چونڊون ٿيون هيون.

هي هڪ معقول سوال آهي ته ٻن ٽن صوبن جي پيٽ ۾، چونڊن لاءِ وڌيڪ زوردار گهُر سنڌ ۾ ڇو آهي؟ حقيقت اها آهي ته سڀيئي صوبا چونڊون چاهين ٿا. پر ڪي صوبا مقامي سببن ڪري وڌيڪ جلدي چاهين ٿا. پنجاب اڄ ڪلهه فوج جي ذريعي سموري پاڪستان تي حڪومت ڪري رهيو آهي، تنهن ڪري کيس چونڊن لاءِ ايتري جلدي ناهي جو ائين ڪرڻ سان صوبن کي وڌيڪ آزادي ميسر ٿيندي ۽ سندس اختيار به گهٽبو.

ٻئي طرف سنڌ. بلوچستان ۽ سرحد جو عوام چونڊن مان گهٽي توقع رکي ٿو. هو آزاديءَ جي آغاز طور خود مختياري چاهين ٿا. پر جدا

قوميتن طور، سنڌن اندر ۾ مختلف نفسياتي گهڙيال ٽڪ ٽڪ ڪري ٿو. 1970ع جي ڏهاڪي واري بلوچستان جي آزاديءَ لاءِ لڙائيءَ ۾ پاڪستان کي صوبي ۾ هڪ لک فوج موڪلڻي پيئي، جنهنجو روزانو خرچ هڪ ڪروڙ رپيا هو، جيڪو گهڻو ڪري شاهه ايران پنجن سالن تائين ڀريندو رهيو. آخر ۾ 5.300 بلوچ گوريلا ۽ 3.300 پاڪستاني فوجي مارجي ويا. اڄ ڪلهه جيڪڏهن ڪو بلوچ پوليس کاتي ۾ وڏي ۾ وڏو عهدو ماڻي سگهي ٿو ته اهو سب انسپيڪٽر جو آهي. معزول بلوچ وزير اعليٰ سردار مينگل جي لفظن ۾: "قلات اسڪائوٽ ۾ ڪو قلاتي ناهي ۽ مڪران مليشيا ۾ ڪو مڪراني ناهي." اهڙي صورتحال ۾، بلوچ عوام رڳو چونڊون نٿو چاهي، پر انقلاب چاهي ٿو، جيڪو کين آزادي ڏياري. اهي پنهنجي طريقي سان مناسب وقت تي حملو ڪندا.

ساڳي ڪار سرحد به ڪندو. هتي لکين افغاني مهاجر اڳيئي چون پيا: "اسان پنهنجي وطن پختونستان ۾ آيا آهيون". انهن ويجهڙائي وارن سالن ۾ ڪنهن سال کين جدا پختونستان جي خودمختيار رياست حاصل ٿيندي. اهو ائين ئي ناهي جو ولي خان چيو آهي ته پناڻ ڪنهن به هٿيار ناهڻ جي صلاحيت رکن ٿا، "سواءِ ايٽم بم جي". پر اهي ظاهري طرح پنهنجي وقت کي پيا سڏين. کين خبر آهي ته سرد جنگ کي گرمائڻ: خاص ڪري سنڌن افغان سرحد، تي معاملن کي ڳاٽي پر ڪيرائڻ جو وقت ناهي.

حقيقت ۾ ٻئي وڏيون طاقتون هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي ملڪن ۾ انتهائي غير مقبول آهن. جبلتي طرح، سموري هندستاني ايبيٽ جا ماڻهو محسوس ڪن ٿا ته اهي طاقتون کين استعمال ڪري رهيون آهن- ۽ سنڌن اختلافن جو فائدو وٺي استحصال ڪري رهيون آهن- ته جيئن انهيءَ خطي ۾ هو پنهنجا مفاد اڳيرا ڪري سگهن.

اڄهو هاڻي سرحد جي پرئين پر سوويت روس افغانستان جي سرحدن اندر ويهي رهيو آهي. سرحد يا بلوچستان ۾ ڪنهن به عوامي تحريڪ جي ڪري ضياالحق کي وڌيڪ آمريڪي هٿيار حاصل ٿي ويندا- جيڪڏهن ائين ٿيو ته السلويڊار وانگر ڪجهه هزار آمريڪي 'فوجي صلاحڪار' ٻڻ حاصل ٿيندا. پاڪستان جو عوام آمريڪي فوج جي موجودگيءَ کان جند ڇڏائڻ ٿو چاهي. اهو طريقو رڳو پاڪستاني سر زمين

تي روسي- آمريڪي تنازعي جو پنيت ڀاري سگهي ٿو ۽ روس اهو نٿو چاهي. سندس هٿ حد کان وڌيڪ افغانستان ۾ ڦاٿل آهن. ڪيس خبر آهي ته پاڪستان ۾ سندس دلچسپي ناهي. خير کان اڳتي ٿيڻ مان مراد آهي جنگ- جيڪا ٽين عظيم جنگ ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري سرحد ۽ بلوچستان جاڻي واڻي ڍر ڏيو وينا آهن. ڪين خبر آهي ته وقت سندن طرفدار آهي.

پر اها سنڌ لاءِ مجبوري ناهي. هوءَ پنهنجو پاڻ کي ڪابل ۾ ٽڪيل روسين کان ڪافي ڏورانهون محفوظ ڏسي ٿي. بلوچستان جي برعڪس، سنڌ ۾ نڪي پنجابين جو غلبو آهي ۽ نه ئي اهي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. سنڌ پنجابين ۽ هندستاني مهاجرن جي سيلاب هيٺ آهي. تنهن ڪري وٽس ڪا حڪمت- عمليءَ جي رمز آهي. حقيقت ۾ هندستاني تعليمي، ثقافتي ۽ دولتمند خاندانن جي گهٽي تعداد ۾ آبادڪاري جي خمير ۾ حصو ورتو آهي. هونئن به سرحد ۽ بلوچستان جي ڀيٽ ۾ سنڌ سياسي طور وڌيڪ باشعور آهي. ان کان وڌيڪ، سنڌ اهو ڏسي ٿي ته همدرد هندستان سان ڊگهي سرحد ملي ٿي. انهن سڀني عنصرن گڏجي ضياالحق جي خلاف MRD کي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ اندر وڌيڪ زور ورتايو. مٿان وري 'جيئي سنڌ' جو جذبو ڪم ڪري رهيو آهي.

هڪ جائز سوال اٿندو: جيڪڏهن هندستاني رياستون گڏ رهي سگهن ٿيون ته پوءِ پاڪستاني صوبا پاڻ ۾ ڇو نٿا گڏ رهي سگهن؟ نيٺ ته اهي ساڳي دريا جي ماٿريءَ ۾ هڪ يڪسان رياست آهن. اهي گڏ رهي نٿا رهي سگهن- انهيءَ جا ٽي ٽوس ڪارڻ آهن.هندستان گهڻن صوبن تي مشتمل هڪ وڏو ملڪ آهي. منجهائنئن ڪنهن صوبي جو يونين تي غلبو ناهي. اينتري قدر جو سڀ کان وڏي صوبن اتر پرديش جون نشستون لوڪ سڀا جي نشستن جي ڇهين حصي کان به گهٽ آهن. ان جي بر عڪس پاڪستان جو پنجاب صوبو ٻين صوبن جي ملائڻ کان پوءِ به وڏو آهي.

پاڪستاني فوج جي- جيڪا بنيادي طرح پنجابي آهي- آمريڪي حمايت پنجاب کي وڏي هٿي ڏي ٿي. اها ڳالهه سنڌ ۽ ٻين صوبن لاءِ پاڻ وڌيڪ قابل قبول ناهي.

ٽيون عنصر نفسياتي آهي- هندن ۾ سهپ جو مادو ايڏو گهڻو آهي جو اهي غير هندوءَ کي به برداشت ڪن ٿا. پر مسلمانن ۾ سهپ ناهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري قدر جو مسلمان، مسلمان کي به برداشت نٿو ڪري.

هڪ الله واري (Monotheistic) اسلام جي اها اجرت آهي- ۽ گهڻن ديوتائن واري (Polytheistic) هندو ڌرم جو اهو انعام آهي. ارنولڊ ٽائن بي (Arnold Toynbee) جپان جي سوڪا گڪائي (Soka Gak-kai) واري دائي ساڪو اڪيدا (Dai Saka Ikeda) سان پنهنجي 'ڊايالاگ' ۾ چوي ٿو: "هندستاني ۽ اوڀر ايشيائي رويو وحدت الوجود (Pantheism) وارو آهي. يهودي مذهبن (جنهن ۾ يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام اچي وڃن ٿا) خدائي (Divenity) عنصر کي هڪ منفرد، قادر مطلق، ڪائنات کان ٻاهر اپائينڊز خدا ۾ يڪجا ڪيو آهي ۽ انهيءَ 'خدائي' جي بندش- انساني فطرت سان گڏ- فطرت کي ان جي خدائي کان محروم ڪيو آهي. ان جي ڀيٽ ۾، جديد مغرب جي اثر کان اڳ، هندستان ۽ اوڀر ايشيا ۾ سموري ڪائنات ۽ ان ۾ هر شيءِ جي موجودات جنهن ۾ غير انساني فطرت ۽ انساني اکين ۾ هڪ تقدس ۽ شان هو، جنهن انساني اجل کي غير انساني فطرت تي تشدد ڪرڻ کان روڪي رکيو هو.......... منهنجو ويساهه آهي ته انسان ذات کي وحدت الوجود ڏانهن موٽي وڃڻ جي ضرورت آهي. 'يهودي هڪ خدا وارن مذهبن' جا هاٽوڪا پوئلڳ سڀ جا سڀ اڱوٺا وحدت الوجودي آهن. اها تاريخي حقيقت ٻڌائي ٿي ته وحدت الوجود جي لاڙي ڏانهن سندن موٽي اچڻ جي ڪجهه اميد ٿي سگهي ٿي؛ جو هاڻي ڪين فطرت لاءِ خدائي عزت جي ڪميءَ جي نتيجي جي خرابيءَ جي هاڻي خبر پيئي آهي.

پر اهو سڀ ڪجهه ناهي: پاڪستان هڪ بي دليو ۽ زوري مڙهيل ملڪ آهي: 1996ع جي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ پڻ، سنڌين جي اڪثريت ورهاڱي جي حمايتي اميدوارن جي حق ۾ ووٽ نه ڏنو. جيتوڻيڪ سنڌ صوبي جي مسلمان آبادي 70 سيڪڙي. بلوچستان جو چوٿيءَ جو اڱواڻ خان صمد خان ورهاڱي جو مخالف هو. خان آف قلات حقيقت ۾ هندستان سان الحاق لاءِ درخواست ڏني. اهي برطانيه جي تابع قبائلي جرڳا ئي هئا، جيڪي پاڪستان جي حق ۾ هئا. سرحد ۾ ته 1946ع ۾ ڪانگريس جي حڪومت چونڊجي آئي هئي. اها پنهنجي ڪوتاهيءَ جي ڪري پاڪستان سان شامل ٿي- ڇو جو اولهه پنجاب ورهاڱي لاءِ وچ ۾ اچڻ جي ڪري سرحد صوبي جو

نئين هندستان کان زميني تعلق ختم ٿي ويو هو:- انگريزن ڪيس آزاديءَ جو انتخاب ڪرڻ نہ ڏنو. ٻچان وچان سرحد صوبي جي ڪانگريس ريفرينڊم جو بائيڪاٽ ڪيو- بزرگ غفار خان حق تي شڪايت ڪئي تہ کين 'بگهڙن جي حوالي' ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ ريت ڏسبو تہ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ هندستاني حق ۾ هجڻ جون جهموري خواهشون نيون نہ هيون. اهي 1947ع ۾ پڻ موجود هيون مسلم ليگ مسلمانن جي اڪثريت وارن صوبن ۾ اڌ جيتري بہ مقبول نہ هئي. جيتري اها مسلمانن جي ٿورائي وارن صوبن ۾ هئي، حقيقت ۾ پاڪستاني پنجاب هاڻي ئي پنهنجي پنجابي تشخيص جي نئين گهرائپ حاصل ڪئي آهي. اڄ ڪلهہ پاڪستان ۾ پنجابي فلمون مقبول آهن، جڏهن تہ اردو فلمون ناڪام وڃن ٿيون.

جيئن تہ پنجاب ۾ اردو جي روايتي طرح سرڪاري زبان جي حيثيت رهي آهي- انهيءَ ڪري پڻ تہ اردو پاڪستان جي تنهي صوبن جي پيٽ ۾ پنجابي- مهاجر جي ڳنجوڙ کي مضبوط ڪري ٿي ۽ اردوءَ کي پئن- انڊو- مسلم زبان جي حيثيت ۾ ناهي ٿي- تنهنڪري اڄ ڪلهہ پنجاب پاڪستان ۾ اردوءَ جي حمايت ڪري ٿو. بدليل صورتحال ۾، پاڪستان پنجاب اردوءَ کي پڻ وساري سگهي ٿو. جوش مليح آبادي ٻي سبب نہ چيو هو تہ اردوءَ جو مستقبل هندستان ۾ ٿي سگهي ٿو پر پاڪستان ۾ سندس مستقبل ناهي.

ورهاڱي کان ڪجهہ ورهيہ اڳ، لاهور ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ جي مسلمان شاگردن فيصلو ڪيو هو تہ طاقتور جانور ٻلي ڪمزور جانورن جو شڪار ڪن. مسلمانن کي هندن سان گڏجي رهڻ جو فطري حق حاصل آهي. پر ڪجهہ ورهيہ اڳ، ساڳي پنجاب يونيورسٽيءَ جي شاگردن فيصلو ڪيو تہ پنجاب جو قومي ڏينهن 'ويسا کي' آهي! ظاهر آهي، کين خبر نہ هئي 'ويسا کي' هندن جي نئين سال جو پهريون ڏينهن آهي. پنجابي مسلمانن جو اهو فطري هندوپڻو بہ آهي. اهي سمورا 'مسلمان- هندستاني' آهن يا ائين ڪٺي چئجي تہ 'مسلمان-هندو' آهن- ۽ نہ کي 'هندستاني مسلمان' هو هندستاني آهن، جيڪي مسلمان آهن- نہ کي مسلمان جيڪي هندستاني آهن.

هڪ ڀيري جڏهن اڳوڻو گورنر جنرل غلام محمد سنڌ جي منچر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڊ جو ٻيڙيءَ ۾ سير ڪري رهيو هو تہ هڪ ٻي ٻيڙيءَ مان ڪو گيت ڳائي رهيو هو:

چڏ جهگڙا مسجد مندر دا
گهن- ٿر طريقہ قلندر دا

(مسجد ۽ مندر تي جهڳڙو نہ ڪر- ۽ قلندر جو ٻڌايل محبت جو رستو اختيار ڪر.)

پنجابي غلام محمد رئڻ ۾ اچي چڪيو. گورنر جنرل ڪي چپ ڪرائڻ لاءِ ڳائيندڙن واري ٻيڙيءَ کي ٻري هليو ويٺو ٻيو.

نہ. پنجابي مسلمان پڻ اول پنجابي آهن- ۽ هندن ڪي دليل ڏيڻ لاءِ يا سعودين ڪان نوڪرين وٺڻ لاءِ رڳو مسلمان آهن.

ڪي سنڌي مايوسيءَ وچان جوندا آهن تہ جيڪڏهن ڪين اسلام ۽ سنڌيت مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوي تہ اُهي سنڌيت ئي چونڊيندا. (سنڌيت جو لفظ سنڌي ڪلچر لاءِ آزادي/ ورهاڱي کان پوءِ جوڙيو ويو آهي. اُن کان اڳ اهو لفظ فارسيءَ ۾ 'سنڌي تهذيب' ئي استعمال ٿيندو هو.) پر اهڙو مسئلو موجود ناهي. پاڪستان ۾ ماڻهن جي مقامي قوم پرستي مٿان هڪ سنهڙو تهہ آهي. اُهي پنهنجيءَ ۾ اچڻ چاهين ٿا- ۽ هڪ ٻئي لاءِ مصيبت جو سبب نہ ٿيندا. ايتري قدر جو پنجاب اها ڳالهہ قبول ڪندو تہ ودن جي زماني کان وٺي سنڌ ۽ پنجاب جدا ملڪ هئا. جن کي ترتيب وار 'سنڌو' ۽ 'سؤوير' ڄاتو ويندو هو. سنڌوءَ جو مرڪز موئن جو دڙو ۽ سؤوير جو مرڪز هڙاپا هئا. اڳاٽيون حقيقتون پنهنجو پاڻ ئي دعويٰ آهن. سچ پچ، جيترو اسان تبديل ٿيون ٿا، اوترو ساڳيا رهون ٿا. سنڌي سنڌي رهن ٿا ۽ پنجابي پنجابي رهن ٿا- ۽ اسلام پڻ سڀني کي 'پاڪستاني' نٿو ناهي سگهي.

هن صورتحال ۾ ڪانفيڊرل سرشتو، جنهن ۾ جُٽني صوبن لاءِ ڊوسنٽائي آزادي هجي، پاڪستاني مسئلي لاءِ درست حل هئڻ گهرجي.

پر انهيءَ ڳالهہ کي آمريڪا ڪيئن ڏسندو؟ هو پاڪستان کي اولهہ ايشيا ۾ پنهنجي پن پوليس وارن/ چوڪيدارن مان هڪ جي حيثيت ڏي ٿو. ٻيو پوليس وارو/ چوڪيدار آهي اسرائيل. اسرائيل عرب ملڪن کي ٻاهران هڪ قطار ۾ بيهاري ٿو. پاڪستان مسلمان هجڻ ڪري، ڪين اندران هڪ قطار ۾ رکڻ جي حيثيت ۾ آهي. آمريڪا جي نوڪريءَ لاءِ، پاڪستان جي

انهيءَ اندروني پوليس جي ڪردار کي ٿورو وقت جاري رکڻ جي اجازت ڏني ويندي جيسيتائين پاڪستان کي اندروني طور تي مڃتا حاصل آهي. جيڪڏهن برطانيہ ڪنمنڊوءَ ۾ پنهنجي فوج رکي سگهي ٿو تہ آمريڪا بہ پنهنجون فوجون لاهور ۾ رکي سگهي ٿو- بشرطيڪ ٻئي ڌريون اهو ئي چاهينديون هجن! انهيءَ اميد سان تہ جيئن تيل پاڻيهي ختم ٿيندو تہ پاڪستاني سرزمين ۾ امريڪا جو مفاد گهٽجندڙ حڪمت عملي وارو ٿيندو.

اولهہ ايشيا جي سڀ کان وڏي طاقت، هندستان اهڙا پڪ ڏني آهي تہ امريڪي حڪمت عملي وارا مفاد پاڪستان ۾ گهٽ متاثر نہ ٿيندا. اها پڪ امريڪا کي پاڪستاني سرزمين جي وڌيڪ حقيقت پسندانہ نموني نئين سر ترتيب ڏيڻ ۾ تهڪائي سگهندي.

هڪ ٻيو بہ مسئلو آهي. ڪانفيڊريشن جو لاڙو فيڊريشن بنجڻ ڏانهن آهي- ۽ فيڊريشن جو لاڙو وفاقي کان وحداني ٿيڻ ڏانهن وڌيڪ آهي' ٻي صورت ۾ انهيءَ جو لاڙو ڪيترن ئي جوڙيندڙ يونٽن ۾ ورهائجي وڃڻ ڏانهن آهي. جيئن تہ پاڪستانين وحداني طريقو آزمايو ۽ رد ڪيو آهي، تنهنڪري هاڻي مڪمل آزاديءَ لاءِ وڏي سگهيا آهن. جيڪڏهن اها سنڌ جي آزادانہ خواهش آهي تہ اها پلي هجي، پر سنڌو دريا جو نظام ڪين اقتصادي سهڪار ۾ هميشہ بدل رکندو. پنجاب کي ڪراچي بندر تائين مفت رسائيءَ جي ضمانت ڏيئي سگهجي ٿي. حقيقت ۾ جڏهن ڪراچي بندر سنڌ جو سياسي حصو آهي تہ چارئي صوبا گڏجي انهيءَ جو انتظام هلائي سگهن ٿا. اها ڳالهہ سڀني صوبن لاءِ اطمينان بخش هئڻ گهرجي.

مهاجرن کي سنڌ ۾ پنهنجي مستقبل لاءِ ڊڄڻ نہ گهرجي. ڪجهہ ورهيہ اڳ، انهن چيو هو تہ هندستان کي سنڌن باري ۾ پڻ سوچڻ گهرجي، جو اهي پڻ 'هندستان جا اصلوڪا رهاڪو' آهن. پر ساز سلوڪ جهڙو ٻيو ڪو بچاءُ ئي ناهي. ٻي صورت ۾ سنڌ جي شهرن ۾ مهاجر- ٻيٺ هميشہ ديهي سنڌي آباديءَ سان گهيريل رهندا. پر سنڌ ۾ مهاجرن کي اهڙو ڊپ ناهي: سنڌ ۾ هن کان پوءِ ڪوبہ ڪين 'مڪڙ' نہ ڪوٺيندو بشرطيڪ هو سنڌين سان امن امان سان رهن. سنڌ جي بزرگ جي-ايم-سيد چيو آهي تہ جيڪو بہ پنهنجو پاڻ کي سنڌي ۽ ان جي ڪلچر جو سڏائيندو، ڪين سنڌي طور قبول ڪيو ويندو. نيٺ، اهو ٻهريون ٻيرون ناهي جو ڌاريان ڪنهن خطي

۾ اڄي آباد ٿيا آهن. جتي انهن هميشه نئين ڌرتي ۽ نئين صورتحال سان پاڻ کي هم آهنگ ڪيو آهي ته جيئن انهن سان ۽ دنيا سان امن سان رهن. 'نوان سنڌي' پراڻن سنڌين کي موٽ ڏيڻ جي شروعات ڪري رهيا آهن. جمعيت العلماءِ پاڪستان پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ۽ مهاجرن جو اڳواڻ مولانا نوراني کليو کلايو سنڌي حقن جي حمايت ڪري رهيو آهي.

سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي چون ٿا ته هندستان کين پاڪستان کان نجات ڏياري- ۽ پوءِ کين هندستان ۾ يا هندستان کان ٻاهر رکي. هندستان جو اهڙي سار سنڀال وارو عمل، جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڀائرن لاءِ جمهوري ماڻهن طرفان نجات جو جائز عمل ٿيندو. شيخ اياز، جيڪو سنڌ جو عظيم جديد شاعر آهي، چوندو رهيو آهي: "جئه سنڌ، جئه هند" اها ڳالهه هندستان جي حڪومت جي فيصلي تي آهي ته ڪيس پاڪستان ۾ جمهوري ٻار کي جنم ڏيارڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي يا نه. پر هو جيڪڏهن مدد نٿو ڪري ته اُتان جا رهواسي خود صورتحال کي سنڀالي سگهن ٿا.

پاڪستان 1948ع ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان کسيو، ۽ 1954ع ۾ سنڌ کي زوري 'ون يونٽ' ۾ خم ڪيو ويو پر سنڌي 'ون يونٽ' کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ويا، ۽ 1971ع ۾ ڪراچي واپس ورتائون. منجهن خودمختياري جيڪا هو چاهين ٿا، حاصل ڪرڻ جي آزادي جي پختگي آهي. ايتري قدر جو هنن 'جيئي سنڌي تحريڪ جو نشان 'ڪهاڙي' (سنسڪرت ۾ پَر شُو) پاڻيهي ڏنو آهي، جنهن مان ڪوبه شڪ باقي نٿو رهي ته انهيءَ مان سندن کهڙي مراد آهي.

اهو سچ آهي ته سنڌي پير ڪوڙي لڙايون نٿا لڙن. هو جڏهن آزاد هئا ته به ڪابه لڙائي نه وڙهيا. هو پنهنجي لاءِ بلوچن کي وڙهڻ لاءِ رکندا هئا- پوءِ دشمن نادر شاهه هجي يا نيپير. پر حُرن جي هڪڙي قبيلي انگريزن کي 1943ع ۾ اهڙا ٽوٽا چباڻا جو کين اڌ سنڌ ۾ سموري سال لاءِ مارشل لا لاڳو ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي. ڏير سان سموري سنڌ هٿيار ڪٺي اُتي بيٺي- پوءِ ڪٿي اهي هٿيار لٺين ۽ ڪهاڙين تي مشتمل هئا. سنڌي هاري اڳواڻ، رسول بخش پليجو 1979ع کان جيل ۾ آهي. ايتري قدر جو سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيشن تي بندش پيل آهي. ڪابه حڪومت عوام کي ذليل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿي ڪري سگهي. جيڪڏهن اها هڪ پيرو اٿي بيهي ٿي. تنهنڪري جيڪڏهن هندستان جي حڪومت ڪاروائي نٿي ڪري ته پاڪستان جي عوام کي پاڪستان جي بي پاڙي حڪومت خلافد مقابلو ڪرڻ گهرجي. انهيءَ مان مراد ڪجهه دير- ۽ ڪجهه وڌيڪ وٺل آهن. ۽ بس.

پاڪستان جي ڇئني صوبن جو ٻاجهاري هندستاني ڇانو هيٺ پنهنجي مرضيءَ سان اچڻ ۾، ڪنهن کي به عجب ڪائڻ نه گهرجي. ڀارت ماتا پنهنجي ٻگڙيل ٻارن جي سار سنڀال به نه لهي ٿي. نيٺ جناح هند-پاڪ جي دائمي بي رُخي کي نه ڏٺو هو. هن چيو هو ته هندستان ۽ پاڪستان ڪنهن به ڌارئين حملي جو گڏجي مقابلو ڪندا. ورهاڱي جي تحريڪ جي هڪ ٿنڀي، خليق الزمان 1971ع کان پوءِ چيو ته ورهاڱي جي رٿا ناڪام ويئي آهي تنهنڪري نئين انتظام لاءِ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

’هڪ هزار سال جنگ‘ وڙهندڙ ڀُٽي پڻ چيو هو ته اهو ممڪن آهي ته هو گڏيل هندستان جو وزيراعظم نه بنجي سگهي، پر ان جو پرڏيهي وزير ٿيڻ جي پڪ سان اميد رکي سگهيو ٿي. پوءِ به جيڪڏهن ڀُٽي لاءِ گهٽي دير آهي ته ڪنهن جتوئي، ڪنهن دولتانا، ڪنهن ولي خان يا ڪنهن مينگل لاءِ اهو ڪافي وقتائتو ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موئن جي دڙي جي نرتڪي

موئن جي دڙي جو پروهت، جنهن جي ڪلهن تي گلڪاريءَ واري شال پيل آهي.



موئن جي دڙي جا زيور، جيڪي آثاري قديمه جي ماهرن کي لڌل
[illegible] ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهولي لال

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح

ڀڳت ڪنورام

شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سر چارلس نيپيئر

سيٺ ناؤمل

سر بارٽل فريئر

ايشيا جي پهرين ٽپال ٽڪلي 1852ع ۾ "Scinde Distoict Dawk" جي طور جاري ٿي. قيمت اڌ آنو هيس. اهي ٽڪلي EIC- ايسٽ انڊيا ڪمپني پاران جاري ڪئي ويئي هئي. جيڪا ان وقت حڪمران هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موئن جي دڙي جي کنڊرن جو هڪ ڏيک، جنهن ۾ وهنجڻ جو تلاءُ ڏسجي پيو.

حيدرآباد ۾ ميرن جا قبا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگهن جو شهر حيدرآباد .



سکر لگ، ساڌ ٻيلي ٻيٽاريءَ جي مندر جو ڏيک.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير صاحب پاڳارو

رشي ڏيا رام گدو مل

سادو نول راءِ

سادو واسواڻي

بابا هرنام داس، ساڌ بيلو

دادا ليکراج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڄي کان : پهرين قطار: آوچاريه ڪر پالاڻي، الله بخش سومرو، جي ايم سيد
ٻي قطار : آچاريه گدواڻي، ڄيٺي سپاهيملاڻي، ڄيٺمل پرسرام
ٽين قطار : [illegible] شرامداس دولترام [illegible]
پروفيسر نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي، ياڻي پرتاب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ارڙهون

سنڌي سماج ۽ ثقافت

سنڌي سماج عظيم هندستاني سماج جو اڻ ڇڄندڙ حصو آهي، ۽ سنڌي ثقافت عظيم هندستاني ثقافت جو اڻ ڇڄندڙ حصو آهي؛ پر پوءِ بہ مقامي عنصرن جي سبب سنڌس پنهنجو هڳاءُ آهي. هتان ماڻهو ٻين جي عقيدن جو احترام ڪرڻ ڪري نوڙت وارا، پر عملي آهن. مذاق ۾ چئبو آهي: "سورائتي آڳوڻي وانگر سنڌي حڪومت اهو ڪجهہ ڪندي جيڪي سولو ۽ فائديمند هوندو." ڪيترن ئي جڳن تي ڦهليل سنڌن مختلف تجربن کين اهڙي لڇڪ عطا ڪئي آهي، جيڪا سنڌن جيابي لاءِ تہ آهي، توڙي جو سنڌن شان وٽان ناهي. جڏهن انهن ڌارين جي قافلن کي منهن ڏنو ۽ خود پاڻ واپار خاطر ڏورانهان سفر ڪيا تہ سنڌن آبائي عقيدي جي گهرائي ۾ واڌارو آيو. انهن ڳالهين کين دنيا جا آسان شهري بڻائي ڇڏيو. ايچ- ٽي- لئمبرڪ. آءِ- سي- ايس تسليم ڪري ٿو تہ "سنڌ جي هوا ۾ ڪا مڙيئي اهڙي شيءِ آهي، جيڪا عموما مخالف عقيدن جي سرحدن کي جهڪائي ڇڏي ٿي."

اسلام هندستان ۾ اچڻ سان هميشہ وانگر قتل، لٽ مار ۽.......... جو ڊرامو رچايو. پر اها شرارت اڳ ۾ بہ ٿيندي رهندي هئي. نؤن مسلمانن پنهنجون قبرون.......... آراستہ ڪيون ۽ انهن کي ڏوپ ۽ گلن سان واسيائون. سنڌن پٽاندر شادي جو ڏينهن هزارين سالن جي عبادت کان بهتر هو. انهن عورتن جي طهر جي عربي رسم کي ڇڏي ڏنو ۽ سخت قانونن کي معتدل بڻايائون.......... جيڪي عرب سنڌ ۾ ايندا هئا- جنهن کي اهي 'هند' ڪري سمجهندا هئا- سماجي طرح ايڏو سنڌي ٿي ويندا هئا. جو وطن واپس موٽڻ تي کين چيو ويندو هو: "اي هند مان موٽي آيل. پنهنجو ايمان نئين سر جيئار." سمن ۽ سومرن، جيڪي مقامي حاڪم هئا. پنج سؤ ورهيہ حڪمراني ڪئي. انهن جڏهن نئون مذهب اختيار ڪيو تہ اهي مسلمان هجڻ کان سنڌي وڌيڪ هئا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪئپٽن هئملٽن (Capt. Hamilton)، جيڪو سنڌ ۾ ارڙهين صديءَ ۾ آيو هو. لکيو آهي تہ هڪ صدي اڳ هندو آبادي، مسلمان آباديءَ کان ڏهوڻي وڌيڪ هئي. اڄ سنڌي دانشور جي-ايم-سيد 'عرب ڇاپ اسلام' کي رد ٿو ڪري. ظاهر آهي تہ اهي 'سنڌي ڇاپ اسلام' چاهين ٿا. جيڪو مغل دؤر جي پڇاڙي تائين موجود هو.

اها ڏاڍي ڏک جهڙي ڳالهہ آهي تہ هندو- دوستي واري اها صورتحال مغلن جي ڏينهن ۾ تبديل ٿي. اڪبر سهپ واري نيتي رائج ڪئي. هن گهٽي

ڪان گهڻا وڏا عهدا هندن کي ڏنا. انهيءَ ڳالهه مسلمانن کي ناراض ڪري وڌو. جن وڏن عهدن جي هڪ هٽي وحيائي هئي. جيڪي اهڙي نتيجي ۾ محروم رهجي ويا هئا. اهي متعصب ملائن سان وڃي شامل ٿيا. اهو ناپاڪ ڳنڍ جوڙ هو. جنهن اورنگزيب کي دارا تي سوڀ پائڻ ۾ مدد ڪئي. اڪبر جي نيتيءَ جي ڪري جيئن هندن کي وري حيثيت حاصل ٿيڻ لڳي، تيئن مسلمانن جي سندن خلاف رد عمل. ڪٽر پٽي جي قوتن کي مضبوط ڪيو ۽ وڏي پئماني تي ڏرم مٽائڻ جي لهر شروع ٿي. ظاهر آهي تہ اها هڪ طوفاني لهر هئي، جنهن سنڌ کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو ۽ عربن جي فتح کان هزار ورهيہ پوءِ سنڌ کي مسلمانن جي اڪثريتي صوبي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. تعصبي الغزالي، جنهن لبرل سوچ رکندڙ الفارابي ۽ ابن سينا تي يارهين صديءَ ۾ حملو ڪيو هو ۽ جنهن دليل جي اصول کي ترڪ ڪيو هو ۽ مذهب کان سائنس کي طلاق ڏياري هئائين. اسلامي دربارن ۾ انتقام وٺڻ لاءِ موجود هو. سنڌ ۾ انهيءَ طريقي جو اڳواڻ محمد هاشم ٺٽوي هو. سندس فتوي کي ڪلهوڙي حاڪم غلام شاهہ فرمان جي طور هن ريت جاري ڪيو: حڪومت جي سيني اهلڪارن کي چتاءُ تو ڏجي تہ ڪين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي وقت بوقت جاري ڪيل مذهبي هدايتن تي عمل ڪرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڪين (شيعن کي) محرم دوران اعزاداري ڪرڻ ۽ تعازيا ڪيڻ کان روڪڻ گهرجي. عورتن کي باغن ۽ قبرستان ۾ وڃڻ کان روڪيو وڃي. ماٺهن کي فوتين تي سوڳ ڪرڻ کان روڪڻ گهرجي. جانورن جي جسم تي چٽسالي نہ ڪئي وڃي. هندن کي چوٽي رکائڻ ۽ ڌوتي پڌڻ يا پنهنجي دڪانن تي اڳهاڙي گوڏن ويهڻ کان منع ڪئي وڃي. مسلمانن کي چيو وڃي تہ اهي مڇون نہ رکائين. ۽ پنهنجي ڏاڙهي ڊگهي نہ رکائين. سندن ڏاڙهي مٺ جي ماپ کان وڌڻ نہ گهرجي. هندن کي هولي ملهائڻ يا سرود، شرنائي دهل ۽ توتاري تي ڳائڻ جي اجازت نہ ڏني وڃي. سرڪاري عملي کي مٿين حڪمن کي سختيءَ سان لاڳو ڪرڻ گهرجي. انهن حڪمن جي ڀڃڪڙيءَ جي صورت ۾ مثالي سزا ڏني وڃي تہ جيئن ڪو بہ ائين ڪرڻ جي همت نہ ڪري. انهيءَ ڪانسواءِ ماٺهن کي روزا- نمازون قائم ڪرڻ ۽ ٻيون مذهبي رسمون ادا ڪرڻ لاءِ چيو وڃي. مٿين حڪمن جي نفاد ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ٿيڻ گهرجي. 2 شعبان 1072 هجري.

اڪبر جي لبرل مذهبي پاليسيءَ کان پوءِ اهڙي قسم جو تعصب پيدا ٿيو. جنهن هندن کي وڌ کان وڌ نوڪريون ڏياريون. پر انهيءَ ڳالهہ جي ڪري هينين طبقي جا ماڻهو سرڪاري دباءَ ۾ اچي مسلمان ٿيڻ لڳا. اهڙي ريت هڪ ئي وقت بہ مخالف صورتون اپرندي نظر اچڻ لڳيون. گدومل ۽ ٻيا عامل سنڌ جي دربار ۾ وزير ٿيا. ڪين مسلمان امرائن جهڙي پوشاڪ پائڻ جي اجازت ملي. مٿن ڍل معاف ٿي ۽ ڪين 'ديوان' چئي مخاطب ڪيو ويو، پر

هندو ٻاڻ وٽ نہ مورتي رکي سگهيو ٿي ۽ نہ پنهنجن مندرن ۾ گهنڊ وڄائي سگهيو ٿي. اهي خميس شام کان ڇنڇر صبح تائين پنهنجي گهرن ۾ بند رهندا هئا. جو ڪين ڊپ هوندو هو تہ متان ڪو مسلمان اٿين چوي تہ هن جمعي پاڪ جي ڏينهن ڪين 'الله' يا 'رسول' چوندي ٻڌو هو- ۽ تنهن ڪري اهي هاڻي مسلمان آهن. هندو ڪنهن بہ عربي ڪتاب کي انهيءَ ڊپ کان هٿ بہ نہ لائيندا هئا تہ متان اهو قران شريف نہ هجي، جنهن کي هٿ لائڻ سان هو تعصبين جي نظر ۾ مسلمان نہ ٿي پون. برطانوي محققن جهڙوڪ رچرڊ برٽن (Richard Burton) لکيو آهي تہ هندو ڪڏهن بہ 'رسو' يا 'رسي' لفظ نہ اچاريندا هئا. جو ڪين اهو ڊپ هوندو هو تہ متان ڪو اٿين چوي تہ هن 'رسول' چيو آهي. انهيءَ ڪري اهي هميشہ .رسو' يا 'رسي' جي بدران .نوڙي' چوندا هئا. هڪ سنڌي شهزادي پنهنجي گهڙي هڪ انگريز کي بمبئي مان مرمت ڪرائي اچڻ لاءِ اهو چئي ڏني تہ اها ڪنهن بہ بت پرست کي ڇهڻ بہ نہ ڏني وڃي. انهيءَ انگريز کي تحفي طور هڪ تلوار ڏني ويئي. جنهن تي فارسيءَ ۾ اُڪريل هو: "مان وزن ۾ هلڪي آهيان' پر دشمن تي ڀاري آهيان، سورمن مون کي هڪ لک هندن کي قتل ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو آهي." ايتري قدر جو آزمود گار مدبر گدومل کي، جنهن ڪارڊنيل وولزي (Cardinal Wolsey) وانگر ملڪ لاءِ امتيازي خدمتون سر انجام ڏنيون. تڏهن قتل ڪيو ويو، جڏهن سندس ڌيءَ درويدي مسلمان شهزادي سان شادي ڪرڻ بدران پنهنجو انت آندو.

تنهنڪري برطانوي مبصر عجب ۾ آهن تہ هندو اهڙي هنڌ ڪيئن رهيا پيا آهن. ڊاڪٽر جيمس برٽن (Dr. James Burton) لکي ٿو: "اهو سچ پچ سمجهڻ ڏکيو آهي تہ هن ملڪ ۾ ڪيترن هندن رهڻ جاري رکيو هوندو. حقيقت ۾ اهو انهيءَ شخص جو سنهنڊ آهي، جيڪو هو پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي وڻڪار سان وندي ٿو. جتي هو نپجي ٿو."

اهو تصوير جو هڪ رخ آهي. ٻيو رخ اهو آهي. جيڪو ايسٽوڪ(F. B Eastwick) لکيو آهي: "جڏهن اسان شڪارپور ۽ حيدرآباد پهتاسين تہ اتان جا ايترا گهڻا ۽ ايترا شاهوڪار ماڻهو مليا. جيترا اسان جي حڪومت جي گهڻن خوشحال شهرن ۾ رهندا هئا." هو اڳتي لکي ٿو: "اسان جيئن ڪراچيءَ ۾ گهڙياسين تہ اسان هنگلاج کان موٽندڙ ياترين سان ملياسين..........اها اولهہ طرف ڏورانهين سرحد آهي. جيسيتائين هندستاني 'گهڻن ديوتائن کي مڃڻ وارو پنٿ' (Polythiesm) ڦهليل آهي." هئملٽن (Hamilton) 1699ع ۾ سنڌ ۾ هوليءَ جي صبح کان شام تائين ملهائڻ جو لکيو آهي: "انهيءَ جنوني ڏهاڙي تي هر عمر جا مرد. زالون ۽ ٻار گهٽين ۾ نچندا، شرنايون، دهل ۽ جهانجهون وڄائيندا آهن."

سنڌ جي فتح کان چار سال اڳ، 5 نومبر 1839ع تي، ايسٽوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏياريءَ جو خوبصورت منظر ڏنو. هو لکي ٿو: "ڏياري اجوڪي ڏينهن تي ٿيندي آهي. سمورو دريا ڏيائين سان جرڪيل هو. سچ پچ منظر ڏاڍو موهيندڙ هو. مسجدون ۽ ويران مقبرا اکيچار روشنين سان جڳمڳايل ۽ سموري اداس شان شوڪت سان انهن جو ڦهيل وڏو وهڪرو- ڪجهن جو جهڳٽو ۽ وچ دريا ۾ بکر جي قلعي واري پيتاري- انهن سڀني گڏجي هڪ عجب جهڙي تصوير جوڙي ڇڏي هئي. جلدي نت ڪنهن شرڏالو لڪشميءَ جي آرتي ڪئي ٿي ۽ ڏيئڙن جو ڍير هڪ نندي ٿالهه تي رکي پاڻيءَ ۾ ڇڏي ڏنو ٿي."

هتي سنڌي مسلمان، هندن سان گڏ ڏياري ملهائيندا هئا. ظاهر آهي ته سنڌين اسلام جي سنڌي صورت ظاهر ڪئي هئي. خوش مذاقي سان گڏجي رهڻ جو اهو هڪ مثال آهي ته جڏهن مير سرفراز خان گدومل جي نندي قد تي چرچو ڪيو ته هن فارسيءَ ۾ وراڻيو: "مڙس ماڻهوءَ جي پرک لڙائيءَ جي ميدان تي ٿيندي آهي. آڱوٺو جيتوڻيڪ ننڍو هوندو آهي پر آڱرين کان وڌيڪ اهم آهي."

هڪ ڀيري سنت ڪوي شاهه عبداللطيف پنهنجي هندو دوست مَدن کي ڇيڙيندي پڇيو: "حشر ويل حساب ۾، ڪافر ڪندا ڪيئن؟ ان وقت مدن وُرندي نه ڏني. پوءِ جڏهن اهي دريا جي پتڻ تي پهتا ته بيڙي رواني ٿي چڪي هئي. مدن ڪجهه وڌيڪ پيسا ڪڍي بيڙي واري کي ڏيکاريا، جنهن بيڙي روڪي کين پاڻ سان کنيو. ان وقت مدن شاهه ڏانهن مڙي سندس سوال جو جواب ڏيندي چيو: "هٿ جنين جو هيڻ، سي پهرين پتڻ پار ڪن."

گهڻا سنڌي هندو اڳاڻي زماني کان سنڌ ۾ ئي هئا. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ جي گادي واري هنڌ اروڙ تي قبضو ڪيو ته گهڻا هندو اتر ۾ پنجاب ڏانهن لڏي ويا. اهي اجا تائين اروڙا چوائجن ٿا. باقي بيا پاڻ بچائي ملتان، جيسلمير ۽ ڪڇ ڏانهن وڃي نڪتا. منجهانئن گهڻا پوءِ مغل- ڪلهوڙا دؤر ۾ واپس موٽي آيا. هتي هڪ پنجابي خاتون، وملا سنڌي آهي، جيڪا اندرا گانڌيءَ جي سيڪريٽري آهي. ان کان سواءِ ڪي-ايل- پنجابي نالي هڪ سنڌي آءِ-سي-ايس (ICS) پڻ هو. آڏواڻي ملتان کان؛ ملڪاڻي، ٿڌاڻي ۽ رام چنداڻي جيسلمير کان؛ ڪرپالاڻي ڏور پرياگ کان ۽ ڀاڳچنداڻي ايوڌيا کان آيا. اهي سڀ درجن پيڙهيون اڳ پنهنجي وڏن جي نالن پويان سڏجانا وڃن ٿا. رگهو شاهاڻي ٻين کان نيارا آهن. جيڪي لاڙڪاڻي جي امير، شاهه ٻهارو جي نالي پويان سڏجن ٿا. هو ماڻهن ۾ ايڏو ته مقبول هو جو سندس مت مائٽ، دوست ۽ ايتري قدر جو ملازم پڻ پاڻ کي 'شاهاڻي' سڏائيندا هئا. ڀاڳناڙي گهڻو پوءِ بلوچستان مان شڪارپور ۾ آيا. عام خيال جي ابتڙ، عامل ۽ ڀائيبند مختلف اکهن جي ساڳئي گروهه سان تعلق رکن ٿا. جيڪي ماڻهو نوڪرين ۾ گهڙيا، اهي 'عامل' چوائڻ ۾ آيا. ۽ جن ماڻهن واپار جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيشو اختيار ڪيو. اهي 'پائي پنڊو' (پائيپنڊ) مشهور ٿيا.

پيرومل مهرچند جو سماجياتي اڀياس ڏيکاري ٿو ته لکي، ناگرائي، ساگرائي، جيٺملائي، لکاڻي، لالا، مانا ۽ چاپڙيا پاڻ ۾ سوٽ آهن. ساڳي طرح آڏواڻي، سيتلاڻي، ساڌواڻي ۽ شامداساڻي به پاڻ ۾ سوٽ آهن. چنراماڻي، ڀميائي، ڪرناڻي ۽ ڪرپالاڻي- سڀ 'ڇڳهه' آهن. ٺڏاڻي، رائسنگھاڻي، گهياڻي، 'ڪنگر' آهن. ڇٺاڻي، هنگوراڻي ۽ ڀڳواناڻي- 'ڪڪڙيجا' آهن. اجواڻي، ڀاوناڻي، گدواڻي ۽ ڄڳتياڻي پاڻ ۾ ويجها مٽ آهن ۽ ميرچنداڻي، مهتاڻي، مورجاڻي، نسدارنگاڻي ۽ ماڪيجا به ساڳي طرح ڳنڍيل آهن. بلواڻي، ملڪاڻي، رامچنداڻي ۽ رامرڪياڻي- سڀ 'درزي' آهن.

سنڌي مسلم سماج، هندو سماج کان گهڻو مختلف آهي. سنڌ جا آڳاٽا رهواسي ڪولهي ۽ سنٿال آهن. تنهن ڪري اسان وٽ سنڌ ۾ اڄا تائين ڪي ڪي 'منڊا' لفظ آهن. ساڳئي سبب ڪري گهڻن سنڌين وٽ اڄا تائين ويهن تائين انگن ڳڻڻ جو 'وجيسيمل' (Vigesimal) سرشتو آهي. جڏهن ڪو سنڌي ٻار اٺي- ڏڪر راند کيڏندو آهي ته آهي، ته هو 'هڪ- ٻه ٽي' ڳڻڻ جي بدران، ڏکڻ هندستاني انگ 'وڪٽ- لين- مون-ناڙ' ڳڻندو آهي.

ان کان پوءِ جاٽ ۽ ميد آيا. ڪانئن پوءِ عرب، ترڪ ۽ افغان آيا. هن وقت سيد مذهبي اڳواڻ آهن. شيخ اوچين ذاتين مان مسلمان ٿيل آهن. بلوچ بلوچستان جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ وڏيڪ آباد آهن. جيئن گورکا نيپال جي پيٽ ۾ هندستان ۾ وڌيڪ آهن ۽ پوءِ عام طبقي جا ماڻهو آهن- مارو، سنجر، پنوهر، ملاح، منگڻا، سوڍا، ڏاڻي، گندرا، ريپاڙا، ڪڇي، ڪوهيارا، مهاڻا، اوڏ، مڪراني، شيدي (حبشي). اسان وٽ ماتليءَ ۾ هڪ مزيدار قبائلي قوم 'لنڊ' رهي ٿي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي ٽين صديءَ ۾ آباد ٿيل 'هن' آهن. جڏهن رچرڊ برٽن کنهن 'اشرف' کان پڇيو ته پيون اوچيون ذاتيون ڪهڙيون آهن؟ ته هن وراڻيو "سيني کان اول اسان آهيون، ٻئي نمبر تي سيد آهن، پوءِ فتح عليءَ جي اڌ آکهه آهي، باقي ٻي سڀ ڪٽ خلق آهن!"

مسلم دؤر ۾، هندو وجود جو مڃڻ لائق بهتر صورت ۾ نمايان عنصر، پنجاب ۾ سک- پنٿ جي اؤسر هو. سناتن ڌرم ڏکيي مسلم دؤر هيٺ سڪرات ۾ هو. پر سِک- پنٿ پارونتي سنڌي وايو منڊل ۾ تازي هوا جي مثل آيو. ٻئي صوبا پاڙيسري ملڪ هئا. سنڌن رهاڪو پاڻ ۾ ويجها مائٽ هئا ۽ سنڌن زبانون هڪ ٻئي سان مانوس ۽ ڳنڍيل هيون. انهيءَ حقيقت سک- پنٿ کي جڳيءَ طرح وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو. چيو وڃي ٿو ته گرو نانڪ ديو پنهنجي سير سفر جي دوران شڪارپور به آيو هو. ڪنعيا لال نالي هڪ سنڌي گروگوبند سنگهه سان شامل ٿيو. هن لڙائيءَ جي ميدان ۾ زخمين کي پاڻي پيارڻ جي خدمت جو فرض پاڻ تي هموار ڪيو. هن رڳو زخمي هندن کي نه پر زخمي مسلمانن کي به پاڻي پياريو ٿي. پر ڪن سِکن دسمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سپاهين کي ڀائي ڀياري جيٺارث تي اعتراض ورتو. اهي ڪيس گروءَ وٽ ونئي ويا. جنهن نہ رڳو سندس انهيءَ عمل کي ساراهيو پر ڪيس سنڌ ۾ سک- پنٿ جي پرچار ڪرڻ لاءِ روانو ڪيائين. سنڌ ۾ هو 'ڪٽ واري ڀائي' جي نالي سان مشهور ٿيو. ڇاڪاڻ جو هو پنهنجو ويا ڪياڻ ڪٽ تي ويهي ڏيندو هو.

ڀائي ديال سنگهہ جڏهن گروءَ جي لشڪر جي خدمت ڪندي ٻڍو ٿيو تہ ڪيس هڪ تلوار، هڪ ڪرپان، هڪ چڪر ۽ هڪ نيزو ڏيئي اهو چئي سنڌ ڏانهن روانو ڪيو ويو تہ وڃي سنڌين ۾ همت پيدا ڪري.

مهاراجا رنجيت سنگهہ. مانڪ سنگهہ کي هاٿيءَ جي پٺيءَ تي چاڙهي، هٿ ۾ گرو گرنٿ صاحب ڏيئي موڪليو تہ هو اهو وڃي حيدرآباد ۾ رکي. انهيءَ مقصد لاءِ ميرن کيس زمين ڏني، جتي مشهور 'اڪل پونگا' جوڙيو ويو. جڏهن گردواري ۾ ڪيترن مهل دهل ۽ ساز وڄڻ لڳا تہ مسلمانن اعتراض ورتو ۽ مسجد جي ڀرسان ڳائڻ وڄائڻ کان منع ڪيائون، جيڪا لڳو- لڳ هئي. اول تہ ميرن 'اڪال پونگا' کي اتان ڪٿي ٻئي هنڌ قائم ڪرڻ جو چيو، پر اهو محسوس ڪندي تہ اها ڳالهہ لاهور دربار کي ناراض ڪندي، 'اڪال پونگا' کي اتي ئي رهڻ ڏنو ويو- ۽ پوءِ ان جي بدران انهيءَ پراڻي مسجد کي عورتن لاءِ مخصوص ڪيو ويو. پر انهيءَ ۾ ڪا بہ عورت ڪڏهن بہ نماز پڙهڻ لاءِ نہ ويئي ۽ اها تالا بند ٿي رهي.

گرو نانڪ جي ٻن پٽن بابا لکمي چند ۽ بابا سري چند- پرچارڪن جي جگياسو' ۽ 'اداسي' فرقن جي شروعات ڪئي، جن گهٽائي مندر قائم ڪيا. منجهانئن هڪ باوا گرپت صاحب هو. جيڪو گرونانڪ جي ٻارهين پيڙهيءَ ۾ پونير هو. هن سنڌي سماج ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌي هندو سک شاسترن سان تمام گهڻو مانوس آهن. اڄ ڪالهہ جي-ايم-سيد پارا سنڌي مسلمان اڳواڻ پڻ محسوس ڪن ٿا تہ سنڌين ۽ پنجابين لاءِ گرو نانڪ جون سکيائون فائدي مند ثابت ٿينديون.

مسلمان حڪومت مسلمانن سان ترجيحي سلوڪ ڪندي هئي. ايتري قدر جو وٽن هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ انصاف جي تور- ماپ جون تارازيون جدا هيون. پر انگريزي راڄ اچڻ سان اهو طريقو ختم ٿيو. ٻنهي ڌرين کي هڪ جهڙا موقعا ملڻ سان، هندو تعليم ۽ واپار ۾ روايتي دلچسپيءَ جي ڪري مسلمانن کان اڳيرو ٿيڻ لڳا. جلد ئي اهي نوڪرين، ڏنڌن واپار ۽ ڪارخانن ۾ ترقي ڪرڻ لڳا ۽ مسلمان زمين ۽ دستڪاري ۽ پورهئي جي ڪم تائين محدود ٿي ويا. ايتري قدر جو جڏهن ورهاڱو ٿيو ۽ مهاجر سنڌ ۾ پهتا تہ ڪين اهو فڪر هو تہ سنڌ ۾ پاڪستان ڪيئن قائم ٿي سگهندو. اهو چوڻ لڳا: "سنڌ جي حيدرآباد ۽ ڪراچي کان تہ لکنو ۽ پٽنا ۾ مسلمان وڌيڪ آهن".

سنڌين جا هميشه ڌيساور سان واپاري ناتا هئا. سنڌ جو چوڻ هو:
"اتم کيتي، وڏندڙ واپار، نيچ نوڪري ۽ پنڻ بيڪار."

هزارين ورهيه اڳ، 'پاڻي لوڪن' (Phoenicians) جي حيثيت سان انهن اوپر پونچ سان واپار ڪيو هو ۽ اتي آباد پڻ ٿيا هئا. شاهه لطيف جو خوبصورت 'سُر ساموندي' لنڪا، جاوا ۽ چين جي ساليانې واپاري مهمن جي باري ۾ آهي. 1869ع ۾ سيئز واهه جي کلڻ سان واپار جي واڌاري لاءِ جڻ حيرت انگيز در کلي پيو. سنڌ جي هنر ۽ ڪاريگريءَ جي ڪم جي شروعات ڪرڻ سان ڪين "سنڌ ورڪي" ڪونيو ويو. جن جلد ئي سوٽي ڪپڙي، قيمتي تحفن ۽ هيرن کي سموري رستن ۾ قطاري چڙهيو.

جڏهن انگريزن سنڌ جون واڳون ورتيون ته هندن وٽ زمين ذرو به نه هئي. انگريزن رٽائرڊ عملدارن کي زمينون ڏنيون. جيڪي گهٽو ڪري هندو هئا. شاهوڪار ماڻهن بازار جي اگهه سان زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪيون. فضول خرچ مسلمان زميندارن پنهنجون زمينون هندو واڻين وٽ گروي رکڻ شروع ڪيون. گرويءَ جو رقمون واپس نه ڪرڻ جي ڪوتاهي ڪري، انهن پنهنجين زمينن تان هٿ ڪنيو ۽ هندو انهن جا مالڪ بنجي ويا. انگريزي راڄ جي هڪ صدي دوران، انهن زمينن جو لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو حاصل ڪري ورتو. چيو وڃي ٿو وڏيڪ 20 سيڪڙو وٽن گروي پيل هيون. ڪن مسلم ليگي اڳواڻن- خاص ڪري سر عبدالله هارون. انهيءَ ڳالهه مان وڏو ڳالهوڙو بنايو. عبدالله سائيڪلون مرمت ڪندڙ جي دڪان تي چار آنا ڏهاڙيءَ تي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي ۽ ڪروڙپتي ٿيو. ڪيس آباديءَ جي 30 سيڪڙو هندن سان ساڙ هو. جيڪي 40 سيڪڙو زمينن جا مالڪ ٿيا هئا. ڪيس آباديءَ جي 30 سيڪڙو هندن سان بنيادي ڪُنياءُ ڏسڻ ۾ نه آيو. جن وٽ مسلمانن جي راڄ ۾ زمين جو ذرو به نه هو. گهٽن مسلمان زميندارن کي اها سڌ هئي ته مسلمان زميندارن نٽي چاهيو ته تعليم پکڙجي عام ٿئي، جو ڪين اهو ڏپ هو ته پڙهيل هارين جو ايندڙ نسل وڏيڪ حقن جي گهُر ڪندو.

انهيءَ زمين جي مالڪيءَ جي تبديليءَ جا حقيقي به سبب هئا: پهريون ته هندو، جيڪي صدين کان زمين لاءِ بکايل هئا. تن زمين لاءِ فطري انساني خواهش محسوس ڪئي ٿي- ۽ هاڻي انهن ائين ڪرڻ لاءِ هٿ پير هنيا ۽ ٻيو نادار مسلماني عادتون. هندو ڏاهپ ۽ هوشياريءَ جي مقابلي ۾ هيون. مسلمان ۾ هوند کان وڏيڪ خرچ ڪرڻ جي عادت پيل هئي. جڏهن ته هندوءَ ۾ بچائڻ ۽ سيڙائڻ جو وڏيڪ لاڙو هو. مشهور چوڻي آهي ته جڏهن هندو وٽ ناڻو هوندو ته هو 'جاءِ مٿان جاءِ جوڙائيندو' ۽ جڏهن مسلمان ناڻو ڪمائيندو ته 'جوءِ مٿان جوءِ' آڻيندو.

مسلمان روايتي طرح واپار ۾ پوئتي پيل آهن. مغلن توڙي انگريزن

ٻنهي هندن ڪي واپار ۾ پڙ مڃيو آهي. عزيز احمد جي 'مرزا نامہ' ۾ 16 صديءَ جي مسلمان امير- شاهيءَ کي صلاح ڏني آهي تہ ”جيڪڏهن ڪيس اڌاري رقم جي ضرورت آهي تہ هندو 'مهاجرن' کان وٺڻ گهرجيس. جنهن کي مسلمان مغل واپاري تي ترجيح ڏيڻ گهرجي، ڀوءِ چاهي وياج کان سواءِ رقم اڌاري ڏيندو هجي. ڪيس ڪنهن مغل جي دڪان تان خريداري ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجيس، نہ تہ انهيءَ جي معنيٰ خريد ڪيل شيءِ جي ڇوٽي قيمت ادا ڪرڻ ۽ وڏو نقصان سهڻ، ۽ آخر ۾ وچ بازار ۾ انهن دڪاندارن ڇوٽي لباڙا ڀريل بڪ ٻڌڻ. ٻئي طرف، هڪ هندو مطمئن هوندو ڀوءِ چاهي هو وياج جي رقم گهٽ وٺندو هجي. هو ٿوري ڪنٿي گهٽي برڪت ۾ يقين رکي، ٿورائتو ٿيندو.“

رابرٽ ڪلائيو (Robert Clive) کي پڻ ساڳيو تجربو ٿيو. هو لکي ٿو: ”اهي ٿلها هٿ ڦاڙ مسلمان (Moor Men) سرڪاري خزانو عيش آرام تي لٽائين ٿا. حقيقت ۾ منهنجي خيال ۾ رقم وصول ڪرڻ جو ڪم هندن (Gentoos/ Gentiles) کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي سپرد نہ ڪرڻ گهرجي، جو اهي هميشہ پنهنجي ڪمائيءَ مان گهٽ خرچ ڪندا آهن ۽ ڪين جڏهن بہ چٽبو آهي تہ رقمن جيٰ کوٽ ٿوٽ جو پورائو ڪري سگهندا آهن.“

ڪن اڳواڻن مسلمانن جي معاملن کي سڌارڻ جي ڪوشش بہ ڪئي. جي-ايم- سيد ڪين شاديءَ جي تقريبن ۾ فضول خرچي ڪرڻ کان منع ڪئي. هن ڪين شلوار ۽ پٽڪي جي ماپ 20 والن مان 3-4 والن تائين گهٽائڻ جي صلاح ڏني. ايتري قدر جو هن ڪين منٿ ڪئي تہ سال ۾ رڳو هڪ پيرو نہ وهنجن. سنڌ صوبائي مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت سان هن مسلمانن لاءِ واپار ۾ جيءَ لڳائڻ جي باقائدي مهم هلائي. پر انهيءَ ۾ ڏکهو عرصو درڪار ٿيندو. مولانا ابوالڪلام آزاد لکي ٿو: ”رڳو چڱيءَ طرح بوٽ پائڻ جو طريقو ڄاڻڻ لاءِ سموري ڄمار لڳي ويندي آهي.“

پير حسام الدين راشدي مسلم سماج ۾ مذهبي پابندين ۽ لڇاين جي انتهاين تي ٺٺول ڪئي آهي. هڪ پاسي هو ايڏي سخت پردي جا پابند هئا جو ڪنهن حامل عورت کي پڻ زناني' ۾ انهيءَ ڊپ کان وڃڻ جي اجازت نہ هئي تہ متان سندس پيٽ ۾ پٽ نہ هجي، جيڪو پردي دار سونهن ڏسي نہ وٺي. ٻئي پاسي عام طرح ڏسبو آهي تہ ڪنهن موهيندڙ عورت کي ڏسندي، منجهانئن ڪيترائي هڪ هٿ سان مڇن کي وٽيندا ۽ نازيبا طريقي سان کنهندا رهندا آهن.

مسلم سماج جي پسماندگيءَ لاءِ وڏي ذميواري مُلائن تي عائد ٿئي ٿي. منجهانئن گهڻا جيترو جاهل هئا ۽ اوتروئي متعصب. مذهب جي ڄاڻ کانسواءِ، اهي گهڻو ڪري غير تڪراري مسئلي تي جدا ٿي ورهائجي ويا. هڪڙي حفي کي غير اسلامي چيو تہ ٻئي ناس' کي اسلامي ڪوٺيو. اهي ٻي

انتها دليلن ۾ الجهيل رهيا تہ اڄي ٽيندڙ ڏاڙهي ڪي ڳاڙهو يا ڪارو رنگ هڻڻ اسلامي آهي يانہ. ٻين وري انهيءَ مسئلي تي دليل بازي ڪئي تہ نماز جي وقت هٿ ٻڌل هئڻ گهرجن يا کليل- ۽ جيڪڏهن ٻڌل هجن تہ اهي سونٽيءَ کان مٿي هجن يا هيٺ. پروفيسر هوتچند گربخشاڻي ،شاهہ جي رسالي' جي بهترين ترتيب ڏني آهي، جنهن کي اڄ تائين ڪلاسيڪي ڪري مڃيو وڃي ٿو. پر مولانا نظاماڻي انهيءَ بنياد تي اهو رد ڪري ٿو تہ 'گهڻن ديوتائن جو مڃيندڙ' (Polytheist) ڪوبہ هندو ڪنهن بہ 'توحيد پسند' (Monotheist) مسلمان شاعر جي روح تائين پهچي نٿو سگهي!

گهڻن ملائن جي اها چسائپ ۽ جاهليت آهي، جنهن سنڌ جي ٻن عظيم شاعرن، شاهہ ۽ سچل کان ڪين صاف لفظن ۾ ڪوڙو چورايو. شاهہ چوي ٿو: "ملان نہ چئوس، اهي ويڪو مال آهن. موتي ڏيئي، هي ماس- وٺن ٿا. ڪليل اکين سان هي ريتيءَ ۾ ٽٻيون هڻن ٿا."

سچائي الله، ٽبي ڏنائون ڏوڙ ۾.

سچل وٽ اهڙن غير معقول ملائن جو هڪڙو ئي علاج هو: "ڪُٽ مُلان جي نوڙهہ". جي-ايم-سيد هاڻي ملائن تي قانوني بندش وجهڻ جهڙي صلاح ڏني آهي، جيڪي فرقيوارانہ فساد ڦهلائين ٿا يا اهڙي سياست ۾ حصو وٺن ٿا.

هندن برطانوي دؤر ۾ ڊرامائي ترقي ڪئي. شروع ۾ برهمڻ، واڻين ۽ ڪائستن جون اوچ ذاتيون هندو ڌرم ۾ رهيون ۽ رڳو زميندار، هاري، ڪاريگر ۽ سپاهي مسلمان ٿيا. تنهن ڪري اڪوٽو ذاتين جو فرق هاڻي عقيدن جي فرق سان ڳنڍيو ويو. نواڻ اچڻ سان، ذات پات جي فرق جي جاءِتي طبقن جي فرق کي لاڳو ڪيو ويو. اها حقيقت آهي تہ هندن جي 'اوچ ذاتين جو طبقو' شهرن ۾ آباد هو، جنهن رڳو فرق کي وڌايو ۽ ويڇي ۾ واڌ آندي. انهيءَ ڳالهہ مسلمانن کي ورچائي وڌو. ملائن کي چڏيو. اهي جائي جم کان هندو دشمن هئا. پر هڪ پيري کهڙي ٻڻ چئي ڏنو: "اڄ ڪلهہ مسلمان عورتون هندن جي گهرن ۾ برتن صاف ڪن ٿيون. مون کي انهيءَ ڏينهن جو انتظار آهي، جڏهن هندو عورتون مسلمانن جي گهرن ۾ برتن صاف ڪنديون." پر جي-ايم-سيد مسلم ليگ ۾ پنهنجي تجربي کان پوءِ- جنهن کيس ڏڪويو ۽ ڏاهو بہ بنايو- چيو: "مسلمانن جي پس ماندگيءَ لاءِ هندن کي ڇو ڏوهہ ڏجي؟ هر روز صبح جو جڏهن هندو ٻار وهنجي اسڪول وڃي ٿو تہ اڻ وهنتل مسلمان ٻار گندين گهٽين ۾ ٻلورن سان کيڏندي ڏسبو آهي.. ايتري قدر جو هڪ پيري سيد مشورو ڏنو تہ سرڪاري نوڪريون رڳو عاملن کي ڏيڻ گهرجن: هن کين ايڏو سنو سمجهيو.

وڏو وزير الله بخش يقيناً قوم پرست هو. تہ پيو وڏو وزير سر غلام حسين الله غير فرقي پرست هو. هو شڪارپور جي دلهني مل جو پٽ هو.

جنهن هڪ پناڻ چوڪري حُر بيبيءَ سان شادي ڪئي هئي. ٻنهي گڏجي آرام سان زندگي گذارڻ ٿي چاهي، پر ڪوتاهه نظر هندو سماج کين گڏجي رهڻ نه ڏنو. تنهن ڪري اهي ٻئي هردوار ڏانهن هليا ويا. ڪجهه وقت کان پوءِ، وطن جي ڇڪ کين واپس شڪارپور آندو. پر هندو سماج وري به کين چَين سان ويهڻ نه ڏنو. تنهن ڪري هندن جي طعنن کان بچڻ لاءِ دلهنو مل مسلمان ٿيو.

جيتوڻيڪ سر شاهنواز ڀٽي پنهنجو پاڻ کي 1947ع ۾ جهونا ڳڙهه جي ديوان جي حيثيت سان گلارو ڪيو، جڏهن رياست پاڪستان سان شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو، پر هو، سنڌ ۾ ڪڏهن به فرقي پرست نه رهيو.......... سر ڀٽو جي بيگم، جنهن ’زلفي‘ کي جنم ڏنو هو، پاڻ هندو هئي. مسلمان ٿيڻ کان اڳ سندس نالو لکان ٻائي هو. شيخ اياز جي ماءُ ٻڻ شڪارپور جي شريمتي دادن ٻائي هئي.

هندو ۽ مسلمان، شيعا ۽ سُني امن ۾ رهندا هئا. سکر ضلعي کان ٻاهر فرقيوار فساد اڄاتل هو. سنڌي مسلمان جهاد جو نعرو ’نعره تڪبير‘ الله اڪبر رڳو خلافت تحريڪ کان پوءِ ٻڌو. 1943ع ۾ مياڻيءَ جي جنگ ۾ ’الله اڪبر‘ جو نعرو نه بلڪ بلوچي نعرو لڳو هو: ”مرويسون مرويسون سنڌ نه ڏيسون.“ جهيڙو چڱي ڳالهه نه سمجهيو ويندو هو، جنهن لاءِ چوڻي مشهور هئي: ”هاهڙ ڪجي، هو هڙ ڪجي، هو نه پڇي ته پاڻ پڇجي.“ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف سنڌي رد عمل تشدد نه پر ’پوندبو، يا ’ٻجو‘ هوندو هو، جنهن سان گڏ نڪتي دار گار جو جملو به هوندو هو.

سنين جي شريعتي هدايتن جي برعڪس، سنڌ ۾ شيعا ۽ سُني گڏجي حسن ۽ حسين جو ماتم ڪندا هئا ۽ ٻري جڳن ناٿ جي رٿ جي رٿ‘ کان اتسهاهت ٿي، تعازيا ڪيندا هئا. اهي تعازيا تيار ڪرڻ جو ڪم وڏي محنت جو هوندو هو. انهن کي پاڻيءَ ۾ لوڙهيو يا دفن نه ڪيو ويندو هو، بلڪ سڄي سجاوٽ متانئن لاهي ڇڏبي هئي- ۽ هر سال آهي نئين سر سينگاريا ويندا هئا. هندو تعازين تي ناريل ۽ پتاشا پيٽ چاڙهيندا هئا. محرم هڪ اهڙو ڏسڻ جهڙو موقعو هوندو هو، جنهن جو هندو توڙي مسلمان انتظار ڪندا هئا. جيئن هاڻي اسان ’ريپبلڪ ڊي ٽئبلو‘ جو ڪندا آهيون.

زندگيءَ جي هم آهنگ فليسوفاڻي رويي جو هڪ عجوبو ڪراچي گوديءَ- ڪياماڙيءَ تي رام دلاري هوندو هو. هو پڳل هڏي جوڙڻ جو ايڏو ماهر هوندو هو، جو ڪراچيءَ جو سول سرجن ڪرنل جانسن پنهنجي پٽ کي ونس وٽي ويو، جنهن جون ٽي هڏيون ٽٽي پيون هيون. رام دلاري في نه ورتي ۽ غريب توڙي شاهوڪار کي سختيءَ سان نمبروار ڏنائين. جڏهن ٻن مهينن ۾ جانسن جو پٽ چاق ٿيو ته حيرت زده ڊاڪٽر رام دلاري کي اسپتال ۾ 150 رپين تي نوڪريءَ جي آڇ ڪئي. پر رام دلاري ماهوار 30 رپين تي

گوديءَ تي چوڪيدار ٿي رهڻ کي ترجيح ڏني.

هڪ ڏينهن پير علي محمد راشدي پاڻ سان نواب شاهه جي راءِ بهادر هوتچند کي رام دلاري وٺ هڏي چاڙهائڻ لاءِ وني ويو. جڏهن راءِ بهادر جو وارو آيو ته رام دلاري سنڌس پڳل هڏي چاڙهي ۽ تڏهو ڪي هڙڪيل مسلم ليگي راشديءَ کي سڃاتائين. رام دلاري ڏانهس ڏنو ۽ چيائين: ”پٽ، تون خوش گذاريندين، جيڪڏهن هميشه اهو ياد رکندين ته زندگي پاڻيءَ ۾ هڪ پني ٽڪر مثل آهي. اها بس ختم ٿي ويندي- اڄ نه ته سڀاڻي“ ” ظاهر آهي ته انهيءَ ڳالهه راشديءَ کي ڏاڍو احساس ڏياريو ۽ هن اها ڳالهه پنهنجي يادگيرين ۾ لکي آهي.

طوفان جون مهربانيون ٿيون، جنهن هندستان کي لوڏي ڇڏيو ۽ سنڌ پاڪستان جو حصو بنجي وئي. مڪاني هندو سنڌ ڇڏي ويا. پر اطمينان جي ڳالهه آهي ته سڀني ڳالهين کي مدنظر رکندي احساس اوڪا نه ٿيا. گهڻن سنڌي شرنارٿين يادگيري طور پاڻ سان ’سنڌو جل‘ ۽ يا ڪجهه مٽي آندي. مشهور سنڌي صحافي پير حسام الدين راشدي لکي ٿو: ”حقيقت ۾ اهي هندو ئي هئا، جن سنڌ جي تعمير ڪئي. انهن ڪيس سينگاريو. انهن دنيا جي چئني ’ڪنڊن مان دولت آڻي سنڌ کي شاهوڪار ڪيو. پر اڄ اسان انهيءَ جي سار سنڀال نه ٿا لهي سگهون.“ هو اڳتي لکي ٿو: ”سنڌ جا اصلوڪا ڌڻي هندو آهن. وڻن تعليم، نوڪريون، واپار ۽ زمين هئي.“ هو سمجهي ٿو ته هندن مسلمانن جي مددگار وڏي ڀاءُ جي حيثيت سان ڪردار ادا نه ڪرڻ جي غلطي ڪئي. هو درست ٿي سگهي ٿو ته هندن کي مسلمانن لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻ گهرجي ها. پر هندن جي قائم ڪيل اسڪولن، اسپتالن ۽ ٻين ادارن جا دروازا مسلمانن لاءِ به کليل هئا. ٻئي طرف دولتمند مسلمان زميندارن ڪنهن لاءِ به- هندو توڙي مسلمانن لاءِ ڪجهه به نه ڪيو.

جي-ايم-سيد کي سنڌي هندن خلاف ٿي شڪايتون آهن: انهن هميشه آل انڊيا جي معنائن ۾ سوچيو، انهن سنڌيءَ ۾ ڪيترائي سنسڪرت لفظ داخل ڪيا، ۽ انهن سنڌي مسلمان کي ڇتر مان ڇٽ ڪونيو.

سيد بلڪل درست آهي- ۽ غلط پڻ. سڀني سنڌين آل انڊيا جي معنائن ۾ سوچيو چاهي اهي هندو هئا يا مسلامن، اهو درست آهي ته ڪن ٻي صف جي هندو ليکڪن سنڌيءَ ۾ سنسڪرت لفظ استعمال ڪيا. پر انهيءَ ٻوليءَ ۾، جيڪا اڳ ۾ ئي 70 سيڪڙو سنسڪرت هئي، ٻه سيڪڙو سنسڪرت جا وڌيڪ لفظ داخل ڪرڻ ڪو گناهه نه هو. ٻئي طرف صف-اول جي مسلمان ليکڪن سنڌيءَ کي وڌيڪ فارسي ۽ عربي لفظن سان ڳؤرو ڪيو. جيڪو اسان جي مٺي زبان جي برداشت کان ٻاهر هو. جيتري قدر سڀني مسلمانن لاءِ- جنهن ۾ غلام حسين به شامل اهي- لفظ ’ڇٽ‘ استعمال ڪرڻ جو تعلق آهي، ته اهو بيشڪ افسوس لائق آهي. مزي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ اها تہ اصل ۾ اهي بلوچ هئا- جيڪي پاڻ اڻ پڙهيل هئا- جن سنڌي مسلمانن کي ’جٽ‘ يعني اڻ پڙهيل ڪوٺيو. هندو ٻار کي ٻہ. جيڪو پڙهڻ ۾ ڏڏ هوندو هو، چئبو هو: ”تون جٽ آهين ڇا؟“

اهڙي ريت ڏسبو تہ سنڌي سماج جي هندو ۽ مسلمانن جي طبقن جي ناتن وچ ۾ تعليمي ۽ اقتصادي فرق هئڻ جي باوجود، تلخي نہ هئي. مسلمانن پراڻن ديوتائن کي نون پيرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ڪيترن ئي هندن مسلمانن جي درسگاهن تي حاضريون ڏنيون، جن موٽ ۾ صبح شام دهل ۽ نغارا وڄائي هندو- طريقو اختيار ڪيو هو. عام مسلمانن پنهنجي لاءِ ڪندو، ڪوڙو، منو، ٻچو، وريو، سومر، انب نالا چونڊيا ۽ عرب نالا نہ رکيائون. مسلمانن ساڳيا پراڻا تائيث جاري رکيا، جن جهڙا موئن جي دڙي ۾ مليا آهن.

ٻارن جا جنم ڏينهن ملهايا ويندا هئا. هندن جي ’منڊڻ‘ وانگر مسلمان ’عقيقو‘ ڪندا هئا. اٺن ورهين جي چمار ۾، جڏهن عام هندو ’جڻيو‘ پائيندو هو تہ مسلمان چوڪري جو ’طهر‘ ڪيو ويندو هو ۽ ڪيس پائڻ لاءِ زعفراني رنگ جي لنگي ڏني ويندي هئي. شادي جا ڳيچ ساڳيا نيٺ سنڌيءَ ۾ هوندا هئا. هندو گهوٽ پنهنجي مردانگيءَ جوثبوت ناريل ڀڃڻ سان ڏيندو هو تہ مسلمان جو گهوٽ ٺِڪر جي ڍڪڻي ڀڃڻ سان ڏيندو هو. هندو جوڙي وانگر مسلمان جوڙي جا مَٿا ملائي لانئون ڏبيون هيون. ٻنهي فرقن ۾ ويجهائپ ۽ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ گهوٽ ۽ ڪنوار ترن جا ٻڪ ٻري ست ڀيرا هڪ ٻئي کي ڏيندا هئا. مسلمانن جو اهو عقيدو هو تہ آڳاٽي رواج موجب جيڪي شاديون صبح ٿيڻ کان اڳ، ڀيڄ ڀنيءَ جو ٿينديون، اهي وڌيڪ ڪامياب ٿينديون. شاديءَ جا رسوماتي رانديڪا، هندن توڙي مسلمانن وٽ ’ڏيو‘ ڇيا ويندا هئا. ٻنهي وٽ شاديءَ کان پوءِ، ستاوڙي تي گهوٽين ۽ ڪنوارين جي دعوت ٿيندي هئي. ’تاريخ طاهري‘ گهٽو اڳي آهہ ٻري: ”وٽن هر مهيني ڪيترين ئي عيدون ٿين ٿيون.“ ايتري قدر جو هر مهيني جو پهريون سومر ۽ پهريون جمعو ڏڻ ۾ تبديل ٿي ويندا هئا، جيڪي ميلي ۽ دعوت سان معمور هوندا هئا.

عام حالت ۾ سنڌي مسلمان ڳائو گوشت نہ کائيندا هئا؛ ۽ نہ وري هندو سوئر جو گوشت، جڏهن راشدي- پائر سکر ۾ ڪوٽ ٽوٽ ۾ هوندا هئا- جيئن عام طرح هوندا هئا- پنهنجي ماني ’لنگر‘ تان حاصل ڪندا هئا. هو لکن ٿا تہ انهيءَ مانيءَ ۾ دال، پوري، حلوو، ڪچٽي، آچار، پاپڙ، بصر ۽ ڪٺاهہ پرساد‘ هوندو هو.

اهي ٻاهريان اتحاد تہ اهم هئا ٿي، پر سڀ کان اهم سنڌن فلسفي جي ايڪتا هئي. هندن پنهنجي پالڻهار کي هر شيءَ ۾ ڏٺو ٿي. سنڌ جي صوفي شاعر سنتن سان بہ ساڳي ڳالهہ هئي. اهي سڀ ’وجودي‘ هئا، جن ’خالق‘ ۽

سندن ’مخلوق‘ جي وچ ۾ فرق نٿي ڄاتو. پر ’شهودين‘ ائين نٿي ڏٺو. ونن ’خالق‘ ۽ سندس ’مخلوق‘ جي وچ ۾- ۽ ديوتا ۽ ديوتا جي وچ ۾ ۽ ’ماڻهو‘ ۽ ’ماڻهو‘ جي وچ ۾ فرق هو.

ائنمري شمل جي لفظن ۾: ”سنڌ ۾ هندو ڌرم ۽ اسلام جي وچ ۾ تار ڪانـ طور تي سرحدون بند نه هيون. انهيءَ قريبي ناتي جو هڪ ڪلاسيڪي مثال شاهه عبداللطيف جو ’سر رام ڪلي‘ آهي، جنهن ۾ هي صوفي قرآن ۽ حديث مان ورتل معنيٰ ۾ جوڳين کي ساراهي ٿو. سچل سرمست ۽ سندس مريد ’خالق وجود جي ايڪتا، کي ڳائڻ کان نه هٻڪيا آهن. جيڪوپنهنجو پاڻ کي اجهو ابو حنيفه ۾، اجهو هنومان ۾، اجهو ويدن ۾، اجهو قرآن ۾ ظاهر ڪري ٿو.

اسلامي ’لااله ال الله‘ (جنهن جي معنيٰ آهي ته الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه الله ناهي)، جي نئين سر تعبير ڪندي شاعر شاهه عبدالڪريم چيو هو: ”جيڪو وڪرو ڪندڙ، خريدار ۽ وکر کي ساڳيءَ شيءِ سمجهي ٿو: سمجهي ٿو، اهو ئي انهيءَ جي معنيٰ سمجهندو.“

شاهه لطيف چيو:

ايڪ قصر ڪئس ڪوڙين ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون.

انهيءَ ۾ ڪوشڪ ناهي ته هندو مسلم تعلقات جيئن ٻين صوبن ۾ خراب هئا، تيئن سنڌ ۾ نه هئا. اڄ تائين سنڌي هندو سنڌ کي آلين اکين سان ياد ڪندا آهن- ۽ سنڌي مسلمان وري هندن کي ڏاڍي اُڪير مان سنڀاريندا آهن. پير حسام الدين ڏک مان چوي ٿو: ”سکر هليو ويو. ساڪرو پڻ هليا ويا. اسان جا هم وطن هليا ويا. سندن گهرن تي هاڻي ڌارين جو قبضو آهي.“

سنڌ جو شيخ اياز چوي ٿو:

شاعر دريا آهي
جنهن جي ڪناري تي
مون ڏٺيون آهن
سرسوتي ۽ مهاڪالي
ٻئي گڏجي
چنڊ جي چانڊاڻ ۾ رهيون هيون
آهي ٻئي گڏجي آيون آهن
ڏکهي عرصي کان پوءِ
بيشڪ اڄ جنم ونندو
هڪ مها ڪوي!

بيشڪ مها ڪوي جنم وٺي چڪو آهي. اها سنڌ جي جواني آهي ۽ انهيءَ جي شاعري آهي ’جيئي سنڌ جئه سنڌو ديش!‘“.

باب اوڻويهون

شاهه، سچل ۽ سامي

ٻولي ۽ ادب سماج جي زندگي ۽ روح هوندا آهن. سنڌي ٻولي ۽ ادب. سنڌي زندگي ۽ فڪر جي گوناگونيت ۽ معيار جو عڪس آهن. سنڌي مڇيءَ جي مختلف قسمن لاءِ 125 نالا آهن. حيدرآباد کان سمنڊ تائين، سؤ ميلن کان ٻه گهٽ مفاصلي ۾ سنڌوءَ جا درجن کن نالا آهن- ساهُو، سيتا، موگرا، پوپٽ، ٻانو ۽ حجامڙو- جيڪي سنڌس گهڻو پورالي هجڻ جو ڏس ڏين ٿا. اٺ کي ڪيترن ئي نالن سان سڃاتو ويندو آهي، جيڪي سنڌس چمار، رنگ، بدني بيهڪ ۽ ڪردار ٻڌائيندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جا ست نمونا (لهجا) آهن- سرو (اتر) وچولو، لاڙ (ڏکڻ)، ٿاريلي (ٿر)، لاسي (لس ٻيلو)، ڪڇڪي (ڪڇ) ۽ ڍاٽڪي (سنڌي- راجستاني).

سنڌي گهڻو ڪري عربيءَ لپيءَ ۾ لکي ويندي آهي. انهيءَ حقيقت مان ڪي ماڻهو اهو تاثر وٺن ٿا ته سنڌي ٻولي فارسي- عربي (Persio-Arabic) ٻولي آهي. پر اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. سنڌيءَ جا ستر سيڪڙو کان ٻه وڌيڪ لفظ سنسڪرت مان ورتل آهن. 'ماڻهو' جهڙي سنڌي لفظ جي آواز جي خصوصيت سنسڪرت جي لفظ 'منش، مان ورتل آهي. اڻويهين صديءَ جي وچ واري دور وارن انگريز محققن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ساراهه جا ڍُڪ ڀريا آهن. پروفيسر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي يادگار ڪتاب (Sindhi(1812 Alphabet and Grammer ۾ لکيو آهي: "سنڌي سنسڪرت مان نڪتل نج ٻولي آهي. جيڪا اتر هندستان جي ڏيهي ٻولين جي ڀيٽ ۾ ڌارين عنصرن کان گهڻو آزاد آهي."

گريئرسن (Grierson) انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو ۽ چوي ٿو: "سنڌي کان اڳ 'اپڀرنش پراڪرت' ٻولي رائج هئي، جنهن کي 'وراچڊ' چئبو هو."

جان بيمس (John Beams) لکي ٿو: "اها هڪ اڻ گهڙيل زبان آهي. جنهن جا پنهنجا ڪنڌوان رستا آهن. پر انهيءَ جي باري ۾ منهنجي ذهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جهنگلي گلن جي سونهن جو ڪجهه قدر حصو اٽڪيو پيو آهي......
منجهس پنجاب ۽ سنڌ جي ڪٽڪ جي اتي ۽ جهوپڙيءَ مان نڪرندڙ دونهين جو واس آهي. اها ٻولي هندستان جي اوپر وارين تنگدل ۽ غلبي وارين ٻولين جي ڀيٽ ۾ بيحد گهڻو فطري ۽ من موهيندڙ آهي..

رچرڊ برٽن 1851ع جي موٽ ۾ لکيو هو: ”جيتري قدر سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو تعلق آهي تاهو سولائيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جون واڳون سنڀالڻ مهل ڪنهن به ڌيهي ٻوليءَ ۾ ايڏو گهڻو ۽ ٿورين ٻولين ۾ به، لکيت ۾ مواد موجود نه هو.“

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (Capt. George Stack) لکي ٿو: ”مون کي هيسيتائين انگريزي زبان تي دنيا جي وڏيڪ خوبصورت ۽ تمام وڏي هئڻ جي حيثيت سان فخر هو. پر اها منهنجي اجائي سوچ ثابت ٿي، جڏهن مان سنڌي سکيس ته مون کي ڀنا ورلي فعل مليا، جيڪي سنڌي خوبصورتين کي گهڻين هندستاني ٻولين کان جدا ڪن ٿا.“

هارورڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ۽ ٻولين جي ماهر، ڊاڪٽر اينمري شمل (Dr. Annemarie Schimmel) لکي ٿي ته : جيئن ته سنڌيءَ جو هر لفظ حرف علت تي ختم ٿئي ٿو، تنهن ڪري ان جو آواز مٺو آهي.“

اڄ ڪلهه سنڌ ۾ سنڌي عربي- لپيءَ ۾ لکي وڃي ٿي. هندستان ۾ ديونا گري پڻ استعمال ٿئي ٿي. سنڌيءَ جي اصلوڪي لپي ڪهڙي آهي؟ بلڪ عربن جي فتح کان 300 ورهيه پوءِ، محمود غزنوي جي دور ۾ مشهور تاريخدان البيروني تي لپيون استعمال ٿيندي ڏٺيون- ارڌنا گري، سئنڌو ۽ مالواري، جيڪي ديونا گريءَ جون مختلف صورتون هيون.

جڏهن انگريز آيا ته انهن پنڊتن کي سنڌي، ديوناگريءَ ۾ لکندي ڏٺو. واپاري- جن ۾ خوجا ۽ ميمڻ به اچي وڃن ٿا- ’موڏا‘ يا ’واڻڪا‘ خط استعمال ڪندا هئا، جن ۾ حرف- علت نه هئا. هندو عورتون ’گرمکي‘ استعمال ڪنديون هيون ۽ سرڪاري ملازم هڪ قسم جي عربي لپي استعمال ڪندا هئا.

برطانوي محققن سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت مان نڪتل ڄاتو ۽ چيائون ته انهيءَ لاءِ ديونا گري لپي درست ٿيندي. 1849ع ۾ انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزي- سنڌي ڊڪشنري ديوناگريءَ ۾ تيار ڪئي. هر سال ڪانپوءِ انهن بائيبل جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو، جيڪو به ديوناگري لپيءَ ۾ هو. سرڪاري ملازمن جن مان گهڻا هندو هئا. بيوقوفي وچان عربي لپيءَ کي نوازيو. جو انهن ديوناگري نئي چاتي ۽ ڪين نئين سر سکڻي ٿي پيئي. (انهيءَ ساڳئي سبب ڪري، ورهاڱي کان پوءِ، بمبئي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استادن عربي لپيءَ ۾ سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ زور ڪيو. جنهن ڪري سرڪار سنڌيءَ لاءِ ٻنهي لپين جي اجازت ڏني.) عربيءَ لپيءَ جي حامي ڪئپٽن برٽن ۽ ديوناگريءَ جي حامي ڪئپٽن اسٽئڪ سان هڪ وڏو بحث ڇڙي پيو. سنڌ جي سنڌ ڪمشنر سر بارٽل فريئر (Sir Bartel Frere) برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف jnhn ڊائريڪٽرس کي رجوع ڪيو، جنهن عربي لپيءَ جي حق ۾ انهيءَ بنياد تي فيصلو ڏنو ته مسلمانڪا نالا ديوناگريءَ ۾ نٿا لکي سگهجن. جيئن ته عربي لپي سنڌي آوازن جو اظهار نٿي ڪري سگهي، انهيءَ مقصد لاءِ هڪ رٿا جوڙي ويئي. نتيجي ۾ اڄ سنڌي لپيءَ ۾ نه رڳو سڀيئي پنهنجا آواز آهن، پر عربيءَ جا چارئي، ذ- ز- ض- ظ، اڃار پڻ موجود آهن. جيتوڻيڪ اها 'عربي' سڏجي ٿي، پر ڪوبه عرب اها پڙهي نه سگهندو. گانڌي محسوس ڪيو ته مسلمانن ۽ هندن کي ورهائڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي عربي لپي ڏني ويئي هئي.

300 ق- م ۾ 'مهاڀارت' جو سنڌي ترجمو موجود هو. 346ع ڪشن راجا، واسديو- ستين سنڌيءَ جي سموري شاعريءَ ناهڻ جو حڪم ڏنو هو. پر اڄ انهن مان ڪابه شيءِ موجود ناهي. عربن سنڌ تي عربي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ٿيا. انهن جي ڏاهن مقامي ٻولين ۾ ماڻهن لاءِ گهڻي ڪشش سان گڏ ٻيا به گڻ ڏٺا. انهيءَ ڪري مولانا جلال الدين رومي (وفات1273ع) پنهنجي 'مثنوي' ۾ لکيو:

هنديا را اصطلاح هند مدح،
سنڌيان را اصطلاح سنڌ مدح.

سنڌي جيڪا اڄڪلهه اسين سمجهون ٿا، لڳ ڀڳ اٺ سؤ سال پراڻي آهي. پر سڀ کان اڳاٽيون سنڌي لکڻيون رڳو ڇهه سؤ سال پراڻيون آهن. اهي ستن فقيرن جون چيل ست ڳجهارتون (ماموئي) آهن. منجهانئن ٻن مشهور ڳجهارتن قنڌار جي طرفان جوکي جو چتاءُ ڏنو ۽ سنڌوءَ جي اوير

طرف وهڪرو متاثر جي دعا ڪئي.

لڳ ڀڳ ساڳئي زماني ۾ اسماعيلي خوجن جون مذهبي لکڻيون متعارف ٿيون، جيڪي 'گنان' جي نالي سان ڄاتيون وينديون هيون. انهن عام ماڻهن سان مذهبي گفتگو لاءِ مقامي ٻوليءَ جو سهارو ورتو. سندن لکڻي ۽ اصطلاحن جو نمونو گهڻو ڪري سمورو هندواڻو هو. ماڻهن کي صبح جو سوير اٿڻ ۽ عبادت ڪرڻ لاءِ، 'گنان' ۾ چيل آهي: "جاڳو جاڳو ڀائيڙا، رينڻ وهائي" - "نہ تہ حورون اوهان سان هٿ، هٿ ۾ نہ ملائينديون."

اهو مشهور آهي تہ ٻيا سنڌي شاعر شيخ فريد ۽ خواجہ نظام الدين اوليا جي درٻارن ۾ 'سنڌي ڪافي' ڳائيندا هئا ۽ البت پشت بہ پشت ٻيون ڪيتريون ئي ڪافيون ڳايون وينديون هيون- ۽ تخليق جي عمل ۾ هونديون هيون.

سپيني ۾ اهم شاعر، بڪر جو عالم ۽ مدبر، قاضي قادن (وفات 1551ع) هو. سندس گهڻا بيت ورهاڱي کان پوءِ، هرياڻا جي پواني ضلعي جي رائيلا ڳوٺ ۾ ڀڳت هري داس جي مَٺ مان مليا آهن. اهي ديوناگري ۾ اتاريل هئا. هو چوي ٿو:

ڪنز قدوري ڪافيا، ڪي ڪين پڙهيام،
سو ڏيهہ ئي ڪو ٻيو، جان ئي پرين لڌام.

هو هڪ ٻئي بيت ۾ چوي ٿو:

جوڳي جاڳايوس، سُتـــــو هئس ننڊ ۾.

قاضي قادن هرياڻا جي هندو سنت دادو ديال کي متاثر ڪيو، جنهن خود سنڌيءَ ۾ شاعري رچي آهي.

ان کان پوءِ ٻيو سنت- ڪوي شاهہ عبدالڪريم (1623-1536ع) هو. سندس مرشد بهار جو سلطان ابراهيم هو، جيڪو جنگ ۾ انساني قتل کان ايڏو بد دل ٿيو جو دنيا ڪري، سنڌ ۾ اچي نڪتو. جڏهن هن پنهنجي مريد شاهہ ڪريم کي جتيءَ جو جوڙو ڏنو تہ هن اها پيرن ۾ پائڻ جي بدران، مٿي ۾ پائڻ لاءِ انهيءَ مان نئين سر ٽوپي ٺهرائي. شاهہ ڪريم هڪ سادو سودو هاري هو، پر خدا جو ٻانهو هو. هڪ ڀيري جڏهن سندس پاءُ ڪيس وجد ۾ اچي نچندي ڏٺو تہ ڪيس چماٽ هڻي ڪڍيائين ۽ گهليندو پنهنجي ماءُ وٽ وٺي ويو. ماڻس پنهنجي وڏي پٽ کي تنبيهہ ڪئي ۽ چيائين

تہ سندس پاءُ الله وارو شخص آهي. هڪ پيري هڪ دوست ڪانئس پڇيو تہ هو ڪَرَمت ڪندي، خدا کي ڪيئن تـو ياد ڪري. تنهن تي عبدالڪريم کيس سمجهائيندي چيو تہ ”جڏهن ڪا عورت پنهنجي مٽي تي دلو کڻندي آهي تہ هوءَ هلي يا ڳالهائي نہ سگهندي آهي ڇا؟“ هن اڳتي چيو: ”خدا توکي تنهنجي دل کان بہ ويجهو آهي. وڇوڙو ۽ ميلاپ، ٻئي ساڳي ڳالهہ آهن.“
شاهہ ڪريم جا رڳو 93 بيت اسان کي مليا آهن. هو ايڏو سنڌي هو، جو هن رڳو 8 فارسي ۽ 30 عربيءَ جا بنيادي لفظ استعمال ڪيا آهن. پر شاهہ ڪريم جو سڀ کان وڏو تحفو سندس پڙپوٽو، شاهہ لطيف پنائي هو.

شــاهہ لطيف (1689-1752ع) نہ رڳو سنڌ جو سڀ کــان وڏو شاعر هو، پر تاريخ ۾ گهٽو ڪري سڀ کان وڏو سنڌي هو. شاعر جي حيثيت سان هو بين القوامي سطح جو شاعر هو. سندس شاعري ٻئي سموري سنڌي ادب جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ قيمتي آهي. هو نہ رڳو هڪ عظيم شاعر هو، پر هو هڪ وڏو سنت، هڪ وڏو قـوم پرست ۽ وڏو انســان پرست هو ۽ ڇهنڊڙيءَ تي ڇرچائي بہ ٿي ويندو هو.

هڪ فرينچ، جڏهن 'هيملٽ' ڏٺو تہ چيائين ناٽڪ تہ سٺو هو، پر ناٽڪ ڪار تمام گهڻيون چوٽيون استعمال ڪيون آهن. کيس خبر نہ هئي تہ 'چوٽيون' خود 'هيملٽ' جون ئي هيون، جيڪي ناٽڪ ڪار گهڙيون هيون. شاهہ لطيف سان پڻ ساڳي ڳالهہ هئي. ڪيتريون ئي چوٽيون، جيڪي سنڌيءَ ۾ عام آهن، شاهہ جون رچيل آهن.

هو سيد هو، جنهن هنگلاج کان دوارڪا جا پاڪ استان پيتن ۾ ٽي سال لڳايا هئا. محرم کي ڇڏي، جنهن دوران هو ڪارو ويس ڪندو هو، باقي سمورو وقت کيس گيڙو ڪپڙا پاتل هوندا هئا. شريعت تي عمل ڪندڙ مسلمانن جي ناراضگي جي باوجود، دهليءَ جا بہ ڳائڻا، اٽل ۽ چنچل سندس محفل جا سازيندا هوندا هئا.

سندس شاعريءَ جو وڏو حصو 'وائي' جي صورت ۾ محبوب جي حاصلات جي ڳولا جو اظهار آهي. اسلامي روايت ۾ عاشق ۽ معشوق ٻئي مرد آهن. پر شاهہ هندستاني روايت جي پيروي ڪئي، جنهن ۾ عاشق عورت آهي. شاهہ جون گهڻيون سورميون، سورمن جي ڀيٽ ۾ هيٺين طبقي سان وابستہ آهن- پر وڌيڪ روشن آهن. سندس سُر 'ڪيڏاري' حسن ۽ حسين جي

شهادت کي ساراهيو آهي.

حسن مير حسين کي، رُنو تن تولن،
گهر مارڙهين، جهنگ مروئين، اُين فلڪن،
پکين پاڻ پڇاڙيو، تہ لڌيو هوت وجن،
الا! شهزادن، سويون ڏئين سچا ڏٿي!

’سُر سامونڊي‘ ۾ شاهہ سنڌ جي واپاري روايتن کي امر ڪري ڇڏيو آهي.

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهہ سنباهيا،
وجهيو ور ونجهہ کي، روئي وڻجاري،
ماريندءِ ماري! پرهہ سور پرين جا.

پر پوءِ هو ان کي روحاني ڦيرو ڏئي چوي ٿو: ”تون ڏيئي (مالڪ) جي پوڄا ڪر، جيڪڏهن لعل ۽ موتي حاصل ڪرڻ چاهين ٿي........ جن سمنڊ کي پوڄيو، انهن جي من جون مرادون پوريون ٿينديون.“

’سر رامڪلي‘ جوڳين کي ارپيل آهي. ”اهي پاڻ سان ڪجهہ ڪين کڻن، يقينا پنهنجو پاڻ (خودي) بہ نہ........ انهن پنهنجون دليون رام سان سڀي ڇڏيون آهن- انهن لاءِ خوشي ۽ ڏک ساڳي ڳالهہ آهن. هو ڳوڙهن ۽ رت سان پريل پنهنجي آرتي پيش ڪن ٿا........ جيڪڏهن تون جوڳي ٿيڻ چاهين ٿو تہ مرشد جي پيروي ڪر، سڀ خوشيون وساري ڇڏ ۽ هنگلاج ڏانهن هليو هل. جوڳي اڳاٽي سڏ کي موٽ ڏيندا آهن، جيڪو اسلام کان بہ اڳ ڏنو ويو هو: انهن گورکنات سان هڪ ٿيڻ لاءِ سڀ ڪجهہ تياڳي ڇڏيو آهي.“

خود هڪ جوڳيءَ جي حيثيت سان، شاهہ دنيا کي هڪ نظر سان ڏسي ٿو: ”ڏک سکن جي سونهن، گهوريان سک ڏکن ريءَ.“

شاهہ جي اڳيان رسمي هندو ۽ مسلمان هجڻ ڪا معنيٰ نٿو رکي. هو منافق مسلمان کي چوي ٿو: ”رڳو ڪلمو چوڻ ۾ ايمان ناهي. دل ۾ ڪينو آهي تہ تون شيطان آهين، مسلمان ناهين.“ ساڳي طرح هو هندو منافقن کي چوي ٿو: ”پاڻ کي هندو نہ چواءِ: تون جڻيي جي لائق ناهين. تلڪ رڳو انهن کي جڳائي، جيڪي پنهنجي مالڪ سان سچا آهن.“

هو چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزا ۽ نمـــــازون اي پـــڻ چڱو ڪـــم،
اؤ ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسين پرين کي.

هڪ ڀيري هن هڪ واڻيي کي زوري مسلمـان ٿيڻ کان بچايو، جيڪو رحم جوڳي نموني رڙيون ڪري رهيو هو.

سنڌ ۾ مينهن ايڏو ڇڏو پوندو آهي، جو شاهه "سُر سارنگ" ۾ هر هر ڏٽي- در ٻاڏائي ٿو:

وسڻ اڪــڙين جئن، جي هوند سڪئين مــينهن!
تہ هوند راتو ڏينهن، بس بوندينئون ڪرين.

جڏهن مينهن پوندو آهي تہ اهو خود ۾ هڪ آنند آهي.

اگڻ تازي، ڀهـــر ڪنديون، ڀڪا پٽ سنهن،
سرهي سيج پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اســـان ۽ پرين، شـــال هون برابر ڏينهـــڙا.

ٻئي بيت ۾ شاهه استنبول، مغرب، چين، سمرقند، ڪابل، قنڌار، دهلي، دکن، جيسلمير، بيڪانير ۽ گرنار ۾، پر سڀکان وڌيڪ سنڌ تي مينهن وسڻ جون دعائون ڪري ٿو:

سـانئيم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار."

هتي هو سنڌ جو قومي شاعر آهي، جيڪو سموري دنيا جو خير ٿو گهري. هو درست آهي، جڏهن چوي ٿو:

جي تو بيت ڀـــانيـــا، سي آيتـــون آهين
نيـــــــو من لائين، پريان سنڌي پار ڏي.

هتي هو هن دؤر جو رشي آهي.

سنڌ جو ٻيو امر شاعر عبدالوهاب (1739- 1829ع) هو، جيڪو 'سچل سرمست' جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. سندس جنم خيرپور جي پرسان 'درازن' ۾ ٿيو هو ۽ سموري ڄمار اتي گذاريائين. هو فارسي ۽ عربيءَ جو وڏو عالم بہ هو، جنهن فارسيءَ ۾ گهڻي شاعري ڪئي ۽ پوءِ سرمست صوفي بڻجي ويو. هو ويشنو هو ۽ گهڻو ڪري دال ۽ ڍهي تي گذارو ڪندو هو. وٽس شريعت ۽ مذهبي رسمن جي ڪا اهميت نہ هئي. دهل جي وڄڻ ۽ تار جي ڇيڙ تي سندس روحُ روح اڀا ٿي ويندا هئا ۽ هو نچڻ لڳندو هو. سري رام ڪرشن وانگر. شاعر بيدل، جنهن ڪيس ڏٺو هو، پوءِ لکيو اٿس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”درازن ۾ محبت جو منفرد منظر هو. سچل منصور وانگر هو؛ هو عشق جو اوتار هو.“

جيتوڻيڪ انگريزن جي سنڌ جي فتح ڪجهه ڏهاڪا پري هئي، پر سچل اها تباهي اڳواٽ ڏٺي پئي، جيڪا اهي ڪرڻ وارا هئا. هن اهڙي آفت کان بچڻ لاءِ هِن هندو مسلم اتحاد چاهيو ٿي.

وقت اهو ٿي ويل دوئي دور ڪرڻ جو،
ڪيِ مذاهب من مان ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل اولهه سج نه اُلهي.

هو اڪثر چوي ٿو: ”جيڪڏهن وقتائتو قدم نه کنيو ويو ته ڏاريان پوريان لاشن جا ڍير ڇڏي ويندا.“ سؤ سالن کان به وڌيڪ اڳ، 1947ع لاءِ اها ڪيڏي نه سچي پيشنگوئي ڪيل هئي!

سچل کي جوڳين سان محبت آهي، جن ”گنگا- جمنا ۾ سچو انشان ڪيو آهي. مان انهن جوڳين جي ذات تان سؤ ڀيرا جان ڏيندس.“ هو اڪثر چوي ٿو: ”مان نه ملان آهيان، نه برهمڻ؛ نڪي قرآن جو ورق پڻ آهيان. مون لاءِ نه گيتا جو شاستر ڪجهه آهي. مان نه اوڀر آهيان، نه اولهه؛ نه ڌرتي، نه آڪاش. مان ته جوڳي آهيان.“

سچل جو ڪجهه ڪلام سنسڪرت سان ڀريو پيو آهي. جو چوي ٿو: ”گرو ۽ گووند ساڳيا آهن.“ هو پنهنجي دل ’مندر‘ ۾ لڳائڻ ۽ ’ديوي‘ کي پنهنجي دل ۾ وهارڻ لاءِ چوي ٿو. هو چوي ٿو: ”سچو ته پور بندر جو پوڄاري آهي.“ هو لکي ٿو: ”او ساڌو، محبوب اهو آهي، جيڪو سڀني گمانن کان متانهون آهي. هو هر هنڌ جي منظر ۾ موجود آهي ۽ سڀني هنڌن جو بادشاهه آهي. ڪنهن مهل هو هندو شاستر پڙهي ٿو ته ڪنهن مهل قرآن. هو عيسيٰ توڙي محمد تي سگهي ٿو- هنومان پڻ. هو خود پنهنجي ذات لاءِ، پنهنجي ’ليلا‘ لاءِ حيراني پيدا ڪري سگهي ٿو.“ اهو هو سچل- سَچُو- جيڪو سچار هو. جتي به سنڌي هندو توڙي مسلمان اڪثريت ۾ رهن ٿا، اتي اڄ به ڪيس محفلن ۽ ميڙن ۾ ڳايو ويندو آهي.

ٽيون وڏو سنڌي شاعر چئن راءِ ’سامي‘ (1743- 1850ع) هو. هو ڪپڙي جو دڪاندار هو، جنهن پنهنجي ڄمار جو گهڻو عرصو امرتسر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذاريو. هو پنهنجا سلوڪ ڪاغذ جي ٽڪرن تي لکي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. سندس ديهانت کان گهڻو پوءِ، اهي ڪاغذ جا ٽڪرا سهيڙي ڇپايا ويا. سندس سموري ڪوتا ڏرمي آهي. هن ويدن جو فلسفو سادي سنڌيءَ ۾ پيش ڪيو هو. ”ويدن جا ويچار، سي سنڌيءَ ۾ سٽايم.“

شاهه محبت ۽ ڳانڌاپي جو سمنڊ هو؛ سچل حيرت جو سمنڊ هو؛ سامي نج آنند جو سمنڊ هو. ان کان پوءِ ٻيا ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن- بيدل، بيڪس، دلپت، ڪشن، چند بيوس، وغيره. برطانوي دؤر ۾ مرزا قليچ بيگ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڀيرومل، لالچند امر ڏنو مل، ڄيٺمل پرسرام، نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي هٿان سنڌي نثر وڏيون اوچايون سر ڪيون.

ورهاڱي کان پوءِ واري دؤر ۾ عظيم شاعرن کي مٿي چاڙهي ڇڏيو. نارائڻ شيام چوي ٿو:

”گنگا ۽ جمنا سمورو امرت آهن
پر سنڌو منهنجي ٿڃ آهي.“
۽ شيخ اياز چوي ٿو:
مان سيني ماڻهن، عورتن ۽ ٻارن جو مذهب آهيان
مان سيڪي آهيان
مان اروڙ جي ٽڪرين جيترو پراڻو آهيان
مان مدن مست ڀوتو آهيان
جيڪو اتي اڀريو
جتي ڏاهر جي زال لاڏي
ٻي ترس عربن سان وڙهندي
رت ڦڙا وميا
مان ڪاليءَ جي هزار مورتين جي گڦا آهيان
جيڪي مون پٿر مان تخليق ڪيون
۽ جن کي مان ساري ڄمار پوڄيندو رهيو آهيان.“

هندستان ۽ پاڪستان ۾ سنڌي زنده آهي- سنڌي زنده آهن-۽ سنڌ پڻ زنده آهي
جيئي سنڌ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ويھون

سنڌي جاڳرتا

آڪٽوبر 1983ع ۾، دهليءَ ۾ سنڌي ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن جي غير معمولي ڳالهه اها هئي جو هندستان جي صدر ۽ وزيراعظم انهيءَ ڪانفرنس کي خطاب ڪيو هو. ٻنهي سنڌين جي ذهانت، واپاري مهم جوئي ۽ حالتن سان پاڻ کي ٺهڪائي هلڻ' جي ساراهه ڪئي. شريمتي اندرا گانڌيءَ کي ياد هو ته هن 1930ع جي ڀيڄاڙيءَ ۾، سسليءَ جي ٻيٽ تي هڪ ڳوٺ ۾ پڻ هڪ سنڌي دڪاندار ڏٺو هو. ٻين وري ذڪر قطب پرسان فلڪلنڊ ٻيٽ تي هڪ سنڌي دڪاندار ڏٺو هو.

پاڪستان جي فوجي حڪمران ضياالحق انهيءَ ڪانفرنس کي سنڌ ۾ انقلاب آڻڻ ۾ مدد ڪرڻ ۽ سهڪار ڪرڻ جي هڪ ڪوشش چئي رد ڪيو. حقيقت اها آهي ته انهيءَ ڪانفرنس جو اعلان پورو هڪ سال اڳ ۾ ڪيو ويو هو، جڏهن سنڌ ۾ 1983ع جي سجاڳيءَ جو ڪنهن سوچيو به نه هو. ضيا ته ايتري قدر چئي ڇڏيو ته هندستان جا سنڌي 'سنڌي' ناهن. هڪڙي ڏينهن هو اهو به چوڻ کان نه مڙندو ته سنڌ ۾ آباد سنڌين 'پاڪستاني' ٿيڻ جي چونڊ ڪئي هئي، تنهن ڪري هو 'سنڌي' ناهن!

پر هندستان ۽ پاڪستان جي اڳواڻن جو سنڌين سان هڪ جهڙو رويو. انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته هڪ ڪروڙ سنڌي، جنهن جو چوٿون حصو هندستان ۾ آباد آهي، هندستان ۾، پاڪستان ۾، ۽ هند- پاڪ تعلقات ۾ نمايان عنصر آهن. لڏي آيل سنڌي، ڀارت ماتا جي هنج ۾. هڪ وٽندڙ ننڍي سنڌ- سنڌڙي- آهن.

ورهاڱي کان هڪدم پوءِ، سنڌي جوڌپور ۽ اجمير ۾ انهيءَ اميد سان رهي پيا ته اهي جلدي راجستان رستي واپس پنهنجي وطن وري ويندا. انهن بمبئي کي تمام وڏو، تمام مهانگو ۽ تمام ڏور سمجهيو ٿي.

پر، جيئن جلدي واپس موٽي وڃڻ جو امڪان گهٽبو ويو، تيئن انهن نعم البدل جي ڳولا ڪرڻ شروع ڪئي. انهن ۾ هڪ هڪ ڪنڊلا بندر هو، جتي 'سنڌو ريسٽيلمنٽ ڪارپوريشن' کي گانڌي ڌام جو شهر ٻڌڻ لاءِ زمين ڏني ويئي. پر، روم هڪ ڏينهن ۾ نه جڙيو هو؛ ۽ نه ئي گانڌي ڌام هڪ ڏينهن يا هڪ سال، يا گهڻن سالن ۾ جڙي سگهيو ٿي. ڪنگال شرڻارٿين کي ٽڪر هئي. اهي سالن تائين ترسڻ جي همت نٿي ڪري سگهيا. تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري اهي ڏينهون ڏينهن بمبئي ڏانهن ڇڪجڻ شروع ٿيا. ٻي عظيم جنگ دوران اٽالين جنگي قيدين کي رهائڻ لاءِ. ڪلياڻ ڪئمپ جو سپاهه خانو، جنهن کي هاڻي الهاس نگر ڪوٺيو ٿي ويو، سردست موجود هو. جتي شرنارٿي سنجم ۽ ڪفايت سان رهي سگهيا ٿي- ۽ پرسان واقع بمبئي ۾ پنهنجو روزگار ڪمائي سگهيا ٿي.

اهڙين حالتن ۾ انهن جيئڻ لئي پنهنجو پاڻ کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي ته منجهانئن گهڻن جون دليون ئي ٽٽي پيون.[1] پر جلدئي سنڌن زندهه رهڻ جي همٿ ۽ روزگار ڪمائڻ جي اتساهه هٽي وڃي هنڌ ڪيو. جيڪڏهن للڪار وڏي هئي ته ان جي مقابلي جي موٽ ان کان به وڏي هئي. سنڌ ۾ اسان رڳو ٿورين ڪمپنين جهڙوڪ ڪيسيز بليو اسٽار، موٽواٽيز شڪاگو ريڊيو ۽ جي-بي- منگهارام بسڪوٽن جو ٻڌو هو، هاڻي سنڌي واپارين گاجرا گيئرس، ڪرشنا اسٽيل، آڏواڻي اوئرليڪان، ويسٽن ٽي- وي، ويسٽر ورڪس، اسڪوائر ۽ انڊيا بوڪ هائوس قائم ڪري، نوان ميدان هٿ ڪيا آهن ۽ نيون اوچايون سر ڪيون آهن. ورهاڱي کان اڳ، اسان سنڌي ڪروڙپتين کي آڱرين تي مس ڳڻي ٿي سگهياسين، پر اڄ رڳو الهاس نگر ۾ چاليهن کان مٿي ڪروڙ پتي آهن. سنڌن مسئلو رڳو اهو آهي ته اهي واردن روڊ يا ڪولابا- يا وائل پارلي وارن سان مائٽيون نٿا ڪري سگهن.

جيتوڻيڪ بمبئي هندستان ۾ سنڌين جو 'گادي جو هنڌ' آهي، پر انهن پنهنجو پاڻ کي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائي ڇڏيو آهي. هندستان ۾ مشڪل سان اهڙو ڪو شهر هوندو، جتي سنڌين جو ڪو پاڙو نه هوندو. منجهانئن ڪي سبزي- منڊين ۽ ڪپڙي جي دڪانداريءَ ۾ گهڙي پيا آهن، ته ڪي وري ٽرانسپورٽ ۽ سول ٺيڪيداريءَ جي ڪاروبار تي ڇانيل آهن. ڪي سرن جا ٻنا هلائين ٿا. ته منجهانئن ڪي وري اتر هندستان جي قبائلي ايراضين تائين پهتا آهن ۽ قبائليءَ عورتن کي بلائوز پائڻ سيکاريو اٿن. ايتري قدر جو ڏورانهين هنڌ جهڙوڪ فيض آباد (ايوڌيا) ۾سنڌي ايترا گهڻا ۽ خوشحال آهن جو اهي اتي ساليانو جهولي لال جو جلوس 'سنڌي ريپبلڪ ڊي پريڊ' وانگر هڪ خاص ڍنگ طور ملهائيندا آهن. جنهن جو سمورو شهر خوشيءَ وچان انتظار ۾ هوندو آهي. جيئن ٻه سؤ سال اڳ انگلينڊ ۾ هيو گناٽس، فرينچ پراٽيسٽنٽ پناهگيرن، برطانوي اقتصاديات کي زور وٺايو هو. تيئن هندستان جي گهڻين ايراضين ۾ اقتصادي ترقيءَ جو سهرو سنڌي واپارين جي سر تي آهي.

• سنڌي بزنيس- هائوس هميشه ولايت ۾ مشهور آهن. 1947ع ۾ 'پنج وڏا' هوندا هئا: وسيامل آسو مل، پوهو مل برادس، ڪشنچند چيلا رام، جي- ٽي- چئن راءِ ۽ ڪي-اي- جي چوٿر مل. هاڻي نون 'پنج وڏن' ۾ ڊالا ملس ۽ پوچ سنس وارن، وسيا مل ۽ پوهو مل وارن جي جاءِ ورتي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اڄ ڪالهہ سڀ کان وڏيڪ دولتمند ڪٽنب هندو جا برادرس وارن جو آهي، جيڪو ارب پتي آسامي آهي. اهي وڏن پرڏيهي واپاري معاهدن ۾ جنتا حڪومت، توڙي ڪانگريس حڪومت جي ضرورت رهيا آهن. هانگ ڪانگ جا مورجاڻي ساليانو هڪ بلين ڊالرن جي واري- ڦيري سان، دنيا جي جين مارڪيٽ ۾ برک آهن. آمريڪا جي سڀ کان پوش رياست فلوريڊا جي ميامي شهر جا سڀ کان وڏا معمار ميلواڻي ۽ شيام ساني آهن. رام ڪرپالاڻي پنهنجي وڏندڙ ڪاروبار ۽ داني هجڻ ڪري ويسٽ انڊيز ۾ ترنيداد جو بي تاج بادشاهہ آهي. ترنيداد ريڊيو تان نشر ٿيل مشهور حبشي گيت " "، مقامي وزيراعظم جارج چيمبر، کي ٻين ڳالهين سان گڏ اجهو هيئن ٻڌائي ٿو:-

Everything Mr. Ram puts his hand to
turns a shack to a mansion
so, george Chamber, you should see
Mr. Ram Kripalani.
if you can't run the country
call in kripalani.

اڄ ڪالهہ سنڌي سخا ۾ بہ ايترو ئي اڳيرو آهن، جيترو اهي پيسو ڪمائڻ ۾ اڳتي آهن. پراڻا 'واٽو مل فائونڊيشن' وارا هميشہ وانگر اڄ بہ اهڙائي داني آهن. رگو لاڳوس جي چئن راءِ وارن بمبئي جي 'ويڪانند ايڊيوڪيشن سوسائٽي' کي 30 لک رپيا دان ڏنو آهي. اندرو ۽ لڪشمي شوداساڻي جي نالي پوپان سڏجندڙ، ان- لڪش فائونڊيشن' وارن پوني ۾ 'ساڌو واسواڻي هاسپيٽل ۽ ريسرچ سينٽر' کي هڪ ڪروڙ رپيا دان ڏنو آهي. اهي ساليانو 200 پرڏيهي اسڪالرشپون پڻ ڏين ٿا. ڪشن چند شاهاڻي هڪ يگانو پراپڪاري شخص آهي جيڪو فلاحي ڪمن ۾ مدد ڪندو رهي ٿو. مطلب تہ سنڌي 'شرنارٿي' مان ڦري 'پرشارٿي' ۽ 'پرمارٿي' ٿي پيا آهن.

ورهاڱي جي ڏوڏيندڙ صدمي کان پوءِ، سنڌين- ۽ پنجابين- جي ڊرامائي ڪاميابيءَ جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟ اهي ساڳيا سبب هئا، جن جپان ۽ جرمنيءَ کي ٻي عظيم جنگ جي شڪست جي اثر کان پوءِ، منجهن جاڳرتا پيدا ڪئي هئي. اهو ماڻهن جو ذهن آهي. گهڻو اڳي ملٽن انهيءَ ڳالهہ لاءِ چيو هو: "اڻ فتح ٿيڻ جوڳو مضبوط ارادو ڪڏهن بہ نہ هار ڪائيندو آهي ۽ نہ ئي پيش پوندو آهي." سنڌي انهيءَ کي ڪاميابي حاصل ڪرڻ پنهنجو بنيادي حق سمجهي ٿو. اهڙي ذهني لاڙي سان ماڻهو ڏوڙ مان ڌن پيدا ڪري سگهي ٿو. سنڌين پاڻ رگو کي ملڪيتون ناهڻ ۽ خيراتي ڪم ڪرڻ تائين محدود نہ رکيو آهي. انهن بمبئي ۽ ٻين هنڌن تي بهترين ادارا پڻ قائم ڪيا

آهن. 'واٽو مل انسٽيٽيوٽ آف ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ انجنيئرنگ' ۾ ٻن ڪروڙ رپين جي ماليت جو سازو سامان آهي. هوتچند گوپال داس ۽ خوشي ڪندناڻي وارن نہ رڳو بمبئي ۾ درجن ڪاليج قائم ڪيا آهن. پر جئہ هند ڪاليج ۽ ڪي-سي- ڪاليج، ٻئي هندستان جي سڀ ڪان وڏي شهر جا بهترين ڪاليج آهن. جسلوڪ اسپتال (جيڪا جسوتي ۽ لوڪو مل جي نالي پويان سڏجي ٿي)، ملڪ جي سڀ کان گهڻي مشهور اسپتال آهي.

بمبئي جي 'وويڪ انند ايجوڪيشن سوسائٽي' ۽ پوني جي 'ميرا ايجوڪيشن سوسائٽي' ٻئي تعليمي ميدان ۾ سنڌي خدمتن جون مظهر آهن.

بمبئي ۾ مالڪاڻي حقن تي فليٽن جو سرشتو سنڌين جي ايجاد آهي. انهيءَ بنياد تي رڳو رهيجا برادرس وارن هزارعمارتون تيار ڪرايون. هائوسنگ جي ميدان ۾، ماهم، چيمبور ۽ بمبئي سينٽرل ۾ 'چيني سپاهيلائيز نوجيون ڪالونيز' سهڪاري جو ڪم جو نتيجو آهن. پوني جو عطر سنگتاڻي نہ رڳو تعميراتي ڪمن ۾ اڳيرو آهي، پر 'دي پونا هيرالڊ' پڻ هلائي ٿو.

پر انهن سڀني ۾ سڀ کان وڏو معمار ڀائي پرتاب هو، جنهن ڪنڊلا بندر لاءِ آدي پور (رهائشي) ۽ گانڌي ڌام (تجارتي) جا جاڙا شهر اڏيا. پنجاب جهڙي سنڌ جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ، رام ناگراڻي SPI کي نئين جوڙيل 'نيشنل سيڪيورٽي گارڊس' جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو.

زندگيءَ جي مختلف ميدانن ۾ پڻ سنڌين انفرادي طرح نالو ڪڍيو.

ڊاڪٽر ميندا 'انڊين ميڊيڪل ايسوسيئشن' جو صدر هو ۽ پروفيسر جي-آر- ملڪاڻي 'انڊين فلاسافيڪل ڪانگريس' جو صدر هو. رام جيٺملاڻي 'انڊين بار ڪائونسل' جي ورهين تائين اڳواڻي ڪئي. 'سوونٽس آف پيپل سوسائٽي، جي جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان، شيوڪرام ڪرمچند 'سپت رشي' مان هڪ رشيءَ جي طور مشهور ٿيو. جنهن کي ايمرجنسيءَ جي دوران 1975ع ۾ پيم سين سچر سان گڏ جيل اماڻيو ويو. جيون لال جئرام داس پنهنجي زندگي 'هريجن سيوڪ سنگهہ' لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. دادا شيوڪ ڀوڄراج 'ٻالڪن جي ٻاري' سان گڏ، قبائلين لاءِ 'بابو وليج' جي مشعل روشن رکيو وينو آهي.

اڄ ڪلهہ جي- جي- ميرچنداڻي 'يونائيٽيڊ نيوز آف انڊيا' (UNI) جو سربراهہ آهي، جيڪا هڪ مکيہ قومي نيوزايجنسي آهي. 'بزنيس انڊيا' اشوڪ آڏواڻي هلائي رهيو آهي. پروفيسر ڪي- اين- واسواڻي، ڪنعيا ڪماري ۾ 'راڪ ميموريل ڪاميٽيءَ' جو سربراهہ آهي. هري آتما رام 'وشو هندو پريشد' جو ٽرسٽي آهي.

جسٽس نئن 'مونو پوليز ۽ ريسٽرڪٽو ٽريڊ پرئڪٽس ڪميشن' (MRTPC) جو صدر ٿي رهيو. جسٽس چئناڻي 'بمبئي هاءِ ڪورٽ' جو صدر ٿي رهيو ۽ جسٽس تڏاڻي 'آسام هاءِ ڪورٽ' جو صدر ٿي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ني-ايم- آڏواڻي بمبئي ۾ ڪمشنر يونيورسٽين جو وائس چانسلر ٿي رهيو. ڪي-ايل- پنجابي مهاراشٽر جو چيف سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ ساڌواڻي گجرات جو چيف سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ شريمتي ڊاڪٽر ڪي-اي- آڏواڻي بمبئي جي 125 سالہ پراڻي گورنمنٽ لا ڪاليج جي پرنسپال آهي. اهو ڪاليج ايشيا جو سڀ کان وڏو ۽ بهترين ڪاليج سمجهيو وڃي ٿو.

ٽي-وي- منسکاڻي 'هندستان مشين ٽولز' (HMT) جو سربراهہ آهي، ايم-جي- ڦيرواڻي 'اشوڪ لي لينڊ' جو سربراهہ آهي؛ سامت (سامتاڻي) 'ڀارت هيوي اليڪٽريڪل لميٽيڊ' ۾ ٻئي نمبر تي آهي؛ آر- جي ڪيسواڻي 'آل انڊيا اليڪٽريڪل مئنيوفئڪچررز ايسوسيئيشن' جو صدر آهي. جي-ايس رامچند انڊين ڪرڪيٽ ۾ اڳواڻي ڪئي. اين- ٽي عبدناڻي 'سينٽرل واٽر اينڊ پاور ڪميشن' ۾ 'پاور' جو ميمبر آهي.

ايم- ڪي ڪرپالاڻي ڪئناڊا ۾، ڪلٿاڻي ڪنيا ۾ ۽ وشنو آهوجا روس ۾ سفير ٿي رهيا.

نہ رڳو ميجر جنرل هيرا ۽ وائيس ائڊمرل ٿهلياڻي، پر بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ وقت، 1971ع ۾ سامونڊي جنگ جو فاتح، ائڊمرل نندا سنڌين سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ پسند ڪندو آهي. جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ هن ڪراچيءَ جي ناڪابندي ڪيئن ڪئي تہ وراڻيو هئائين، "مون کي ڪراچي بندر جي چپي چپي جي خبر آهي."

ورهاڱي کان اڳ تمام ٿورن سنڌين- ڀڳو آڏواڻي ۽ هري شوداساڻي- فلمن ۾ نالو ڪڍيو هو. اڄ جي- پي سپي فلم انڊسٽريءَ جو اڳواڻ آهہ ۽ ڪانئس پوءِ اي-سي سپي ۽ ٻيا ڪيترائي انهيءَ ميدان ۾ سرگرم عمل آهن.

فلمي ڊائريڪٽرن ۾ گووند نهالاڻي ('آڪروش' فلم وارو) راج سپي، رميش ۽ سپي ڪمار شهاڻي اچي وڃن ٿا. فلمي اداڪارن ۾ سڌير، مچ موهن، راج ڪرن (مهتاڻي)، آسراڻي، شيلا راماڻي، ببيتا ۽ ساڌنا مشهور آهن.

ڌرمي ميدان ۾ دادا جشن واسواڻي، سنت ليلا شاهہ، هولي گرو- نانڪ مشن، دادا چيلارام جو 'Nij Thanw' ، برهم ڪماريون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سنستائون، روحاني روشني جا منارا آهن. دهليءَ ۾ 'مجنون ڪاٽيلا' تي هفتي پر جو جشن سنڌي ڌرمي شعور جو هڪ نئون ماڳ آهي.

ساهت جي دنيا ۾، ڪلياڻ آڏواڻي، منگهارام اوڌارام ملڪاڻي، ليکراج عزيز، تيرٿ بسنت، رام پنجواڻي، هرومل سدارنگاڻي، پوپٽي هيراننداڻي، گوبند مالهي، نارائڻ شيام ۽ ٻين ڪيترن کي 'ساهتہ اڪادمي' جي انعامن سان نوازيو ويو آهي.

سنڌ ۾، پوڪرداس اکيچار ڪتاب ڇپائي سنڌي ساهت جي شيوا

ڪئي هئي ۽ ورهاڱي کان پوءِ، ’انڊيا بڪ هائوس‘ جي-ايچ-جي ميرچنداڻي ’امر چتر ڪٿا‘ ڇپائي سموري نئين پيڙهي کي هندستاني تاريخ ۽ ڪلچر کي متعارف ڪرايو آهي.

بلو راڻي، شانتي هيرانندڻي، سي-ايچ- آتما، ماسٽرچندر، ڪملا ڪيسواڻي، ڀڳونتي نانواڻي، ديپڪا ڪرپالاڻي، چڻناڻي سسٽرس ۽ هوند راج دکايل، سنڌي سنگت کي نئين زندگي ڏني آهي.

سياست ۾، آچاريه ڪرپالاڻيءَ کان پوءِ، جئرام داس پارليامينٽ جي ميمبر، ڪئبنيٽ جي وزير ۽ گورنر جي حيثيت سان نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. ايل- ڪي آڏواڻي رڳو اطلاعات ۽ نشريات جي وزير جي حيثيت سان چمڪيو، پر هندستاني سياست ۾ سندس نالو صف- اول ۾ شمار ٿئي ٿو. حشو آڏواڻي مهاراشٽر ۾ ساڳي جاءِ ولاري ٿو. سُچيتا ڪرپالاڻي، ڊاڪٽر چوئٿ رام، پروفيسر نارايڻ داس رتن مل ملڪاڻي، رام جيٺملاڻي ۽ ڪرشن ڪرپالاڻي پارليامينٽ ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو آهي. ۽ ڀانو ڪمار شاستري 1977ع ۾ لوڪ سڀا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اديه پور جي سُکاڙيا جو مقابلو ڪيو.

اسڪروائلڊ چيو آهي ته ”اسان سڀنيءَ کي پنج حواس آهن، پر جيڪڏهن پيسو ڪمائڻ جو ڇهون حواس نه هوندو ته باقي پنجن حواسن کي بهتر طور تي استعمال ڪري نه سگهنداسين.“ سنڌين انهيءَ ڏس ۾ بهتر ڪردار ادا ڪيو آهي.

سنڌين نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ نمايان حصو نه ورتو آهي. اهو فرقي بنديءَ جي ڪري ٿي سگهي ٿو- يا اهو احساس ٿي سگهي ٿو ته وڏين نوڪرين ۾ ٻڻ ايتري دولت حاصل نٿي ٿئي. پر انهن ٻاڻ کي پڙهڻ- لکڻ ۾ ڪنهن حد تائين تيار ضرور ڪيو آهي. اهڙو ڪوبه سنڌي نه ملندو جو پڙهي- لکي نه سگهندو هجي. منجهن گهڻا رڳو ٻن ٻولين وارا نه، پر باقائدي ٽئن ٻولين ڄاڻڻ وارا ملندا. هو پنهنجي سنڌي- توڙي هندي- ڄاڻين؛ پر مقامي ٻولي به ڄاڻين- پوءِ اها گجراتي هجي يا مراٺي، تامل هجي يا تيليگو- ۽ هو عام طرح انگريزي ته ڄاڻين ئي ڄاڻين. انهيءَ ڳالهه ڪين- واپار- ۽ سماجي ڳانڍاپي ۾ هٿي ڏني آهي. 1947ع جي ڀاڄ کان پوءِ، انهيءَ ڳالهه کين نفسياتي آباد ڪاري ۾ مدد ڪئي آهي.

سنڌ جي ورهاڱي کان اڳ، آچاريه ڪرپالاڻي، سُچيتا مجمدار سان، ڪرشن ڪرپالاڻي، ٽئگور جي پوٽي نندينا، سان؛ ۽ گوبي مُکي، لاهور جي گابا سان شادي ڪئي هئي. پوءِ سندري ڀاوناڻي (ترويٽي ڪلاسنگم) ڪرشن لال شريڌراڻي سان شادي ڪئي. ڪملا ملڪاڻي، لوڪ پتيءَ سان شادي ڪري ڪملاپتي ترپاٺيءَ جي ڪنوار بڻي- وشنو آهوڄا، نورالدين جي ڌي آمنه سان شادي ڪئي. ڀائيپرتاب جي ڌي نرملا اچيوت پٽو رڌن جي ڀاءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏالو پڌورڏن سان شادي ڪئي. مهاتما گانڌيءَ جي پوٽي راج موهن، لاڙڪاڻي جي اشا ڪڪريجا سان شادي ڪئي. شيرين آڏواڻي، ايم-سي ڇاڳلا جي پٽ جهانگير سان شادي ڪئي. ۽ فلمي دنيا ۾ ساڌنا شوداساڻي نير سان؛ ببيتا شوداساڻي رڻڌير ڪپوءِ سان ۽ پونم چنديراماڻي، شتروگهن سنها سان شادي ڪئي.

ڪجھ سک دانشورن- جهڙوڪ خوشنوت سنگھ جو خيال آهي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌي سک پنٿ- کان هٽي ويا آهن. ائين آهي به، ته ناهي به. پنجاب ۾ اڪالي دهشت ڏانهن سنڌي رويو يقيناً ناڪاري آهي. پر پوءِ به، بمبئي، پوني ۽ ٻين هنڌن، سنڌي 'گرنانڪ جينتي' ملهائڻ ۾ نمايان حصو وٺن ٿا. انهن ڪيترائي سنڌي 'گردوارا قائم ڪيا آهن جن ۾ نيو دهليءَ ۾، پُسا روڊ تي Nij Thanw شامل آهي. پر اها به حقيقت آهي ته سک- پنٿ سنڌي ڌرمي گيان ۾ واحد صورت نٿو والاري. ورهاڱي کان اڳي پڻ، 'گرباڻي' پڙهڻ ۽ گردوارن ۾ وڃڻ دوران، سنڌي هميشه هندو شاستر پڙهندا هئا. سڀني ديوتائن کي نمسڪار ڪندا هئا ۽ سڀني ترٿين جي ياترا ڪندا هئا. اهي 'شش' يعني گروءَ جا 'سک' هئا. ڪن ڳالهين کي ڇڏي، اهي 'خالصا' يا 'سردارجي' نه هئا.

ورهاڱي کان پوءِ، سنڌين ان کان وڌيڪ پنهنجي تشخص جي ضرورت محسوس ڪئي. تنهنڪري انهن پراڻي سنڌي سرپرست-سنت، 'جهولي لال' کي نئين سر زور ورتايو. اڄ گرونانڪ ۽ جهولي لال جون تصويرون سنڌي مندرن ۽ گهرن ۾ هڪبئي جي برسان رکيل ملنديون.

سنڌي مقامي منظر سان پاڻ کي نهڪائي هلڻ چاهين ٿا ۽ مقامي ماڻهن سان رلي، ملي وڃڻ چاهين ٿا. اتر ۾ هو سينڌ ۾ 'سندور' لڳائين ٿا، ته بمبئي ۾ سنڌي عورتون مهاراشٽر وارن جون 'منگل سوتر' پائين ٿيون، جيڪو سنڌ ۾ اڻاٽل هو. مهاراشٽر ۾ سنڌي ٻار "ڏن گرو نانڪ جڳ تاريو" ڳائڻ سان گڏ "ڳڻپتي ٻاپا موريا، پورچا ورشي لؤڪريا" (او ڳڻپتي ڀڳوان، ايندڙ سال جلدي اچج) ڳائيندا آهن اها ڳالهه هڪدم فطري ۽ مناسب آهي. اها هندڪ علامت آهي.

هندستان ۽ پاڪستان ۾ سنڌي عنصر جي ظاهر ٿيڻ ۾ هڪ حصي جي طور سنڌي اقتصادي بيداريءَ کان وڌيڪ اهم سنڌي شعور جي اوسر آهي. هندستان ٻي انت شناخت جو ملڪ آهي. صديون گذرڻ کان پوءِ به، سنڌي اڄا به 'سنڌين' جي طور سڃاتا ويندا- جيتوڻيڪ منجهانئن گهڻا سنڌي ڳالهائي به نه سگهندا هوندا. اهڙي صورتحال ۾ سنڌي پنهنجن پاڙن (Roots) جو سوچي ٿو- ۽ انهن جي آبياري ڪرڻ چاهي ٿو.

سڀني سنڌين جي اتحاد جو لاڙو، انهيءَ سوچ مان قوت حاصل ڪري ٿو ته سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي پاڻ ۾ ڪڏهن اڻٽت نه ٿي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀئي ڏريون مٽ محبت ۾ گڏ گذاريندا هيون. اينتري قدر جو آريہ سماج جا وڏڙا بہ صبح جو سوير اها دعا گهرندا هئا تہ "هندو مسلمان جو خير."

سڀني هندستانين جي اڻ تٽ حصي طور، سڀني سنڌين جي اتحاد جو وڌندڙ احساس، هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي ۾ محسوس ڪيو پيو وڃي. سنڌي مسلمان، هندن ڪي اداسي وچان ياد ڪندا آهن ۽ هندستان ۾ وري سنڌي هندو ساڳئي احساس سان ڪين ياد ڪندا آهن. انهيءَ جي اها معنيٰ ناهي تہ سنڌي هندو دوراندیش تي مستقبل ۾ سنڌ ڏانهن واپس وڃڻ جو سوچين ٿا. نانگ جو ڏنگيل نوڙيءَ کان ڊڄي. پر انهيءَ مان هندستان جا سنڌ سان تعلقات معمول تي اچڻ جو تصور ڪجي ٿو. اها جي-ايم-سيد جي ڪانفيڊريشن جي رٿا تي سگهي ٿي. 1981ع ۾ بمبئي ۾ پارتيہ سنڌو سڀا نہ رگو هيمو ڪالاڻيءَ ۽ ڀڳت ڪنور رام جون يادگيريون ٽڪليون جاري ڪرڻ جو چيو هو، پر شاهہ عبداللطيف ۽ شهيد الهہ بخش جون بہ يادگار ٽڪليون جاري ڪرڻ جو چيو هو. انهن کوکرا پار ريل جو رستو بہ وري کولڻ جي گهُر ڪئي هئي، جيڪو سنڌ کي راجستان سان ڳنڍي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ تہ سنڌ ڏانهن ساڌ ٻيلي ۽ هنگلاج ديبل ۽ موئن جي دڙي تي سياحن ۽ ياترين جي حيثيت سان وڃڻ جي اجازت ڏيڻ جي گهر ڪئي هئي. (جڏهن اي-بي-واجپائي پرڏيهي وزير هو، تڏهن هن پاڪستان تي ائين چئي زور آندو هو تہ ياترين کي سنڌ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي، نہ تہ نهرو لياقت پئڪٽ تي نئين سر غور ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو") ٻين وري 'سنڌو جل' ۽ 'سنڌ جي مٽي' پوتر ياد جي طور آڻڻ تي زور ڏنو هو. اهڙي نئين صورتحال هيٺ گهٽ ۾ گهٽ وري اميدون وابستہ ڪري ائين بہ نعرو هڻيو: "ايندڙ سال سنڌ ۾!"

سنڌ- ڪهاڻي اهڙي دلچسپ آهي ۽ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ اها اڃا بہ وڌيڪ دلچسپ- ۽ اهم ٿيڻ جو عهد ڪري ٿي.

جي ايم سيد اڪيڊمي جا ڇپايل ڪتاب

1.	پيغام لطيف	جي ايم سيد	100/=
2.	جديد سياست جا نو رتن	جي ايم سيد	100/=
3.	موجوده سياسي مسئلا	جي ايم سيد	100/=
4.	سنڌوءَ جي ساڃاهه (ٻه جلد گڏيل)	جي ايم سيد	300/=
5.	نئين سنڌ لاءِ جدوجهد	جي ايم سيد	100/=
6.	ساهڙ جا سينگار	جي ايم سيد	100/=
7.	خط ۽ مضمون	جي ايم سيد	100/=
8.	آزادي جو ۽ چالاءِ	جي ايم سيد	100/=
9.	سائين جي.ايم. سيد جون	جي ايم سيد	200/=
10.	تحريرون- I	جي ايم سيد	100/=
11.	جيئن ڏٺو آهي مون	جي ايم سيد	80/=
12.	ديار دل ۽ داستان محبت	جي ايم سيد	200/=
13.	پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني - I	جي ايم سيد	125/=
14.	سنڌي ڪلچر	جي ايم سيد	25/=
15.	سنڌ جا سورما	جي ايم سيد	25/=
16.	خطبات سيد	جي ايم سيد	100/=
17.	سنڌ ڳالهائي ٿي	جي ايم سيد	100/=
18.	مسلم سربراهه ڪانفرنس	جي ايم سيد	50/=

گهرائڻ لاءِ لکو

معرفت: پوسٽ باڪس نمبر 58 جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ تحقيقي بورڊ جا ڇپايل ڪتاب

1	سنڌ جي تاريخ جا تحقيقي مسئلا	مرتب: ناز سنائي	20/=
2	سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما	دادا سنڌي	25/=
3	سنڌ جي بمبئي کان آزادي	جي. ايم. سيد	20/=
4	سنڌ جي تاريخ جا ماخذ	ناز سنائي	30/=
5	ميرن جي صاحبي	حڪيم فتح محمد سيوهاڻي	20/=
6	سومرن جي دور جا سورما	دادا سنڌي	20/=
7	اوائلي دؤر ۾ شايع ٿيل لوڪ ڪهاڻيون	مرلي ڌر جيٽلي	20/=
8	شاهه جو رسالو (مڪمل)	ڪلياڻ آڏواڻي	(ختم ٿيل)
9	مطالعو سنڌ جو	غلام محمد لاکو	40/=
10	تاريخي ماٺهو تاريخي ڳالهيون	دادا سنڌي	20/=
11	منگها رام ملڪاڻي	اي- جي- اتم	25/=
12	ابوالفضل ۽ فيضي	حڪيم فتح محمد سيوهاڻي	40/=
13	سنڌ جي ڪوپائي ڪتا	اديب انقلابي	30/=
14	جرنيل هوش محمد شيدي	منصور قادر جوڻيجو	40/=
15	سنڌ جا عظيم ويچ	اديب انقلابي	60/=
16	سچل جون واديون	بلديو مٽلاڻي	40/=
17	هڪ سؤ سنڌي سپوت	ميمڻ عبدالغفور سنڌي	20/=
18	سنڌي ٻوليءَ جا محقق	هدايت پريم	30/=
19	شاهه جون آکاڻيون	ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي	150/=
20	شاهه جو رسالو (مجمل)	ڪلياڻ آڏواڻي	200/=
21	قاضي قادن جو ڪلام	هيرو ٺڪر	50/=
22	سنڌي ادب	پير حسام الدين شاهه راشدي	40/=
23	سنڌ بابت انگريزن جي اختيار ڪيل حڪمت عملي	سي-ايل- ماريوالا/ عطامحمد ڀنڀرو	80/=
24	سنڌوءَ جو موهه	جنرل سرجارج ميڪمن/ عطامحمد ڀنڀرو	150/=
25	سنڌ جا عوامي ڪردار	دادا سنڌي	40/-
26	سنڌ ڪهاڻي	ڪيول- آر- ملڪاڻي	150/-

گهرائڻ لاءِ لکو

پوسٽ باڪس نمبر 58 جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اوندا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ٻاڙي، ڪاٺُو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيُوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نه وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book